اکر اکر ۾ اسرار

(محمد فقير ۽ محمود فقير ڪٽياڻ جي ڪلام جي لغت)

تحقيق ۽ ترتيب

عنايت اثر

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ

اڪر اڪرم اسرار

(محمد فقير ۽ محمود فقير ڪتياڻ جي ڪلام جي لغت)

تحقيق ۽ ترتيب

عنايت اثر

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

حيدرآباد سنڌ

2015ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جو ڪتاب نمبر (220)
سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

اکر اکر ۾ اسرار (محمد فقير ۽ محمود فقير کٽياڻ جي ڪلام جي لغت)

تحقيق ۽ ترتيب: عنايت اُنڙ
ڇاپو پهريون: مارچ 2015
ڪمپوزنگ: حسين احمد ميمڻ ۽ محمد بخش ڀنگر
ٽائيٽل: اسدالله ڀٽو
تعداد: 1000
قيمت: 400 روپيا
ناشر: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ

Catalogue Reference
Unar, Inayat
Akhar Akhar Main Israr
(A dictionary of Poetry of
Muhammad Faqir and Mahmood
Faqir Khatian)
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-625-019-7

Akhar Akhar Main Israr (A dictionary of Poetry of Muhammad Faqir and Mahmood Faqir Khatian)

By:	Inayat Unar
First edition:	March 2015
Quantity:	1000
Price:	Rs. 400 /=
Composed by:	Hussain Memon & Muhammad Bux Bhangar
Title:	Asadullah Bhutto
Published by:	Taj Joyo, Secretary, Sindhi Language Authority Hyderabad, National Highway, Hyderabad, Sindh,71000, Pakistan.
Tel:	022-9240050-53
Fax:	022-9240051
E-mail:	contact@sindhila.edu.pk,sindhila@yahoo.com
Website:	www.sindhila.org
Printed by:	M/S Ali Hussnain Process & Printing Services Hyderabad.

هيءَ لغت، تاج جويي سيڪريٽري سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ميسرس علي حسنين پروسيس اينڊ پرنٽنگ سروسز
حيدرآباد مان ڇپرائي اداري جي آفيس نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد سنڌ مان پڌري ڪئي.

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ارپنا

امان جي نالي!!

ماءُ، هِن ڪائنات جي اُها عظيم هستي آهي، جنهن جي ڪنهن سان بہ ڀيٽ نٿي ٿي سگهي! هِن ڪائنات جي وجود کي سُونهن بخشڻ ۾ ماءُ جو بہ وڏو ڪمال آهي! اِها اُها بي مثال هستي آهي، جيڪا ٻار کي پهريون پيرو پنهنجي ٻوليءَ ۾ لولي ڏئي، ٻوليءَ جو تحفو ڏيندي آهي، جنهن جي مدد سان پوءِ اُهو ٻار پنهنجن جذبن، احساسن ۽ خيالن جي اظهار جو ذريعو حاصل ڪري سِگهي ويندو آهي!

آئون پنهنجو هيءُ قلمي پورهيو پنهنجي امڙ جي نالي ارپيان ٿو جنهن نہ رڳو مون کي منهنجي ٻولي ڏني، پاٻوهہ ۽ پيار مان مامتا ڀري لولي ڏني، پر منهنجي هڪ مثالي تربيت ڪري، مون کي جيئڻ جو هُنر سيکاريو حالتن جو مقابلو ڪري جي سگهہ ۽ شرت بخشي ۽ منهنجي وجود کي قائم رکڻ لاءِ اُهو ڪردار ادا ڪيو جو اڄ آئون پاڻ کي هن مقام تي پهچائي سگهيو آهيان. سندس عظمت، سندس پورهيت هٿن ۽ سندس جبل جيڏي حوصلي جي مهانتا آڏو آئون اڄ بہ پنهنجو سر جهڪائي سلام ٿو پيش ڪريان. شال خدا، سندس شفقت ۽ چانورو مون تي قائم رکي ۽ آرزو اٿم تہ سندس عظمت جو احساس، سدائين ساهن ۾ سلامت رکندو رهان!

امان! ڪتاب توکي ارپيان ٿو.

تنهنجو پُٽ

عنايت اثر

ناشر پاران

ڪجهه سال اڳ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي بورڊ آف گورنرس ۽ پبلڪيشن ڪميٽيءَ طرفان "سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي لغت" جي تسلسل ۾ سنڌ جي ڪيترن رهجي ويل ڪلاسيڪي شاعرن سان گڏ بيِن وچئين دور جي ۽ جديد دور جي اهم شاعرن جون لغتون جوڙڻ جي منظوري ڏني وئي هئي. هن وقت موجود "ڪلاسيڪي شاعرن جي لغت" ۾ قاضي قادن کان خليفي نبي بخش تائين ڏهن شاعرن جي ڪلام ۾ موجود ڏکين لفظن جون معنائون شامل آهن. اُها لغت منهنجي نگرانيءَ ۾ شاهه لطيف چيئر پاران تيار ڪئي وئي هئي جنهن جي ايڊٽنگ ۽ ترتيب ڪرڻ مهل ئي مون کي احساس ٿي ويو هو ته اڃا به ڪيترا شاعر رهجي ويا آهن جن جي لغتن جوڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

شاعر جيئن ته ٻوليءَ جا وينجهار هوندا آهن ۽ اهي پنهنجي دور ۽ پنهنجي علائقي جي لهجي جي مخصوص لفظن، اصطلاحن ۽ بناوٽن کي پنهنجي انداز ۾ استعمال ڪندا آهن، ان ڪري انهن کي سمجهڻ لاءِ ۽ اهو ذخيرو گڏ ڪرڻ لاءِ پڻ اهڙين لغتن جي ضرورت پوندي آهي. ان سلسلي ۾ اٿارٽيءَ طرفان اڳ ۾ استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جي لغت "اکر اکر آرسي" نالي سان شايع ٿيل آهي ۽ هيءَ ٻي لغت اوهان جي هٿن ۾ آهي، جيڪا محترم عنايت انڙ تمام محنت سان تيار ڪئي آهي.

محمود فقير ڪتياڻ ۽ محمد فقير جي ڪلام ۾ سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام گڏيو پيو آهي، ان ڪري پڙهندڙن کي هن لغت ۾ سنڌي ۽ سرائڪي لفظ گڏيل نظر ايندا. جيئن ته سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ شهرن ڳوٺن پاڙن ۽ گهرن ۾ سنڌي ۽ سرائڪي هڪ ٻوليءَ جي ٻن لهجن طور مروج آهن ۽ منجهن لفظي خزانو يا شبد ڀنڊار (Vacabulary) ٿوري فرق سان يا تقريباً ساڳيو آهي، ان ڪري انهن جو هڪ ئي لغت ۾ هئڻ هڪ طرف نئين روايت آهي ته ٻئي طرف هڪ ماءُ جي ٻن ڌيئرن طور انهن کي هڪ لڙيءَ ۾ پوئڻ سان منجهن هڪجهڙائيءَ ۽ فرق جي به خبر پوندي، جنهن جو لساني مطالعو پڻ اهم ٿيندو.

اسان کي اميد آهي ته هيءَ لغت سنڌي ادب جي شاگردن، استادن ۽ پڙهندڙن کي پسند پوندي.

15 فيبروري، 2015ع
حيدرآباد

ڊاڪٽر فهميده حسين
چيئرپرسن

پنهنجي پاران

جُڳن کان جيئري، سنڌ سونهاري جي ادبي تاريخ جا جڏهن ورق ورائجن ٿا ته جيجل سنڌ جو هر دور، سونهري دور ٿو محسوس ٿئي. هر دور ۾ ڪيترائي شاعر، سگهڙ ۽ ڏاها ادبي آسمان تي پوري آب و تاب سان چمڪندي نظر ايندا رهيا آهن. سنڌ جي سپوت شاعرن سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌ جي ٿرن برن، سنڌ جي جبلن ۽ جهنگن، سنڌ جي ساون پٽن ۽ پوٺن، سنڌ جي سانگين ۽ جهانگين، گاهن ۽ گلن، ولين ۽ وڻن کي پنهنجي ڪلام ۾ سموهيو آهي.

انگريزن جي دور ۾ جتي نثر ۾ لکندڙن، سنڌي ٻوليءَ کي جديد لاڙا ۽ نيون جهتون ڏنيون، اتي صوفي شاعرن به پنهنجو ڪردار خوب نڀايو آهي. صوفين سگهڙن، سنڌ جي ڪلاسيڪي صنفن جهڙوڪ: بيت، وائي ۽ ڪافي ۾ خوب طبع آزمائي ڪري هنن صنفن کي هميشه لاءِ امر ڪري ڇڏيو. هن دور جي مشهور صوفي شاعرن ۾ فقير قادر بخش بيدل، محمد محسن بيڪس، حمل فقير لغاري، حسين فقير ديدڙ شاهه محمد ديدڙ مخدوم امين محمد، رمضان ڪنير، چتو سانگي، پير رشيد الدين، پير رُشد الله، فقير غلام حيدر تيرهيو، شاهه نصير الدين نقشبندي، حسن بخش شاهه، مصري شاهه، قطب علي شاهه، روشن علي شاهه، سيد مهدي شاهه، فقير ولي محمد لغاري، سيد صاحب ڏنو شاهه، حاجي خانڻ چنجڻي، زمان شاهه ساقي، منٺار فقير راڄڙ، سيد رکيل شاهه، محمود فقير ڪنياڻ، خواهه محمد فقير ڪنياڻ ۽ ٻيا هئا.

مصري شاهه، محمود فقير ڪنياڻ، فقير ولي محمد لغاري ۽ محمد فقير نه فقط هممصر شاعر هئا بلڪ هڪ ٻئي جا پاڙيسري به هئا. چئني جو ڪلام ڇپجي چڪو آهي. محمود فقير جو ڪلام 1959ع ۾ ”ڪلام محمود فقير ڪنياڻ“ جي نالي سان ڇپيو، وري نه هن جو ٻيو ايڊيشن سامهون آيو ۽ نه ئي مٿس ڪو تحقيقي ڪم ڪرڻ جي ڪنهن ضرورت محسوس ڪئي. اهڙي طرح محمد فقير ڪنياڻ جو ڪلام ”منطوق محمدي“ جي نالي سان 1950ع ۾ ڇپيو ۽ تنهن کانپوءِ 2002ع ۽ 2008ع ۾ وري ساڳيو مجموعو ڇپجي چڪو آهي پر ان تي به ڪو تحقيقي ڪم ٿي نه سگهيو آهي. ٻنهي شاعرن جي شاعري لوڪ ادب جي ڪاڻ آهي پر اڄ جو

نوجوان ان کان بي خبر آهي، ان ڪري گھڻي وقت کان هنن شاعرن جي ڪلام تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي رهي هئي. مان جڏهن 06-2005ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (سنڌي) ڪري رهيو هئس تہ مون کي سنڌ جا سمورا شاعر ۽ اديب، ادبي تاريخن ۾ آسانيءَ سان ملي ويا هئا، پر محمود فقير ۽ محمد فقير کٽياڻ جو سرسري ذڪر ڏسي ڏاڍو ڏکارو ٿيو هئس ۽ من ئي من ۾ پنهنجو پاڻ سان وچن ڪيو هئم تہ هنن پنهي فقيرن تي پنهنجي وس آهر ڪم ضرور ڪندس. شايد موليٰ پاڪ منهنجي ارادي کي پروڙي ورتو هو ۽ هڪ سبب پيدا ڪيائين، جنهن ڪري هي ڪٺن ڪم آسان ٿي پيو. ٿيو هيئن، جو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي بورڊ آف گورنرس جي ويهين گڏجاڻيءَ ۾ پروفيسر قلندر شاهہ لڪياريءَ جي تجويز تي، محمود فقير ۽ محمد فقير کٽياڻ جي ڪلام جي ڏکين لفظن، اصطلاحن ۽ محاورن جي لغت ترتيب ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو. محترم ولي محمد کٽياڻ جي معرفت منهنجو نالو تجويز ڪيو ويو ۽ مسلسل سال کن ڪم ڪرڻ کانپوءِ هيءَ لغت تيار ٿي توهان آڏو پهتي آهي. لغت جي ترتيب هن ريت آهي:

لفظن جي سمجهاڻي: هر لفظ جي سمجهاڻي ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي:

(الف) پهريائين لفظ جي نحوي صورت نروار ڪئي وئي آهي (ب) ان بعد لفظن جي اصلي ٻولي ۽ ڪوشش ڪري اشتقاق ڏنو ويو آهي ۽ ان کان پوءِ (ج) ان جي معنيٰ سمجهائي وئي آهي.

(ا) لفظن جي نحوي حالت نروار ڪرڻ لاءِ ۽ بنيادي ٻوليءَ کي نروار ڪرڻ لاءِ هيٺيون نشانيون قائم ڪيون ويون آهن:

(الف) نحوي حالت:

ذ= اسم، مذڪر.

ث = اسم، مؤنث.

ذ. صفت = صفت مذڪر

ث. صفت = صفت مؤنث

صفت = صفت، مذڪر توڙي مؤنث.

(ب) بنيادي ٻوليون:

سن= سنسڪرت   هہ = هندي

پرا = پراڪرت　　　بل = بلوچي
ع = عربي　　　انگ = انگريزي
ف= فارسي

(2) هر معنيٰ کي پوريءَ طرح سمجهائڻ لاءِ، بہ يا ان کان وڌيڪ هم معنيٰ لفظ ڏنا ويا آهن ۽ اهڙن هم معنيٰ لفظن جي وچ ۾ ننڍي ليڪ (-) ڏني وئي آهي.

(3) جيڪڏهن ڪنهن لفظ جون معنائون هڪ کان وڌيڪ آهن تہ "دم" جي نشاني (.) سان هڪ معنيٰ کي ٻيءَ معنيٰ کان جدا ڪيو ويو آهي.

(4) هر لفظ جي معنيٰ جي هيٺان، شاعر جو بيت يا ڪافيءَ جي مصرع وغيره شاهديءَ طور ڏني وئي آهي. جيڪڏهن ٻنهي شاعرن جي ڪلام ۾ ساڳيو لفظ موجود آهي، تہ ٻنهي جو ڪلام شاهديءَ طور آندو ويو آهي.

(5) هر شاهديءَ واري ڪلام جو حوالو ڏنو ويو آهي.

(6) ٻنهي شاعرن جي زندگيءَ ۽ ڪلام جو مختصر احوال بہ ڏنو ويو آهي تہ جيئن پڙهندڙن کي بنيادي معلومات مهيا ڪري سگهجي.

(7) شاعرن پنهنجي پسنديده شخصيتن جو ذڪر پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو آهي، تنهن ڪري انهن شخصيتن جي مختصر سوانح حيات بہ حاشيي ۾ ڏني وئي آهي.

(8) راڳ، راڳڻين ۽ موسيقيءَ جي اصطلاحن جي، ممڪن حد تائين وضاحت ڪئي وئي آهي.

(9) قرآن پاڪ جي آيتن ۽ حديثن جو ترجمو حوالي سميت ڏنو ويو آهي.

(10) هندو ڌرم جي اصطلاحن ۽ چئني ويدن جي بنيادي معلومات ڏني وئي آهي.

مون ڪوشش ڪري، هر لفظ جون ممڪن معنائون، هن لغت ۾ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ جيئن پڙهندڙن کي گهربل لفظ جي هر معنيٰ هن لغت ۾ ملي سگهي.

محمود فقير ڪتياڻ ۽ محمد فقير ڪتياڻ جي ڪلام جي لغت ترتيب ڏيڻ وقت هيٺ ڄاڻايل لغتون ۽ ڪتاب منهنجي مطالعي ۾ رهيا:

(1) نئين جامع سنڌي لغات (ٽي جلد) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

(2) سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي لغت. ڊاڪٽر فهميده حسين.

(3) هندي- سنڌي لغت، محمد پناهہ ڦرڙو.
(4) فيروز اللغات (اردو) مولوي فيروز الدين.
(5) فرهنگ فارسي (اردو) مولانا محمد رفيع ۽ مولوي حڪيم ابوالفضل محمد.
(6) سنڌي ادب جي تاريخ (ٽي جلد) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو.
(7) انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا. (جلد پهريون) نگران: ڊاڪٽر فهميده حسين.
(8) غير سامي مذهبن جا باني. الطاف جاويد/ جاويد ميمڻ.
(9) توريان جيڪر تند، اظهر سمون.
(10) جامعہ راشديہ. مرتب: مفتي محمد رحيم سڪندري.
(11) ديوانِ مسڪين، سيد حزب الله شاهہ راشدي، مسڪين.
(12) ڪلام محمود فقير ڪٽياڻ، مرتب محمد صالح سپيو.
(13) منطوق محمدي، محمد فقير ڪٽياڻ.

محمود فقير ڪٽياڻ ۽ محمد فقير ڪٽياڻ جي ڪلام جي ترتيب ڏنل هن لغت ۾ اصطلاحن، فقرن ۽ لفظن جون جيڪي معنائون درج ڪيون ويون آهن، انهن سان اختلاف بہ ٿي سگهن ٿا. هيءَ ڪم ڪو حتمي نہ آهي پر هن ڪم کي شروعاتي ڪم سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ هنن صوفي شاعرن جي ڪلام ۽ ٻوليءَ تي هن سلسلي ۾ ڪم ڪرڻ جي گنجائش سدائين رهندي، پر مون کي يقين آهي تہ منهنجو هي پورهيو رائيگان نہ ويندو.

آخر ۾ آئون شڪريو ادا ڪرڻ چاهيان ٿو محترم پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري، ڊاڪٽر فهميده حسين، خان محمد جروار ۽ ولي محمد ڪٽياڻ صاحب جو جن جي معرفت، مان هيءَ لغت ترتيب ڏئي توهان جي هٿن ۾ پهچائي رهيو آهيان.

عنايت انڙ

12 مئي 2011ع — ڳوٺ دين محمد انڙ

محمود فقير ڪنياڻ (سوانح حيات ۽ ڪلام)

محمود فقير ولد علي خان ڪنياڻ، ڳوٺ سليمان خان ڪنياڻ، ضلعي حيدرآباد ۾ 1852ع ڌاري پيدا ٿيو. سندس تعلق ڪنياڻن جي "هيبتاڻي" پاڙي سان هو. سندس والده جو نالو "زرنار بيگم" هو ننڍپڻ ۾ سندس والد وفات ڪري ويو. تنهن ڪري، پاڻ ڪا بہ مڪتبي تعليم حاصل ڪري نہ سگهيو ۽ پنهنجو پني ٻارو ڪرڻ لڳو. ننڍپڻ کان ئي سندس طبيعت فقيريءَ ڏانهن مائل هئي. طبيعتاً خوش مزاج ۽ رلڻو ملڻو ماڻهو هو. خنده پيشاني تہ جڻڪ سندس ورثو هئي. ڪل مک ۽ چرچائي بہ هو. ان جو اثر سندس شاعريءَ ۾ نمايان نظر اچي ٿو. سندس ڪلام جو ڪجھ حصو طنز مزاح تي مشتمل آهي.

محمود فقير قدبت ۾ پورو پنو هو. مٿي تي اڪثر وڏو پٽڪو ٻڌندو هو. سلوار گهڻو ڪري ڪاري ۽ ڪپڙ جو ڊگهو اچو پهراڻ پائيندو هو. ڪلهن ۾ اجرڪ يا ٽوال ضرور هوندو هئس. سونهاري مُٺ جيڏي هوندي هُئس.

محمود فقير اڪثر ڪري مهينن جا مهينا سير سفر تي نڪري ويندو هو. خاص ڪري ٿر ۽ ناري جي پاسي گهڻو ويندو هو جتي ڪيترائي ماڻهو سندس معتقد بنجي ويا. جن ۾ مرحوم شاه محمد خان پرڪڙي بہ هڪ هو.

فقير صاحب عاشق مزاج ۽ حُسن جو تہ طالب هوندو هو. ڪٿي بہ ڪا سهڻي صورت ۽ من مُهڻي مورت ڏسندو هو تہ مٿس مفتون ٿي پوندو هو. سندس محبت پاڪ ۽ نظر نيڪ هوندي هئي. هڪ دفعي "نبيسر" جي پاسي ويو تہ اُتي ڪي حسين ناريون کوه تان پاڻي ڀرينديون ڏٺائين تہ بي اختيار ڪافي چئي ڏنائين. سندس خاص عشق، ڳوٺ موسيٰ خان ڪنياڻ جي رهواسي "محمد مگڻهار" سان هو. فقير صاحب جو ساڻس ڏاڍو پيار هوندو هو. چوندا آهن تا. فقير چوندو هو "ابا منهنجو تہ محمد (ص) جي نالي سان پيار آهي."

محمود فقير پنجويهن ورهين جي عمر ۾ پنهنجي عزيزن مان شادي ڪئي. فقير صاحب جو پنهنجي رفيقہ حيات سان بہ گهڻو پيار هوندو هو. البت شاديءَ کانپوءِ بہ سندس فقيري طبيعت ۾ ڪو خاص فرق نہ آيو. کيس چار پُٽ ۽ چار نياڻيون پيدا ٿيون. سندس خاندان اڃا تائين موسيٰ خان ڪنياڻ ۾ رهندو آهي.

فقير صاحب پهرياڻين لنواريءَ وارن بزرگن جو معتقد هو پر پوءِ سگهو ئي محمد مڱڻهار جي مرشد. پير موج علي شاهه (ٽنڊوالهيار) واري جو مريد ٿيو. فقير صاحب، پنهنجي ڪيترين ئي ڪافين ۾ پنهنجي مرشد جي تعريف ڪئي آهي. تنهن ڪانسواءِ پير سائين محمد راشد روضي ڌڻي رح ۽ سندس اولاد ڏانهن به سندس رغبت ۽ لاڙو هوندو هو. تنهن ڪري سندس خاندان اڄ سوڌو پير صاحب پاڳاري جو مريد آهي.

محمود فقير جي دور ۾ ڪيترائي صوفي شاعر ۽ اهل الله موجود هئا. جن سان فقير جون رهاڻيون ٿينديون رهنديون هيون. فقير صاحب جي خاص صحبت. ڪافين جي بادشاهه حضرت سيد مصري شاهه امام رضوي، فقير نواب ولي محمد لغاري ۽ سيد سلطان علي شاهه جن سان هئي. حضرت مصري شاهه کيس چوندو هو ته "تون شاهوڪار شاعر آهين."

زندگيءَ جي پڇاڙڪن سالن ۾ فقير صاحب کي "ٻڙ واءُ" جي بيماري ٿي پئي، جنهن کيس ڏاڍو لاچار ڪري ڇڏيو. هن ئي بيماريءَ وگهي 1907ع ۾ وصال ڪيائين. سندس آخري آرامگاهه "پير حاجي رتناڻي" واري قبرستان ۾ واقع آهي.

شاعري:

محمود فقير جي زندگيءَ ۾ يا سندس وفات کان ٿورو پوءِ، ڪنهن کي سندس ڪلام سهيڙڻ جي ضرورت محسوس نه ٿي، پر فقير صاحب سان صحبت ڪرڻ وارا ڪي موچارا ماڻهو پنهنجي حافظي ۾ محفوظ ضرور ڪريو ويٺا هئا. ائين ئي 52 سالن جي ڊگهي عرصي کانپوءِ ڳوٺ ابوطالب سپيو جي رهواسي مرحوم محمد صالح سپيو کي محمود فقير جي ڪلام سهيڙڻ جو خيال پيدا ٿيو. محمد صالح سپيو هڪ سال تائين مختلف ماڻهن کان، فقير جو ڪلام ٻڌي نقل ڪندو رهيو ۽ آخرڪار "ڪلام محمود فقير ڪٽياڻ" جي نالي سان، 1959ع ۾ منظر عام تي اچي ويو جيڪو سنڌي ادبي بورڊ ڇپايو هو. تنهن کانپوءِ سال گذري ويا، نه ئي هن مجموعي جو ٻيو ايڊيشن آيو ۽ نه ئي ڪنهن کي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي.

"ڪلام محمود فقير" کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي، پهرئين حصي ۾ 76 ڪافيون ۽ 2 بيت آهن. جڏهن ته ٻيو حصو "متفرقه" ڪلام تي مشتمل آهي.

جيڪو هيٺين عنوانن تي آڌاريل آهي: فقير صاحب ۽ گنگو مينگهواڙ ڏمالي ۽ جوٽس جو جهڳڙو محمود فقير ۽ بيگم جي ملاقات، ٽيھ ڏينهن، ڦلي ۽ موالي ۽ جو جهيڙو خيري ۽ سيائي ۽ جو جهيڙو ۽ هڪ سي حرفي.

فقير صاحب جو گهڻو تڻو ڪلام سنڌي ۽ سرائيڪي ٻوليءَ ۾ آهي. البت "گنگوءَ" واري ڪردار ۾ مينگهواڙي ٻوليءَ جا لفظ پڻ ڪتب آندا اٿس. فقير صاحب جي ڪافين جو وڏو موضوع وحدانيت، سسئي پنهون ۽ عمر مارئي جا لوڪ داستان آهن.

فقير صاحب جي شاعريءَ ۾ وزن جي گهٽ وڌائي وڏو عيب آهي پر انهيءَ جا ٻه سبب ٿي سگهن ٿا. هڪ اهو ته فقير صاحب اڻپڙهيل هو ۽ پنهنجي لا اُبالي طبيعت جي ڪري هن ڪي هڪ هنڌ ويهڻ نٿي آيو جو ڪنهن استاد شاعر جي صحبت مان ڪجهه سکي وٺي ها. ٻيو سبب اهو ٿي سگهي ٿو ته فقير صاحب جو ڪلام جن ماڻهن جي واتان ٻڌي نقل ڪيو ويو هو اهي سڀ اڻپڙهيل ۽ پوڙها هئا. تنهن ڪري گمان غالب آهي ته ويسر جي ڪري ٻه وزن ۾ گهٽ وڌائي ٿي هجي! وزن ۾ جهول هجڻ جي باوجود سندس ڪلام ۾ رواني، موسيقيت، سلاست ۽ اندرئين قافئي جي ڪري، وزن وارو جهول ڪافي قدر لڪيو وڃي ٿو.

سندس ٻولي نج، سليس ۽ عوامي آهي. خوبصورت محاورا ۽ تشبيهون استعمال ڪيون اٿس. سندس مزاحيه ڪلام ۾ به سٺي منظر ڪشي ڪيل آهي. "خيري ۽ سيائيءَ جي جهيڙي" ۾ عورتاڻا لفظ محاورا ۽ اصطلاح ڪتب آيل آهن. ڦلو موالي ۽ گنگوءَ جا ڪردار به جاندار ڪردار آهن. ماحول ۽ ڪردار حقيقي رنگ ۾ پيش ڪيا اٿس. اسان چئي سگهون ٿا ته محمود فقير، پنهنجي دور جو هڪ بهترين سگهڙ هو ۽ سندس ڪلام ۾ سگهڙائپ واضح نظر اچي ٿي.

عنايت

محمد فقير کتياڻ (سوانح حيات ۽ ڪلام)

محمد فقير ولد رئيس حيدر خان کتياڻ 1296هه بمطابق 1878ع ۾ ڳوٺ سليمان کتياڻ (ضلع حيدرآباد) ۾ پيدا ٿيو. وقت جي رواج مطابق قرآن شريف سنڌي ۽ فارسيءَ جي ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين. ننڍپڻ ۾ ئي سندس والد وفات ڪري ويو. تنهن ڪري سندس تعليم جو سلسلو منقطع ٿي ويو. تنهن هوندي بہ فرصت جي وقت مولوي حاجي عبدالرحمان سمي صاحب کان طب توڙي فارسيءَ جي وڌيڪ تعليم حاصل ڪندو رهيو. فقير صاحب رئيس غلام محمد پرڳڙي وٽ سندس زمين چنبهل تي عام مختيار ٿي وڃي رهيو. جتي سندس ملاقات فقير محمد هاشم مجذوب سان ٿي. محمد فقير جي فقيري طبيعت کي هيءَ نوڪري نہ آئڙي، تنهن ڪري اها ڇڏي ڏنائين.

فقير صاحب نوڪري ڇڏڻ کانپوءِ اچي ڳوٺ ۾ رهيو ۽ ڪي ڪورائي فقير سندس صحبت ۾ رهڻ لڳا. راڳ ويراڳ سان فقير صاحب جي تمام گهڻي محبت هوندي هئي. سندس دل فطرتاً حسن ڏانهن مائل هئي ۽ مجازي عشق بہ ڪيس گهڻيون مهميزون چڪايون. سندس آواز ۾ وڏو مينا ۽ اثر هو جنهن ڪري راڳ سندس واسطي روح جي راحت بڻيو.

محمد فقير جا وڏا اصل کان پير سائين حضرت محمد راشد روضي ڌڻي رح جا مريد هئا ۽ پاڻ بہ وڃي پير صاحب پاڳاري حضرت شاهه مردان شاهه عرف ڪوٽ ڌڻيءَ کان توحيد جي تلقين ورتائين. فقير صاحب جي پنهنجي مرشد سان تمام گهڻي عقيدت هئي. جڏهن پهرين مهاڀاري لڙائي (1914ع) ۾ انگريزن پير صاحب پاڳاري کان لڙائيءَ لاءِ ڪجهہ نقدي امداد توڙي، بهادر فقيرن مان رنگروٽ طلب ڪيا تہ فقير صاحب فوج ۾ ڀرتيءَ واسطي درگاهہ شريف تي وڃي پهتو پر فقير صاحب رياضتن ۽ مجاهدن جي ڪري ڪمزور ٿي چڪو هو تنهن ڪري ڊاڪٽر ڪيس ناپاس ڪيو پر فقير صاحب جو صدق ڏسي، پير صاحب جي سفارش سان فوج ۾ ڀرتي ٿي محاذ تي ويو. محاذ تي غازين سميت سلامت وطن موٽي آيو.

فقير صاحب جو پنهنجي مرشد جي هڪ ٻئي درويش ميان داد فقير سان بہ پريت جو پيچ هوندو هو. فقير صاحب وقتاً فوقتاً ساڻس سالڪانہ صحبتون ڪرڻ وٽس ويندو هو. سندن ڳوٺ جي ويجهو هڪ مشهور صوفي شاعر ۽ اهل معرفت فقير نواب ولي محمد لغاري تاجپور ۾ رهندو هو. جنهن فقير صاحب کي پنهنجي شاعري مطالعي

ڪرڻ لاءِ ڏني ۽ راهہ سلوڪ ۾ بہ سندس رهنمائي ڪيائين.

ان وقت حضرت غوث الحق مخدوم سرور نوح ؒ جن جي درگاهہ جو سجاده نشين مخدوم ظهير الدين عرف مخدوم پرؤ ڄام جن هئا. سندن ولي عهد هڪ نيڪ سيرت ۽ نيڪ مرد جناب مخدوم غلام محمد جن هئا. هڪ عجيب اتفاق بنيو جو سندس ۽ فقير صاحب جي وچ ۾ الاهي انس جو رشتو قائم ٿي ويو. هالا ۾ حضرت پکن ڌڻي جي قبي ۾ فقير صاحب هڪ مهينو مراقبو بہ ڪيو هو ۽ ائين بہ چوندو هو تہ "اسان کي حضرت پکن وارن صاحبن کان باطني عشق جي راهہ ۾ امداد ٿيل آهي."

محمد فقير 63 ورهين جي ڄمار ۾ اڱاري جي ڏينهن 7 محرم الحرام 1360هہ بمطابق 4 فيبروري 1941ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري، پنهنجي حقيقي محبوب سان وڃي مليو.

شاعري:

محمد فقير جو سڄو ڪلام 'منظوق محمدي' جي نالي سان، قبلا سائين مخدوم محمد زمان طالب المولي 1950ع ۾ پهريون ڀيرو ڇپائي پڌرو ڪيو. 52 سالن جي طويل عرصي کانپوءِ، رئيس احمد خان ڪتياڻ هن مجموعي جو ٻيو ڇاپو 2002ع ۾ ۽ ٽيون ڀيرو 2008ع ۾ منظر عام تي آندو. محمد فقير جو سڄو رسالو مختلف راڳن ۽ راڳڻين ۾ ورهائي، ترتيب ڏنل آهي. محمد فقير جو سڄو ڪلام 42 سُرن تي مشتمل آهي. فقير صاحب جو 95 سيڪڙو ڪلام ڪافين ۾ چيل آهي ۽ باقي ڪلام پنهنجي دور جي مقبول صنفن ۾ چيل آهي، جنهن ۾ 275 بيت، 4 سي حرفيون، 1 هفتو ۽ 1 مثنوي شامل آهي.

اسلوب بيان خواهہ معنيٰ جي لحاظ سان سندس ڪلام نرالو آهي جنهن تي فقير صاحب جي شخصيت ۽ ذاتي فڪر جو گهرو رنگ چڙهيل آهي. هن قسم جو امتيازي ڪلام نسبتاً زياده آهي. حقيقت ۾ اسلوب بيان جي جدت ۽ فڪر جي عبقريت فقير صاحب جون بہ امتيازي خصوصيتون آهن.

سرائيڪي ٻولي فقير جي مادري زبان هئي، هو سنڌ جي سرزمين جو نيپاڄ هو ۽ سنڌ جو چپو چپو گهمي ڏٺو هئائين. تنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ تي بہ ملڪو هئس. ان کان علاوه فارسي، عربي، هندي ۽ موسيقيءَ جي اصطلاحن جي بہ پوري پروڙ هئس. مختلف ٻولين جي ڄاڻ کانسواءِ سندس ذاتي تجربي ۽ مخصوص

شغلن بہ سندس واسطي مختلف الفاظ ۽ محاورا مهيا ڪيا. جن کي پنهنجي خيالن جي اظهار لاءِ پوري طرح استعمال ڪيو اٿس.

فقير صاحب کي لغت جي وسيع ڄاڻ هئي، جنهن جي ڪري الفاظ ۽ قافيہ سندس واسطي ارزان ٿيا ۽ شعر سهل ۽ آسان بڻجي پيو آهي. جنگ جا محاورا. سندس جذبي ۽ جوش لاءِ موزون بڻيا. ٻوليءَ جي وسعت سان، جي چاهيائين تہ ڪلام جي مختلف مصراعن کي علحده تجنيس حرفي جي صفت سان سينگاريائين.

حُسن جي هلان ۽ مجازي عشق جي مهميزن، سندس طبيعت ۾ جذبہ جوش جو اهو طوفان پيدا ڪيو جنهن جو زور سندس ڪلام توڙي ڪردار ۾ نمايان رهيو. سچائي ۽ بي ريائي سندس طبيعت جا جزءِ جوهر هئا ۽ انهيءَ ڪري پنهنجي حال کي قال جي پردي ۾ ڪين لڪايائين. فقيري حال آيس تہ ڪفني ڳچيءَ ۾ وڌائين، ڳايائين تہ نچي نچي ڳايائين. رقص ڪيائين تہ سر بازار ڪيائين ۽ مئڪشي ڪيائين تہ بہ بانگ ـ دُهل ڪيائين.

جيئن تہ اسين پهرين وضاحت ڪري چڪا آهيون تہ فقير صاحب پنهنجي طالبن جو هڪ ٽولو بنايو ۽ سازن جي پوري وڄت سان ڳائڻ ۾ محو رهيو. راڳ جي ڪيس پوري ڄاڻ هئي ۽ سُر تار جو شيدائي هو. هن جي نظريي مطابق هن ڪائنات جي ابتدا توڙي وجود، سُر تار جي تنظيم تي مبني آهي. پاڻ چوندو هو تہ "ذاتي تعاليٰ لفظ ڪُن" بہ سُر سان اچاريو. تڏهن ڪائنات پنهنجي مڪمل تنظيم سان وجود ۾ آئي. راڳ، سُر تار ۽ سازن جي معلومات سندس واسطي، انهن فنن جا خاص الفاظ، محاورا ۽ اصطلاح ارزان ڪيا. جن کي پنهنجي خيالن جي اظهار خاطر پوريءَ طرح استعمال ڪيائين.

سندس شخصيت جي خوبين توڙي خامين جو عڪس، سندس ڪلام ۾ نمايان نظر اچي ٿو. جرئت رندانہ خودي ۽ خود خياليءَ دم جي ڌُن. خيال جي تلاش، جلالي جذبو مستي ۽ موج، راڳ ۽ رقص، مئڪشي ۽ مدهوشي، اهي مڙيئي نہ صرف سندس ڪلام جا عنوان آهن. بلڪ ان جو مغز ۽ روح آهن. انهن خصوصيتن سبب سندس فڪر بہ جملہ ڪافي گو شاعرن ۾ هڪ امتيازي حيثيت رکي ٿو.

عنايت

الف

• **آبُ**: ذ [فـ. سن. 1. آپ= پکڙڻ. 2. آوا= مٿان جو پاڻي۔ آسماني (برسات جو) پاڻي]
نير۔ جَل۔ مينهن۔ برسات۔ بارش. اوجر۔ چلڪو۔ تجلو. مان۔ عزت۔ شان

جوڙيئي آدم ذات صفات وچون، گڏ آب عجب اثبات وچون،

رکيئي رمزِمن الروحي دي ذات وچون، ڪر حڪم صحي مِر نانوڻ دا.

(محمد فقير، سُر توڙي، ڪافي۔ 1. ص. 215)

رُلاءِ ڪيم رَندن تي، رک آخُوندن جو آب.

(محمود فقير، موالي، ص. 128)

• **آب حَياتُ**: ذ. حياتيءَ جو پاڻي۔ اُهو پاڻي جنهن جي پيئڻ سان دائما زندگي حاصل ٿئي۔ آب بقا۔ امرت جل۔ آب خضر. ٽڏو ۽ منو پاڻي (اصطلاحاً) ڪا بہ اهڙي شيءِ جا زندگيءَ کي جاودان بنائي.

پيئان ٿو آب حيات حُسن سان،

صُراحي سُرخ سُر ساز سُخن سان.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي۔ 26، ص۔ 120)

• **آتم گياني**: شخود شناسي (جا مرشد هٿان حاصل ٿئي) .ذ. صفت. پاڻ سڃاڻيندڙ۔ خودشناس.

آپ گنواڪي آپ پڇاني، صوفي سُرت سُجاني، آتم گياني.

(محمد فقير، سر تلنگ، ڪافي۔ 56، ص۔ 97)

• **آتڻُ**: ذِ [سن. 1. آرتن= هُنر جي ڪم وارو هنڌ، هُنر گهر. 2. آ= چوڌاري+تن= ڪتڻ] گڏجي ويهي سُٽ ڪتڻ جي جاءِ. وصال جي منزل يا مڪان. گڏجاڻي۔ ميلاپ.

چشمان چرخا ڪيتا چُور، ڪينوين آتڻ تي مئين آوان.

(محمد فقير، سُر پوريا، ڪافي۔5، ص۔148)

• **آتش:** ث [ف] آڳ- باهہ- چيرو- سوز- درد. ترشنا- اُڃ- اُساٽ.

آتش بازي اکين واريءَ پسي آڙهہ آنبہ وارو

اچي انحدبين بجائن ٿا.

(محمد فقير، سُر مانجهہ ڪافي-4، ص-106)

• **آثارُ:** [ع] اُهڃاڻ- علامت- نشاني. ويرانيءَ جا نشان.

الف ميم چا گڏ آدم اوڏا آڏ، چلي ڪيتا سڏ اکيان دي آثار.

(محمد فقير، سُر لوڙائو ڪافي- چلو ص- 243)

• **آچار:** ذ. اصل واري رواج موجب پنچات يا امينن جو راڄوٽي فيصلو- انصاف روءِ فيصلو. نبيرو- نياءُ.

عشق اکين جي اوتاريءَ اوبڙا آچار ڪيا،

آنا آن اوقات اعليٰ، انوري آزاد سان.

محمد فقير، سُر پيم پلاس، ڪافي-7، ص-53)

• **آچاڙو:** ذ [سن. آ+ چاي+ ڙو پاڇو- سايو سن. آڇڇد= ڍڪڻ- لڪائڻ- پهرائڻ] ڍڪ- پوش. اوڇڻ پائيءَ جا پورَ- آڏيون وڏيون چوليون ۽ لهرون- وڏيون لهرون.

اظهار تي آوازيءَ محلي مڇي مجازيءَ

قائم ڪري قوازيءَ اثبات جو آچاڙو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-8، ص-110)

• **آخر:** ذ [ع] پڇاڙي- پڇاڙي- آنٽ- دنگ- ڇيهہ. حدّ- اوڙڪ. پويون ڏينهن- قيامت- آخرت. (ظرف) نيٺ- سدّان- پڇاڙيءَ ۾.

اول آخر اظهار تي، اولي اچي انسان جي،

ارشاد سان آباد ڪيو اسلام اعليٰ آشڪار.

(محمد فقير، سُر ٻهاڳ، ڪافي-17، ص-62)

• **آخُوندَن:** واحد. آخُوند: ذ صفت [فہ خواندن= پڙهڻ> خران> آخون= لکڻ پڙهڻ جي هدايت يا تعليم] مذهبي تعليم ڏيندڙ- فقيه- مُلا- سکيا ڏيندڙ- معلم استاد

رُلاءِ ڪيم رَندن تي، رک آخوندن جو آب.

(محمد فقير جو موالي، ص- 128)

• **آدپرشُ**: ذ. پهريون وجود يعني خُدا.

رُوپ سروپ اَنوپ اَنيڪي،
آدپرش ڏُن ڏِياني ري.

(محمد فقير، سُر ڪونسي، ڪافي_4، ص_175)

• **آدم**: (اسم خاص) الله جي پهرين پيغمبر جو نالو (حضرت آدم عليه السلام). خلق_ ماڻهو_ آدمي.

آدم ۾ ابليس جي فن ۾، رکي پردو پرين پارس،
بنائي بيک بازيءَ جو عجب انسان ٿي آيو.

(محمد فقير، سُر شام ڪلياڻ ڪافي_8، ص _212)

• **آديسي**: ذ. صفت. سِر نمائيندڙ_ متو ٽيڪيندڙ_ گروءَ جي حڪم ۾ (هميشه) رهندڙ فرمانبردار. جوڳي فقيرن جو گروهه_ ڪن چير فقير. الله لوڪ. الائي کهڙي مُلڪ جو، لامڪان فقير. نصيحت ڏيندڙ.

سير سچائي سچ جي، وحدت وات ولن،
پر ۾ پاڻ پسن، آديسي اسرار ٿي.

(محمود فقير، سي حرفي_3، ص_258)

آديسي اڙينگ، تازا چڪين تنگ،
نيلا اُٺ نسنگ، هليا ويا هوايون.

(محمد فقير، ڪافي_4، ص_47)

• **آڏوت**: [سن. 1. آڏوت = جدا ٿيل تياڳيل. 2. آوڌُو (اُو= هيٺ+ ڌوت= ڌُتيل > ڌُو= ڌُوئڻ) جنهن دُنيوي خواهش کي ڌوئي ڇڏيو هجي] دنيا کي ترڪ ڪندڙ_ تارڪ. تياڳي فقير (دنيا سان لاڳاپو توڙيندڙ) فقير، سنياسي ويراڳي، ساڌو_ جوڳي.

عاشق اسم ڪمايا، صورت اندر سمايا،
آڏوت آن آلايا، گلزار هو گگن ۾.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي_10، ص_14)

• **آڏوتي:** ڏسو "آڏوت".

جنساري جسمات، انساني اسمات،

اظهاري اثبات، آڏوتي عُريان.

(محمد فقير، سُر لوڙائو ڪافي-10، ص-71)

• **آرا:** واحد آرو. دل جو لاڙو- انگل- ناز- پيار- قرب- حُب- سڪ. رُخسار ڏني مختيار ٿيس، اختيار عشق دا آرا.

(محمود فقير، تيهه ڏينهن، ص-123)

ڪهڙو ماڻ ملن جو، جن جو اٿي سان آهي آر.

(محمود فقير، موالي، ص-129)

ڪري هٿ ۾ 'لا' جي ڪاتي، پا وُجود ۾ جوڙي جهاتي،

اسم صورت ڪر اثباتي، عاشق ٿي رکي آرو.

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي-7، ص-4)

• **آروڙي:** مصدر. آروڙجڻ. فعل مجهول [سن. آ+ رُت= ڪاوڙجڻ] ڪاوڙ وقت مُنهن ۾ گهُنڊ پوڻ- ڪاوڙجڻ- ڏمرجڻ.

عشق دل انگي، وير مُٺ دل ونگي،

جوڳي ڪڍِ ڳاروڙي، آروڙي اڙينگي.

(محمود فقير، ڪافي-39، ص-67)

• **آڙاھ:** ذ. [سن. آورتہ> آرَڻ= ڳَن، اوڙاھ] باھ جو مچُ. کورو. نرڳ- دوزخ. (صفت) تمام وڏو، آٿاھ- اونهو، حد درجي جو.

ٻاهر ڪيرو ڪيرو ڪِل ۾، اندر ۾ اڙاھ،

'محمد' بي پرواھ، ڪائي متو موت تي.

(محمد فقير، بيت-222، ص-289)

• **آڙنگ:** ذ. [سن. آ+ گهَرمَ- گرمي، پگهر] برسات کان اڳي هوا جي گهُٽ، ٻوسٽ- رُڳهہ- رونيو.

عشق اوپارو آڙنگ ڪيڙو وسر يا تول تڪاٿا،

بيشڪ بشري بيک بنائي.

(محمد فقير، سُر لوڙائو ڪافي-7، ص-70)

• **آڙو:** (آڙو پاڙو) ذ. اوسو پاسو۔ آس پاس۔ جندو پاڙو. پاڙو ۔ ويڙهو۔ اوڙو پاڙو.

ڳايان ڳلي ڳلي ۾، اولنگهه وڃائي آڙو

پنهنجي پسي پيشاني، پُرجهي پريم پاڙو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي۔8، ص۔110)

• **آڙهه:** ذ. باهه جو وڏو مچ ۔ آڙاهه

آتش بازي اکين واري پسي، آڙهه آنبه وارو،

اڃي انحد بين بجائن ٿا.

(محمد فقير، سُر مانجهه ڪافي۔4، ص۔106)

• **آسڻ:** ذ. [پرا. آسڻ. سن. آسن <آس= واهڻ] ويهڻ جي جاءِ۔ بيٺڪ۔ گدي پاٿاري۔ وِهَڪ. آشيان۔ ماڳ۔ تڪيو۔ مڪان. فقيراڻو تڪيو۔ اوتارو۔ آستانو.

الف آڏوتن جو نه اوچڻ تي آرو،

نڪو آسڻ اُس لئہ نہ آٽڻ آسارو.

(محمد فقير، سي حرفي۔2، ص ۔247)

• **آشرما:** (آشرم) ذ. [پرا. آسمَ. سن. آشرَمَ] ساڌن سنياسين جي رهڻ جي جاءِ۔ مڙهي۔ ڪُٽيا. برهمڻن جي جيوت جي هڪ منزل. (آشرم چار آهن: 1. هر هماچاريہ= برهما جي پوڄا جي خيال وارو۔ آديسي۔ صوفي۔ ويدانتي۔ خدائي طالب. 2. گرهستي= گهر تڙ وارو، جو جهان ۾ وهنوار بہ ڪري ٿو. 3. وان پرست= ويدانتي علم جو طالب علم. 4. سنياس= لاتعلقي يا تياڳ جي خيال وارو). خوشيءَ جي موقعي تي ناهيل جهوپڙي يا ڇنو. مدرسو۔ اسڪول. ڏرمي اسڪول يا اصول. وڻن جو جُهڳٽو۔ جهنگ.

"محمد" ڪي مهما ورنن آشرما،

پڇن پيد پرما ڪا سر گم سُنائون.

(محمد فقير، سُر ڪانرو ڪافي۔6، ص۔173)

• **آشڪار:** صفت [ف] ظاهر- پڌرو- چٽو- نروار- ڪليل.

آخر اول اظهار ٿي، اولي اڇي انسان جي،

ارشاد سان آباد ڪيو اسلام اعليٰ آشڪار.

(محمد فقير، سُر ڀاڳ، ڪافي-17، ص-62)

• **آشيان:** ذ [ف. آشيانہ] آکيرو- آهيرو- گهر. آستان- مڪان.

اکين ۾ آشيان ڪيو اچي عشق امين،

بقائي واري بين، وڄائي وحدت سان.

(محمد فقير، بيت-152، ص-281)

• **آفات:** ث [ع. آفت جو جمع آفات] آفتون- مصيبتون- تڪليفون.

سِر دا سانگا ڇاوين، هٿ لاوين، پڇي عشق آفات ڪڻون.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-32، ص-138)

• **آڪرا:** واحد. آڪرو. ذ. صفت. [سن. آڳرد آ+ ڪري= اڻ ڳڌل. جنهن اڳهہ ۾ اڳي ڪنهن بہ نہ ورتو هجي] مهانگو- گران. [سن. آڪلَ] کَهَرو- شوخ. مغرور- هٺيلو. ڪاوڙيل. ضدي- تيز- تکو.

عاشق اڏيءَ تي آڪرا، احوال ڪن جي انوري،

احمر ڪيو القاب سان، حاصل تنين حج اڪبري

(محمد فقير، سُر ڀاڳ، ڪافي-23، ص-66)

• **آڪان:** چوان.

ڪِيا آڪان ڪهندي اڳون، هي ڳالهرايُ اسرار دي،

(محمد فقير، سي حرفي-4، ص-261)

• **آڳا:** واحد. آڳو. ذ [ترڪي. آقا، ف. آغا] آغا- آقا- آڳا (اسم خاص) خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو.

ڏي ڪي دلاسا دلئون دلبر، محبوب من جا مٺا منور،

آڳا اچڻ جو ڪر احسان.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-1، ص-9)

• **آنبہ:** ذ. [سن. انبوھہ] گوڙ- ميڙ- اجتماع. باھہ جو مچ- آڙاھہ
عشق اندر ۾ آنبہ ٻاريو اکر عقل جا اُڏاڻا.
اپري عدم کان اور آلائي.
(محمد فقير، سر لوڙائو ڪافي- 7، ص- 70)

• **آنگر ڏيڻ:** مڪل ڏيڻ. (ڪنهن چوپائي کي)
ڏيون دڙڪي آٽ ڪر آنگر.
(محمود فقير، ڪافي- 65، ص- 86)

• **آنهڪار:** [سن. آنُ= هائو+ ڪر= ڪرڻ] هاڪار- آنڪر- ميڻا.
هرجاءِ هڪل هڪ ڪيو حُسن کي هسوار.
ڪاٿي ڪام ڪروڌ سان لوڀي ڪٽ آنهڪار.
(محمد فقير، بيت- 215، ص- 288)

• **آٽا:** آٽيان، ويساهہ رکان، پرسو ڪريان.
مڙئي مذهب ملت ڇاٽان نہ ڪنهن ڏي ڪو وهم آٽا.
مثالي ماڳ ٿو ماٽيان، ڪولي مشهور مئيخانو.
(محمد فقير، متفرقہ ڪلام ص- 241)

• **آٿُو:** ذ. مٺي پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم- چرڪو. (صفت) جلهہ ڪري ايندڙ. هائو ڪري ڪاٺي ويندڙ- گهٽو ڪاٺيندڙ. اهي فقير جي پنهنجي خواهشن کي گهٽو ڪاٺيندا آهن.
اِي جي آٿو سدا نچ گاٿُو گگن محل ڪي باجي بجاٿُون.
(محمد فقير، سر پيم پلاس، ڪافي- 4، ص- 51)

• **ابرار:** ذ صفت. [ع. بَر جو جمع ابرار] ڀلارا- نيڪ- صالح. تابعدار (ماءُ پيءُ جا). اولياءُ
لامر- لاهوتي لقب، عارف عجب ابرار دا.
(محمد فقير، سي حرفي- 4، ص- 262)

• **آبرو:** ذ. [فـ آبرو: سن. ڀرو] اک جي مٿان وارن جي ڪمان- ڀرُون.
آبروسين سنگينان پالي، گهوران دي گمسان.
درسن والي دم دم ديهي.
(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي- 1، ص- 1)

• **آبلق:** ذ. [ع] گهوڙي جي رنگ جو نالو. اهڙو گهوڙو، جنهن جي بدن تي وڏا اڇا ڪارا (ڪارو ابلق) يا اڇا ۽ ڳاڙها (ڳاڙهو ابلق) داغ هجن.

آبلق لک گهوڙا ڏِتش هزارا،

سُو ڏا سُچر ميا متارا.

• **اِبليس:** ذ. صفت [ع. بَلَس= نا اُميد ٿيڻ] وڏي شيطان جو نالو (جو پهرياتين عبادت ڪري ملائڪن مقربن جي درجي کي پهتو پر پوءِ حضرت آدم کي سجدي نہ ڪرڻ ڪري لعنتي ٿي بهشت مان تڙجي نڪتو) شيطان۔ شرير. لعنتي۔ تڙيل.

آدم ابليس جي فن ۾، رکي پردو پرين پارس،

بنائي بيک بازيءَ جو عجب انسان ٿي آيو.

(محمد فقير، سُر شام ڪلياڻ، ڪافي۔8، ص۔212)

• **اَبناسِي:** صفت. ناس نہ ٿيندڙ۔ غيرفاني۔ لازوال۔ امر. سدا رهندڙ۔ ابدي سرمدي۔ قيوم.

چاطر آبناسي نرگن مُورک ڪيا ٻڌواني ري

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي۔4، ص۔175)

• **اُبهلا:** (اُبهرو) تڪڙو. تکائي ڪندڙ. جلدي ڪندڙ.

عاشق اُبهلا آهن اڙٻنگي.

(محمود فقير، ڪافي۔13، ص۔52)

• **اپياسي:** صفت. اپياس ڪندڙ۔ محنت سان پڙهندڙ.

روپ سروپي پيد اپياسي، آپي ساڌو آپ سنياسي،

پورن آپ پراني، پيد بياني.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي۔56، ص۔97)

• **اُتپتُ:** ث. [سن. اُتپت] پيدائش۔ جَنمُ۔ تخليق. رچنا۔ جهان جي جوڙ۔ مخلوقات. [سن. اُد+ پت] هُرکر۔ آنَدماندَ۔ اُڻ تڻ۔ انتظار۔ ڳڻتي۔ مُونجهہ.

ثُريا وِيا پڪ اُتپت اندر ثُرياجات مين جاتِي ري

(محمد فقير، سر ڪونسيہ، ڪافي۔13، ص۔179)

- **اِتحادُ:** ذ [ع اِتحدَ= هوهڪ ٿيو] ايڪو_ اِتفاق_ ٻڌي_ ايڪتا_ ميلاپ_ يگانيت

عشق جي آتش اندر آخر اول آواز ٿي،
اتحاد آئون اتحاد آئون اتحاد آئون آهيان.

(محمد فقير، سُر جوڳ، ڪافي_7، ص_193)

- **اُتمُ:** صفت [اُتمُ] سڀ کان مٿي_ تمام اُتانهون_ اعليٰ ۾ اعليٰ، اوچو، عمدو، وڏي درجي وارو، قيمتي_ نفيس.

اُتم آواز اوپاري، سُرودي ساز سوپاري،
سُخن سر صاف سينگاري_ سلان سهڻا سريجن سان.

(محمد فقير، سُر ڪلنگڙو ڪافي_12، ص_189)

- **اُتون:** اُن تان.

قربان وڃان مهربان، اُتون سروان سڄي تولي.

(محمود فقير، ڪافي_11، ص_50)

- **آٽ:** ذ. اسم، صفت يا فعل جي آخر ۾ ايندڙ پڇاڙيءَ جا اصل مفهوم کي زياده زوردار بنائي.

بنائي ڏيئن دڙڪي آٽ ڪر آنگر.

(محمود فقير، ڪافي_65، ص_86)

- **اٽڪڻ:** مصدر. [سن. اَرگَڊ] وچڙڻ_ ڦاسڻ، روڪجڻ_ رنڊجڻ_ اَڙڻ. هٻڪڻ (ڳالهائڻ ۾)، جهلجڻ_ بند ٿيڻ، پاڻ ۾ ڳنڍجي پوڻ.

اٽڪڻ جون عادتون، اکين کي آهين،
ڪتڪ سان ڪاهين، ڪوپن جي ڪاپار تي.

(محمد فقير، بيت_163، ص_282)

- **اِثباتُ:** ذ. [ع] ثابتي_ ثبوت، مضبوطي، دعوي، اقرار، بقاءِ (نفيءَ جو ضد)، الله تعاليٰ جي هستيءَ جو اقرار آهي. "ڪلمي ۾ ڏس نفي اثبات" (لا اِله) نفي آهي ۽ (الا الله) اِثبات آهي.

تازي طبل سان سرتاج شاهي، صمصام سُر سان ساغر صُراحي،
اِثبات عادل عارف اِلاهي، اڪبر اکين ۾ اظهر اشارو.

(محمد فقير، سر پيروي، ڪافي_8، ص_13)

• **اِثباتي:** صفت. اثبات وارو. ثابتي رکندڙ. اقراري. هائوڪاري. ڪلمي شريف جو اثباتي فقرو.

ڪري هٿ ۾ 'لا' ڇِي ڪاتي، پا وُجود ۾ جوڙي جهاتي،
اسم صورت ڪر اثباتي عاشق ٿي رکي آرو.

(محمد فقير، سر آسا، ڪافي. 7، ص. 4)

• **اثرات:** واحد. اثر. [ع] نشان. علامت. آثار.

سُوريءَ واري سيج تي، سمجهي ذات صفات،
ڪلمون اناالحق جو آوازي اثرات.

(محمد فقير، بيت. 241، ص. 292)

• **اثردار:** ذ. صفت. اثر رکندڙ. خبر رکندڙ.

رهي راڳ رنگ ۾ اثر دار انگ ۾،
صحي صاف سُنگ ۾ سُخن کي سينگاري

(محمد فقير، سُر گجري ڪافي. 2، ص. 235)

• **اٿَرون:** (اٿرويد). اسم خاص. [سن. اٿَرويدَ] هندن جي چئن ويندن مان پوئين ويد جو نالو.

ويديجر، رگ، شام اٿرون، برمان ٺڪ پرچار ڪيا.

(محمد فقير، سُر ڪونسيي ڪافي. 6، ص. 176)

اوم اٿرون ويد ويراڳي، اوم يجر رگ شام هري

(محمد فقير سُر ڪونسيي ڪافي. 14، ص. 179)

• **اپارَ:** صفت. [اَ= نہ+ پار= پرين ڪنڌي] جنهن کي ڇيو ڪنارو نہ هجي. بي ڪنار. بي ڪنڌي. انحد. بي حد اٿاهہ. بي انت. بي شمار. گهڻو.

پائي پاند ڳچيءَ ۾، ڪريان عرض اپار.

(محمد فقير، سُر جوڳ، ڪافي. 2، ص. 191)

• **اُپاشن:** (اُپاسنا). عبادت. پوڄا. شيوا. تعظيم. خداپرستي مراقبو. بندگي.

ڪرم ڪُل ويدانتي، اُپاشن سِڌانتي، گياني وگياني، ڪي سير سمائون.

(محمد فقير، سُر ڪانرو ڪافي. 6، ص 173)

- **آجَلُ**: ذ [ع آجَلُ] مقرر مُدو ٽيل- ڪُڻ ڪُٽي- قضا- موت.

نظر جي نظاري، سُرت سِر سينگاري،
وهم ڪُل وساري، اشاري اجل سان.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-47، ص-146)

- **أجلِي**: سفيد- اڇي، صاف- خالص.

پدپرڪاشي پُرجه پٽارت،سنت سُناوي گيان ڪٿاڪٿ،
اُنپت اُجلي يڪٿ يٿارٿ، 'محمد' مينگهه ملارا ري،

(محمد فقير، سُر ڪونسيه، ڪافي-12، ص-179)

- **اُجهاڻِي**: وساڻي- اُجهامي وئي، ختم ٿي وئي.

لڳي آگ عشق جي اجان نه اُجهاڻي،

(محمود فقير، ڪافي-33، ص-63)

- **اَجَهلَ**: ذ صفت [آ= نه+ جَهلُ] نه جهلڻ يا روڪڻ جهڙو- اُهو جهلجي نه سگهي يا جنهن تي ضابطو نه رکي سگهجي. اڻ جهل- اڻ ڳڻ- بي حد- بي شمار- گهڻو- جهجهو.

اکين ۾اتحاد ٿيو آجهل عشق اچي.

(محمود فقير، بيت-93، ص-275)

- **اُجهو**: ذ. [سن. آشرَيه= قرار گاهه، پناهه] پشت پناهه- پردو- ڍڪُ- بچاءُ- آسرو- سهارو. گهر- رهڻ جي جاءِ، مٿي لڪائڻ جو هنڌ.

اڙين سندو اعلىٰ اجهو احمد ظفر زمان ٿيو
صورت واري سينگار سان، ثابوت سِر سُبحان ٿيو.

(محمد فقير، مثنوي-1، ص-297)

- **اُجهورَ**: اونهون پاڻي- گهرو پاڻي- وڏو پاڻي.

اڇن سي آجهورَ تي، سيئي سُجاڻا.

(محمود فقير، ڪافي-8، ص-49)

- **آحبابُ**: ذ [ع 'حِبُ' جو جمع] دوست- يار- سنگتي- ساٿي- محب- پيارا- عزيز.

احباب، ارباب، القاب احمر، اِسمات، جسمات، سُخنات سرور،
اِتحاد آباد، ارشاد انور- اسرار اظهار زُنار ظالم.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-53، ص-38)

• **احد:** صفت. [ع] هڪڙو- واحد. اڪيلو- تنها- يگانو. (اسم خاص) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

احد احمد، ميم محمد، فيض فقيري فهم ۾ چا ٿيو.

(محمد فقير، سُر سارنگ، ڪافي-15، ص-80)

• **احرام:** ذ [ع] حج يا عُمري جي موقعي تي اڻ سبيل چادرون، هڪ سان گوڏ ٻڌجي ۽ ٻي بدن تي ويڙهبي آهي. اهڙي اڻ سبيل ۽ ڪپڙي پهرڻ جي رسم. هڪ مقرر جاءِ کان ڪعبة الله تائين پاڻ تي. ڪن (جائز) ڪمن جي حرام ڪرڻ واري حالت.

هر مذهب کي ٻڌائي، آوازي احرام.

(محمد فقير، سُر پوربا، ڪافي-20، ص-154)

• **احسن:** صفت. [ع. حسين جو تفضيل] وڌيڪ چڱو- تمام چڱو- وڌيڪ خوبصورت ۽ نيڪ- زور پسند- نهايت وڻندڙ.

مٿي پيءُ 'محمد' موج مچائي، چشمان دي چالان،

احسن اُلٽ عجائب جيهي.

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي-1 ص-1)

• **احمد:** صفت ['حميد' جو اسم تفضيل < حمد= ساراهڻ) گهڻو ساراهيل- سڀ کان وڌيڪ ساراهيل (اسم خاص) حضرت محمد صہ جن جو ازلي نالو.

احد احمد ميم محمد، فيض فقيري فهم ۾ چا ٿيو.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-15، ص-80)

• **احمر:** صفت. [ع] ڳاڙهو- سُرخ- رتو- لال.

محمد يوسف جو ياور يرانو يڪدم يسر ٿيو ياقي يگانو

بازي برهہ ۾ بيسر بهانو احمر اڏيءَ تي عاشق جو اٿر.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-7، ص-12)

• **آخفي:** صفت. [ع] سڀ کان وڌيڪ لڪل يا مخفي. صوفين وٽ دل جي ستن لطيفن مان پوين لطيفو.

نفي، قلبي، روحي، سِري- خَفِي، آخفي ڪسب ڪِري،

قتل ڪر شوق شڪ شِري- آناالاقرار هي ڪيتا.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-15، ص-7)

• **آخوان:** ذ. [ع. آخ] ڀائُر- ڀاءُ.

تاجا خان هويا اخوان جيها، جنهن دي گهر ڳئِي هان،

مين گهڻ گهتي.

(محمود فقير، ڏمالي ص-112)

• **اخواني:** صفت. چلولو- متوالو- ڀاءُ جهڙو.

تخت هزاري دا اخواني.

(محمود فقير، سي حرفي، ص-147)

• **اڌڪارِي:** ذ. [سن. آڌِي = مٿان+ ڪَر= ڪرڻ] اختياري- حق- عهدو. قبضو. لياقت. حڪومت. طاقت. شان- مرتبو. انتظام.

اوم هرِي ڪا اڌڪارِي، درشن ڏاران ڪر درباري،

ساچ شناوي سُر سنسارِي، ساڪي سنت همارا ري.

(محمد فقير، سر ڪونس ڪافي-12، ص-173)

• **آڏوڙ:** (آڏوڙي) ٿ. [سن. آرڌَ= اڌ+ ڏَرِيہ= لاڏو وهڻ] ڳئون، مينهن، رڍ، ٻڪريءَ يا اُٺ جي ڪل (ملتاني) اڏواڙ.

جُتي تنان جوڙي ڏيسان، ڪيم چمڙو سايو

آڏوڙ اٿم تنگي ڪالهہ ڪوڙي ڪايو.

(محمود فقير، گنگو ص-105)

• **اڏي:** ٿ. [اَڏِر= ڀَهَڙُ سوم ٻوٽيءَ کي گهَڙَ يا ٻيهڻ لاءِ] گاهہ گوشت ۽ مڇيءَ وغيره کي وڍڻ لاءِ ڪاٺيءَ ٽڪرو. اُهو ڪاٺيءَ ٽڪر جنهن ۾ سنڌاڻ ڪُتل هجي. اها ڪاٺي جنهن تي بندوق رکي هٿجي (اصطلاحاً: (اڏيءَ تي سِر ڏيڻ) مرڻ لاءِ تيار هجڻ.

محمد يوسف جو يار پراڻو يڪدم يسر ٿيو ياتي يگانو

بازي برهہ ۾ بيسر ٻهانو احمر اڏيءَ تي عاشق جو.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-7، ص-12)

• **اَذڪار:** ذ. [ع. ذڪر جو جمع] ڏڻيءَ جي يادگيريءَ ۾ دعائون ۽ ساراهون بيان- ڳالهيون.

احمدي احوال سان، آوازي اذڪار.

(محمد فقير، هفتو-1، ص-262)

• **اِذجَاءَ آجَلَهَمُ:**

ننڍ نياڳي ويسر وساريءِ اذجاءَ آجَلَهُمُ ساعت سنياري.

(محمد فقير, سُر گجريءِ ڪافي_1, ص_235)

• **آرَ:** ث. آتَڪَ_ آڌَ [اَرَ: ذ] [سن. اُرَسُ= ڇاتي, اُره] ڇاتيءِ سينو. ارواح_ جيءُ_ دل_ من. چاهہ_ شوق. ٻڌي_ تيز فهمي_ ذهن ذڪاءُ_سنو حافظو. شڪتي_ طاقت_ قوت.

ڪنت ڪنول آريونر غفايا, اوهر ڪا انگ لڳايا مئين.

(محمد فقير, سُر ڪانرو ڪافي_7, ص_173)

• **ارباب:** ذ (تصوف جي اصطلاح موجب) باطني رازن ۽ معنائن کي سمجهندڙ.

احباب ارباب القاب احمر, اسمات جي سمات, شخنات سرور,

اتحاد آباد ارشاد انور, اسرار اظهار زُنار ڦالمر.

(محمد فقير, سُر پيرويءِ ڪافي_53, ص_38)

• **آرتاءُ:** ذ [سن. آرٿ+ آءُ] مثال_ نمونو. تصوير_ تمثيل. چٽائي_ صفائي

ويدايو رڌُ نر آر آرٿاءُ, اوهر هري اونڪار ڪيا.

(محمد فقير, سُر ڪونسيہ ڪافي_6, ص_176)

• **اَرداسَ:** ث [ع. عرض. ف. داشت. سن. آرٿ, آرد= عرض ڪرڻ+ آس] التجا_ سوال_ عاجزي_ عرضي_ گذارش_ منٿ_ نيزاري پيتا_ موڪا. نذرانو_ هديو.

بلي شاهہ ارداس, گلاب, سرشٽ ديانند ٻڌ پرتاب.

(محمد فقير, سُر ڪونسيہ ڪافي_16, ص_180)

• **ارڙ:** ذ. [سن. اجگر= وڏو] اجگر بلا_ ارڙ بلا_ ازدها_ بمڻ_ وڏو نانگ (صفت) پيٽي_ ڇُڄو_ ڏرو_ ڪاٺو_ حريص_ تمام وڏو (چور). زبردست_ حرفتي_ چالاڪ_ چالباز_ مڪار. هوشيار.

سرڙ ساموندي ارڙيتارا, ناميل نرڙ نغارا.

(محمود فقير, ڪافي_77. متفرق ڪلام ص_102)

• **آرڙا**: واحد. ارڙو. مصدر: اروهڙجڻ. تپي ڳاڙهو ٿيڻ- ڪاوڙجڻ- ڪوپ ٿيڻ - ضد ڪرڻ. هوڏ ٻڌي ويهڻ.

حاڪم ڪرڙا، ٻڌي آرڙا، ڪڙاهي ڪات.

(محمود فقير، ڪافي-40، ص-68)

• **اَرضِ وسماءِ**: ذ [ع] زمين ۽ آسمان.

ارض و سماءِ وچ هوڪا هُليا، حُسناتي هسواري دا.

(محمد فقير، دوهيڙو-1، ص-298)

• **آرَمَ**: ذ. [ف. آرمڪ= هڪ پشمي ڪپڙو] ريشمي يا اوني ڪپڙي جو هڪ قسم.

• **اِرَمُ**: اسم خاص. [ع] صنعاءِ ۽ حَضرموت جي وچ ۾ 'شداد بن عاد' جو ٺهرا اِرضي بهشت. عاد جي ٺهرايل ٿنين واري شهر جو نالو. اِرَمَ ذاتِ العِمادِ (قرآن حڪيم).

• **آرو**: اصطلاح. اري ۾ اچڻ. ڪنهن وڪڙ يا مصيبت ۾ ڦاسڻ.

پچي ويو بغل ۾، عشق جو آرو.

(محمود فقير، خيري، ص-141)

• **ارواحُ**: ذ. [ع. رُوح جو جمع. سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم ايندڙ] روح. طب جي اصطلاح. ارواح ٽن قسمن جا آهن: (1) روح حيواني. (2) روح نفساني. (3) روح طبعي حياتي- دم- ساهه. خواهش- خيال. اِشتها- سڪ.

عدم ڪان ارواح ٿي، عاشق ٿي،

آيو پکن تي، پسڻ پسڻ جو.

(محمد فقير، بيت-173، ص-283)

• **آري**: ڏسو 'آرو'.

ازل ڪان آوازي اوقاتي اصل، آيو سوئي عاشق اکين جي آري.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-14، ص-114)

• **آڙينگ**: ذ. صفت. بي پرواهه- آرڏو. پهلوان- ٻلوان- طاقتور- سگهارو. ڏنگو- آهنڊ- حرڪتي. شوخ هوڏي.

هٺ ڪر اپنا خيال، عشق اصل آڙينگ ڏِنوسي.

(محمد فقير، سُر بلاولي، ڪافي-1، ص-6)

• **آڙٻنگي:** ڏسو آڙٻنگ.

عشق اُبهلا آهن اڙٻنگي، ڏُرس دلير زوراور زنگي.

(محمود فقير، ڪافي-13، ص-51)

• **اُڙد:** ذ [تُرڪي، اردو- ڇانوڻي] فوج- لشڪر- ڪٽڪ- جمَر غفير- ميڙ- انبوهہ- ڌنب- خلق- ڍِڳ- انبار- ڪوڙ.

اُڙد عمر جا ڳوپا ٿهرِي، ديرن تي دريان.

(محمود فقير، ڪافي-8، ص-49)

• **آڙي:** ث. [سن. آري] وڪڙ- پيچ. تڪليف- مشڪلات. ڏک- سور- اهنج- ايذاءِ. (ظرف) اڙجي- ڦِلجي- ڦِٽيلجي- ڦاسجي.

عشق اندر ديان ڪاتيان ٿهري،

وچ آڙي وچ انڏين آهري،

'محمود' منصب لڌ ڳئي لهري.

(محمود فقير، ڪافي-65، ص-86)

• **اَزل:** ذ. [ع] شروعات کان سواءِ هميشگي- اناد. "ابد" جو ضد. دنيا جي پيدائش". جو پهريون ڏينهن- ميثاق وارو ڏينهن- مُنڍ- اصل- بنياد- ابتدا- تخليق جي شروعات- ابتدا آفرينش. قسمت- مقدر- تقدير.

ازل کان آوازي اوقاتي اصل، آيو سوئي عاشق اکين جي آري.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-14، ص-114)

• **اُسر:** مصدر. اُسرڻ. [سن. اُد= مٿي + سَرڻ= گذرڻ، چُرڻ] اُڀرڻ- وڌڻ- رَمَ. مٿي چڙهڻ. روانو ٿيڻ- اُسهڻ- وڃڻ- هلڻ. نڪرڻ.

موتيارومي 'محمد' منوں برس باغ بقائي بندر،

ڪتان آس اُلاسي اندر اُسر علم ڪنون آئي هي،

مستي والي موج مگهن وچ.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي-5، ص-168)

• **اِسرارُ:** ذ [ع. 1. اَسرار= ڳُجهه راز. 2. اِسرار=لڪائڻ] ڳُجهه- ڀيد- ڳجهيون ڳالهيون- ڳُجها ڪم- راز رنگ
اکين واري آتش بازِي، نام عجائب لهي لهي،
آچي اصلاتي اسرار سان.
(محمد فقير، سُر مانجهه، ڪافي-5، ص-106)

• **اسم:** [ع] نالو. مستقل معنيٰ دار ڪلمو جنهن ۾ زمانو نہ هجي.
اسم جسم دا چوڙ پهانا، هي سڀ ايڪ ايڪائي نهين جُدائي
(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي-42، ص-91)

• **اِصلاحُ:** ث [ع] دُرستي- سُڌار- اوتار.
اعليٰ اصل اوقاتِي عادل عجب عدل جي،
آواز ان الاهي اصلاح عشق اڪبر.
(محمد فقير، سُر ڪنيات، ڪافي-7، ص-224)

• **اَصيل:** صفت [ع. اَصَلَ= هو محڪم بنيو] چڱي نسب وارو- شريف- نيڪ ذات- چڱو مڙس- اصل نسل وارو- ٻٽائتو. اصل خاندان- خانداني- عزت وارو. سچو ماڻهو.
لام- لاهوتي لعل ٿيا، اکين جا اصل.
(محمد فقير، سي حرفي-3، ص-258)

• **اَطهر:** صفت [ع. 'طاهر' جو تفضيل] سڀ کان وڌيڪ پاڪ. نهايت پاڪ- تمام پوتر.
'محمد' مام مظهر اصل عام اطهر،
تيو عشق اظهر علي آ علي آ.
(محمد فقير، سُر پيروي ڪافي-60، ص 41)

• **اِظهارُ:** ذ [ع. اِظهار= پڌرائي ڪرڻ] پڌرائي- مشهوري. ڪورٽ اڳيان بيان. گواهي. زباني شاهدي

آڏيءَ واري آر تي عاشق، اصل کان اظهار
ڦرن ٿا ڦرڪي.
(محمد فقير، سُر ملار ڪافي-1، ص-101)

• **آظهر:** صفت [ع 'ظاهر' جو تفضيل] وڌيڪ ظاهر- تمام پڌرو- تمام چٽو. مشهور.

تازي طبل سان سر تاج شاهي صمصام سُر سان ساغر صُراحي
اثابت عادل عارف اِلاهي اڪبر اڪين ۾ اظهر اشارو.
(محمد فقير، سُر پيروي ڪافي-8، ص-13)

• **اعظم:** صفت [ع 'عظيم' جو تفضيل] تمام وڏو- سڀ کان وڏو- تمام وڏي عزت وارو. اسم اعظم.

عشق چئي الله اڪبر اُلاسي آواز ڪيو
الستي احوال اعظم الاهي آباد سان.
(محمد فقير، سُر پيم پلاس، ڪافي-7، ص-52)

• **اعظم شاني:** ڪيڏو نه وڏو شان آهي- ڇاته شان آهي. (بايزيد بسطاميءَ جو بي خوديءَ ۾ هنيل نعرو).

• **اقرب:** ظرف [ع 'قريب' جو تفضيل] قريب- تمام ويجهو. اوڏو- اوڏڙو.

اندر باهر اصل اعلي اويڙو عشق تي عالم
اُلاسي اوج آوازي آلايان آن اقرب تو.
(محمد فقير، سر ڪلنگڙو ڪافي-1، ص-188)

• **اڪبر:** ذ صفت [ع 'ڪبير' جو تفضيل] سڀ کان وڏو- وڌيڪ وڏو. اسم خاص. ڌڻي تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو "الله اڪبر: الله سڀ کان وڏو آهي"

تازي طبل سان سر تاج شاهي صمصام سُر سان ساغر صُراحي
اثبات عادل عارف اِلاهي اڪبر اڪين ۾ اظهر اشارو.
(محمد فقير، سُر پيروي ڪافي-8، ص-13)

• **آڪمل:** ذ. [ع. 'ڪامل' جو تفضيل] وڌيڪ ڪامل- سڀ کان وڏو ڪامل- سمپورڻ. پورو- مڪمل.

عشق الجهل به هجي، سُرخ سهٽل به هجي،

سُخن صيقل به هجي اُتي اڪمل به هجي.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي-20، ص-64)

• **اُڪنڊ:** ٿ. [سن. اُتڪنٺا< اُت= مٿي+ ڪنٺ= ڪنڌ] پيار- محبت- پريت- نينهن. سڪ- اُڪير- حُبَ- ڪشش- چِڪ- تانگهه.

اُڪنڊ اوهان جي آهي ازل کان، ڳالهه نڪا ٻي ڄاڻان.

(محمد فقير، سُر بنس، ڪافي-3، ص-156)

• **اڪسير:** ذ. [ع. اِڪسيرُ] ٽامي کي سونُ بڻائيندڙ دوا- ڪيميا- پارس. هڪڙي دوا. ترياق. آبِ حيات. (صفت) نهايت مفيد.

ٿيا خيال، برحال، في الحال فالم-

ڪنچير، مهمير، اڪسير عالم.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-53، ص-37)

• **اُڪير:** ٿ. [سن. اُتڪلڪا. پرا. اُڪليا] دل جي چِڪَ- سڪ- حُب- پيار- قرب- اُڪنڊ. شوق- سڌَ.

س- سڪايل سوز جا، اندر جن اُڪير.

(محمد فقير، سي حرفي-3، ص-254)

• **آلا:** مصدر. الاٽڻ. [سن اُتُ+ لَوَنِ] اُليٽڻ- اڪيلڻ- ڪولڻ. پلاڻ لاهڻ. خالي ڪرڻ.

'محمد' مقال موکي، مذڪور موج مستي،

القاب اِنس اولي آن آن آلا آلا.

(محمد فقير، سر پهاڙي، ڪافي-18، ص-130)

• **اُلا:** واحد. اُلو. جيرو- جراٽ- پِڃَرَ. چوچڙي- ٻريل ٻُنبڻي. عشق جي آڳ.

صُراحي جو ساقي بشر بيک باقي،

يگانو تي ياور يڪو يار ياتي،

اُلاسي اثر سان آوازي اولاٿي.

(محمد فقير، سُر بنس، ڪافي-16، ص-2)

• **ألاري:** مصدر. اولارڻ (ڏڪ) لاءِ هٽ اولارڻ يا هٽيار اولارڻ سجڻ.

ونگ واري ڪر ألاري، ڏي لاماري لڙڍي،

(محمود فقير، ڪافي_64، ص_85)

• **آلاڪي:** ڏسو 'آلا'.

ڪُل شيءِ محيط آلا ڪي، ثابت ٿيڙا ساسي.

(محمد فقير، سر تورڙي، ڪافي_8، ص_221)

• **ألان:** واحد. الو. ذ. [سن. اُل= ٻرڻ] باهہ جي چٽنگ_ شعلو. تانڊو چيڀي. لاٽ.

ڏيسان باهہ پنيور ڪون، اُتن اُلان پئي آڳ دي،

(محمود فقير، ڪافي_65، ص_85)

• **ألانبي:** ڏسو اُلو.

ورتين مارو ڪوڙ ولهي ڪون، عشق اُلانبي آندي،

(محمود فقير، تيهہ ڏينهن، ص_119)

• **آلائي:** ڏسو. آلا.

عشق اندر ۾ آيند پاريو اڪر عقل جا اُڏاٽا،

اُپري عدم ڪان اور آلائي.

(محمد فقير، سُر لوڙائو ڪافي_7، ص_70)

• **آلايا:** ڏسو. آلا.

عاشق اسم ڪمايا، صورت اندر سمايا،

آڏوت آن الايا، گلزار هو گگن ۾.

(محمد فقير، سُر پيروي ڪافي_10، ص_14)

• **اِلا الله:** ذ. ڪلمي طيبہ جو اثباتي ڀاڱو بمعنيٰ "سواءِ الله جي".

• **آلانسان سِري وَأنا سِرّه:** حديث قدسي. انسان منهنجو ڳُجهہ آهي ۽ آئون سندس ڳجهہ آهيان_ انسان منهنجو راز آهي ۽ آئون سندس راز آهيان.

آلاِنسان سِري وآناسِره، عجب ناهي ناهہ

آنا آن آلائي آيس.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي ـ36، ص ـ88)

• **آلاِنساني:** انسانن وارو انساني روپ.

آلاِنساني برقعو پايم، سُرت سيني ۾ سُوجهه.

نظر ۾ ڏس نواز منهنجو.

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي ـ9، ص ـ5)

• **الله نورالسموات والارض:** (ق) پاره 18، سورة نور، آيت ـ35) الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمين جي روشنائي آهي.

ڪولي سرگم ساز ڪي، صورت سِر سُبحان،

'اللهُ نورُ السموات' چئي، چشم جي چالان.

(محمد فقير، بيت ـ211، ص ـ288)

• **آلبيلا:** ذ. صفت. [سن. المويل> آلم= گهڻو+ ويل= نخريلو ٿيڻ] دادلو ـ لاڏلو. (واحد. البيلو) چنچل. پيارو. آنگلي ـ نخريلو. لاغرض ـ بي پرواهہ ـ بي خيال. نازنين. حسين ـ خوبصورت ـ وڻندڙ ـ دلبر. ڀالو ڀولو.

ويهين ڏينهن اڳياهي وانگي تيڏا، البيلا هڪ انبہ

(محمود فقير، تيهہ ڏينهن، ص ـ122)

• **البيلو:** ڏسو. البيلا.

آناالحق اظهار آلايم، عجب عاشق ٿي البيلو.

(محمد فقير، سُر پوربا، ڪافي 6، ص، 148)

• **آلست:** ذ. [ع] ڇا مان آهيان؟ "آلستُ بِربکمُ" وارو قول. (آئون اوهان جو رب ناهيان؟) روزِ ميثاق- ازل.

ٿي ويو الست آئون آواز شان تنهنجو آ شهباز.

(محمود فقير, ڪافي-74, ص-96)

• **آلستي:** آلست وارو- ميثاق وارو.

عشق چئي الله اڪبر, اُلاسي آواز ڪيو

الستي احوال اعظم, الاهي آباد سان.

(محمد فقير, سُر پيم پلاس ڪافي-7, ص52)

• **الٿ:** ٿ. اُبتِ- اُبتي ڦيري اُٿل.

عشق آجهل, اُلٿ آئل, ڪيتي اول اثباتي,

تيز طبل, ميگهه منڊل, هيڪ هڪل همذاتي.

(محمد فقير, سُر پيروي, ڪافي-16, ص-17)

• **آلحمدُ:** ٿ. [ع. آلُ+ حمد= ساراهه] قرآن شريف جي پهرين سورة "سورة فاتحه" جو پهريون لفظ هر قسم جي تعريف- شڪرانو- هرطرح جي ثنا. آل (ع) اسم خاص جي نشاني= خاص.

ختما ڏيون خوشيءَ مان, پڙهي الحمد ساري.

(محمود فقير, موالي ص-131)

• **الغرضا:** ذ صفت [ع. غرض= مطلب] بيپرواهه- بيخيالو- نه ليکيندڙ. (ظرف) حاصل مطلب- المقصد.

الغرضا آهن گوهر غازي, زور زوراور ذات.

(محمود فقير, ڪافي- 17 ص-54)

• **الف:** الله. پهريون اکر يعني الله "الف- ب" جو پهريون اکر, الله جي معني ڏيکاريندڙ.

قتل ڪام, جا سلام, ڏنا سام سوايا,

چشم چوٽ, الف اوٽ, گهڻا گهوٽ گهايا.

(محمد فقير, سُر پيروي, ڪافي-72, ص-49)

• **آلقاب:** ذ. [ع. لَقَبُ] لقب_ خطاب_ عهدا. اعزازي نالا.

احباب ارباب القاب احمر، اسمات جسمات شخنات سرور.

اتحاد آباد ارشاد انور، اسرار اظهار زُنار ظالم.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي_53، ص_38)

• **آلکَ:** ذ. [سن. آلڪشيہ < آ= نہ+ لَڪش= ڏسڻ] خدا جو صفاتي نالو. (صفت) اڻ ڏٺل_ غائب، بي نشان. اڻ لکو.

اڻ ڏٺل_ غائب. بي نشان. اڻ لکو.

اوم ڪِي مهما 'محمد' جاني اوم الک پرنام هرِي

(محمد فقير، سر ڪونسيہ ڪافي_14، ص_179)

• **آلوَل:** ث. [سن. آلولَ= نينگ، رونشو مزو راند. ريچڪ. موج. لهرا] عيش_ سک_ مزو_ لطف.

اچي عش الول ڪئي، اکين ۾ اڻباب.

ظهور وڪيو ذات، ذڪائي ذوق سان.

(محمد فقير، بيت_152، ص_281)

• **آلوٹ:** ذ صفت. [سن. آ= چوڌاري+ لٹث= ويڙهيل سيڙهيل، ڪريل] نشي ۾ ٽُٻ_ مدهوش. مخمور_ سرشار.

عشق آلوٹ وَلوٹ ولايت جهنگ جبل جهاڙي.

(محمود فقير، ڪافي_31، ص_62)

• **آلوٹي:** ڏسو. آلوٹ ڪي.

عشق آلوٹي چڙهيا چوٹي، ٻئي پالوٹي پڙهہ ڊِيہ

الٹ آون، گهوٹ گهاون، لڳي پالڻ ٻلڊِيہ

(محمود فقير، ڪافي 56، ص_81)

• **آلهٹ:** ذ. صفت. نشي ۾ چور_ الوٹ_ تمام گهٹي نند_ خمار.

اٹوٹ ڪڙيون الهٹ اند، پازيب جون چيريون چند.

(محمود فقير، ڪافي_37، ص_66)

• **آليندا:** مصدر. آلائڻ [سن. اُت+ لَوَين] اُليڙڻ- اڪيلڻ- ڪولڻ پلاڻ لاهڻ خالي ڪرائڻ

اُٿ اوٺي او اُٿ اوٺي عشق هي آليندا آليندا.

(محمد فقير، سر تلنگ، ڪافي- 43، ص- 92)

• **آمارو:** ذ. [ع. آماره= بڇڙاين ڏي امر ڪندڙ] بڇڙاين لاءِ تيار ڪندڙ "نفس آمارو".

چا آمارو نفس ڪافر، چا مسلم روح راڻ

چا سراسر سير سارو، چا گهُليو گُر جوگيان.

(محمد فقير، سُر پيم پلاس، ڪافي- 8، ص- 53)

• **اُمالڪ:** ظرف. اوچتو، يڪدم- جهٽ پٽ

دلربا ڪي دل ڏي، اُمالڪ اصل.

(محمد فقير، سي حرفي- 3، ص- 258)

• **امام:** ذ. [ع] اڳواڻ- پيشوا- سونهون- رهبر- هادي مقتدي- سردار- مهندار. مذهبي رهنما. هرهڪ فن يا علم جو وڏو ماڻهو. جماعت کي نماز پڙهائيندڙ- جماعت جو اڳواڻ. تسبيح جو وڏو داڻو.

محبت جي ميزان ۾، مرد پروڙي مام

عاشق ٿيا امام، آوازي احوال جا.

(محمد فقير، بيت- 198، ص- 286)

• **اُمراه:** اُمراءِ ذ. [ع. آمير] وڏا ماڻهو- سردار- دولت مند- معزز.

اڙي مائي، ڏُرس ڏمالي، تو مڙس چوڙيا،

ڏادي عشق وچون، اُمراه ٿيئين.

(محمود فقير، ڏمالي، ص- 114)

• **آمُلُ:** ذ. [هہ. آمل] آفيم- نشو.

تون آمُلُ کائيں الاهي، تو کي مهتي وارو لاب.

(محمود فقير، موالي، ص- 128)

• **آنا:** ضمير. [ع] آئون- مان. هتي اناالحق ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي.

آنا آنا آلا ڪي، همدم حڪم هلاڪي،

ڇهري چشم چلاڪي، چالان هو رهاهون.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-12، ص-15)

• **آنا احمد بلا ميمي:** (حديث) آئون احمد آهيان ميم کان سواءِ يعني احد.

اولا ڪر انساني آڪي، قرب ڪمايا مئين وو مئين،

آنا احمد بلا ميمي، فن فرمايا مئين وو مئين.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-42، ص-32)

• **آناالحق:** جملو. [ع] "آئون خود حق آهيان". منصور حلاج جو بي خوديءَ وارو نعرو.

ساز وجودي سِر جي سُر ۾، ڳيت آنا الحق ٿا ڳائين.

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي-4، ص-3)

• **آنَ:** اناالحق جو مخفف.

عاشق اسم ڪمايا، صورت اندر سمايا،

آذوت آن آلايا، گلزار هو گگن ۾.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-10، ص-14)

• **آنبل:** ذ. وهٽن جو ٿلو. (صفت) پيار ڪندڙ- هر صحبت. (آنَبلَ) ث. ويهاريل عورت- سينڌي.

ڪارا اُٺ ڪوهيارل جا ڪن رائي منجهه رَڍي،

جبل تي آئون انبل ٿيس طبل آهيان تڍِي.

(محمود فقير، ڪافي-20، ص-57)

• **آنتُ:** ذ. [سن. آنتَ] حد ڇيهه- پڇاڙي- آخر- انتها. ڳجهه- راز- باطن. اندروني حالت يا طبيعت. حياتيءَ جو خاتمو- موت. خبر- حساب.

اسين عامل پيش الله جا، اسان کي سائينءَ ڏنو سَتُ،

اسين قبض لکون ٿا قرآن تي، ناهي ڪنهن کي آنتُ.

(محمود فقير، موالي ص-129)

• **آندريان (اندريون)**: ث. ملھ جو ھڪ داءُ۔ اندرئين پاسي وارو جاڻو. (صفت) اندر واري۔ باطني (ڳالھ).

ڏاڍا جوان ڏُنگرا، سي ڌُرا ڌمالي،

اندريان ھڻن اوچتو سي ھرٹا حمالي

(محمود فقير، خيري، ص۔140)

• **اِنس**: ذ. [ع] ماڻھو۔ انسانذات.

رمزان لائي رنگ ٿئي رھبر، صاف صورت جي سھڻي سربر،

اولي اِنس واري چوڙي سِر تي چتيون چتيون.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي۔22، ص۔21)

• **انفس**: [ع. صف] تمام نفيس۔ تمام سٺو.

احوال عشق جي سان، انفس اتي ٿي عاشق،

اڪبر ڏيان اکين ۾، آواز جا اولاٽا.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي۔49، ص۔36)

• **انفاس**: ذ [ع. نفس جو جمع] دم۔ ساھ۔ گھڙيون (ساھ جون).

جوڳي پڙھي جوش سان، اسم پاس انفاس.

(محمد فقير، بيت۔30، ص۔269)

• **انگ**: ذ. [سن. آنڪ] عدد. اکر. ڏنگي ليڪ. عضوو. جسم۔ بدن.

پيد برھ دي پاڪر پاڪي، انگ پيوت رلائون رنگ لائون.

(محمد فقير، سُر پھاڙي، ڪافي۔31، ص۔137)

• **آنگِي**: مصدر انگڻ [سن. آنڪ= انگ. نشان. ليڪ. چِٽُ] انگ ھڻڻ. نشان ڪرڻ. رنگ ڏيڻ. چٽ ڪيڻ. ليڪ ڪيڻ. ڪپڙي تي قيمت جو انگ لکڻ. جانور کي ڪُھي کل لاھڻ بعد عضوا عضوا ڪري وڍڻ.

عشق دل انگي، وِيڙ مُٺ سان ونگي.

(محمود فقير، ڪافي۔39، ص۔67)

• **آنل:** آناالحق جو مخفف.

عشق اجهل، اُلٽ آنل، ڪيتي اول اثباتي،

تيز طبل ميگهہ منبل، هيڪ هڪل همذاتي.

(محمد فقير، سُر پيروي ڪافي-16، ص-17)

• **آنندَنگر:** ذ. [سن] آرام واري بستي- اطمينان وارو شهر.

آنندنگر ۾ آئِي هون، پريم نگر ڪِي تي پوجاري.

(محمد فقير، سُر پونپالي ڪافي-7، ص-57)

• **آنيڪي:**(آنيڪ) صفت [سن. آن= نہ+ ايڪ= هڪ] گهڻا- بيشمار.

رُوپ سروپ آنوپ آنيڪي آد پُرش ڏُن ڏياني ري،

(محمد فقير، سر ڪونسيہ ڪافي-4، ص-175)

• **آنوارُ:** ذ. [ع. نُور جو جمع] تجلا- چمڪا.

آواز انس اولي اظهار عشق ڪيو،

اکين واري اشاري انوار عشق ڪيو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-6، ص-109)

• **آنُوپُ:** ذ. [سن. آن= نہ+ اُپما= مشابهت] انوکو- لاثاني.

رُوپ سروپ آنوپ آنيڪي، آد پُرش ڏُن ڏياني ري،

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي-4، ص-175)

• **آنَهَدَ:** ذ. [سن. آناهت= نہ هنيل، سجو+ ناد= آواز. ڏڪ هڻڻ کان سواءِ آواز] اندر جو آواز- من واڻِي.

پنهنجو شيجاڻي پاڻ، انهد وارِي بين بجائي.

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي-3، ص-2)

• **اِنِي اناالله:**(ق) توهان ۾ مان الله.

اِنِي اناالله سير سِريءَ جو برهہ واري پاڻ.

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي-3، ص-2)

• **اوپارو:** ذ. وهڪري جي اُبتڙ. "لهوارو" جو ضد. ڳُن يا موڙ سبب پاڻيءَ جو ڪناري سان لڳو لڳ مٿاهين پاسي ڏانهن يا اُبتو وهڪرو.

عشق اوپارو آڙنگ ڪيڙو وسريا تول تِڪاڻا،

بيشڪ بشري بيک بنائي.

(محمد فقير، سُر لوڙائو ڪافي-7، ص-70)

• **اوتاري:** ذ. صفت. اوتاري وارو (فقير).

عشق اکين جي اوتاري، اوبڙا آچار ڪيا،

آنا آن اوقات اعلي، انوري آزاد سان.

(محمد فقير، سر پيم پلاس، ڪافي-7، ص-53)

• **اوٽ:** ث. پناهه- آڏ- پردو. ڍَڪَ- اولو- اجهو- بچاءُ- ڇانوَ ڇَهلو- اوٽ- سهارو. پاسو- پر. ڪنارو- ڪنڌي

عشق عجب انس دي اولي، آناالحق الايا،

اکيان والي اوٽ اوېڙي، عاشق ٽيڪي آيا.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-4، ص-123)

• **اوجُون:** (اوج) ذ. [ع] بلندي- مٿانهين چوٽي (آسمان جي)- ڪاپار- سمت الراس. مٿاهون درجو- مرتبو- عزت- اقبال- شانِ ڪمال- عروج- ترقي- همٿ.

پنگون پيِ برهه جون عاشق ڪن ٿا اوُجُون،

چرش تي چڪر ڪن ملنگ ڪن ٿا مؤجون.

(محمود فقير، ڪافي-15، ص-53)

• **اوجھرين:** (اوجهراٽيون ڪاٺڻ) پنڪيون ڪاٺڻ- جُهوتا ڪاٺڻ- ڏڪا ٿابا ڪاٺڻ.

اوتارن ۾ اوجهرين، پنهنجو گڏهه ڦتايئي گهر ڙي،

جان محمد جُنگ جوان، جنهن دوست لاٿي درڙي،

(محمود فقير، خيري، ص-139)

• **اوڇڻ:** ذ. [سن. آوَڇَدُ= ڍڪڻ لڪائڻ] اوڍڻ جو ڪپڙو. ڪپڙو لٽو. ڍڪ. سمهڻ مهل مٿان وجهڻ جو ڪپڙو.

الف آڏوتن جو نہ اوڇڻ تي آرو
نڪو آسڻ اوس لڻ نہ آتڻ آسارو.

(محمد فقير، سي حرفي_2، ص_247)

• **اوڙ:** ٿ [سن. 1. آڙ= هلڻ، ڊوڙڻ، اُڏامڻ. 2. ارس= طاقت، زور، شڪتي، پڌي] هلان_ ڪاهہ_ حملو_ ڄلهہ_ چڙهائي، غلبو، هُوڙهيائي، زور_ زبردستي.

اکيان والي اور اشاري، ظاهر ذاتي سهڻي ساري،
"لا" ڍِي لعلي لائِي، صاف صفائِي.

(محمد فقير، سُر ملنگ، ڪافي_42، ص_92)

• **اورات:** ٿ. هنيانءَ جي دؤري ڪري غشي_ بيهوشي_ ڍڪر.

ڏونهان ڏوڏ ڏکن ٿا دل ۾، عشق ڪئي اوراٿ.

(محمود فقير، ڪافي_16، ص_54)

• **اوريون اور:** ڏک سک جو احوال ڏيڻ_ سُور بيان ڪرڻ. دل جو حال ڏيڻ. ڳجهي ڳالهہ ڪرڻ. حال اورڻ.

اوريون اور الله سان، واري وحدت واڳ.

(محمد فقير، سُر جوڳ، ڪافي_3، ص_191)

• **اوڙ:** ٿ هرڇي چوٽيءَ جو ليڪو_ ڇُوٽيءَ سان ڪيڙيل زمين جو هڪ سنڌو. هر جو نشان. (هتي) ايمان جي اوڙ ڏئي ٻيائيءَ جي دل مان پاڙ پٽڻ.

ڪجل ڪارَ والِي ڏارَ سير سينگارَ ستيان،
الف اوڙ ڳگن گوڙ ڪيتا جوڙ جُتيان.

(محمد فقير، سُر ٻنس، ڪافي_11، ص_159)

• **اوطاق:** ٿ. [تُرڪي. اوطاق= ڪوٺي، تنبو، دالان] گهر جي جاءِ کان سواءِ ٻاهر ڪچهريءَ جي جاءِ، مهمان خانو، منزل_ مڪان.

ڪولي عشق اکين ۾، آوازي اوطاق،
عجب ٿي عُشاق، 'محمد' سان محيط ٿيو.

(محمد فقير، بيت_162، ص_282)

• **اوطاقي:** ذ صفت. اوطاق ۾ ترسيل- ٽِڪيل- رهيل. دوست- يار. آرامي- ٿانيڪو.

اکين ۾ اظهار ٿيو اڇي اوطاقي.

(محمد فقير، سي حرفي، ص- 253)

• **اوقات:** ذ. [ع. واحد. وقت] سنڌيءَ ۾ واحد طور مستعمل لفظ وقت- ويلو. مهمل- ڏکيو وقت- مصيبت. ضرورت- گهرج. پُڄندي- حيثيت.

ٿيو آڪِن ۾ ازل کان اوطاقي احوال اعليٰ اوقات اندر.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-48، ص-35)

• **اولاڪي:** (اولاڪو) ذ. [سن. اُلڪاء شعلو باهه اُماڙي] ساڙ- پچُ- ڪامَ- ساڙو اُلڪو- فڪر- ڳڻتي- پريشاني- رولڙو- ڏوجهرو- تڪليف- انتظار- ڏک.

ڇٽيون پڏي چوري چس، ريبي ڪيائون رهلا رٽ،

پيئر آئون بيوس، اولاڪي ۾ اڙي وئي.

(محمود فقير، ڪافي- 37، ص- 66)

• **اوڳي:** ث. صفت. "اوڳو" جو مونث. موڳي- چريِ.

اصل کان آئون آهيان اوڳي ماري سورن ڪيس موڳي.

(محمود فقير، ڪافي- 38، ص- 66)

• **اولا:** واحد. اولو. پردو- آجهو- آسرو- پناهه- اوٽ. پالجو. ڇانوَ.

عشق اويڙا ٿي عاشق، عربي اولا ڪر آيا.

پيرِ مُغان ٿي پڌرا، پارس پيرا هي پايا.

(محمد فقير، سُر جوڳ، ڪافي-12، ص-195)

• **اولاٽا:** واحد. اولاٽون. لولي- لاڏو- راڳ. اوراٽو- اورڻ- وري وري چوڻ. ٻار کي ڳڏائڻ يا کيڏائڻ وقت عورتون جيڪو گيت چون. پار- اوسارو.

احوال عشق جي سان، انفس اُتي ٿي عاشق،

اڪبر ڏيان اکين ۾، آواز جا اولاٽا.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي- 49، ص-36)

• **اول:** ظرف. ذ. پهرياثين. اڳ ۾ـ منڍ ۾ـ شروعات ۾. (صفت) پهريون ـ ابتدائي منڍ وارو ـ آڳاٽو ـ اڳوڻو. مقدم.

آخر اول اظهار تي، اولي اچي انسان جي،
ارشاد سان آباد ڪيو اسلام اعليٰ آشڪار.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي ـ 17، ص ـ 62)

• **اولي:** (اولو) پردو ـ اجهو ـ آسرو.

آخر اول اظهار تي، اولي اچي انسان جي،
ارشاد سان آباد ڪيو اسلام اعليٰ آشڪار.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي ـ 17، ص ـ 62)

بلوچ بنا، سامان سجا، ارمان انهيءَ آهه اولي،
اڄ گهوٽ، آيو اٿم اوت اجهو تيس ڳوڻن ۾ ڳولي.

• **اولُون:** [سرائيڪي] اوريان ـ اورتي اوريننن پرـ هن پاسي

عجب عاليشان الاالله، ڪيو عشق عقل کي اولون.

(محمد فقير، سُر جوڳ، ڪافي ـ 12، ص ـ 195)

• **اولياءِ:** ذ. [ع. وَلِي] الله جو دوست. الله وارو. پهتل شخص. درويش ـ ولي.

عادل اويس عارف، هي اولياءِ امير،
الفت عجيب اعليٰ، انور فقير ڪي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي ـ 47، ص ـ 146)

• **اوم:** ذ. [سن] ايشور جو نهايت پوتر نالوُ (جو هندو ترمُورتيءَ يعني برهما، وشنو ۽ شِوَ لاءِ گڏي ڪم آڻيندا آهن ۽ ڪنهن به پڄن، منتر يا دعا وغيره جي آخر ۾ اُچاريندا آهن.)

• **اونڪارا:** اوڪارڻ. مصدر. [سن. اُتڪرشڻَ= مٿي ڇڪڻ، ٻاهر ڪڍڻ] اُڪارڻ ـ پار ڪرڻ. روڪڻ ـ جهلڻ. وابستگيءَ سان گڏ گهرائيءَ سان.

نام جپون جب اوم اونڪارا، ويک سروپي ستگر سارا،
پُرجهه پريمي پرت پسارا، پيد بتاؤن پاتنين پات.

(محمد فقير، سُر ڪونسيه ڪافي ـ 5، ص ـ 175)

- **اوهنگ سهنگ:** [سن] گوڙ ڪرڻ. شور ڪرڻ. چخ چخ ڪري بيان ڪرڻ.

نام ڪِي نوبت ناد بجا ڪي، سُندر سرگم ساز بجا ڪي.

اوهنگ سُهنگ برهم بُلاڪي، اُلٽا پيد بتايا مئين.

(محمد فقير، سُر ڪانرو ڪافي-7، ص-173)

- **اويڙا:** ذ. صفت. نگو. آڏنگو. ڏکيو. آئونٽرو. زوراور.

عشق اويڙا تي عاشق، عربي اولا ڪر آيا.

پير مغان تي پڌرا، پارس پيراهي پايا.

(محمد فقير، سُر جوڳ، ڪافي-14، ص-196)

- **اويڙو:** ڏسو اويڙا.

اصل عشق آهيان اول کان اويڙو ڪري آر اُلٽو اڪين ۾ اچان ٿو.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-59، ص-40)

- **اويس:** اسم خاص. [ع. اُويس= بگهڙ] هڪ وَليءَ جو نالو "اويس قرني". (جو يمن جي قرن قبيلي مان هو ۽ هُن اڻ ڏٺي حضرت رسول ڪريم صہ جن تي ايمان آندو هو.)

عادل اويس عارف، هي اوليا امير.

اُلفت عجيب اعليٰ، انور فقير ڪِي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-47، ص-146)

- **اويسي:** ذ. صفت. "اويس قرني" جي طريقي تي هلندڙ فقير. (جنهن ظاهري مرشد وٺڻ کان سواءِ ئي راهہ هدايت ورتي هجي).

هٿي نروار نر نعرو ڪري سينگار سڀ سارو

سُرَوپا صاف سِر پهري، صنم سردار سوپارو

سُٺائي سُر پياري پُر، پسائي پاڻ پاڳارو

اويسي عين ارشادي بسم احوال اطهر جو.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-72، ص-46)

- **آهُٽ:** ذ. ڪاسبيءَ جو ڪڙميءَ تي ساليانو لاڳ- آهت (آهتي). صفت. اهو ڪاسبي جو هاريءَ کان پنهنجي ڪم جو اجورو فصل مان وٺي.

كاري كانبو آهت اُڳاڙين، صحبت ڏيون توكي ساءِ،
ٻيا ويهن ٿا پٽ تي، تون ڪٽ چڙهي ويهي ڪاءِ.
(محمود فقير، گنگو ص_109)

• **اُهجاڻ:** ذ. [سن. آيججانَ] نشان_ پتو_ پاڙ_ ڏَسُ_ علامت.

سِر ڏيئي ٿيا سُرخرو صوفي صورت ساڻ،
اكين جي اُهجاڻ، عاشق ٿيا اثبات جا.

(محمد فقير، بيت_162، ص_282)

• **آهِري:** مصدر. آهَرڻ. لوهارن ۽ سونارن جو هڪ اوزار (جنهن تي لوهه ۽ سونُ ٽيپيندا آهن). سنداڻ.

عشق اندر ديان ڪاتيان ٿهري،
وچ اڙي وچ انڊين آهري،
'محمود' منصب لڌ ڳئي لهري

(محمود فقير، ڪافي_65، ص_86)

• **اير نہ پير:** (اير پير نہ هجڻ). تعلق نہ هجڻ_ واسطو نہ هجڻ. شڪ شبهو نہ هجڻ.

پوپٽ پتنگ پاڻ ۾، اير نكو پير.

(محمد فقير، بيت_25، ص_268)

• **ايڪ ايڪائي:** ث. هيڪڙائي_ وحدت_ يگانگي.

اسم جسم دا چوڙ ٻهانا، هي سڀ ايڪ ايڪائي نهين جُدائي

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي_ 42، ص_91)

ب

• **باد:** (بادِ صبا). صبح جي ٿڌڙي هوا. بهشت جي هوا. نسيم_ پُروا.

قلب قادر ڪرم سان، شُڪر ڪيو شاد،
باري بيشڪ باد، آيو عدم ملڪ کان.

(محمد فقير، سي حرفي_3، ص_256)

• **باران**: ذ. [ف] مينهن۔ برسات۔ بارش.

باران برس بادل، بشري بحال بازيه

بيشڪ بندر بقائي، بازار جا بجا.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي۔19، ص۔130)

• **باراني**: ث. مينهن تي ٿيل پوک۔ برسات تي ٿيل پوک. مينهن ۾ پسڻ کان بچائيندڙ ڪپڙو، برساتي.

بيخود بات، ڍِي برڪات، پن برسات باراني.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي۔31، ص۔25)

• **بازيگر**: ذ. صفت. بازي ڪندڙ۔ تماشو ڪندڙ۔ مداري، رانديگر. ڪيڏاري هنرواري.

بازيگر بن بازي پٽريه صاحب سُرت شجاني، راز رنداني

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي۔41، ص۔91)

• **باس**: ث. [سن. واس] بدبوءِ۔ ڌپ۔ خوشبوءِ۔ اڳواٽ خبر۔ سماچار۔ اُهڃاڻ (سن. پاش= خواهش، آرزو) آچ۔ سُکا۔ پينا۔ نذر. منتا. قبوليت.

آس ڳون آس، پنهل ڍِي اُداس، برهه ڍِي باس وٺي وردي

(محمود فقير، ڪافي۔64، ص۔85)

• **باطن**: ذ. [ع] ڳجهه۔ راز۔ منجهه۔ اندر. (صفت) ڳجهو. مخفي۔ لڪل. (اسم خاص) خداتعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

اول آخر ظاهر باطن، شڪا سِر سبحان.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي۔57، ص۔97)

• **باطون**: ذ. [ع. باطن] اندر۔ منجهه. ڳجهه۔ راز. ضمير.

روز شب باطون ظاهر، جهڙو اندر تهڙو ٻاهر،

ڏس حُسن سان ٿي ماهر، برهه بيحد باب ۾.

(محمد فقير، سُر شام ڪلياڻ، ڪافي۔14، ص۔215)

• **بالا**: صفت. [ف] مٿاهون- بلند- اوچو.

بيشڪ ٿي بيمار بزم سان، بالا بسمي بيک بحال آهيان.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-28، ص- 21)

• **بالمُ**: ذ. صفت. [سن. وَلَڀ] پيارو- پريتم- محبوب. دلبر. دوست. عاشق. بيخوف- بي پرواهه- خوش سرهو. خاوند- مڙس.

برهه والي بازي بالم، بزم باغ بهار،

برابر برحال ڏئوسي.

(محمد فقير، سُر بلاولي ڪافي-3، ص-7)

تخت هزاري دا هٿي بادشاهه بالم مين هان طالب تيڏي رب ڪون هٿي معلم.

(محمود فقير، ڪافي-58، ص-82)

• **بانٺ**: ث. ووڙن جون شڪل ڪانيون. لين يا ڄارين جي لاڪڙ. (هتي سڪل بانٺيءَ جهڙو مراد ورتي وئي آهي.)

ڦلان ويک شرع ڏاڍي شوق وچون، تنهن شوق ڄايا،

اُٿي بانٺ ڏاگها.

(محمود فقير، ڏمالي ص-113)

• **بانشي**: (بانشو). ذ. [ف. باشه] هڪ قسم جو شڪاري پکي- باشو. (مجازاً) تيز رفتار وهٽ (گهوڙو اُٺ) ڦڙتائيءَ سان ڪم ڪندر جوان.

بحري باز ته بانشي وانگي چنبين وچ چوڏار.

(محمد فقير، سُر مانجهه ڪافي-6، ص-107)

• **بانڪي**: (بانڪو) ذ. صفت. [سن. وَنڪ= ڏنگو حرڪتي، ڏاهو] بهادر- پهلوان- سورهيه.

بيريا بانڪي بهادر کي بقاء بردار تي،

برسري بازار ۾ بشري بغاوت چا ڪندي

(محمد فقير، سُر پيم پلاس، ڪافي-6، ص-52)

• **بانگا**: واحد. بانگو. ذ. صفت. بانگ ڏيندڙ۔ مؤذن. تسبيح جي ٻنهي ڇيڙن کي ملائيندڙ ڊگهو مڻيو.

برهہ بازار جا بانگا، نسنگ نروار تي نانگا.

(محمد فقير، سُر شام ڪليان ڪافي۔12، ص۔214)

• **بانگ**: ث. [ف] آواز۔ صدا۔ سڏ. نماز جو سڏ۔ آذان۔ ٻانگ. ٻانگي جو آواز.

عشق آوازي ديد بياضي، بن بانگ بُلند برڪاتي.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي۔54، ص۔96)

• **بانولِي**: مصدر ث. [ف. باولي] بانولِي ڏيڻ. باز کي پکي جهلي ڏيڻ ۽ شڪار ڪرڻ سيکارڻ. ڪنهن کي جڙتو ٻهاني سان برغلائڻ.

برهہ ڏني بانولي جيئن بحري ڇُٽو باز.

(محمود فقير، خيري، ص۔137)

• **بپوت**: ذ. صفت. [سن. وِڀوت] رَکَ لڳل۔ مٽيءَ هاڻو۔ خاڪ آلوده.

پيد برهہ دي پاڪر پاڪي انگ بپوت رلائون، رنگ لائون.

(محمد فقير، سُر پهاڙي ڪافي۔31، ص۔137)

• **بپوتن**: بپوت جو جمع.

گياني گفتار سان، گهورن واري گهر،

طبل تازو تر بپوتن برحال ڪيو.

(محمد فقير، سي حرفي۔2، ص۔249)

• **بپوتي**: ڏسو بپوت.

پگوان پيد پگوه، پڙڪي پڙڪ بپوتي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي ڪافي۔18، ص۔130)

• **بَنّلُ**: (ٻَڻُ) ذ. [سن. پرِشٺ= ڪِريل، خالي يا ويران پونگي، ويران باغ] بيابان۔ ويرانو۔ رڻپٽ. واريءَ يا مٽيءَ جو دڙو. مٿانهون پٽُ. ڦٽل دڙو۔ ٻڻُ. ڊِگَ۔ ڊير. (صفت) غير آباد. سڪل.

شوند شوٽا ڦوند پناڻ، خاڪ مٽي تون بَنّل ياڻ.

(محمود فقير، سي حرفي، ص۔148)

• **بچيا**: مصدر. بچڻ [سن. مُچ= ڇوڙي ڇڏڻ] ڳتي کي ڪنهن ماڻهوءَ يا مرونءَ تي ڇيڙڻ. حملو ڪرائڻ. وڙهڻ لاءِ پڙڪائڻ. لائي ڇڏڻ (ڪا مصيبت).

عجب رنگي رنگ لايا، بچيا ڪي باز بحري،

(محمود فقير. ڪافي-36. ص-65)

• **بَحرُ**: ذ. [ع] درياءُ- سمنڊ. مکيه پنج بحر (سمنڊ) آهن. صوفين جي اصطلاح ۾ "هيءَ دنيا"- خاڪي عالم- جهان. (اصطلاحاً) صفت. فياض. وڏي علم وارو- عالم. تيز فهم- هوشيار- ذڪي. (ذ) غور- فڪر- ويچار.

بحر بيچوني بقادا برسر بازار ۾،

بتا بيک بشر ڪا باب مجهي،

(محمد فقير. سُر پيلو ڪافي-4. ص-108)

• **بحُور**: [ع] بحر جو جمع. ڏسو بحر.

صيقل ساڏڳون هِن ياد ڪي ارشاد ارم دي،

ڪيتي حُور دل بحور، ڇوڙ شمور شرم دي

(محمود فقير. ڪافي- 51. ص-77)

• **بختاور**: ذ. صفت. بخت وارو. ڀاڳ وارو- خوش نصيب- سڀاڳو.

جنهن بختاور تي بارو سمجهي جڳت ٿو سارو.

(محمود فقير. ڪافي- 1. ص- 45)

• **بخمل**: ث. [ف. مخمل] ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم- مخمل. گل جو هڪ قسم.

پائي آوندا هٿي چندن چرٺا، بُت هِس بخمل هردم هِلٺا.

(محمود فقير. سي حرفي. ص- 145)

• **بدخشان**: اسم خاص. افغانستان جي اتر ۾ هڪ پرڳڻي جو نالو (جو ياقوتن ۽ لعلن ڪان مشهور آهي). هتي بدخشان جي هيرن ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي.

لعل بدخشان موتي هيري، هار ڳلي چندني پي.

(محمد فقير. سُر پونبالي ڪافي- 1. ص- 53)

- **بڏر**: ظرف [ع. بَدلَ] بدلي ۾۔ جي بدران۔ ڏي وٽ ۾.

پيرِ مغان ۾ پيهي پڏر ٿي، برسيو بزم ۾ بنرو بدل بدر ٿي.

(محمد فقير، شر پيروي، ڪافي۔7، ص۔12)

- **بدعت**: ث. [ع] نئين ڳالهه۔ نئين ريت. دين يا شريعت ۾ نئين رسم (جا پيغمبر ص۔ جن جي وقت ۾ نہ ٿي هجي).

ماريندوسئين "محمود" چٽي، تڪڙو وڏي سان تاب،

اها سانڊا آن ڪي ٿاب، لِکي بدعت پنگ جِي.

(محمود فقير، موالي ص۔127)

- **بدلُ**: ذ. [ع] عِوض۔ بدلو۔ پاڙو جهاڙو. انتقام۔ وير. نيڪيءَ جو عيوض۔ جزا. اُجورو. ڪيتو. قائم مقام۔ جاءِ نشين. (سن. وارِدَ) ڪڪر۔ جُهڙ.

صُورت انساني دي اولي، بره بدل ڪر آيا هي.

(محمد فقير، سور ڪاريهل، ڪافي۔3، ص۔185)

- **بديل**: صفت. [ع] مثيل۔ نظير۔ جهڙو۔ ثاني.

صيفل بديل ڪاڻ بيراڳي، ڦيريدار فقير.

(محمود فقير، ڪافي۔32، ص۔62)

- **بِرا**: واحد برو. ذ. [ف. بره= گهيٽو هرڻ جو ٻچو غزال] هرڻ جهڙو هڪ قسم جو ٻڪر۔ چٽڪمرو ٻڪر۔ ننڍن وارن ۽ ڪنن وارو ٻڪر. ٻڪرو۔ ليلو۔ ڇيلو. (صفت) بروارو۔ ويڪر وارو. هتي برن اُنن ڏانهن اشارو آهي.

برا پتارا ميا متاري، چائيندا ڪاٺ ڪيرِ دي تنڌاري.

(محمود فقير، ڪافي۔63، ص۔84)

- **برڏ**: ذ. [سن. ورڌ= واڌارو، خوشي، دولت. هہ. برَڏ= ناموس. نالو. ساراهہ] نيڪنامي. ناموس۔ ساراهہ۔ عزت۔ آبرو۔ وقار۔ شان. پت۔ لڄ. شرم۔ ننگ

ڏرت ڦلان، تون نہ پرت پڙهيين،

ڪيو برد وچائيندئن پيا بيل بندا.

(محمود فقير، ڏمالي ص۔114)

• **ٻردار**: ذ. صفت. [ف. ٻردارد برداشتن= کڻڻ] اسم جي پٺيان "کڻندڙ" جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ "دست بردار- علم بردار وغيره". (بردار. ٿ. ف. ٻر= تي+ دار= ڌوري] ڦاسي- سوري- موت.

بزم بيک بحال بقائي، برهه دي باران،

بهادر بردارْ ڏئوسي.

(محمد فقير، سُر بلاولي، ڪافي-4، ص-18)

• **ٻرڙيون**:(بريون ٻڪريون). بري اسم تصغير، ننڍين ڪنن واري ڇيلي ٻڪرين جو قسم.

برڙيون برن ۾ چرن ٿيون پٺاريون.

(محمود فقير، ڪافي-6، ص-47)

• **برزخ**: ذ. [ع] ٻن جاين جي وچ ۾ پردو يا وٿي. موت بعد قيامت تائين رهڻ وارو عرصو. مسلمانن جي عقيدي موجب اُها جاءِ جنهن ۾ مرڻ کان وٺي قيامت تائين روح رهندو (قبر).

برزخ والي بازي بهتر، برهه بجايان پيريان

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-11، ص-126)

• **برس**: برسائڻ. مصدر [سن. وُرُش= وسڻ] وسائڻ- آباد ڪرائڻ. بنائڻ- سينگارڻ.

بيرنگ بيک بقائي بالم، ڪيتا برس بحال اسان.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي-1، ص-165)

• **ٻرسَر**: ظرف. [ف+ع] دائما- سدائين. هميشه.

برسر بنائي بازي، صورت صفات سازي،

قائم ڪلال قاطي منصور عشق ڪيو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-7، ص-110)

• **برسري**:(برسر). ظرف. [ف] مٿان- مٿي تي.

بي ريا بانڪي بهادر کي بقاء بردار تي،

برسري بازار ۾ بشري بغاوت ڇا ڪندي.

(محمد فقير، سُر پيم پلاس، ڪافي-6، ص-52)

• **برقع**: ذ [ع. بَرقُع] نقاب. زالن جي ستر ڪرڻ لاءِ هڪ خاص قسم جو سبيل ڪپڙو (جنهن سان سڄو بدن ڍڪجي ويندو آهي). صوفين جي اصطلاح ۾ مُراقبي ڪيڻ وقت مُنهن گوڏن تي رکي مثال سڄي جسم کي لڪائڻ يا ڍڪڻ جي چادر. هتي محمد فقير مطابق الله تعاليٰ محمد جي روپ ۾ زمين تي آيو آهي.

معنيٰ دي ميزان مُحمد، ميم دا برقع پايا.

(محمد فقير، سور پيلو ڪافي-23، ص-119)

• **برڪات**: واحد. برڪت ث. [ع. بَرڪة] واڌ- زيادتي- ڪثرت- گهڻائي. دعا- آسيس. ڀلائي- طفيل- وسيلو.

بدن ۾ پڙڪا بلند ڪيا بقائي برڪات سان.

پاڙهي بيخود پيد بيان مون ڪي.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-5، ص-109)

• **بَرڪَ**: ذ صفت [ع. برڪة. برڪ= ڳاٽيتي ۾ پهريون] سڀ کان اول، عزت وارو، معتبر، اڳرو وڏيڪ (سن ڀرمُک) ناميارو- مشهور.

ترڪ تاجا هڪ برڪ چريا، تنهن عرق ڪنون گمراهه ٿيين.

(محمود فقير، ڏمالي ص-114)

• **بَرگَ**: ذ [ف] پُن- پتو- توشو- سامان- سمر. اسباب. وجائڻ جو هڪ ساز. بينا برگ، بگا اُٺ بهري، مهري ٿيا مستان.

(محمود فقير، ڪافي-17، ص-54)

• **برما**: اسم خاص. مشرقي پاڪستان (بنگلاديش) جي اوير ندي وارو لاڳو ملڪ.

'محمد' ڪي مهما ورنن آشرما،

پڄن پيد برما ڪا سرگرم شُنائون.

(محمد فقير، سر ڪانرو ڪافي-7، ص-173)

• **بَرَنُ**: بڙ. واحد [ع. بر] رڻ پٽ- بيابان. وسيع ملڪ (جنهن ۾ پرڳڻا گهٽا هجن)- ڪنڊ

'محمد' مرد مجنون مُژگان مست ڪيو

بهادر برن ۾ بينو بُند بٹي.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-16، ص-115)

- **بِرَهَمُ**: ذ. [سن. بَرهمَ] خدا تعاليٰ ـ ذات پاڪ مطلق. وياپڪ عالمگير روح.

اوهنگ سوهنگ بِرهم ٻُلاڪي اُلٽا پيد ٻتايا مئين.

(محمد فقير، سُر ڪانرو ڪافي ـ 7، ص ـ 173)

- **بريان**: صفت. [ف] پَڪَل ـ پڪل ـ باهه تي سيڪيل ـ سڙيل ـ جليل. (ذ) پڪل گوشت.

تون ڳورو آهين پورو سهڻو جُنگ جوان،

تنهنجي صحبت لئہ سڪان، آهيان بيحد بريان.

(محمود فقير، ڪافي ـ 70، ص ـ 92)

- **بڙد**: (بڙد واءِ) هڪ بيماريءَ جو هڪ قسم.[1]

(محمود فقير، ڪافي ـ 70، ص ـ 192)

- **بُز**: ث. [ف] ٻڪري (هتي) جهنگلي ـ چٽ.

حُقي تنهنجو حال وڃايو تون بُز آهين ٻڪرار.

(محمود فقير، موالي ص ـ 127)

- **بزم**: ث. [ف] محفل ـ مجلس ـ سميلن ـ چوياري.

برهہ والي بازي بالم، بزم باغ بهار،

برابر برحال ڏنوسي.

(محمد فقير، سُر بلاولي ڪافي ـ 3، ص ـ 7)

- **بِستُ**: ذ. [ف. بهشت] "بهشت" جو عام اُچار. جنت ـ سرڳ.

عاشق سرايچ، ٻڌي پيچ، ڏاڍي پيچ پرم ديہ

مستو مست، باري بست، منڊل يار محفل ڍِي.

(محمود فقير، ڪافي ـ 51، ص ـ 77)

[1] هڪ دفعي محمود فقير ڪنياڻ کي بڙد جي بيماري ٿي پئي پاڻ ان دور جي مشهور حڪيم سيد حاجي علي مردان شاهہ راشديءَ کان دوا درمل ورتي. حڪيم صاحب موسيٰ ڪنياڻ کان ٽي ڪلوميٽر اتر طرف ڳوٺ واحد ڏنو اتڙ ۾ رهندو هو. حاجي علي مردان شاهہ مشهور بزرگ سيد محمد راشد روضي ڌڻيءَ جو اولاد هو. ڪانئس پوءِ سندس وڏو پٽ حڪيم پير حاجن شاهہ حڪمت ۾ وڏو نالو ڪيو. راقم بہ ننڍپڻ ۾ ڪيس ڏٺو هو. هو حڪمت کان علاوہ پني ۽ شڪار جو وڏو شوقين هو. سندس مشهوريءَ جي ڪري هاڻي هي ڳوٺ سندس نالي سان سڏجي ٿو. سندس عمر سؤ جي لڳ ڀڳ هئي 1986ع ۾ پاڻ وفات ڪيائين ۽ سندس اولاد بہ حڪمت سان لاڳاپيل آهي (اقتباس: ڪلام محمود فقير)

• **بُسرين**: واحد بُسري ٺ ڳُڙ واري ماني- ڳُڙهاري.

لڳو پيچ پلاهن سان، بُسرين جا ڪيئي بار
هاٿي پيو ڪو مولي، مار اٿئون پياس پلاهه جي.

(محمود فقير، مولي ص-129)

• **بسمي**: بِسمِ. ڪلمو. [ع. بِاسمِ= اسم ساڻ] بِسمِ الله الرحمٰن الرحِيمِ جا پهريان لفظ "الله جي نالي ساڻ يا شروع ڪر". ٺ. شروعات- ابتدا. قرآن مجيد جي هر سورة جي اڳيان ايندڙ ڪلمو. (ظرف) هائو. چڱو- ڀلي.

جوڳي جسم جلايا، جهلڪار ڪي جشن ۾
عهدا عظيم پايا، بسمي لڳا ڪي ٻڻ ۾

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-10، ص-14)

• **بسنت**: ٺ ذ [سن. وسنت] بهار جي مند- گلابي رُت. سرهڻ جا گل (جي بهار ۾ ڦولارجن).

بسنت 'محمد' سارنگ گاوي، پُرجهه پريمي پنچم.

(محمد فقير، سُر ملار ڪافي-4، ص-103)

• **بَشِيهَرَ**: ذ صفت [سن. وِشَهَرَ: وِش= زهر+ هَرَ= ڪٽندڙ] زهريلو نانگ- ڪارو نانگ- واسينگ.

زلف بشيهر پالي، هن سنگ چُور ڪالي.

(محمود فقير، ڪافي-57، ص-81)

• **بقاءُ**: ٺ ذ [ع. بقاء] هميشه رهڻ جي حالت. "فنا" جو ضد. جٽاءُ. استقامت. حيات جاودان- جيوت. بيهڪ- قيام.

'بيريا بانڪي بهادر ڪي بقاءُ بردار تي،
برسري بازار ۾ بشري بغاوت چا ڪندي.

(محمد فقير، سُر پيم پلاس، ڪافي-6، ص-52)

• **بقا باِالله**: محاورو. الله سان هڪ ٿي وڃڻ (صوفين جي هڪ منزل، جا "فنا في الله". کان پوءِ حاصل ٿئي).

• **بقائي**: هميشگي- استقامت.

پيچ پني برسات بقائي برسي باغ بهار ميان.

(محمد فقير، سُر ملار، ڪافي-2، ص-102)

• **بگا**: واحد. بگو. ذ. صفت. [سن. وَڪَ= ٻگهہ] اڇو- سفيد- پورو (ذ) پوري رنگ جو ڏاند- اڇي رنگ جو اُٺ.

بينا برگ بگا اُٺ بهري، مهري تيا مستان.

(محمود فقير، ڪافي-17، ص-54)

• **بگدي**: هن لفظ جو صحيح اُچار "بُغدي" آهي. ذ. [بُختِي> بُغدي] وڏو مضبوط لاڏو اُٺ.

بگدي بلوچن جا، سي ڊنگ ديوانا.

(محمود فقير، ڪافي-33، ص-63)

• **بِگُل**: ذ. [انگہ Bugle] پتل جو توتارو (جو فوجي اطلامن لاءِ وڄايو ويجي)- فوجي توتارو.

پيريان، بگل بحالي، نوبت وڄا نرالي.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-12، ص-15)

• **ٻلا**: اسم خاص. پنجاب جو مشهور صوفي شاعر بابا بلهي شاهہ.[2]

ٻلا هون ڪٽ بيدل هون، ڪٽ بيسر والا بندر هون.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-46، ص-93)

---

[2] بابا بلهي شاهہ پنجابي زبان جو مشهور شاعر ۽ صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس اصل نالو سيد محمد عبدالله شاهہ هو پر درويشيءَ ۽ بزرگيءَ جي ڪري "بلهي شاهہ" جي نالي سان مشهور ٿيو. سندس والد سخي محمود 'اُچ گيلان' (بهاولپور) کان ملڪوال ۾ آيو. جتان "پانڊو" ڳوٺ ۾ اچي رهيو جيڪو قصور ۾ آهي. بلهي شاهہ اتي جنم ورتو. سندس جنم جو سال 1692/1106ع ڄاڻايو وڃي ٿو پر ڪجهہ محققن جي خيال موجب بلهي شاهہ 1103هہ/1691ع ۾ ڄائو. سندس نسبي سلسلو چوڏهينءَ پيڙهيءَ ۾ حضرت عبدالقادر جيلاني رحہ سان وڃي ملي ٿو. سندس تعليم بابت مستند احوال نٿو ملي پر سندس استادن ۾ سندس والد کان سواءِ ٻن عالمن مخدوم غلام محي الدين ۽ خواجہ غلام مرتضيٰ جا نالا ورتا وڃن ٿا. بلهي شاهہ کي لاهور ۾ پير عنايت شاهہ (آرائين) قادري عطاريءَ جي آستاني تي دلي سڪون مليو. پاڻ سڄي زندگي شادي نہ ڪيائون. بلهي شاهہ 1171هہ/ 1757ع ۾ وفات ڪئي ۽ هر سال محرم مهيني ۾ سندس عرس ٿيندو آهي. (اقتباس انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جلد-1، 79_478).

- **بلاول**: اسم خاص. مخدوم بلاول. (اصل ٿلتيءَ جو ويٺل هو وڏو مفسر ۽ ولي الله. جنهن کي شاهه بيگ ارغون ڏهين صدي هجريءَ جي اوائل ۾ شهيد ڪرايو. سندس مسجد ٿلتيءَ ۾ موجود آهي ۽ سندس مقبرو "باغبان" دادو ۾ آهي، جتي 'ماهه پهرين جمعي' تي وڏو شغل ٿيندو آهي.)

عشق بلاول گهاٽي پيڙهيا، صوفي دا سبحان،

ڏڙسسي ڪنون ڏار ڏريندا.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-60، ص-99)

- **بلاولي راڳ**: هندستان جي ڪلاسيڪي راڳ جي نظام ۾ هن راڳ جا ڪل 14 قسم ڳڻيا ويا آهن، جن ۾ شڌ بلاول، ڪلبه بلاول، الهيار بلاول، منگل بلاول، ڪماچي بلاول، جي جئونتي بلاول، سنڪرا بلاول، ڪجيلي بلاول، ايمن بلاول، ڪامودي بلاول، مدهه رسيا بلاول، سکيا بلاول، پهاڳ بلاول ۽ سوها بلاول شامل آهن. انهيءَ ٺاٺ کي هندو مذهب جا جيترا به علم موسيقي تي لکيل سنگيت، جن مان خاص ڪري رتناڪر، هنونت ست درپن، پاوري لڪش ۽ پارت ڪنڊي جو لکيل سنگيت "معرفت النغمات" آهن، اهي سڀ چون ٿا ته جيترا به سنگيت ٺاٺ آهن. انهن ۾ شد ٺاٺ صرف بلاول ٺاٺ ئي آهي. هاڻ هيٺ هن راڳ جو سرگم لکجي ٿو هن کي هندي ۾ سنسڪرت ۾ شنڪر ايرن ميل ٺاٺ چوندا آهن. هي راڳ اُترانگ جو راڳ آهي. ڳائڻ جو وقت صبح جو آهي. هن راڳ ۾ گنڌار ڪمزور ڪري لڳائجي. نکاد وِکر روپ سان لڳائبي. هڪڙا ڳائڪ (راڳي) وادي سُر کي کرج (سا) ۽ بيا ڌيوت (ڌا) کي استعمال ڪندا آهن. راڳ بلاول جو سرگم ٿيو:

آروهي: ساري گي ماپا ڌي ني سا.

امروهي: ساني ڌي پا ماگي ري سا.

محمد فقير جي رسالي ۾ ٻه ڪافيون سر بلاولي ۾ آهن ۽ ترتيب جي لحاظ کان رسالي ۾ بلاوليءَ کي 3 نمبر تي رکيو ويو آهي.

(اقتباس: توريان جيڪر تند. مصنف اظهر سمون)

• **بلَهَذِيرُ**: ذ. صفت. [ع. بِلا= سواءِ+ حَذَرَ= ڊپ] بي ڊپو- بيحياءُ- بيشرم- اَٿاسو- بدفضيلت- خبيث- نَحُسُ- پليت- بدمعاش- رهزن. شرير- چور. ظالم- خنزير.

تون ٻهڪين ٿي بلهذيرُ، پيوري ڪُتي.

(محمود فقير، خيري، ص_135)

• **ٻم**: [ف. بَمُ ٻمُ] دُهل- ڏُڪڙُ- ڀڪوان يا نغاري جو ٿڙ (ڳرو) پاسو. راڳ يا ساز جو ٿلهو ءِ اُچو آواز- "زير" جو ضد. ٻٽاڪ- لاف- ڏٽو- ڳلٽو- گشو- رعب- داٻ- تابه

ڪم ڪرين تون ڪوجها، ٻڌي بي فائدا ٻم.

(محمود فقير، خيري، ص_137)

• **ٻَنُ**: ذ. [سن. وَنَ] جهنگل- ٻيلو. بيابان- ويراني. (مصدر. ٻنجڻ. ٻنائڻ) ٺاهه- سينگار- آراستگي.

جوڳي جسم جلايا، جهلڪار ڪي جشن ۾،

عُهدا عظيم پايا، ٻسمي لگا ڪي ٻن ۾.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي_10، ص_14)

• **ٻُنڊُ**: ذ. ڪاٺ جو ٿلهو ٽڪر. وڻ جو ٿڙ (جنهن ڪي ٽاريون نه هجن). ٿلهو سڪل ڪاٺ.

'محمد' مرد مجنون مُژگان مست ڪيو

ٻهادر ٻرن ۾ ٻيٺو ٻُنڊ ٻڻي.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي_16، ص_115)

• **ٻنرو**: ذ. ['ٻنو' مان اسم تصغير] گهوٽ- وَنو- لاڏو.

پيرِ مغان ۾ ٻيٺي پڌر ٿي برسيو بزم ۾ ٻنرو ٻندر ٿي.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي_7، ص_12)

• **ٻنسِي**: ث. [سن. وَنشي] بانسري- مُرلي.

دوارا درشن ڏياني ڏاران، ٻنسي جاجي بين بجاون.

(محمد فقير، سُر ڪونسيه، ڪافي_16، ص_180)

- **بتُواسِي:** بتُواسُ. جهنگ ۾ رهندڙ- صحرانشين.

پاڄون آيا چوراسي، ٿي برهه بدل بتواسي.

(محمد فقير، سور پُوريا. ڪافي- 1، ص- 241)

- **بُڻُ:** [ف بن سن بِتَن] اصل- پاڙ- جڙ- مُنڍ- شروعات- بنياد- پيڙهه- نسل- نسب- اولاد- پشت- پونير- خاندان- آکهه- پُري ڪورين جي اصطلاح ۾ گڏيل ڀ تندون

بُڻ اوهان جو بُڇڙو اوهين قرب جا ڪچا.

(محمود فقير، خيري ص- 136)

- **بُوتو:** ذ. [ف. بُت] بُت، مجسمو- صورت، بدن- جسم. نقلي صورت.

ازل کان آواز آنا ٿيو اصلي الله جو

برسر بشر بوتو بنيو آدم صفي الله جو.

(محمد فقير، مثنوي- 1، ص- 297)

- **بُودا:** واحد. بودو. ذ. [ف. بوتہ] اُٺ- ڪنوات- گورو. (صفت) ٿلهو ۽ بي ڊولو. (سن. آبوڌ< =نہ+ بُڌ= سمجهه) ابوجهه- بي سمجهه.

پوتان بودا ڄتان جُهيڪا جُهونگا آيا جُهلِي.

(محمود فقير، ڪافي- 11، ص- 54)

- **بودلائي:** عقل جي سادگي، پورڙائي. نهڻائي- هانيڪائي- بردباري الله لوڪائي.

بلند بودلائي، شخن جي سچائي،

خبر ڪن خُدائي، ناچوٿي نيارا.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي- 21، ص- 132)

- **بورُ:** ذ. گهوڙي جو هڪ قسم- سونهري ڳاڙهي رنگ وارو گهوڙو. هلڪي ڳاڙهي رنگ وارو اُٺ.

رنگ سُرخو زور پلو بور گهوڙو ڏينم ڪٽي.

(محمود فقير، ڪافي- 46، ص- 71)

- **بوستان:** ذ. [ف. بُو= خوشبو+ آستان= جاءِ] باغ- بُستان- ڦُلواڙي.

بشر واري بازي برسن برهه جي بوستان.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي- 58، ص- 98)

• **بولَ**: ذ. [ع. بولُ] پيشاب ـ مُت ـ پولهه ـ دُبر. اوگهڙ ـ آنبا گُجيون. اوجهري.

بول نڪرندا ينگين جا، تن سانبن جا سخت

(محمود فقير، موالي ص ـ 127)

• **بُولو**: ذ. [ف. بُلاق] ڳهڻ جو هڪ قسم - نٿ جي نموني ننڍڙو ڳهه (جو نڪ ۾ سوراخ ڪري پائبو آهي).

جهاپا، جهومڪ، جهالر، جُهوڙو بينسر، بولو پئن!

(محمود فقير، ڪافي ـ 7، ص ـ 48)

• **بُونٻ**: ذ. [سن. پمبَ] ڪُوهو (ٻيڙيءَ يا جهاز جو) ـ گنبذ جي چوٽي يا ڪنگري. نيل جي ڇُهنبڙ. ڍاڪوڻ جي مٿئين پڙ جي چوٽي. دلي جو ڍڪ. نڪ يا ڪن جي چوٽي. (صفت) وڏو ـ ٿلهو ـ متارو.

آرڏا اُٺ آهن آريءَ جا سي باري بُونبَ ٻڙا.

(محمود فير، ڪافي ـ 17، ص ـ 54)

• **بهاري**: ث. گلن ڦٽڻ جي موسم ـ بسنت رُت (جا ڦڳڻ، چيٽ ۽ ويساک واري سماهيءَ ۾ تقريباً 15 اپريل تائين آهي). خوشي ـ راحت ـ آنند ـ فرحت. رونق ـ جهڳمڳ. سبزي ـ ساوڪ.

نگارِي نظر جي بهاري بزم جي،

حُسن جي حڪم جي ڪيان ڳالهه ڪيهي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي ـ 1، ص ـ 122)

• **بِهاڳ**: ذ. هندستاني پڪي راڳ جي هڪ راڳڻيءَ جو نالو. سنڌيءَ ۾ هن راڳڻي کي وِهاڳ به چئبو آهي. سردارن لاءِ منگتن جي وڏي صبوح واري ساراهه. وهاڳڙو ـ فراق ـ درد ـ غم ـ وڇوڙو. بِهاڳ. پچاڙي ـ آخر تائين. رات گذرڻ تائين. محمد فقير جي رسالي "منطوق محمديه" ۾ هيءَ راڳڻي پنجين نمبر تي آهي ۽ هن راڳڻيءَ ۾ سندس 25 ڪافيون موجود آهن.

• **بِهبُود**: ث. [ف. بِه= چڱو+ بودي< بودن= هئڻ] چڱائي ـ ڀلائي ـ خيرخواهي ـ بهتري ـ برتري. فائدو.

موجود تون موجود تون، بيشڪ بقاء بهبود تون.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي ـ 12، ص ـ 60)

• **بَهِي**: صفت [ع] سهڻو- وڻندڙ(پرا. ٻيءِ سن. ٻشڻُ ڏڙهي- بهڪ (گُتي جي).

ارڙاينگس پرڙپينگس، آيو پينگ بِهي.

(محمود فقير، ڪافي-23، ص-57)

• **بِياسِ**: اسم خاص. پنجاب جي پنجن ندين مان هڪ نديءَ جو نالو (جا سنڌو درياءَ جي پرتي ڪنڌڙ شاخن مان هڪ آهي.)

پيد بياس ڪِي بات بتاوي، گاروڙي گرناري ڪو.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي-16، ص-180)

• **بَياضُ**: ذ [ع] آڇائي. آڇو ڪتاب يا دفتر. خاص نڪتن، مسئلن يا شعرن جو ڪتاب. ڪتاب جي قلمي نسخي ۾ خالي رهيل ٽڪرو.

چڱ خبيث ڪرسايون، ڪوڙا ڪر نہ بياض.

(محمود فقير، موالي ص-130)

• **بياضِي**: ث. حدبنديءَ جو هڪ قِسم (جنهن ۾ جلد پوش پڪي چمڙيءَ جو ٿئي). عمدو شعر يا نظم.

بيرنگ برسي بازي، بشري بيڪ بياضي.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-33، ص-27)

• **بي تاب**: ذ. صفت. بيچين- بيقرار- بي آرام. پريشان- گهبرايل.

ڪِيا حُسن بي تاب مُجهي، وِڪا نوڪ نظر ناياب مُجهي.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-4، ص-108)

• **بي پير**: ذ. صفت. جنهن جو گُر يا مُرشد نہ هجي. بي اثر. بي مروت. شرير.

بي پليون بي پيراڪيون، گهائن گهوٽ گهُورن سان.

(محمد فقير، سُر ڏناسريہ ڪافي-6، ص-229)

• **بي پرواھ**: ذ. صفت [ف. بي پروا] جنهن کي پرواھ نہ هجي- لاغرض- لا اُبالي- بي خيالو. جنهن کي ڪا ڪاڻ نہ هجي. بالم.

ٻاهر ڪيرو ڪل ۾، اندر ۾ آڙاھ

'محمد' بي پرواھ، ڪاٿي متو موت کي.

(محمد فقير، بيت-222، ص-289)

- **بيچُون**: صفت [ف] بيمثل۔ بينظير۔ آهٽ۔ لاثاني. لاجواب. (اسم خاص) خُدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

عدم کان هِت قدم پائي وڃان واقف وطن ۾ تون،

برهه بيچون جي بازي، بنا برسي بدن ۾ تون.

(محمد فقير ٻُر پيروي، ڪافي۔13، ص۔15)

- **بيخُود**: صفت [ف] پنهنجو پاڻ وساريندڙ۔ آپي کان ٻاهر. بي هوش. بدحواس.

بن بيخود پيد بياضي دم دُوله دُرس درازي.

(محمد فقير ٻُر تلنگ، ڪافي۔60، ص۔99)

- **بيدار**: صفت [ف] سُجاڳ۔ سُچيت۔ جاڳيل. خبردار۔ هوشيار.

پنهنجي پدر پسڻ جو برحال پيد باقي،

برسر تہ بتايو بيدار بنايو.

(محمد فقير ٻُر ڪنيات، ڪافي۔7، ص۔224)

- **بيدل**: ذ. صفت [ف] دل کان سواءِ. بد دل. بي همت. (اسم خاص) سنڌ جي هڪ مشهور شاعر (قادربخش روهڙيءَ واري جو) تخلص.[3]

ٻُلاهُون ڪِٿ بيدل هُون، ڪِٿ بيسرِ والا بندر هون.

(محمد فقير ٻُر تلنگ، ڪافي۔46، ص۔93)

---

[3] بيدل فقير سنڌ جي ڪلاسيڪي ادب/ شاعريءَ ۾ تاريخ جو اهم نالو آهي. سندس ڪلام شاهہ لطيف ۽ سچل سرمست کان پوءِ سنڌ ۽ هند ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيو. بيدل فقير جو اصل نالو عبدالقادر هو پر حضرت عبدالقادر جيلاني رحہ جي عقيدت منديءَ جي ڪري پاڻ کي قادربخش سڏائڻ لڳو. هن 1815ع مطابق 1231هہ ۾ فقير محسن قريشيءَ جي گهر روهڙيءَ ۾ جنم ورتو.
فقير قادربخش بيدل تعليم تربيت ۽ سير سياحت کان پوءِ تصنيف ۽ تاليف جو وڏو ڪم ڪيو. هن 59 سالن جي حياتيءَ ۾ عربي، فارسي، سنڌي، سرائيڪي ۽ اردو نظم ۽ نثر جا 30 ڪتاب تصنيف ڪيا، جن مان اڪثريت عربي ۽ فارسي ٻوليءَ ۾ آهي. سندس مشهور ڪتابن ۾ "مثنوي رياض الفقرا"، "ديوان ملوڪ الطالبين"، "رموز القادري"، "ڪرسي نامہ" (سنڌي ۽ سرائيڪي ڪافين جو مجموعو) "وحدت نامو" (سنڌي بيتن جو مجموعو) "غزليات هندي" (اردو ڪلام) "ديوان بيدل" (فارسي) "پنج گنج" وغيره شامل آهن.
پنج گنج فقير بيدل جو مقبول ترين ڪتاب آهي جنهن ۾ قرآن حديث، مثنوي فارسي شاعري ۽ شاهہ جا سنڌي بيت پڻ ڏنل آهن.
بيدل فقير 16 ذوالقعد 1289هہ مطابق 15 جنوري 1873ع ۾ وفات ڪئي. هر سال سندس مزار تي روهڙيءَ ۾ ميلو ۽ عرس منعقد ٿيندو آهي. (اقتباس: انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جلد ٻهريون ص۔516_517)

• **بيراڳڻ**: واحد بيراڳي ذ صفت ويراڳي- سنياسي- تارڪ اُداس- ملول عاشق فقير.

بيراڳڻ جي پٽن تي بازي، طبل تازي تيز سان تياري تازي،

(محمد فقير، سي حرفي-2، ص-247)

صيفل بديل ڪاڻ بيراڳي ڦيريدار فقير.

(محمود فقير، ڪافي-32، ص-62)

• **بيرنگ**: ذ. صفت جنهن ۾ ڪو رنگ نہ هجي. رنگ روپ کان سواءِ رنگ روپ کان نيارو. بيمثل.

انساني جي اولي اندر برهہ بنايو بيرنگ بندر،

عرش وارو آشيانو تان ترانو.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي-32، ص-87)

• **بيراني**: ٿ. ويراني- سُڃ. حيراني. پريشاني. خرابي.

ويا دل جاني، ٻُت ٿيو بيراني.

(محمد فقير، ڪافي-34، ص-64)

• **بي سِر**: ذ. صفت سِر کان سواءِ سسي وڍيل. سِر جو سانگو نہ ڪندڙ سرفروش. سرويچ. لاغرض. مٿي ڦريل. هوڏي- ضدي لاتاني.

بي سِر واري بازي، طلب ترازي تازي،

ڪات ڪلالي قاضي 'محمد' جي مختياري،

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-62، ص-42)

• **بيک**: ذ [سن. ويش] ويس – لباس- پوشاڪ. ٻاهريون ويس. ٻهروپ- چمڙاپوش. فقيرالو لباس- نمونو- صورت. ڍيک. ڍونگ- مڪر- فريب.

بي مثال مثل وچ ماهر، ٿيا بيک بحالي مولي،

(محمد فقير، سُر بلاولي، ڪافي-5، ص-8)

• **بينا**: ذ صفت [ف] ڏسندڙ- پسندڙ- پروڙيندڙ.

بينا برگ بگا اُٿ ٻهري، مهري ٿيا مستان.

(محمود فقير، ڪافي-17، ص-54)

• **بينَ**: ث. [سن. ويڻا] ساز جو هڪ قسم (جنهن جي بنهي پاسن کان ۽ وچ ۾ سخت تارون وڄائڻ لاءِ ٺينديون آهن. هندن جي عقيدي موجب اهو ساز پهريائين 'نارد مني' جوڙيو. هن طوطو (چمڙي جي ڳوٿريءَ ۽ توتارين مان ٺهيل ساز جنهن ۾ هوا ڦوڪي وڄائبو آهي). Big-pipe گجري- بينسري، مُرلي.

بحر بر بيچون ۾ برهه واري بين.

(محمد فقير، سُر هيڪار، ڪافي-2، ص-232)

• **بينسر**: ث. [ف. بيني= نڪ+ سر= شان، طوق، سينگار] نڪ جي زيور جو هڪ قسم- نٿ. بولي جو هڪ قسم.

جهاپا، جهُومڪ، جهالر، جهوڙو بينسر بولوڻ!

(محمود فقير، ڪافي-7، ص-48)

• **بي نظيري**: صفت. بي مثال- لاثاني لاجواب. آملهه. آتور.

مرشد ميري مُنيري بي نظيري،

جِهندا برهه بحال هي قرب ڪمال هي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-35، ص-139)

ٻ

• **ٻابلُ**: (بابلُ) ذ. بابو- آبو. پيءُ جو پاءُ- چاچو. بزرگ. مُکي- پٽيل. ڳوٺ جو وڏو.

ونحن اقرب نيڙي رهندا، بي مثل ٿي ٻابل ٻهندا.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي-4، ص-167)

• **ٻاجهون**: ظرف. [سن. سرائڪي] کان سواءِ- ڌاران- بغير- بنا.

درسن ٻاجهون دم دم دل تي، وصل دا ويچار.

(محمد فقير، سُر حمير ڪلياڻ، ڪافي-1، ص-240)

• **ٻاندا**: واحد. ٻانڌو. ذ. [سن. ٻنڌهه ف. بند] ٻاري جي ٽُڪ مان پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ مٽيءَ جو ڳنڍيو- ٻَنڌو. ٺنڍو بند- بنو. ڪنارو. رَڄ ٻڌڻ جو ڪاٺ. رَڄَ. مڇيءَ ڦاسائڻ جو هنڌ (جتي ميربحر رڃ وجهي مڇي مارين). جَڪَ- چاڙ. چوٽي. ڪوهه ۾ سِرن جي اوساري.

هي هنرمند خان ڪتياڻ ٻاڙ ٻارين ٻاندا ٻاڻ.

(محمود فقير، سي حرفي- ص-148)

- **پاڙِي:** (پاڙو) ڏ. صفت. تيڏو (اکين ڪان).

آمل ڪارڻ اداسي تون، اک ڪرين پاڏي

(محمود فقير، موالي ص_131)

- **پارِ:** جلائي چڏ_ ساڙي چڏ_ باهہ ڏئي چڏ.

'محمد' الفي عشق جي پائي پيائيءَ وارو باڻڙ پار.

(محمد فقير، سُر ڪاريهل، ڪافي_3، ص_185)

- **پاڪاري:** مصدر: پاڪارڻ. [سن. واڪ= آواز ڪرڻ] وڏي آواز سان دانهون ڪرڻ_ واڪا ڪرڻ_ ڏاڍيان روئڻ_ وڏ سڏ ڪرڻ_ زور سان آهون ۽ التجائون ڪرڻ. ٻيلائڻ.

پانيڻ پيئي پاڪاريءَ ڪنهن رمز آهي رولي.

(محمود فقير، بيگم ص_117)

- **پارڪيون:** (واحد. پار ڪي) ٿ. پانهن ۾ پٽڻ جو هڪ زيور، پانهن رکي.

زيور مس ڪڙولا، پانهيون پارڪيون پيڙا.

(محمود فقير، خَيري ص_139)

- **پارنهن:** پارنهن امام (مسلمانن جا)

پارنهن پول ڪرن پهڪارا، چوڏنهن چُونڊ ڪرن چمڪارا.

(محمود فقير، ڪافي_76، ص_102)

- **پاڙيون:** (واحد. پاڙ) ٿ. (بيڙي چلم حقي يا ڪنهن نشيدار شيءِ لاءِ) چڪ_ تانگهہ_ هير_ عادت_ چُوس.

پاروچل جون پاڙيون پاڙيون جيءَ اندر ۾ لڳم جاڙيون جاڙيون

(محمود فقير، ڪافي_1، ص_45)

- **پالَ جَتِي:** ٿ. پاراٽي وهي_ پالاپڻ_ ننڍپڻ.

پُري ڪنديءَ چوپڏري لڳر پال جتيءَ جو پنگ

(محمود فقير، خيري ص_138)

• **بانهياري**: (واحد. بانهي) ث. [سن. باهُڪَ= بانهون. نوڪر] نوڪرياڻي- خدمت ڪندڙ- تابعداري ڪندڙ- بندگي ڪندڙ.

بانهياري آئون ٻول ٻڌيءِ اچ قول ڏيان پاري.

(محمود فقير. ڪافي-9. ص-50)

• **بانهيُون**: (واحد. بانهين) [سن. باهۃ= بانهن] عاج. سون يا چانديءَ جون ترتيبوار چوڙيون (جي زالون ٻانهن ۾ پائين ٿيون).

• **باڻُ**: [سن. باڻ= تير] تير. محبت جو تير- عشق جو ڪان. محبت جو پيچ- عشق جو جادو. جادو جو تڙ. وَجهه- موقعو.

پنهون پيچ پائي ويو گهونگهٽ ۾ گهائي ويو.

ڏاڍي لئون لائي ويو پاروچل باڻ.

(محمود فقير. ڪافي-43. ص-69)

• **باڻِي**: ث [سن. واڻِي] آواز بيان. ڪلام سخن. وائي. چوٽي. ٻول. زبان- ٻولي. ڀاشا. گفتگو- ڳالهه ٻولهه. گروءَ جي مُک سان نڪتل وچن يا ٻول. ڌرمي ڪتابن جون وايون يا سلوڪ.

پراپت پشمتي مدّما ٻُڌتي- ويڪري ڪِي وستي ۾ باڻي بنائون

(محمد فقير. سُر ڪانرو ڪافي-6. ص-172)

• **باوَنگِيرُ**: ذ صفت [هه. باوَن= باونجاهه+ فه گير (گرفتن>گير)= جهليندڙ] باونجاهه جٽن کي جهليندڙ- باونجاهه جو مٽ. باونجاهه اکرن جو ڄاڻون. پٽن جي راند ۾ 'باونجاهه' (باون) پٽن جو داءُ ڪٽيندڙ. وڏو داناءُ تمام سياڻو- چالاڪ- حرفتي.

جنهن باونگير ٻولايو تنهن ريبي راند ڪسي.

(محمود فقير. خيري. ص-140)

• **باٽڙ**: ذ [سن. وياوڙت= چوڏاري ڦرڻ] مُرلي يا نار جي ڏينگي جون ڪاٺيون (اوپارا. ڦرهيون ۽ ونگڙا).

'محمد' الفي عشق جي پائي، پياڻيءَ وارو باٽڙ پار.

(محمد فقير. سُر ڪاريهل. ڪافي-3. ص-185)

جهنگ جبل جا. باٽڙ سب باريان.

(محمود فقير. ڪافي-33. ص-63)

• **ٻُڌ**: اسم خاص. [سن. ٻُڌ] ڌرم جو پايو وجهندڙ مهاتما گوتم ٻُڌ (جنهن جو اصل نالو "سدارٿ" هو ۽ ڪپل وستوءَ جي راجا "سنڌودن" جو پٽ هو. هندن جي عقيدي موجب هي ڀڳوان جو اوتار هو. عيسوي سن کان 477 ورهيه اڳ وفات ڪيائين).

بُلهي شاهه ارداس گلاب، سرشٽ ديانند ٻُڌ پرتاب.

(محمد فقير، سُر ڪونسيه ڪافي-16، ص-180)

• **ٻُڌواني**: (ٻُڌوانُ). ذ. صفت. سياڻو- سمجهو- عاقل- هوشيار.

چاطر شڌا بناسي نرگن موري ڪيا ٻُڌواني ري.

(محمد فقير،سُر ڪونسيه ڪافي-4، ص-175)

• **ٻُرن**: ٻرڻ. مصدر. [سن. وِرُ= وجڻ] وجڻ- جهان ۾ ڪرڻ (ڪنهن به واجي جو).

ڪڙڪيون ڪڙيون ٿيون ٻيلي ۾ ٻُرن ٿيون.

(محمود فقير، ڪافي-44، ص-70)

• **ٻَرو**: ذ [سن. جوَره] ٽپ- بخار. سور- تڪليف.

اهو چاڻ عجائب چاتو مون لهي ٻيائيءَ جو سور ٻرو.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي-62، ص-100)

• **ٻڙڪن**: ٻڙڪڻ. مصدر. ٽهڪڻ- جوش کائڻ.

باهيان آهن تو ٻورل ديان، سي ٻڙڪن اندر ٻيري.

(محمود فقير، تيهه ڏينهن، ص-118)

• **ٻَڪُ**: ذ. [سن. وَڪشس=ڇاتي] ٻنهي ٻانهن سان وڏل ڀاڪر. ملهه وڙهڻ وقت سَندري ۾ هٿ وجهڻ واري حالت.

تيز تکي ڪر تيغ، سيني وچ مارن ٻڪ ٻنگي.

(محمود فقير، تيهه ڏينهن. ص-122)

• **ٻَنُ**: ظرف. ٻن ۾- اوڙاهه ۾. ڪوهه ۾- پاسي- ٻري- ٻئي پاسي.

ٻيائي وجهي ٻن ۾، پڙ ۾ ڪر پرواز

اجل جو آواز سالڪ سڻن سير ۾.

(محمد فقير، سي حرفي-3، ص-255)

• **ٻُندي**: ذ. هُرلي جو هڪ عضوو- ٽوٽي- جنهن تي ٿهوَر ٻيهي).

ٻاٽڙ ٻُندي وِچ ٻنان ني لوٽي، تيڳون شاه گهتيسي ٽوٽي.

(محمود فقير، ڪافي- 63، ص- 84)

• **ٻنڌڻ**: [سن. ٻنڌن] مقرر ڪم (جنهن جي ڪرڻ لاءِ ماڻهو ٻڌل هجي)- فرض. ٻڪو ٻهه- قاعدو- قانون- تنجڻو- ٻاروتو. ٻيوند- ٻيچ- ڳانڍاپو.

ٻنڌڻ ٻاروچن جا. ٻارڻ ويم ٻري

(محمود فقير، ڪافي- 7، ص- 48)

• **ٻنگ**: ذ. [سن. وَگُ] ونگ- واهڙ (درياءَ جو)- درياءَ جو ور. گهيڙ- گهڻ ٻڪ- ٻاڪر.

چٽي، ٻُري چوڪنڌين ٻڌري، لڳو ٻال جتيءَ جو ٻنگ

(محمود فقير، خري، ص- 138)

• **ٻنگي**: ٻڪ هٽڻ- قابو جهلڻ- جاڻو هٽڻ. جاڻو يا ٻڪ هٽي، ونگي.

تيز تکي ڪر تيغ سيني وچ، مارن ٻڪ ٻنگي.

(محمود فقير، تيه ڏينهن، ص- 122)

• **ٻهڪارا**: ٻهڪڻ مصدر. ث. [سن. ٻاس] چمڪو- تجلو- روشني- وڻن ۽ گلن جي تازگي.

ٻارنهن ٻول ڪرن ٻهڪارا، چوڏنهن چوند ڪرن چمڪارا.

(محمود فقير، ڪافي- 77، ص- 102)

• **ٻهڳڻ**: ذ. صفت. [سن. ٻهڳڻ<ٻهه= گهڻا+ ڳڻ= خاصيتون، خصلتون، اخلاق] گهڻن گڻن وارو، چڱن گڻن وارو. سهڻو جوان- دلبر. سياڻو- وينجهار. عقلمند- داناءُ.

شتيس سيج پلنگ، ٻهڳڻ سان هٽي ٻنگ

(محمد فقير، شر لوڙائو ڪافي- 8، ص- 70)

• **ٻهُون**: صفت [سن. ٻهه= گهڻو] وڏو انداز- گهڻو- جهجهو- جام- گهڻي انداز ۾. گهڻن نمونن سان- هر لحاظ سان- پوريءَ طرح.

ٻوڙ ٻلاهون ٻهُون هتا، صحبت جا سچا.

(محمود فقير، خيري، ص- 136)

• **ٻورو**: ذ [ف. بوراهہ هہ بورا] ويڪر وارن پاسن کان سبيل ۽ ٻيگهہ واري پاسي کان ڪليل ڳوڻ (جا پاڻ، مِٽيءَ واريءَ وغيره ڪڻڻ لاءِ ڪم اچي ۽ گڏهہ يا اُٺ تي لڏجي). ڪِڙيو- خُرجين- بار لڏڻ لاءِ ڳوٿرو.

تون مڇي ڪڻ ماچر جي، گڏهہ تي ٻورو.

(محمود فقير، خري ص-136)

• **ٻُوڪي**: (ٻُوڪڙ). لڳ جي دانهن ڪندڙ (ٻڪر). ٻوڪڙ ڪندڙ. ڏاڍيان ڳالهائيندڙ. اجائي بڪبڪ ڪندڙ.

دنيا دم غفلت غم بخيلڻ بم ٻڪر ٻوڪي.

(محمود فقير، ڪافي-52، ص-78)

• **ٻوڪيا**: ٻوڪجڻ مصدر. انب يا ڪجيءَ جو اوائلي ٻور جهلڻ- ٻُورجڻ- انگورجڻ- ڦولارجڻ.

ٻوڪيا ٻوهہ ڪليا گل گوهر، عجب رنگي اسرار.

(محمود فقير، ڪافي-16)، ص-153)

• **ٻُوهہ**: ٻوٽي جو هڪ قسم (جو اڪثر واريءَ جي پٽن يا ٽڪرن تي اُپرن، پن سائيرڙي رنگ جا، گل گول هيڊي يا ميري رنگ جا ۽ نرم ٽينس، جي دوا طور ڪم اچن ۽ پڻ نرم هئڻ سببان وهاڻن ۾ پرجن.)

ٻوڪيا ٻوهہ ڪليا گل گوهر، عجب رنگي اسرار.

(محمود فقير، ڪافي-16، ص153)

• **ٻيائِي**: ٿ. ڏوئي- ڪوٽ- دولاب. دورنگائي- پاسخاطري. بي انصافي. پاڻ کي خدا سمجهڻ واري حالت.

'محمد' الفي عشق جي پائي ٻيائيءَ وارو ٻاڙ ٻار.

(محمد فقير، شر ڪاريهل، ڪافي-3، ص-185)

• **ٻيري**: (ٻيرو). ذ. ماس جو ڳاڙهو ٽڪرو. گوشت جو ڪچو ڳاڙهو ڳيو. مڇيءَ جي ڳيي، ڳيو- ٻورو- ڳترو.

باهيان آهن تو ٻورل ديان سي ٻڙڪن اندر ٻيري.

(محمود فقير، تيهہ ڏينهن، ص-118)

• **ٻيگهِي**: ٿ. جهيڙو- جهڳڙو- گوڙ- شور- هُل.

تون بہ ويڙهائي ٻيگهي ديجهان، جهيڙي تي نہ چهم.

(محمود فقير، خيري ص-137)

پ

- **پاتئين پات**: (پاتون پات) قسمين قسمين، مختلف نمونا. گهڻائي. پانت- پات طرحين طرحين قسم- نمونو. ريتھ

پُرجھ پريمي پرت پسارا، پيد بتائون پاتئين پاتِ.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي-5، ص-175)

- **پاڙ**: ث. [سن. پاتِ] بد پيش جي دلالي. بدپيشي جي دلاليءَ جو عيوضو. پڙوت جو پيسو- پڙوت- رشوت.
- **پاڙي**: ذ. صفت. پاڙ کائيندڙ- پڙوت ڪندڙ- بي غيرت. ڊڄڻو- بزدل- ڪانئر- بي همت- پاڙي پٽو.

ڏوٺ اڳاڙين ٺوٺڪي ٻي پاڙِ کائين پاڙي

(محمود فقير، موالي، ص-128)

- **پاڳي**: پڇي ويا- ڏور ٿي ويا. پيرا کُڙي ڪري ويا. ميدان ڇڏي ويا. ڀڄي ويا.

ڏيان ڏروني ڏوم مچائي، پول پٽڪ سڀ پاڳي ري،

(محمد فقير، سهڻي، ڪافي-3، ص-204)

- **پالا**: واحد. پالو. ذ [سن. پِلَ] ڏڪو- نيزو. وڏو سيلهہ ڪندبو (بير جو).

بگل ٻڇيون ڪٽي پالا، ڪري خمار خوش حالا.

(محمد فقير، سُر شار ڪلياڻ، ڪافي-9، ص-212)

- **پاڻ**: ذ. [سن. ستانَ] جاءِ- هنڌ- ماڳ- آستانو- پاٿو. گهر. ڳوٺ. واسڻ- وسي.

وسايا ويرا اڳ سان پٽن وارا پاڻ.

(محمد فقير سي حرفي 3، ص-252)

- **پاڻ 2**: مال جي ويهڪ جي جاءِ چوپائي مال جو ڇيڻو- ڦولهڙيون وغيره.

خاڪ مٿي تون پنل پاڻ.

(محمود فقير، سي حرفي، ص-148)

- **پتارُ**: ذ. [سن. پرتر. پرتا= پاليندڙ سنڀاليندڙ رکپال. پرا. پتارو] پالڻهار- بچائيندڙ پتي- مڙس- خاوند. گهر ڌڻي.

ايندو ڪندو ستاري، سو بختاور تہ پتار.

(محمود فقير. ڪافي- 24، ص- 58)

- **پتلي**: (پتل) ث. ٻوٽي جو هڪ قسم (جو سيلابي يا آلي زمين تي اُپري ۽ اُن مان اچو ۽ ڳاڙهو کير نڪري، منجهس سهڻا گلڙا ٿين). پتر

چهڪ پئي چولي، ڦولهي، پتلي پاڻ تي.

(محمود فقير. ڪافي- 21، ص- 56)

- **پٽان**: پٽون. واحد. پٽ. ث. واريءَ جو وڏو دڙو (جو ٽڪريءَ وانگر ڏيکار جي). ڊِپ.

شهر بحر بر باغ پٽان تي، ڪول لحن ديان لئيان.

(محمد فقير. سور سارنگ ڪافي- 1 ص- 205)

- **پٽڪُ**: پٽُ [هہ] دلير- بهادر. عالم- فاضل. هڪ لقب.

ڏيان ڏروني ڏوم مچائي، پُولِ پٽڪ سڀ پاڳي ري.

(محمد فقير. سُر سهڻي ڪافي- 3، ص- 204)

- **پَجَنُ**: ذ. [سن. پجن<پج= پوڄڻ] ڌڻيءَ جي بندگيءَ جو گيت (جو پوڄا وقت ڳايو وڃي). راڳ (ديوتائن جي تعريف ۾). بندگي- پوڄا. ديوتائن جي تعريف.

پگوان پيد پگو پڙڪي پڙڪ بيوتي،

پيري پيري پجن سي، پر پر پلا پلا.

(محمد فقير. سُر پهاڙي ڪافي- 18. ص- 130)

- **پڙ پڙ**: (پڙڪو) ذ. باهہ جو پيڙ- پڙڪاٽ. باهہ جي پڙڪڻ جو آواز. جوش- ڪاوڙ تاءُ- چرڪُ.

باهہ پرهہ دِي پڙ پڙ پڙڪِي، جوش جلالي جُهڙ جُهڙ جهڙڪي،

جنهن ڪيتي ايڪ ايڪائي هي.

(محمد فقير. سُر تلنگ ڪافي- 49. ص- 94)

• **ڀڙڪِي**: ث. [ديسي. ڀڏَڪ] ڀيڪي (باھ جي). چمڪاٽ- روشني. پرتات- جلوو- رونق. ڇِپي. چرڪ- تاھ. ڇُنڪي- هشناڪي.

ڀڙڪِي باھ برھ جي، ڪئي بهاري برحال.

(محمد فقير، سي حرفي ص-248)

• **ڀڳتي**: ث. ڏڻي تعاليٰ کي 'رام' ڄاڻي هڪ ڏڻيءَ جي عبادت ڪرڻ وارو عقيدو. ڌرمي ڀڄن يا راڳ.

ڀڳتي ڪر ڀڳوان پڇاڻي، سر پرڪاشي پولاري.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي-2، ص-174)

• **ڀڳوان**: اسم خاص. [سن. ڀڳ (=گيان، روشني) >ڀڳوان= پاڪ، وڏي ڀاڳ وارو وڏي شان ۽ مان وارو مقدس] ڏڻي. ايشور- مالڪ.

ڀڳوان ڀيد ڀڳو ڀڙڪي ڀڙڪ ڀيوتي،

ڀيري ڀيري ڀُڄن سي، ڀر ڀر ڀلا ڀلا.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-18، ص-130)

• **ڀڃُ**: ڀڃُ- ڀوڙ. ذرا ذرا ڪر. ڳترا ڳترا ڪر.

عشق امامُ علي تي اظهر، ڀولا ڀن ڀُلڪارِي دا.

(محمد فقير، دوهيڙو-2، ص-298)

• **ڀنڊُ**: (ڀنڊڻي) مسلسل گهُر ڪرڻ- ڌرڻو مارڻ- مچڏتي. گهپي لڳڻ ڪرڻ. گوڙ ڪرڻ

سارو ڏينهن سوداءِ ۾ ڀند ڀڏين ڀوئي.

(محمود فقير، گنگو ص-160)

جهاڀا جهومڪ. جهالو جُهوڙو ڀينسر، ڀولو ڀن (محمود فقير ڪافي 8. ص 48)

• **ڀنگ**: [سن. ڀنگا. ف. بنگ. ع. بنج] نشيدار ٻوٽيءَ جو هڪ قسم "ڀنگ" ٻوٽيءَ جو گهوٽيل پاڻي- سائي- شکو.

تون ڀنگ پئين تو ٿنگ ٿُڪيا، تيين دونهن جو ٻہ دڙو.

(محمد فقير، حوالي ص-127)

• **پنوڙُ**: [مـ] ڳڻ. پاڻيءَ جو گهرو ڇڪر۔ شاديءَ جي پڇاڻيءَ جي رسم.

پنوڙ ڳڻا ۾ ڪوئل ٻولي، تاڙي ڪئي ٻي تات.

(محمد فقير، سُر سارنگ، ڪافي۔9، ص۔207)

• **پنپُورِينُ**: ث. واحد. پنپوري [سن. پرم= ڦرڻ] هڪ اڏامندڙ جيت جو قسم. (Dragon fly). برسات جي موسم ۾ نڪرندڙ هڪ قسم جو رنگين ۽ سهڻو جيت. (سهڻي عورت). سهڻي ويس واري (عورت). ڪم ڪار ۾ تيز (عورت).

هو پيڙا پنپورين سان، هو تابش ڏي ڪن ٽِڪ.

(محمد فقير، بيت۔22، ص۔267)

• **پُوتُ**: ذ. [سن. پُوتَ] هڪ پراڻتي خيالي هستي (جن. ديو. شر). صفت. ديڇاريندڙ۔ پراڻتو.

جُتي ٽِنان جوڙي ڏيسان، ٻچل ٽي نہ پُوٽ.

(محمود فقير، گنگو ص۔108)

• **پوڳ**: ذ. ڇرچو گهٻو۔ ڪِل مسخري.

جلائي جسمات کي، جوڳي ڪن تا جوڳ.

پوڳين سمجهي پوڳ، پير نہ پاتو پڙ ۾.

(محمد فقير، بيت۔135، ص۔280)

• **پوري**: (پورو) ذ. ابوجهہ۔ ٻالڪ پولو۔ بوگهلو۔ سادو۔ عقل جو پورو سُورو. موڳو۔ نادان.

بيوس آهيان مان پوري.

(محمد فقير، سُر شام ڪليان، ڪافي۔1 ص۔208)

• **پولا**: واحد. پولو. ذ. [سن. پَرم= پُلجڻ] پُلَ۔ چُڪَ۔ غلطي. رولو۔ خوف۔ پؤ۔ خطرو۔ ڊپ. انديشو۔ خيال۔ گمان. وسوسو۔ وهم. ويسر (صفت) اڻجاڻ۔ اياڻو. سادو سودو. پورڙو. ڀالو پولو۔ ٻودلو.

عشق امام علي ٽي اظهر، پولا پَن پُلڪارِي.

(محمد فقير، دوهيڙو۔2، ص۔298)

• **پولَ**: پُلَ چُڪ. پولو- رولو. ڊپ- پؤ- خوف. وسوسو- وهم- گمان. انديشو.

پاڻ سڃاڻ پنهنجو آئين پول نہ پيو ڪو پانئج تون.

(محمد فقير سُر ٻنس، ڪافي-7، ص-158)

• **پولي**: ڏسو پولَ.

پنڌ پيچ ڪنون لنگهہ ڪيچَ گئيئان،

مين پروچ گهمندي پولي.

(محمود فقير، ڪافي-62، ص-84)

• **پيچ پني**: ث. پرهہ ڦُٽيءَ جو وقت (جنهن مهل رات پگل هوندي آهي ۽ هوا ۾ پڻ آلاڻ محسوس ٿيندي آهي). پرڀات- پرهہ ڦٽي- صبح صادق.

پيچ پني برسات بقائي، برسي باغ بهار ميان.

(محمد فقير، سُر ملار ڪافي-2، ص-102)

مين تہ ڪپ گهتئين، شل تپ آوئي،

شر مان لپ پاءِ گهمين پيچ پني.

(محمود فقير، ڏمالي ص-112)

• **پيچ**: ث. برابري- هڪجهڙائي- همسري- همواري.

عاشق سر ايچ، پڌي پيچ پرمردي.

(محمود فقير، ڪافي- 51، ص-77)

• **پيدُ**: [سن. پيد> پِد= پيچڻ. پِد= انت، ڄاڻ] تفاوت- فرق. آنت- راز- ڳجهہ- منجُهہ.

عشق آوازي، پيد بياضي بن بانگ بلند برڪاتي.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-53، ص96)

• **پيرُ**: ذ. [سن. پِرم= ڦرڻ] ڦيرو- چڪر- گهمرو. وَرُ- وَڪڙ.

شرتي نرتي وچ ۾ پچن واري پير.

(محمد فقير، بيت-233، ص-291)

• **پيرو**: اسم خاص [ڀيرو] موسيقيءَ جي نظام موجب ڇهن راڳن مان هڪ راڳ (1. پيرو. 2. مالڪوس. 3. هنڊول. 4. سري. 5. مينگهه. 6. ديپڪ).

پيرو مالڪوس هنڊول سري، ميگهه ديپڪ ترنم.

(محمد فقير، سُر ملار ڪافي-4، ص-102)

• **پيري**: پيرڻ. مصدر [سن. پرم+ ڦرڻ] ڦيرڻ- چورڻ- گهمائڻ (چرخي کي). ڪترڻ. ورائي ڪو ڪم ڪرڻ. ڦيرائڻ- بدلائڻ.

پڳوان پيد پڳو پڙڪي پڙڪ بيوتي

پيري پيري پچن سي، پر پر پلا پلا.

(محمد فقير، سُر پهاڙيه ڪافي-18، ص-130)

• **پيريون**: واحد. پيرَ. ث. [سن. پيري] تامي جو وڏو نغارو- وڏو نغارو. پيڙ.

بگل بجائن پيريون، بيشڪ بي نظير.

(محمد فقير، سي حرفي-2، ص-251)

• **پيڙا**: واحد. پيڙو. ظرف. [سن. آپيڙڻ+ گڏ ڪرڻ] ساڻ- گڏ- همراهه نزديڪ- وَٽ- ويجهو.

هُو پيڙا پنيورين سان، هُو تابش ڏي ڪن تڪ.

(محمد فقير، بيت-22، ص-267)

• **پيڙي**: واحد. پيڙو. ڏسو 'پيڙا'

ٿيندو مرسل ميڙيه بلي ڪنديس پيڙي

(محمود فقير، ڪافي، 2، ص-45)

• **پيم پلاسي**: هڪ راڳڻيءَ جو نالو جيڪا راڳ ديپڪ جي هڪ راڳڻي آهي. راڳ ديپڪ ۾ ان جون راڳڻيون هي آهن: پرديپڪ، ڌناسري، جيت سري، پيم پلاسي. ٽنڪا ۾ مدّونتي. محمد فقير جون پيم پلاسي راڳڻي ۾ چار ڪافيون آهن ۽ رسالي جي ترتيب مطابق هيءَ رڳائي ڇهين نمبر تي رکيل آهي.

گاڪي پُوريا، پيم پلاسي، چم چم چنن ڪر چمڪار

جيتنڪ چشمان چوٽ چڙهائي.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي-7، ص-169)

• **پيٽِي**: ٿ [سن. پوَنيہ] جاءِ جڳهہ۔ ٺاڪ. پناهہ جي جاءِ زمين۔ پُونءِ۔ ماڳ۔ مڪان۔ هنڌ. پُڇاڙي۔ آخر۔ پڇاڙي۔ حد. پِر۔ ڪنڌي. مدد۔ واهر۔ وسيلو. سگهہ. طاقت. مجال۔ همت. اوج۔ منزل.

گهايل جي گهُورن جا، سي ڪيئن گهاريندا گهر،
چڙي پيٽيءَ پر، نانگا نر نروار ٿيا.

(محمد فقير، بيت۔159، ص۔282)

ت

• **تابُ**: ذ [ف. تاب. سن. تاپ>تپ= چمڪڻ، گرمي ڪرڻ] روشني۔ چلڪو۔ چمڪو. نُور۔ جلوو. گرمي۔ ٽپت. تيزي. هيبت. هراس. ڌهڪاءُ۔ دهشت۔ داٻ دڙڪو۔ ڌمڪي۔ تڪليف. پيچ۔ وٽ. طاقت۔ مجال.

تازا بہ تازا تيز تر طبل ڪري تاب.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي۔51، ص۔95)

• **تابِشِ**: ٿ [ف] گرمي تؤ۔ تاءُ۔ تاوڙي۔ گرمائش۔ تيزي۔ تڪائي ڪاوڙ۔ حشمت.

تيرهين ڏينهن تڪڙ ڪر تابش، آيا شينهن شڪستا.

(محمود فقير تيهہ ڏينهن، ص۔120)

هُو پيڙ پنيورين سان، هو تابش ڏي ڪن تڪ.

(محمود فقير، بيت 22. ص. 267)

• **تابِعُ**: ذ. صفت [ع. تبعَ (=فرمانبرداري ڪرڻ)> تابع (اسم فاعل)= فرمانبرداري ڪندڙ] فرمانبردار۔ مطيع۔ پابند. پيروي ڪندڙ۔ پيرو۔ معتقد۔ پوئلڳ. هٿ هيٺ۔ حڪم ۾۔ چوڻ ۾۔ ميچنا ۾. زيردست۔ ماتحت.

تحليل جو طاهر طبل، تازو هٽي تيار ٿي،
توحيد جي تلوار سان، تابع ڪيا تو تاجدار.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي۔17، ص۔62)

• **تابُوتُ**: ذ. [ع] ڪاٺ جي صندوق. لاش رکڻ جي صندوق. ڪاٺ جي مصنوعي ٿُربت (جا حضرت امام حسين رضہ جي شهادت جي يادگيريءَ ۾ ناهي عاشورن جي موقعي تي گهمائيندا آهن)۔ تعزيو.

تن من طلبا تان، تر طلب جي تابوت،

’محمد‘ ڪيو ثابوٽ، سُروردي سينگار ڪي.

(محمد فقير بيت_124، ص_278)

• **تات**: ث. [ع. طاعة= فرمانبرداري] خدمت. پرداخت_ پرورش_ پالنا. پرگهور_ سنڀال. پچار_ اُڻ تُڻ. فڪر_ ڳڻتي. يادگيري_ سار_ سارونڀي.

ترڪ تجلي تاب واري، ترڪ تحدل طلب تات.

(محمد فقير، سُر درباري ڪانرو ڪافي_1، ص_199)

• **تاپُ**: ذ [سن. تپ ف. تاب] تاءُ_ سيڪ. تپش.

ساچ سُنايا ستگر ساڪي ساچ برابر تاپ نهين.

(محمد فقير، سُر ڪونسيه ڪافي_11، ص_178)

• **تاجدار**: ذ. صفت. [ف. تاج+ دار> داشتن= رکڻ، هجڻ] تاج پهريندڙ_ تاج_ وارو. بادشاهه. پڳدار. پاڳارو.

تحليل جو طاهر طبل، تازو هٽي تيار ٿي

توحيد جي تلوار سان، تابع ڪيا تو تاجدار.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي_17، ص_62)

• **تارَ**: ٿ [ف. سن] ڪنهن به ڌاتوءَ جي سنهڙي تند. ڌاڳو_ سُٽ جي تند. ڏورو. ساز جي تند. (شاعر مطابق) اوسيئڙو_ اونو_ ڳڻتي. يادگيري طلب.

اندر ٻاهر هُو هُو هُليا، طلب والي تار موهيا من.

(محمد فقير، سُر گجري ڪافي_5، ص_237)

• **تارڪُ**: ذ. صفت [ع. ترڪ (هُن ڇڏيو) > (اسم فاعل) تارِڪُ= ڇڏيندڙ] دنيا کي ترڪ ڪندڙ_ تياڳي. الله لوڪ فقير_ فقير.

تارِڪ تن جا ترڪي هليا ترڪ.

ڦيريدار فقير ٿي فاني ڪري فرق.

(محمد فقير، سي حرفي_2، ص_248)

• **تاڙيون**: تاڙڻ مصدر، جاچڻ تکڻ_ نهارڻ_ ڇڪاسڻ_ نظر پرکڻ_ ٽيسٽ ڪرڻ

پير پنهل جي خاڪ مليندين، تاڪ اندر پر تاڙيون.

(محمود نقير، ڪافي_1، ص_45)

• **تاڙي**: (تاڙو) ذ. پکيءَ جو هڪ قسم (هي پکي مينهوڳيءَ جي موسم ۾ ڏسبو آهي، (ڪار ڪٺيءَ) ڪال ڪٺيءَ کان سوايو ۽ پُڇ بہ انهيءَ کان ڊگهو رنگ ڪاريڙو پر پاسن ۽ پيچ وارا ڪي ڪنب 'ڪبر' وانگر اڇا. مينهن جي سڄي مند ۾ تنواريندو رهندو آهي). مِينهڻ- پَپيهو.

پنور گفا ۾ ڪوئل بولي، تاڙي ڪئي بي تات،

تڙن تي ترسي.

(محمد فقير، سُر سارنگ ڪافي-9، ص-207)

• **تاڪ**: ث. (تڪڻ، تاڪڻ> تاڪ) تڪڻ جو عمل- نظر نگاهہ- جانچ- ڳولا ڦولها. لالچ- لوڀ.

پير پنهل جي خاڪ مليندي، تاڪ اندر ۾ تاڙيون.

(محمود فقير، ڪافي-1، ص-45)

• **تاڪِي**: ث. [ع. طاق= دري] ننڍو تختو- تختي، دريءَ جو طاق، دري ڪنهن چؤڪٺ جي پاسي واري پٽي، ڪاٺ جي مستطيل پٽي، پٽ ۾ ڪوٺيل ۽ لڪيل چوڪندي ڳڙکي.

ڪولي تجلات جي تاڪِي پلي آيو پلي آيو.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-29، ص-136)

• **تالُ**: ذ. [سن. تالَ] ڳائڻ وڄائڻ جو وزن (سازن جي پوري وڄت سان). وڄت (ساز جي). تارُ سازجي لئي، مُجرو- ناچ، وڄائڻ جون تاڙيون (جي طبلي يا ڍولڪ سان وڄائجن). ڍُهل جو مُنهن وارو چمڙو.

تال طبل سي گاوي بجاوي، حال حقيقي هردم.

(محمد فقير، سُر ملار ڪافي-4، ص-102)

• **تال 2**: ڦند- گُر. مڪر. انگل- ناز- نخرو، چالاڪي- ڪيڏ بهانو- مِنهُن- عذر. ڍونگ. زنانو فن يا هنر (هِر ڪائڻ لاءِ)- عشوه- غمزو.

ڪيو ترڪ طمع جو تال ترو.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي-62، ص-100)

• **تالڙ**: تال ڪندڙ. نخريباز. نخريل. چالاڪ. ڪيڏاري. بهانا ڪندڙ.

نسنگ آهين نرگ ۾ پيو تالر ڪرين تال.

(محمود فقير، موالي ص_126)

• **تانُ**: ث. [فـ تان= وات جو اندريون پاسو] ڳائڻ جي هڪ هُنر جو نالو. راڳڻيءَ مطابق سُرن جي سلسليوار لاهي يا چاڙهيءَ وارو لهردار آواز (نڙيءَ توڙي ساز جو). نڙيءَ يا تارونءَ منجهان هنيل پلٽو. هڪ کان وڌيڪ سُرن جي هيٺ مٿي ڳائڻ جي حالت. پلٽو.

ڏُڪڙ ڪنجريان ساز سيبئي تن من طبلي تان،

رمز انهيءَ دلڙي ريهي.

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي_1، ص_1)

• **تاٿيان**: تاڻڻ مصدر. تاڻر ماڻڻ. تُڪَ. چڪ. ڪشش. گهل.

ايڏي ڪر نہ تون دير، هينئر تاٿيان ڪوند ٿو تندو.

(محمود فقير، ڪافي_46، ص_72)

• **تائب**: ذ صفت [تاب (= خُدا ڏانهن موٽڻ، پڇتائڻ) > (اسم فاعل) تائب] خدا ڏانهن موٽندڙ. توبهہ ڪندڙ. پڇتائيندڙ.

توبہ ڪر تائب ٿي نہ تہ وجهئين ٿي ڳتي.

(محمود فقير، خيري، ص_138)

• **تبر**: ث. [فـ تبر= ڪُهاڙي] وڏي ڦر واري ڪُهاڙي. تکي ڪهاڙي. هڪ قسم جي ننڍي ڪهاڙي (جا فقير کڻندا آهن). ڪهاڙيءَ جو قسم.

اول عزرائيل اڳون تکي چائي ڪڙاهي تبر.

(محمود فقير، ڪافي_50، ص_77)

طلب واليان چا تکليان تبران ذوق پڙهايان زيران زبران.

(محمود فقير، سُر توڙي، ڪافي – 4_218)

• **تتي**: ٿ [تپڻ < تتي] مصدر "تپڻ" مان "تتو" جو مونث. تپت. تتل. تپي ويل. سخت گرميءَ واري ويل. (صفت) تتل. گرم. ڪوسي.

چئي، پُري ڪنديءَ تون پڌري، تون تاب نہ ڪر تتي.

(محمود فقير، خيري، ص_135)

• **تجلو**: ذ [ع جَلَوَ جَلاء (= صاف ٿيڻ چٽو ٿيڻ) > تجلي، تجلية= چٽائي سان ظاهر ٿيڻ] چمڪو. اُماءُ سهاڻو. روشني.

تجلو تاج ڪلنگي جو طبل تحليل سان ظاهر.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-22، ص-132)

• **تجلي**: ث الاهي نور جي روشني. جلوو. نور. روشني.

ڏئوسي تار وچ تجلي، لهر وِچ لاثاني.

(محمود فقير، ڪافي-49، ص-76)

• **تحدل**: (تهدل) ث. (ف) دل جان سان. دل جي گهرائيءَ سان پڪ.

ويک تماشا اپانا آپي راتيان تحدل توڙي ڏينهان.

(محمد فقير، سُر ڪونسيه، ڪافي-9، ص-177)

• **تحصيلون**: (تحصيل) ث [ع حَصَلَ> تحصيل= حاصل ڪرڻ (مقصد). وصول ڪرڻ (پيسا)] پوريءَ طرح حاصل ڪرڻ جي حالت. تعليم جي تڪميل. سکيا. حاصلات. نفعو.

طرحين ڪج تحصيلون، نسنگ ٿي نِڪر ڙي.

(محمود فقير، ڪافي-25، ص-58)

• **تحليل**: ث [ع حَلَّ (=ڇڏو ڪرڻ، ڳاڙڻ) > تحليل] حل ٿيڻ جي حالت. جُزن ملڻ جي حالت. ڪنهن ڌاتوءَ جي ڳرڻ جي حالت. ڳارو. آئٽ. پيهي يا ڳاري جذب ڪرڻ جي حالت (جُملي شيون پاڻ ۾ ملي جذب ٿي وڃن). هاضمو. ڳارو (ڪاڌي جو پيٽ ۾). جزا ڪولڻ. حل. پيڇٽي.

• **تحليل 2**: [ع حَلل، تحليلاً= جائز ڪرڻ، حلال ٿيڻ] حلال ٿيڻ جي حالت. ذبح. جائز حق. حق جو نالو. حق جو ذڪر.

تحليل جو طاهر طبل، تازو هٽي تيار ٿي.

توحيد جي تلوار سان، تابع ڪيا تو تاجدار.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي-7، ص-62)

تازي تيز طبل جي، تحليلي تلوار

(محمد فقير- بيت- 243، ص 292)

• **تخت**: ذ. [ف < زند. توخشت] بادشاهه جي ويهڻ لاءِ اوچي هنڌ تي رکيل خاص مسند. مسند- گادي- بادشاهي- حڪومت. پلنگ- صندل.

ترڪ تڪبر ٿرت تن من، ترڪ تڪيو تخت تاج.

(محمد فقير، سُر درباري ڪانرو ڪافي-1، ص-199)

• **تِرُ**: ذ. [سن. تِل] مشهور تيلي ٻج جو هڪ قسم (جو خريف ۾ پوکجي، اُن جو پوٽو ٿئي). 'تِرُ' جيڏڙو- ننڍڙو- ذرڙو- ڪاٻه ننڍڙي ذرڙي شيءِ ذرو.

صوفي سيئي صاف ٿيا، جن سڃاتو سير،

تفاوت نہ تِرُ، تني جاتو پاڻ ۾.

(محمد فقير، بيت-171، ص-283)

• **ترازي**: ث. (ترازو= ساهمي). ساهمي- تارازي. تارن جو هڪ نکٽ- تيڙو. (ع. طراد) ذ. ٻيڙيءَ جو هڪ قسم (هلڪي ۽ تکي ٻيڙي). ٻيڙي- ڪشتي.

هتين ڇاتو ڪتين ڇاتو ترازي تيز تازيءَ ۾.

(محمد فقير، سُر ڪانگڙ ڪافي-5، ص-60)

• **ترڪ**: ذ. [ترڪ= ڇڏي ڏيڻ] پاسو (دنيا کان- تياڳ. علحدگي. دستبرداري. (ترڪ ڪرڻ) دنيا جي وهنوار کي ڇڏي ڏيڻ. دنيوي لاڳاپو ٽوڙڻ. جيڪي ڪجهه هجي قربان ڪرڻ.

ڪيو ترڪ طمع جو تال ٿرو.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي-62، ص-100)

• **ٿرو**: ذ. [سن. ٿل= ٿرو] تر وارو حصو. هيٺيون پاڳو. بنياد. اونهائي. هيٺيون پاسو- پچاڙيءَ جي بچت (پنگ وغيره) ڳجهه- راز.

ڪيو ترڪ طمع جو تال ترو.

(محمد فقير، سور تلنگ ڪافي-62، ص-100)

• **ٿرهي**: (ٿرهو) ذ. [تر، ترو> ٿرهو= اهڙي شيءِ جنهن جو تر ٻڏل هجي. 2. ترڻ> ٿرهو= اهڙي شيءِ جا تري يا تاري] ڪکن، ڪانن ۽ ڪانين جو نوڙين ۽ رسين سان تر ٻڌي ٺاهيل هڪ قسم جو منجو (جو اڪثر ڍنڍن ۽ ڇڇن ۾ ٻيڙيءَ طور ڪم آڻجي). اصطلاحاً. ٻڏڻ کان بچڻ جو وسيلو- وسيلو. "توڪل جو ترهو". ٽلو.

توڪل والي ترهي تر تون، جهل جگر دا جوش جلال.

(محمد فقير، سور ڪوهياري، ڪافي-2، ص-182)

• **ثُريا**: اُها منزل جتي خدا سان ملي سگهجي ٿو. چوٿون (راج). اها هيڪڙائيءَ جي حالت جنهن ۾ جيوءِ برهم جو سنڌو نہ پاسي.

ثُريا وِيا پڪ اُتپت اندر ثُريا جات ۾ جاتي ري.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي-13، ص-179)

• **تَڙُ**: ذ. [سن. تٽ= ڪنارو] ڪنارو. ڪنڌي ڪنهن واهہ درياءَ وغيره جو ڪناري وارو اهو هنڌ جتان پاڻي ڀرجي، وهنججي يا چوپائي مال کي پاڻي پيارجي. گهيڙ. گهاٽ. ڪوهہ وارو ڳوٺ. پاڻيءَ جي ڪڏ بيڙين بيهڻ جي جي جاءِ. پتڻ. اهو هنڌ جتي مڇي ماري گڏ ڪئي هجي، ميڙ. جُوءِ. ٽاڪ. ميدان- پوڙ.

تماچي چام تڙ تي، مليو مٺي پي مهاڻن سان.

(محمد فقير، سُر ڪنيات. ڪافي-8، ص-225)

• **تڙڦڻ**: تڙپڻُ مصدر. [سن. تڊ= ڌڪ هڻڻ] ڦٿڪڻ. لُڇڻ. بيقرار ٿيڻ. سڪڻ. سڙڻ.

عشق ڪريندا شڪار، تڙڦڻ مول نہ ڏيندا ڏيندا.

(محمد فقير، سُر مانجهہ. ڪافي-6، ص-107)

• **تَسُ**: [ع. طس= ڪاٺ جو پيالو] ٺڪر جو ننڍو ماٽو (اٽي رکڻ لاءِ)

ڦاروا فقير چئي، ڪٺي ٿوت پريانٽننس.

(محمود فقير، بيگم ص-116)

• **تصدِيق**: ث. [ع. صَدَقَ> صَدق. تصديق= ڪنهن کي سچو سمجهڻ] سچي هئڻ جي شاهدي. ثابتي. سچائيءَ جي تائيد. پڪ.

'محمد' تاجدار توحيد کي تصديق ڪيو.

(محمد فقير، بيت-243، ص-292)

• **تَصَرُّفُ**: ذ [ع. صَرَفَ> تَصرُّفُ (ذ) = ڪنهن بہ ڪم جو اختيار هئڻ. نيڪال ڪرڻ] استعمال. عمل. اختيار. قبضو. خرچ. طاقت. اثر.

تصور ڪري صورت سندي، تصرف طلب توحيد جي.

(محمد فقير، سُر بهاڳ. ڪافي-21، ص-65)

• **تفاوتُ**: ذ [ع. تَفاوُت] ڏوري- مفاصلو- ويڇو. فرق- ڦير. وڇاندڙ- اختلاف. غلطي- چُڪَ.

صوفي سيئي صاف ٿيا، سڄاتو جن سِرُ.
تفاوت نہ تِرُ، تني ڄاتو ڄاڻ پر.

(محمد فقير. بيت- 171، ص- 283)

• **تُفنگ**: ذ [ف] بندوق.

رنگ تفنگ، نسنگ نهايت، پاڌا پنج هٿيارا.

(محمد فقير. گهوڙو ص- 101)

• **تقوي**: ث [ع] خدا جو خوف- خداترسي گناهن کان بچاءُ- پرهيزگاري- زهد- عبادت

تسبيح توڙ طاقت تقوي، پورهيت تي نا پر گهر پينهن.

(محمد فقير، سُر ڪونسيه، ڪافي- 9، ص- 177)

• **تڪيا**: (تڪيو). ذ [ع. تڪيه= وهاڻو] ويهڻ جي جاءِ- آستانو. ماڳ- دڪان- اجهو.

مڪ مدينہ 'محمد' مترا، تيرٿ تڪيا پوڄا پترا.

(محمد فقير، سُر ڪونسيه، ڪافي- 16، ص- 180)

• **تِڳان**: تڳڻ مصدر. جيئڻ- جيئرو رهڻ- زندھ رهڻ- پساھ کڻڻ- جتاءُ ڪرڻ.

اصل کان ٿي تِڳان تنهنجي تاري.

(محمود فقير، ڪافي- 27، ص- 60)

• **ٿل**: ذ. صفت [سن. تُلِ= مٽُ] برابر- همسر- جهڙو- مشابہ- سمان- مثل. هڪجهڙو- ثاني. هڪ جيڏو. هم صورت. ساڳيو. جيڏو- سرتو.

نازبوءِ نرگس ٽڪمان ٿل ٿل. گونسہ گوهر غنچہ گهُل گهُل.

(محمد فقير، سُور بسنت، ڪافي- 6، ص- 168)

• **تلڪُ**: ذ [سن. تِلَڪَ] نڪ جي مٿان ڀِرُن جي وچ ۾ يا مٿي نراڙ تي، ڪيل نشان (جو شادي، تاجپوشي يا ٻيءَ ڌرمي رسم بجا آڻڻ يا سينگار خاطر ڏکيو وڃي) سينڌر يا چندن جو ٽِڪو. هندن ۾ ڌرمي نشان.

عاشق ٿي اٿباني والا. تلڪ لڳايا مٿين وو مٿين.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي- 42، ص- 32)

• **تليهڙ**: ذ [سن. تِلُ= ڪاراڻ+ هر= وارو] ڪارو نانگ- واسينگ.

وِهُ سان ڪٿين واسينگ وِهاتيا، تليهر ٿيا ترتار ميان.

(محمد فقير، سُر ملار ڪافي-2، ص-102)

• **ٿليا**: (سرائيڪي). ٿريا- ماپيا- ميا.

ذات صفت وِچ ٻِنهن ميان فرق نڪوئي آلا،

آنا آن آنوار تورا تليا هي.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي-3، ص-75)

• **تم**: ث. [سن. تمس] اونده- ڪاراڻ. رات.

ڪيئي خاندان ڪوٺي ديجهان، تازا ڪيا اٿئي تمُ.

(محمود فقير، خيري ص-137)

• **تماشي**: (تماشو) ذ [ع. مشي= گهمڻ. تماشيا= گڏ گهمڻ> ف. تماشا] نظارو- ڏيک- ديدار- عجيب شيء يا نظارو. ڪل خوشي- رونشو. ميڙ- هجوم. سانگ. ناٽڪ. کيل- ڪرتب.

طبل تال تماشي تازي، تومر نوم تننن والي تار.

(محمد فقير، سُر ڏناسريءِ ڪافي-2، ص-228)

• **تموگَنُ**: (تموگُڻُ) ذ. ڪاوڙ- چڙ- ڏمر- غصو.

رچهڪ سي رجوگن، پيانڪ تمرگن.

(محمد فقير، سُر ڪارنرو ڪافي-6، ص-172)

• **تندو**: تندو تاڻڻ. مصدر. ڊيگهه ڪرڻ- گهل ڪرڻ- اِنگهائڻ- وڌائڻ.

ايڏي ڪر نه دير، هينئر تاطيان ڪوند ٿو تندو.

(محمود فقير، ڪافي-46، ص-72)

• **تنگ**: ذ [ف] گهوڙي جو هڪ سنج- چمڙي ءِ سُٽ جو پٽو (جنهن سان هنو گهوڙي جي پٺيءِ سان سوگهو ٻڌجي). اُٺ جي پاکڙي کي مضبوط ٻڌڻ لاءِ سُٽ، ڏاس يا نهوَر جو پٽو. ڪشالو- فاقو- سختي. تڪليف- اُڄ- اوسو. گهيڙ- گهاٽ- لنگهه.

آديسي اڙبنگ تازا چڪين تنگ.

(محمود فقير، ڪافي-4، ص-47)

- **تنگهہ**: ثہ ضرورت۔ گهرج۔ ڪَپُ۔ تانگهہ.

حَسن مير حُسين جي مون کي طلب ڏاڍي آ تنگهہ.

(محمود فقير، خيري ص۔138)

- **تڻڪن**: واحد تڻڪ. ث. چڪ۔ تاڻ۔ تانگهہ.

تڻڪن تن وِچ برهہ ديان باهيان.

(محمود فقير، ڪافي۔66، ص۔86)

- **تُوتُ**: ذ [ع] وڻ جو هڪ قسم (جنهن جي پنن تي پٽ ڪينئان پاليندا آهن). توت جو وڻ. توت وڻ جو ميوو Mulberry (صفت) تمام سنهو ۽ ڊگهو.

قاروا فقير چئي، ڪٽي توت پريان تس.

(محمود فقير، بيگم، ص۔116)

- **تُوتَڙ**: ذ. ڍونگ۔ مِڪر۔ تال. مڪر۔ فريب. بهانو۔ عُذر۔ ڪوڙ ڪنهن کي ڊيڄارڻ لاءِ ڪوڙي ڳالهہ.

توتڙ تنهنجي تن پر، ڪانجاڻا ۽ خم.

(محمود فقير، خيري ص۔137)

- **توحيد**: ث. [ع] خدا تعاليٰ کي هڪ ڪري مڃڻ جو عقيدو. وحدانيت۔ هيڪڙائي.

'محمد' تاجدار توحيد کي تصديق ڪيو.

(محمد فقير، بيت۔243، ص۔292)

- **توف**: ثہ [تُرڪي۔ توپ] بارود. گولا اڇلائڻ واري توپ. هڪ جنگي هٿيار.

لڳي توف طرحين تن وِچ، موليٰ تنهن ڪُون مارا.

(محمود فقير، تيهہ ڏينهن، ص۔123)

- **تَوَڪّل**: ث [ع. تَوَڪّل (علي)= ڀروسو ڪرڻ (خدا تي) سيڪجهہ ترڪ ڪري خدا ڏانهن توجهہ ڏيڻ. آسرو۔ آڌار۔ توهہ. اُميد.

توڪل والي تار طلب دي رندي رمز رليندا هي.

(محمد فقير، سور ڀُوريا، ڪافي۔15، ص۔152)

- **ٿوَنگَر**: صفت [ف. تونگر < توان= طاقت+ گَرَ= وارو] دولتمند. شاهوڪار- دنيا دار طاقت وارو. بي پرواهه.

ترڪ ترت تڪيو تخت تاج تن ۾،
ڪري تاب تارا طبل سان تونگر.

(محمد فقير، سر گجري، ڪافي 11، ص 239)

- **تولان**: ذ [ف. طُولان] ساز و سامان- مال ملڪيت "طنبو طولان". دٻدٻو- شان- شوڪت. هَٺَ- وڏائي.

طبل تولان توحيدي، تياري تاب سان تازي.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-68، ص-45)

- **تُهمتُون**: واحد. تُهمت. ث. [تِهمِ (=داغدار ٿيڻ) > تُهمة = بهتان. شڪ] بهتان- الزام ڪوڙو بهتان.

عاشقن تي عام جي، شهرت شڪايت.
طعنا ٺُڪا تهمتون، نخرا نهايت.

(محمد فقير، بيت-272، ص-296)

- **تياڳي**: صف. دنيا کي ڇڏيندڙ. تارڪ. لاطمع. ويراڳي.

وِرهه جو ويراڳي، طبل تر تياڳي،
سُخن ساز سُر سان، سچو سِر سُهاڳي.

(محمد فقير، سُر بنس، ڪافي-14، ص-162)

- **تيرَٿُ**: ذ [سن. تيرٿَ= نجات ڏيندڙ ڪم يا ماٿهو] مهاتمائن جي رهڻ جي جاءِ. پاڪ جاءِ. هندن جي زيارت جي جاءِ- جاترا.

هردي ۾ هرنام تيرٿ تنهنجو تو ۾ آهي.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-11، ص-79)

- **تيسا**: واحد. تيسو. ذ. ضد- هوڏ. ڪروڌ- ڪاوڙ- چڙ- رُسامو. ساڙ- ريس.

ڪاوڙ ڪرين ڪشت مان، تڪڙ ۾ تيسا.

(محمود فقير، گنگو ص-105)

- **تيغ**: ث. [ف] تلوار- ترار- شمشير.

تيز تکي ڪر تيغ سيني وچ، مارن ٻڪ ٻنگي.

(محمود فقير، ٽيھہ ڏينهن، ص-122)

- **تين گرامي**: قديم زماني ۾ موسيقيءَ جا ٽي گرام تسليم ڪيا ويندا هئا. (1) کرج گرام (2) گنڌار گرام ۽ (3) مڌم گرام.

بڌ شڌ اندر ڏياني ڏاران، تين گرامي سُر ڪا ساڌن.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي-15، ص-180)

ٿ

- **ٿاڇي**: (ٿاڇو) ذ. دهل يا نغاري جي چوٽ واري وڄت. دهلن جي زوردار آواز.

اسم اعظم ٿامو ٿاڇي اثر اذڪار هي ڪيتا.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-14، ص-16)

- **ٿاهہ**: ذ. ڇرڪ – هراس. ڊپ- خوف.

عاشق مار ڪباب ڪريندي، ٿاهہ ڪنهين نا ٿليان وي.

(محمد فقير، سُر سارنگ، ڪافي-2، ص-205)

- **ٿاهُو**: ذ. نغارن جي وڄت جو هڪ قسم (محرم ۾ سواريءَ جو هڪڙي پڙ تان وڃڻ مهل جو جڻ تہ اطلاع آهي). ڍَهل تي ملاڪڙي جو واڄو.

اسم اعظم ٿاهُو ٿاڇي اثر اذڪار هي ڪيتا.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-14، ص-16)

- **ٿُٻڻ**: (ٿُٻي) ث. پاڻيءَ ۾ هيٺ ٿوري دير رهڻ واري حالت- غوطو. سوچ- ويچار- غور.

گوهر گهڙي گرداب ۾، ٿوبن جيئن ٿُٻڻ.

(محمد فقير، سي حرفي-3، ص-258)

- **ٿَڪا**: [سن. ٿڪڪ] ناڻو. ڌَنُ- دولت.

جپ تار گاڪي ڪوڏڪر، مٺي پي مڪا دوغن ٿڪا.

(محمد فقير، سر ڪانگڙو ڪافي-13، ص-189)

• **تنکاٽي**: (تنکاٽو) ذ [سن. ستان] ٽِيڪڻ جي جاءِ. ٺڪاٽو. ماڳ. مڪان. آستانو. پاڻن جي رهڻ جي جاءِ. مڙهي. هندن جي پوڄا جي جاءِ

سٺايان شخن تو تگهت جي تنکاٽي.

(محمد فقير، سُر بنس، ڪافي-16، ص-162)

• **تَکورُ**: ٿ. سور واري جاءِ مٿان گرم ڪپڙي يا ٻي شيءِ سان سيڪ. ڪوسي لُپريءَ جي ڏَمَر. خدمت چاڪري تاڪور.

• **تِکورُ**: ٿ. دمُل يا نغاري تي ڏونڪي جو ڌڪ. هلڪهلاڪ. تَکورُ.

سجدا صاف صحي وڄ صورت، ڏيندا 'لا' دي نال تکور.

(محمد فقير، سر پيروي، ڪافي-61، ص-41)

• **تِگا**: (تِگو) ذ. وڏيل سڳو. ڳنڍيين وارو ڌاڳو. فقيرن جي ڳچيءَ ۾ پيل ڌاڳو (جنهن ۾ مٽيا، مڻڪا وغيره پوپيل هجن). فقيراڻو خاص ڳانو. ميرو ۽ ڦاٽل وڳو يا چتين لڳل پراڻو ڪپڙو. (شاعر مطابق): لاڳاپا لاهي ڇڏ. دنيا سان تعلق ڇني ڇڏ.

تگا دين ڪفر جا ٽوڙي، صورت جي پئي سام،

گهُورن ۾ ڏئي گيان منهنجو.

(محمد فقير، سر آسا، ڪافي-8، ص-4)

• **تگي توڙ**: تگا توڙڻ. مصدر. لاڳاپا لاهي ڇڏڻ.

ديدان دي دربار دُرس تي، دام دُوئي دي تگي توڙ.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-48، ص-94)

• **تِلي**: تِلڻ. مصدر. نخري سان هلڻ. ٽور سان هلڻ. لوڏ سان هلڻ آهستي آهستي هلڻ

شريعت جي شهر ۾ شرابين ڪيو شور،

تلي عجب تون تکاٽي تگهت جي.

(محمد فقير، بيت-207، ص-287)

• **تِنبُ**: (تنب باز) صفت. آڪڙباز. وڏائي خور. نخري وارو.

ڏسو منهنجي يار جون، ڪي تنب توڙون.

(محمد فقير، ڪافي-38، ص-66)

• **ٺڪ**: ذ. صفت. چالاڪ- حرفتي- حرڪتي- لُچ. ٺڳ- نينگ ٽپا ڏيندڙ- ناميل- چُٽيل.

ٺڪ ٽونٽي ٽپا ڏين ٽي چڱهن تي چٽي.

(محمود فقير، خيري، ص-138)

• **ٽوبن**: (ٽوبو) ذ. صفت. ٽبيون هڻندڙ- ٽوبير- ٽوٻ. غوطاخور.

گوهر گهري گرداب ۾ ٽوبن جيئن ٽبن.

(محمد فقير، سي حرفي-3، ص258)

• **ٽورَ**: ث. هلڻي. چال- رفتار جو نمونو. (ٽورا) وڏائي- آڪڙ.

شريعت جي شهر ۾ شرابين ڪيو شور،

ٽلي عجب ٽور ٽڪاٽي ٽڳهڻ جي.

(محمد فقير، بيت-207، ص-287)

• **ٽورون**: ڏسو. ٽور.

ڏسو منهنجي يار جون، ڪي ٽنڊ ٽورون.

(محمد فقير، بيت-38، ص-66).

• **ٽوري**: ٽورڻ. مصدر. آهستي پنڌ ڪرائڻ- هري هرء، هلائڻ- پنڌ ڪرائڻ ڪاهڻ- نياهڻ- گذارڻ- وقت ڪاٽڻ (ڪاروبار) هلائڻ.

سارو ساٿ سنياري ٽڪر ايندم ٽوري.

(محمود فقير، ڪافي-3، ص-46)

• **ٽوڪر**: ث. آهستي ڏڪ. ٽوڪڙ- ڏڪ- مسخري- ٺٺول- چرچو- يوگ.

سمجهي سودي وِچ لاڳئي ٽوڪر.

(محمود فقير، ڪافي-63، ص-84)

• **ٽوئڪي**: هڪ ٽوئي آن جو ٻاند (_ملان، پير، فقير جو راج تي مقرر ٽيل ساليانو ڏن) جيڪو ٻنئي مهل جدا ڪجي.

ٽُوٽ اُڳاڙين ٽوئڪي، ٻي ٻاڙ ڪائين ٻاڙي

(محمود فقير، موالي، ص-128)

• **ٺيٽ مڪڙي**: جيت جو هڪ قسم (اصطلاحاً) گهٽو ڳالهائيندڙ. ايري جسم وارو. سنهڙو سڪل.

چئي، پُري ڪنديءَ ڙي پڌري، چا ٺيٽ مڪڙي ٿرڙي.

(محمود فقير، خري، ص_139)

ٺ

• **ٺامُ**: ذ [سن. ستان] ماٺ_ سانت_ چُپ_ آرام. گڏجاڻيءَ جي جاءِ. ميلاپ جو هنڌ. مضبوط شيءِ.

اکين واري آتش بازي، ٺام عجائب ٺهي ٺهي.

اچي اصلاتي اسرار سان.

(محمد فقير، سُر مانجهه ڪافي_5، ص_106)

• **ٺاهہ**: ٺاهڻ مصدر (اسم) ٺاهپ_ بناوت_ جوڙ سندار_ انتظام_ بندوبست.

هن ڪميٽيءَ ڪين ڪمايو ٺڳيءَ وارو ٺاهہ.

ڪٺي خواري خلق ڪلڻ جي.

(محمد فقير، سُر ڏناسري، ڪافي_1، ص_227)

• **ٺِڪريان**: واحد ٺڪري ٿ ٺڪر جي ٿانءَ جو ڀڳل ٺڪر.)صفت) بدبخت_ نياڳو.

تيڏيان زالان ڏؤنهين بي تاليان.

اصل تيڪون ٺوڙهہ مارن ٻئي ٺڪريان.

(محمود فقير، خيري، ص_136)

• **ٺُلُ**: ذ [ف. تل] مُنارو_ پايو. بُرج (قلعي جو). قلعي جي اندر يا مکيہ دروازي وٽ ٺهيل وڏو گول منارو. (صفت) ڏکهو.

پلٽي هٽيو پٽسا ونيو نوڳيا ٿين ٿو ٺُل.

(محمود فقير، موالي، ص_130)

• **ٺُمري**: ث. ڳائڻ جي شعر جو هڪ قسم. راڳ جي هڪ طرز.

ڏر پد ٺُمري خيال ترانا.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي_6، ص_120)

• **ٺوڙهہ**: ٺ. ڪوڙيل مٿو- گنج- روڙ- ٽِپڙ- ٽِپر- مٿو- ميڙ- ڪيپراٽي.

تيڏيان زالان ڏونهين بي تاليان،

اصل تيڪون ٺوڙهہ مارن پٿي ٺِڪريان.

(محمود فقير،ڏسالي، ص_113)

• **ٺوڳيا**:(ٺوڳي) ذ. صفت. [سن. ستگ= ٺڳڻ] ٺڳ- ٺڳيندڙ- دغاباز- دولابي.

پلٽي هٿيں پئسا وئيو ٺوڳيا تين ٺوٺُل.

(محمود فقير، موالي ص_130)

• **ٺيلها**: واحد. ٺيلهو. ذ. ڌڪو- ٺيلهو. صدمو. نقصان. هاڃو- جوکو.

توکي ٺکر ۾ ٺيلها، تون ٺونهين ٿي سانگهڙ ۾.

(محمود فقير، خيري، ص_136)

ث

• **ثاب**: ظرف. [ع. ثاب= پدلو ڏيڻ] قبول- منظور. عموماً "پوڻ" يا "ٿيڻ" سان گڏ اصطلاح طور ڪم ايندڙ لفظ.

ٺتي ثاب، پيئمر خواب، ڪو امام آيو.

(محمود فقير، ڪافي_2، ص_46)

• **ثابت**: صفت. [ع. ثَبتَ= قائم رهيو] برقرار- محڪمر- مضبوط. صحيح- سلامت. سچو- سارو- پورو.

ث_ ثابت ساهہ جو سامي ڪري سانگہ

(محمد فقير، سي حرفي_2، ص_248)

• **ثبوتي**: ذ. [ع] ثابتہ قائمر- پڪو. پختو. دليل.

ڪل هڪ حُسن سان ڏمالي دغن سان،

ٺرن جي ثبوتي، ٺٺائي ٺخن سان.

(محمد فقير، سر بنس، ڪافي_14، ص_161)

پ

• **پاتار**: ذ. [سن. پاتال] زمين جو هيٺاهون طبقو- درياءَ يا سمنڊ جو ترو. تڙ اُونهون پاڻي. اوڙاهہ- عُميق. (صفت) اونهون- عميق- اٿاهہ.

پسي پاڻ پسڻ ۾ پنهنجو پور پيا نہ پهي پهي،

پاڻي پيچ پسڻ پاتار جو.

(محمد فقير. سُر مانجهہ. ڪافي-2. ص-105)

• **پاتنجل**: [سن] هڪ مشهور هندو فيلسوف جو يوگ تي لکيل ڪتاب.

پاتنجل سانکهہ ويدانت وَرتَن. ڪانڊ ڪرم ڪلتا رکيا.

(محمد فقير. سُر ڪونسيہ. ڪافي-6. ص-176)

• **پاٽ**: ٿ. [سن. پاتر] ٺڪر جي وڏي ٿالهي- ڪاٺ جو پانوڙو.

چار سير چانور ڪاٺين. پنٽا سڄي پاٽ.

(محمود فقير. موالي. ص-130)

• **پاپُ**: ذ. [سن. پاپ] گناهہ- ڏوهہ. خطا. دين ڌرم جي خلاف عمل. نيچ ڪم. بڇڙو ڪم. ظلم- ڏاڍ. ڪهر- غضب.

پورن پرگهٽ پد پرڪاشي، جوٽ نہ جس مين پاپ نهين.

(محمد فقير. سُر ڪونسيہ. ڪافي-11. ص-178)

• **پارس**: (پارس تي پوڻ) ڪامل ولي ٿيڻ. فيض وارو ٿيڻ (جنهن جي فيض کان مريد مٺيا وارو ٿئي).

پير هفان پس پارس پرور. پرت سندو پشمانو ٿي پروانو.

(محمد فقير. سُر تلنگ. ڪافي-32. ص-87)

• **پاڙيچن**: (پاڙيچو) ذ. صفت. پاڙي جو- پاڙيسري. پاڙيوارو.

پاڙيچن پرين سان پوري پرت پِريہ شرهي سونهن پري.

(محمد فقير. سُر مانجهہ. ڪافي-1. ص-104)

• **پاڙي**: ذ. صفت. [ف. پاجي = (پا= پير + جي) پيرن تي ڪرندڙ] پاجي- ٻانهو- نوڪر- گدلو- خدمتگار. ث. ٻانهي. گولي.

پاڙي آئون پينار پِنا، صحبت جا سامان.

(محمود فقير، گنگو ص-116)

• **پاساري**: ذ. صفت. [سن. پٽيءَ= وڪري جو مال+ سارد سر= پکيڙڻ] پسارڪو وکر رکندڙ. دُڪاندار- پساري.

جوشان جوش، نوشان نوش، پوشان پوش پاساري.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-30، ص-25)

• **پاڳ**: ث. [سن. پٽ. پٽُ= ڍڪڻ] پڳ- پٽڪو- عزت- اڱواٽي.

پهري پاڳ، تي سُجاڳ، واري واڳ وصالي.

(محمد فقير، سُر مهٽي ڪافي-1، ص-208)

• **پاڳاهون**: (پاڳُ) ذ. [سن. پاد= پيرُ] پيرُ- پڳڙ. دستار. قدم.

پنج سؤ لک پاڳاهون، گهوڙا غازين جا.

(محمود فقير، ڪافي-15، ص-53)

• **پالوٽ**: ث. [سن. پريستر+ ڪ] اُٿَلَ (پاڻيءَ جي)- ڇلٽ- ٻُڦياڻي- جهجهائي- گهڻائي- ڪثرت.

پيڪان ڪي، پٽيمان ۾ پُر پي پچاڻا آپ ڪو

پُختا اُسي پالوٽ ڪا، پرواز پرواني ۾ هي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-42، ص-143)

پينگهي ۾ پالوٽ ڏني مون کي لعل پنهل لولي.

(محمود فقير، ڪافي-11، ص-50)

• **پاڻيءَ ڦوٽا**: (پاڻيءَ جو ڦوٽو) محاورو. ناپائدار شيءِ- بي بنياد شيءِ- جلد فنا ٿي ويڃڻ واري شيءِ. بي بقا.

مقدار تيڏا جيوين پاڻيءَ ڦوٽا،

مين تہ مار سوتتا تيڏا ساهہ نيوان.

(محمود فقير، گنگن، ص-112)

• **پت**: ث. [سن. پرتيتي. پُرتِ= وري+ اِڻ= وڃڻ] اعتبار- ڀروسو- ويساهہ. يقين- ساک- سچائي. آبرو- عزت- ماڻ. عصمت. پرم. لڄ.

صورت جي سينگار مان، سُر تي ڪڍيو سُت،

پرت واري پت، پسڻ ۾ پاڪ ٿي.

(محمد فقير. بيت-82. ص-274)

• **پتنگ**: هڪ ننڍڙو جيت (جيڪو باهہ جو عاشق آهي ۽ باهہ ۾ سڙي رک ٿيو وڃي). پروانو.

پلٽ پهلوانن، پيڪان پسي، پڇي ٿيا پسڻ ۾ پتنگ جيئن پٽي.

(محمد فقير. سُر پيلو ڪافي-15. ص-115)

• **پترا**: (پتُرا) ث. پترڻ جي حالت. پڪڙجڻ جي حالت.

هڪ مدينہ 'محمد' مترا، تيرٿ تڪيا پوجا پترا.

(محمد فقير. سُر ڪونسيہ ڪافي-16. ص-180)

• **پت**: پيالو- قدح- جام (شراب جو).

پي پي پيالا پت، پوري پرت پري پري.

(محمد فقير. سُر پيروي. ڪافي-23. ص-21)

• **پٽ**: ث. پٽڻ جي حالت. هتي پرن يا کنبن پٽڻ ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي.

عشق شهباز جنبين وچ چئيندا، تڙڦڻ مور نہ ڏيندا،

ماس هڏيان دا هوش هنئين ڪون، کنبڙيان پٽ پٽ کائيندا.

(محمد فقير. بيت-224. ص-290)

• **پٽدار**: ريشم وارو- ريشمي ڪپڙو.

پوشاڪ پاڪ پوري پڳدار جي نموني،

پٽيمان ۾ پڌر ٿيو پٽدار جي نموني.

(محمد فقير. سُر پيلو ڪافي-17. ص-116)

• **پچار**: ث. ڳالهہ- ذڪر. تات- پڇڙ. يادگيري بيان. عادت. گلا- نندا. ٻلا.

پويٽ پتنگ پاڻ ۾، ڪيهي ڪن پچار.

(محمد فقير. بيت-23. ص-267)

• **پَچَڻُ**: مصدر. [سن. پَچَنِيَ] باهہ تي پڪو ٿيڻ. رڌجڻ (باهہ تي). پچڻ (ماني). سڙڻ۔ ٻرڻ۔ ڪامڻ۔ جلڻ. رَسجڻ (ميوو). ڪڙهڻ (زخم ڦٽ وغيره) رَجهڻ (اندر ۾).

پڙهڻ پچڻ وچ ۾، آهي وڏو فرق،
محبت وارن مرڪ، مام سڃاڻن مام جي.

(محمد فقير، بيت۔115)، ص۔277)

• **پَڇاڻُ**: ث. [سن. پَرت] سُڃاڻ۔ واقفيت۔ ڄاڻ. سُڃاڻپ۔ ڏيٺ.

پسي پنهنجو پيچ پسڻ جي پسڻ واري پڇاڻ پسان ڇا.

(محمد فقير، سُر گجري، ڪافي۔8، ص۔238)

• **پُختا**: پختو. ث [فـ پُختہ] پڪائي۔ مضبوطي ثابت قدمي هوشياري۔ ڏاهپ۔ سياڻپ

پيڪان ڪي پيمان ۾، پُر پي پڇانا آپ ڪو
پختا اُسي پالوت ڪا، پرواز پرواني مين هي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي۔42، ص۔143)

• **پختي**: ڏسو پختا.

چلاغ دي نقطي پيچ پاڪي پختي، رنگ رنگي رُخ تي،
نقطي ڪيتا دور محمدي مذڪور.

(محمد فقير، سي حرفي۔1، ص۔245)

• **پخالڻ**: مصدر (ث). صفت. پخال وارو۔ پخال ڪندڙ۔ پخال سان پاڻي پريندڙ. بهشتي. پخالي.

ڏڪالڻ ڏوبيائي، پخالڻ پنهون ءَ جي.

(محمود فقير، ڪافي۔39، ص۔67)

• **پَدارَٿ**: ث. [سن. پدارَٿ] دپَدَ= آواز. لفظ+ اَرَٿ= مطلب] شيءِ. وَٿُ۔ وَسُتو۔ چيز۔ ٿوڪ. عنصر. ملڪيت. ناڻو۔ دنيا. برڪت۔ نيڪي. معني. مطلب۔ سمجهاڻي۔ تفسير. بيان. فرض۔ مقصد.

پد پرڪاشي پُرجهہ پدارٿ،
سنت شناوي گيان ڪتا ڪٿ.

(محمد فقير، سور ڪونسيہ ڪافي۔12، ص۔79)

• **پِڏَرُ**: ذ. [ف] پيءُ۔ والد۔ ابو۔ بابو.

حشت حقيقي حڪم سان، هر جاءِ هڪل تنهنجي هُلي،

حسنين جو پرور پدر، حضرت علي حيدر قرار

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي۔17، ص۔63)

• **پَڏَمُ**: نانگ جو هڪ قسم (زهريلو اُڏامندڙ ڪنڊ ۽ پٺيءَ تي پوري رنگ جا وار ۽ ڏيگهه ۾ ٻن فوٽن تائين ٿئي ٿو).

ڪِپر ڪَڻُ پڏمُ پيا، تليهر توڙن توڙ

(محمد فقير، بيت۔54، ص۔272)

• **پدم 2**: ذ. [پرا. پٺم. سن.پدم] ڪنول جو گل۔ نيلوفر عدد شماري ڳڻپ جي ڏاڪن مان چوڏهون ڏاڪو.

چڏي مون اتي هڪ، پدم جهڙي پهر ڙي

(محمود فقير، ڪافي۔72، ص۔93)

• **پڌر**: پڌرائي۔ مشهوري (ظرف) ظاهر۔ کليو۔ چٽو. دنگ۔ چيهه۔ آنت۔ چيڙو. سُڌ۔ خبر.

محبت دي ميدان، پڌر پڙوچ، پير پريندا.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي۔60، ص۔99)

• **پَڌَ**: واحد. پَڌُ. ذ. پَٽُ۔ ميدان. غير آباد زمين۔ پوٺو. ڦٽل شهر يا ڳوٺ وارري زمين.

پَڌَ پراٺا، توهر ٿرن ۾.

(محمد فقير، ڪافي۔15، ص۔53)

• **پَذِير**: صفت [ف] اثر وٺندڙ. اثر قبول ڪندڙ. هميشه مرڪب لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ "دل پذير. اثر پذير" وغيره.

تنهنجو مليو مُنور مُدعا، پردي منجهان پرور پذير.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي۔24، ص۔67)

• **پَرِ:** ث [سن. پال] ريت ـ رواج ـ دستور. هلي چلي ـ عام رواج. هلت ـ عادت ـ لڇڻ. نمونو ـ طرح.

رکي نوڪ نظر تي ناتونر، پئمان پسڻ جي پاري پَر.

(محمد فقير سُر تلنگ، ڪافي ـ 62، ص ـ 100)

• **پُر:** ذ. صفت [ف] پريل ـ ٽُٻ ـ ٽار ـ تمٽار ـ منهان تار ـ لبالب ـ ڪنان تار.

پي تو پاڪ پريِنءَ سان پيالا پُر

(محمد فقير، سور راڻون، ڪافي ـ 1، ص ـ 232)

• **پرابتِ:** ث. [سن. پراپت دپر ـ گهٽو+ آپ = حاصل ڪرڻ] حاصلات ـ فائدو ـ نفعو ـ لاڀ. ڪمائي ـ پيدائش ـ اُپت ـ آمدني. ڪاميابي. بخت ـ نصيب ـ ڀاڳ (صفت) حاصل ڪيل ـ مقرر. درست

پراپت پشعتي مدّما بہ پگتي.

(محمد فقير، سُر ڪانرو ڪافي ـ 6، ص ـ 172)

• **پرار:** ذ. پراڙ ـ پريون ڪنارو. (درياءَ جو)

لياقت نہ اٿم لوڪ جي، آئون آهيان پلڪ پرار.

(محمود فقير، موالي ص ـ 127)

• **پرتاب:** روشن ـ منور ـ جلويدار. دبدبي وارو. وڏو فياضي.

بلهي شاهہ ارداس گلاب، سر شٽ ديانند پُڌ پرتاب.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي ـ 16، ص ـ 180)

• **پرتِ:** ث [سن. پريت] پريت جو مخفف. پريت ـ محبت ـ قرب ـ پيار. عشق. سِڪ ـ اُڪير ـ چاهہ.

پارس پرت پساري، جام جلالي بہ مين هون.

(محمد فقير، سُر جوڳ، ڪافي ـ 5، ص ـ 192)

• **پُرجَهو:** ث. سمجهہ ـ پروڙ ـ ڄاڻ.

بسنت 'محمد' سارنگ گاوي، پُرجهہ پريمي پنجم.

(محمد فقير، سُر ملار ڪافي ـ 4، ص ـ 103)

• **پُرسُ**: ذ. [سن. پُرش] مرد۔ شخص. مڙس۔ پتي. پتار۔ وَرُ.

شبد سُناوي سنتگر سروَن، پرگهٽ پُرس پيارا ري

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي۔12، ص۔179)

• **پُرشُ**: ذ [پرا. پُرس. سن. پُرش] ڏسو پُرس.

روپ سروپ انوپ انيڪي آد پرش ڏن ڏياني ري

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي۔4، ص۔175)

• **پرگهٽ**: صفت(پرگهٽيو۔ پرگهٽبو۔ پرگهٽيل) پڌرو۔ آشڪار. مشهور۔ پيدا. عيان.

پرگهٽ، گهٽ ۾ گهٽ پرگهٽ ۾، پيدا نا پيداني ري

(محمد فقير ، سُر ڪونسيہ ڪافي۔4، ص۔175)

• **پَرَم**: صفت [سن] اعليٰ۔ اُوچو۔ اُتم۔ مکيہ. افضل۔ برتر۔ مڪمل. بي حد۔ وڏو. پهريون۔ اول.

عاشق ايچ، بڌي پيچ، ڏاڍي پيچ پرم دي

(محمود فقير، ڪافي۔ 51، ص۔77)

• **پَرمان**: (پرماڻ). ذ. [پرا. پَرماڻُ. سن. پرماڻ. پرَ= گهڻو+ ما= ماپڻ] ماڻ۔ ماپ۔ ماپو. تور۔ وزن انداز۔ مقدار. قاعدو۔ قانون. رسم۔ رواج. دليل۔ حُجت. ساک. ثابتي. حوالو. سَنَد. (صفت) درست۔ صحيح. مُباح۔ روا.

نام جپون پرنام پيارا، پُورن ڪر پَرمان هري ڪا.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي۔7، ص۔176)

• **پَرميسر**: ايشور= ڏڻي < ايش= حڪومت ڪرڻ. وشنو اوتار جو هڪ صفاتي نالو۔ ايشور.

پاچي پيچ عشق رو پڙسي پاڙي پرميسر جي.

(محمود فقير، گنگو ص۔109)

• **پَرنامُ**: پَرڻامُ. ذ. [سن. پَرڻام] وڏيءَ عزت سان جُهڪي ڪيل سلام۔ نمسڪار.

نام جپون پَرنام پيارا، پُورن ڪر پَرمان هري ڪا.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي۔7، ص۔176)

• **پرواز**: ذ. [ف] اُڏامڻ جي حالت- اُڏامڪ- اُڏاري (فاعل) اُڏامندڙ. مرڪب لفظن جي آخر ۾ ڪم ايندڙ لفظ "بلند پرواز" وغيره.

اکيون پائي ڪجل ڦهري، ڪرن پرواز ٿيون پهي.

(محمد فقير، سُر شام ڪلياڻ، ڪافي-10، ص-213)

• **پروان**: پرواني جيئن- پتنگ جيئن. پروان (ف) ذ. (اسم) هـ (صفت) مڪمل- پورو- بالغ- نيڪ- صحيح، درست، پيڙيءَ جو ڪوهو- ونجهه.

پروان جان پڙ ۾ پچڻ، هيءَ عاشقن جي سونهن سوڀ.

(محمد فقير، سُر راڻو ڪافي-4، ص-234)

• **پرواني**: پروانو. ث. [ف. پروانا] جيت جو هڪ قسم (جو روشنيءَ جهڙوڪ بلي، باهه. شمع وغيره جي چوڌاري اُڏامي آخر وڃي اُن ۾ پوندو آهي). پتنگ (مجازاً) عاشق.

پيڪان ڪي پيمان ۾ پُر پي پچانا آپ ڪن

پختا اِسي پالوٹ ڪا، پرواز پرواني مين هي.

(محمد فقير، سُر پهاڙيءَ ڪافي-42، ص-43)

• **پرو**: ذ. نشان. ڏس- پتو- اُهڃاڻ- پسڻ.

جڏهن پاڻ پسڻ جو پيڙو، پرو، تڏهن ذوق نہ ضايع ٿيڙو ذرو.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي- 61، ص-99)

ڪچائيءَ جي قطري جو پوي ڪونہ پرو.

(محمود فقير، خيري ص- 141)

• **پُري**: نسل- پيڙهي- پشت.

هاڻي سنجهي ٿيءَ رواني، نہ تہ پُري ڪنديسئين پڌري.

(محمود فقير، خيري، ص-134)

• **پڙُ**: ذ. [سن. پندَ- گول ٿلهو] ميدان- وڏو ميدان. گولائيءَ ۾ زمين جو ٽڪر.

محبت دي ميدان، پڌر پڙ وچ پير پريندا.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي-60، ص- 99)

- **پڙ:** (پڙ ڪيدي ويهڻ) صفا انڪار ڪرڻ- نابري واري ويهڻ. ضد ڪري ويهڻ. ڪپ ڪوڙي ويهي رهڻ.

چنپوران تون پڙ ڪييو وات پئين ڏاري.

(محمود فقير، خيري، ص-133)

- **پسارا:** واحد. پسارو. ذ. [سن. پرسار] وستار- اُپٽار. ڏيکھ. وڏاءُ (ڳالھ ۾). پکيڙ. کنڊير. واڌارو. مفاصلو. مانڊاڻو. ڏيک- مشاهدو. نظارو. ميڙ- اجتماع. آبادي- بستي. سامان.

پڏرا پرت پسارا ڪيتا، اولي آءُ انساني اعظم شاني.

(محمد فير، تلنگ ڪافي-37، ص-189)

- **پساري:** ذ. صفت. پسار جو سامان وڪڻندڙ دڪاندار. جڙيون ٻوٽيون وڪڻندڙ. (شاعر مطابق) محبت جو سامان رکندڙ- پيار ورهائيندڙ.
- **پسڻ:** ذ. [سن. پشيہ+ درش= ڏسڻ] اِشارو- اُهڃاڻ- شگون- آثار. هميشہ جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ.

پسڻ آهيان پاڻ پسان ڇا، پسڻ واري پيچ ۾ پڏرو.

(محمد فقير، سُر گجري، ڪافي-8، ص-238)

- **پشت:** نسل- پيڙهي- پُري- ٻُڻ. خاندان. حمايت- مدد- ٽيڪ. (صفت) حمايتي- مددگار.

حافظ ويا حضور ۾، پشت هليا پاتار.

(محمود فقير، موالي ص-130)

- **پُشتي:** ث. پُشت. مدد- حمايت- ٽيڪ. پيڙھ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ آڏ.

پراپت پُشتي مدّما ۾ پکتي.

(محمد فقير، سُر ڪانرو ڪافي-6، ص-172)

- **پلاڻ:** ذ. [سن. پريارڻ] اُٺ کي سنجڻ جو سامان (پاکڙ ۽ ٻيو سامان) شاعر مطابق، ارادو ڪرڻ- تياري ڪرڻ.

پسڻ پس پسڻ جو پري ڪيم پلاڻ،
پُڇائي پُڇاڻ 'محمد' مک مذڪور ڪيو.

(محمد فقير، بيت-17، ص-267)

• **پلٽي باز**: پنهنجي ڳالهه مٿي ڪرڻ وارو. نموني سان ڪم ڪيڻ ويندڙ شعبدي باز. (صفت) پلٽو راند ڪندڙ. پلٽو کيڏندڙ. تلوار باز. اٽڪلي. چالاڪ. ڦرٽو گهرٽو. ڦيرائي گهيرائي.

پلٽي باز پڪڙ ڏو ڏوڪار رسن.

(محمود فقير. ڪافي. 41. ص. 168)

• **پلنگ**: ذ. [سن. پريَنڪَ] کٽ جو هڪ قسم. وڏي کٽ. ڇپر کٽ.

سُتيس سيج پلنگ تي، جاني جڙي جان.

(محمد فقير. بيت. 185. ص. 285)

• **پنچمُ**: ذ. [سن. پنچمَ] راڳ جي اصطلاح ۾ سرگم جو پنجون سُر "پا". هنڊول راڳ جي هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

• **پٽِي**: ٿ. مٽي. خاڪ. دز. ڌوڙ. رَئي.

پلٽ پهلوانن پيڪانن پسي، پچي ٿيا پسڻ ۾ پتنگ جيئن پٽي.

(محمد فقير. سُر پيلو ڪافي. 15. ص. 115)

• **پُور**: خيال. فڪر. پيچ. وڪڙ. ويچار. فڪر. ڳڻتي.

نا پور پيا ڪو پهندي هون.

(محمد فقير. سُر توڙي، ڪافي. 6. ص. 220)

• **پُوَرَبُ**: ذ. [سن. پورُوَ] اوڀر. اڀرندو. مشرق. اڀرندي وارو ملڪ. اوڀر جو واءُ. ڀارت ۾ ڪانپور کان بهار تائين علائقو. (صفت) اصلي. قديم. پهريون. اوائلي.

پورب ڪيا پرواز پٽن تي ڪڪرن ڪئي آهي ڪار ميان.

(محمد فقير. سُر تلنگ ڪافي. 2. ص. 102)

• **پُورَتَ**: ٿ. [سن. پُورت] پُورائي. تڪميل. ڪوٽ پرڻ جي حالت. اهڙي حالت جنهن ۾ زندگيءَ جون ضرورتون پوريون ٿي سگهن. ڪفايت.

پنهنجي پسڻ جي پورت، پڳدار ٿي اچان ٿو.

(محمد فقير. سُر پيلو ڪافي. 11. ص. 112)

• **پُورِيا**: [هـ] هنڊول راڳ جي هڪ راڳڻيءَ جو نالو. محمد فقير جون 21 ڪافيون هن سُر ۾ آهن ۽ هي سُر ترتيب مطابق 14 نمبر تي رکيو ويو آهي.

• **پوشُ**: ذ. [ف] ڍَڪڻ- غلاف. حجاب- پردو- نقاب. لباس. پرت پريل ڪپڙو (جو غلاف طور ڪم اچي). ڪتاب مٿان ڏنل ڍڪ (ڪپڙي يا ڪاغذ جو). (صفت) ڍڪيندڙ. پرده پوش.

بقائي دا باغ بهارِ، پوش پيارل پارس هي.

(محمد فقير، سُر سورٺ، ڪافي- 1، ص- 201)

پنجتن پاڪ پوش پيارا.

(محمود فقير، ڪافي- 77، ص- 102)

• **پوشُ پوشُ**: ٺِدا. پاسي پاسي! پري پري! پري ٿيو! هٽي وڃو!

پوندي آوي پيچ پيچ، پوندي آوي پوش پوش.

(محمد فقير، سُر راڻو ڪافي- 1، ص- 232)

• **پوءِ واري**: ٺ. پليان جي سنڀال- يادگيري. پرگهور- سارسنڀال. پُٺ ڀرائي- حمايت- مدد. پيروي- تقليد.

ڏي ڪا دلدار دلدارِي، پرين پرچي ڪر پوءِ واري.

(محمد فقير، سُر شام ڪلياڻ، ڪافي- 1، ص- 208)

• **پهاڙي**: ٺ. راڳڻيءَ جو هڪ قسم. ترتيب جي لحاظ کان محمد فقير جي رسالي ۾ پهاڙي 13 نمبر تي رکيل آهي ۽ هن راڳڻيءَ ۾ فقير صاحب جون 47 ڪافيون آهن.

• **پَهِرِي**: پهرڻ مصدر. [سن. پَرڌانَ. پَرِ= چوڌاري+ ڌا= پائڻ] ڍڪڻ (وڳو)- پائڻ (ڪپڙا)- مالَ جو چرڻ لاءِ وڃڻ. گهر کان ٻاهر وڃڻ- اُسهڻ. پڪڙڻ.

اکيون پائي ڪجل تهرِيه ڪرن پرواز ٿيون پهري.

(محمد فقير، سُر شام ڪلياڻ ڪافي- 10، ص- 213)

• **پَهُون**: ٺ. ٻڪري.

پهُون پنهوارن جون. چُرّن ٿا چيلا.

(محمود فقير، ڪافي- 42، ص- 79)

• **پَهِي**: ٺ. [سن. پَنج] ڪيهه جو پهو- پُوٽي. ٺسري. وٽي- پيالي.

رنگي رُڪ سان رندي راند رهي، سينگار ڪري سرشار صحي.

پيمان پڪي ۾ پاڻ پهي، پوءِ پير نه پنٽي پايان مان.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي- 71، ص- 48)

- **پهي 2**: ذ صفت [سن پنث= واٽ] واٽهڙو۔ قاصد۔ پانڌي اولاد۔ وارث. ٻچو. نسب

هلان هيڪڙ ملان جيڪڙ پلڪ پاند پهي.

(محمود فقير، ڪافي۔22، ص۔57)

- **پٿون پارهن**: ذ. پورو پورو ڏاءُ. ڇڪو. وڏي ۾ وڏو ڏاءُ. شروع ۾ ٿي پارهن يعني ٻن ڇڪن جو ڏاءُ يا ٻن ڇڪڻ جو لڳڻ. شروع ۾ ٿي فتح. سڀ سٺائي. سڀ ڪجهه حاصل ٿي وڃڻ.

عشق اوقاتي سر سوغاتي پٿون پارهن پورا ڏارا.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي۔54، ص۔96)

- **پئيمان**: (پئمانو) ذ. [ف] پئمانَ] پيمانو۔ ماپو. وزن. مقرر وزن. مقرر ماپ.

پئيمان پڪي ۾ پاڻ پهي. پوءِ پير نہ پنتي نہ پايان مان.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي۔71، ص۔48)

- **پيچ**: مصدر. پيچ پائڻ. نينهن لائڻ۔ عشق ڪرڻ.

پنبٽيان ڪر پرواز پسايا. پيچ پسڻ پاتار دا. جهلڪار دا.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي۔42، ص۔91)

عاشق ايچ، ٻڌي پيچ، ڏاڍي پيچ پرم دي

(محمود فقير، ڪافي۔51، ص۔77)

- **پيچي**: ذ. صفت. ورپل۔ ڏنگو۔ ڦيري وارو۔ وٽ ڏنل (پٽڪو). ريشمي ڪپڙي جو پٽڪو.

پسڻ دي پئيمان پڌر ٿي، ٻڌ پيچي پختي پٽڪي.

(محمد فقير، سُر ملار ڪافي۔3، ص۔102)

- **پيرِ مُغان**: ذ. آتش پرستن جو پيشوا. آتش خاني جو مجاور. شراب خاني جو مالڪ۔ ساقي. مجازاً مرشد. توحيد جو شراب پيارينڊڙ.

پيرِ مُغان ۾ پيهي پڌر ٿي. برسيو بزم ۾ بترو بدر ٿي.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي۔7، ص۔12)

• **پيزارُ**: ث. [ف] جُتي- پاپوش.

تنهنجو مُنهن محبوب مصحاف پسي،

رخسار ڇُمان پيزار ڇُمان.

(محمد فقير. سُر ضلع. ڪافي-1 ص-225)

• **پيشوازان**: (پيشواز). اُهو پَڙو جو ڪنجريون نچڻ وقت پائين. جامو.

نشي سان نيارو نسنگ ٿي نچا نٿو

ڀهري پيشوازان پسڻ ۾ پچانٿو.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-59، ص-48)

• **پيشوي**: ذ. صفت. [ف] اڳواڻ- مهندار- قائد- رهبر. سردار.

پيالا پِرت دا پاڪ پي پرُ پيشوي ڪيتا امام.

(محمد فقير، سي حرفي-4، ص-261)

• **پيڪانُ**: ذ [ف] ڀالي يا تير جي نوڪ. تيرُ- ڪانُ.

پيڪان ڪي پئيمان ۾ پُر پي پچانا آپ ڪو

پختا اُسي پالوٹ ڪا، پرواز پرواني ۾ هي.

(محمد فقير، سُر ڀهاڙي، ڪافي-42، ص-143)

• **پِيالا**: (هميشہ جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ) اصطلاحاً، فقيرن وٹ فقيرن جي دعوت. کائڻ پيئڻ جي دعوت.

ڪري سِر سُرت سان، نظاري نرت سان،

پيارين پرت سان پگدار پيالا.

(محمد فقير، سُر گجري، ڪافي-12، ص-239)

• **پينهن**: پيهڻ. مصدر. جَندَ ۾ پيهي آٽو ڪرڻ. گهوٽڻ. گُرٽڻ. (شاعر مطابق) سنهي ڪرڻ- چاپلوسي ڪرڻ.

هاٹي سنهو نہ پيئي پينهن، نہ تہ پُري ڪنديسئين پڌري،

(محمود فقير، خيري، ص-135)

• **پِيَڻُ**: ث. ٻلا جو هڪ قسم (زهريلي ٻلا). پاڻيءَ جي ٻڪيءَ جو هڪ قسم (قد، رنگ ۽ شڪل ۾ "ڦاز" جهڙو ٿئي، مڇي ڪاٺي، هن جي چربي 'لقوه' جي بيماريءَ لاءِ مفيد آهي)۔ ڦيٽائي. پيڻ ٿر ۾ ٿئي ان کي ڦوڪڻ به چوندا آهن. (پِيَڻُ) ڪا پاڻيٺ (پاڻي، شربت وغيره) نڙيءَ مان اندر اوتڻ۔ ڍوڪهڻ۔ واپرائڻ. ڇڪڻ (بيڙي، تماڪ) مارڻ (چڙ، ڪاوڙ). کائڻ (زهر). چُهڻ۔ جذب ڪرڻ (پاڻي).

ٿر ميمڻ مُئيءَ جا، پيڻ پياڪ جاني.

(محمود فقير، ڪافي۔70، ص۔92)

• **پيوَند**: ذ. [ف] چِتِي۔ ڳنڍ۔ جوڙُ توپو. تعلق۔ ڳانڍاپو۔ لاڳاپو. ڪنهن ڦاٽل ڪپڙي تي هنيل ڪپڙي جي چتي. رشتيداري۔ هڪڙي وڻ جو قلم ٻئي وڻ جي شاخ ۾ هڻڻ جي حالت.

پيوند تنهنجي پرت جو پيڙو جلي ويو جوش ۾ جيئڙو.

(محمد فقير، سُر شام ڪلياڻ، ڪافي۔1، ص۔208)

ج

• **جابجا**: ظرف. هر هنڌ۔ جاءِ بجاءِ۔ جتي ڪٿي۔ هرجاءِ۔ هرجڳهه.

جُملي جهان جلوه، جهلڪا جابجا.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي۔19، ص۔130)

• **جات**: ث. [سن. جاتِ. ڄَن= ڄمڻ] ذات۔ قوم۔ قبيلو۔ فرقو۔ نسل. برادري۔ نيات. مُور۔ هرگز.

ٿريا ويا پڪ اُتپت اندر، ٿرياجات مين جاتي ري.

(محمد فقير، سُر ڪونسيه، ڪافي۔13، ص۔179)

• **جاٽ**: هر جي پهرين اوڙ ارڙهن، ويهن اوڙن جو مجموعو.

اسين هاري ماٺهو هر ڪاهيون، جوڙو ٻڌي جاٽ.

(محمود فقير، موالي، ص۔130)

• **جاپُ**: ذ. [سن. ڄپُ] پرارٿنا۔ بندگي۔ پُوڄا۔ وِرد۔ وظيفو۔ ذڪر.

برهم گياني بِگل بجايا، جس مين ڪوئي جاپ نهين.

(محمد فقير، سر ڪونسيه ڪافي۔11، ص۔178)

- **جادوگر**: ذ. صفت. جادو ڪرڻ وارو- جادو ڄاڻندڙ- ساحر. ڀوپو.

جوت جلالي جلوه ڪيتا، جادوگر جنسار دا، جهلڪار دا.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-42، ص-91)

- **جاڙيون**: واحد. جاڙ [سن. جاڍيہ] ڏاڍائي- ڏاڍ- جُٺ- تعدي- زبردستي- ظلم- زوري- سختي. ڀُل- چُڪ- غلطي- خطا- غفلت- سستي- بي وقوفي- بي عقلي.

ٻاروچل جون ٻاڙيون ٻاڙيون، جيءَ اندر ۾ لڳيم جاڙيون.

(محمود فقير، ڪافي-1، ص-45)

- **جامُ**: ذ. [ف] پيئڻ جو ٿانءُ- پيالو. ساغر- پيمانو- ڪٽورو. توحيد جي منڌ.

خيال ۾ گم ٿي خيال ڪمائي، جام پيتائون جزب جلال،

نينهن نيائي ناز وارن جو.

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي-4، ص-3)

- **جامو**: ذ. [ف. جامہ] ڪپڙو. لباس- پوشاڪ. ڍگهو چولو. چولو- پهراڻ. اڳئين طرف کان کُلندڙ وڏو چولو. فقيرن جو ڍگهو چولو. ڪفني.

جامو جانب پائي جنگي، رُخسار ڪري آيو رنگ برنگي.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-19، ص-19)

- **جامي**: ڏسو جامو.

هٿ ڪر خيال دا خيما کوڙيم جذبي والي جامي جوڙيم.

(محمد فقير، سُر توڙي، ڪافي-2، ص-216)

- **جائِي**: (ت) ظرف. پڪ سان- سچ پچ- يقيناً.

منهنجو جانب ايندو جائي.

(محمود فقير، ڪافي-36، ص-65)

- **جَبارُ**: ذ. [ع] تمام گهڻي طاقت وارو- سمورين طاقتن وارو. ڌڻي تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. الله. زوراور- ڏاڍو- سگهارو- وس وارو. بزردست.

جَڳت جوڙ جنس جي جُملي، جمالي جلالي جبار جلي آ.

(محمد فقير، سُر پيلو، ڪافي-27، ص-12)

• **جَبَروتُ**: ذ [ع] قدرت ـ عظمت ـ وڏائي. سلوڪ جي ٽين منزل.

ناسوت ڇا ملڪوت معني، جبروت ڇالا هوت لام.

(محمد فقير, سُر پيم پلاس, ڪافي ـ 8, ص ـ 53)

• **جپي**: جپڻ مصدر [سن جَلُپَ] وري وري نالو يا منتر پڙهڻ. ورد ڪرڻ. ذڪر ڪرڻ. بندگي ڪرڻ. تسبيح پڙهڻ ـ مالها ڦيرڻ. عبادت ڪرڻ ـ پوڄا ڪرڻ. پرارٿنا ڪرڻ.

نسنگ نينهن ناتي، جپي نام نهي.

(محمد فقير, سُر پهاڙي, ڪافي ـ 1, ص ـ 121)

• **جُڄَ**: ذ ڪاڄ ـ شاديءَ جي مجلس. ڏڻُ (ڪاڄ جو). خوشي.

جوڳي ڪن ٿا جُڄ، جلالي جسمات کي.

(محمد فقير, بيت ـ 170, ص ـ 283)

• **جذبي**: جَذبُ. ذ [ع. جَذب= ڇڪڻ] چُوسڻ ـ چُهڻ ـ ڇڪڻ. ڪشش ڪرڻ.

جذبي جوش جلال جي، پسي نيٽين نور.

(محمد فقير, بيت ـ 4, ص ـ 264)

جانب ماريا جذبي جادو طرحين آون تڪان.

(محمود فقير, تيهه ڏينهن, ص ـ 119)

• **جَڙُ**: ميخ ـ ڪلي. نينهن. پاڙ ـ بنياد. اصطلاح طور. محبت جي لئون يا تار. عشق جي جڙ.

جڙ جُمل جهان، جسماتي جنسار.

(محمد فقير, سُر لوڙائو ڪافي ـ 1, ص ـ 242)

• **جزب**: [ع] ڪشش ـ ڇڪ.

خيال ۾ گم ٿي خيال ڪمائي جام پيتائون جزب جلال،

نينهن نيائي ناز وارن جو.

(محمد فقير, سُر آسا, ڪافي ـ 4, ص ـ 3)

• **جَزُمَ**: ث. [ع] علمِ اِملاء موجب حرف کي ساڪن ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيل خاص نشاني جيڪا ڏيکاري ته حرف تي نه زبر (ـَ) آهي نه زير (ـِ) نه پيش (ـُ). سُڪون.

ڪون جزم شد پيش پڙهيندا.

(محمد فقير، سُر پُوريا، ڪافي_8، ص_150)

• **جَعفِري**: جَعفَرُ. ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم (هيءُ هڪ وڻ جو ڦل آهي، ڳاڙهاڻ مائل عُناب جيڏو داڻو رنگ پُورو، ذائقو تکو ۽ ڪوڙو ٿئي. گرم خشڪ تاثير رکي ٿو)_ جافر_ جائڦل.

موتيا مشڪي محسن منور جعفري جڙا احمر انور.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي_6، ص_169)

• **جَکِي**: ث. ڏک_ اهنج_ ايذاءَ_ مصيبت_ ڏنجهو. ڏک_ ٻک. اجهائي جهڳي هڻڻ_ ٻڪٻڪ ڪرڻ.

جنگ ڪرين ٿو جکي مارين،
مِنان ڪيڏو ڪيو ٿئي ڪڪِ.

(محمود فقير. گنگو ص_107)

• **جُڳاون**: جاڳائين_ بيدار ڪرڻ.

جوش والي جنسار، جوان جڳاون جذب جلالي،

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي_39، ص_90)

• **جَڳَتِ**: ذ [سن جڳتُ گمُ= وڃڻ] جهان_ دنيا_ سنسار_ ڪائنات_ جُڳُ_ عالم.

جڳت جوڙ جنس جي جملي، جمالي جلالي جبار چلي آ.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي_27، ص_121)

• **جَلالُ**: [ع] بُزرگي_ وڏائي_ عظمت شانُ دبدبو_ شوڪت غصو، ڪاوڙ_ ڏمر. جوش.

خيال ۾ گُم تي خيال ڪمائي، جام پيتائون جزب جلال.

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي_4، ص_3)

• **جلالت**: ث عظمت۔ شان شوڪت۔ وڏائي جوش۔ غُصو۔ ڪاوڙ۔ ڌمر۔ قهر۔ غضب.

جلالت جي جام ڪي ڪي جوڳي پيئن جُنگ.

(محمد فقير، بيت۔60، ص272)

• **جَلالي**: ذ صفت جلال وارو۔ غضبناڪ۔ جهيڙاڪ۔ سخت ڪاوڙ ڪندڙ جوشيلو.

پسن ٿا پسڻ ڪي جلالي جَهتي.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي۔55، ص۔39)

• **جَلُ جَلُ**: ذ [سن. جَلُ = پاڻي] پاڻي۔ آبُ۔ جَرُ۔ پيرَ (ڳوڙهن جا).

عاشق اکين جي عشق جو احوال ڪن احسن جتي،

بزم بل بل بہ هجي، اتي جل جل بہ هجي.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي۔20، ص۔64)

• **جلويگر**: (جلوه گر) ث جلوه آرا۔ سينگار ڪري ديدار ڪرائڻ وارو.

حُورُون ڪيون حيران حُسن ۾، جلويگر جنسار ميان.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي۔33، ص۔87)

• **جَلوَه**: ذ [جَلوَ = روشن ڪيو] ماڻهن کي پاڻ ڏيکارڻ جي حالت۔ نظارو۔ ديدار۔ روشن ڏيکاءُ تجلو. رونق۔ چمڪو۔ ٽٽ۔ پيڪو۔ نُور۔ مٽيا۔ پرتاپ شان۔ ناز و انداز سان هلڻ.

جوت جلالي جلوه ڪيتا، جادوگر جنسار دا جهلڪار دا.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي۔42، ص۔91)

• **جلوه نما**: ڏسو. جلويگر.

ج۔ جڳ وِچ جابجا جلوه نما جابر علي.

(محمد فقير، سي حرفي۔4، ص264)

• **جَلِي**: صفت [ع] ظاهر۔ چٽو۔ پڌرو۔ کُليل ڏاڍيان۔ وڏي آواز ذڪر (خَفي جو ضد).

جڳت جوڙ جنس جي جُملي جمالي جلالي جبار جلي آ.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي۔27، ص۔121)

• **جم جم**: غلط العام، زم زم.

نوري نظاري نيڻن واري، مست پياريو مٺي جم جم.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-40، ص-31)

• **جَمالي**: ذ. صفت. جمال وارو. (اسم خاص) خدا جو اهو نالو جنهن ۾ رحمت هجي.

جڳت جوڙ جنس جي جُملي، جمالي جلالي جبار جلي آ.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-27، ص-121)

• **جم جمان**: ث. [ع. جَمجَمَۃُ= کوپڙي] اسم خاص. قديم زماني جو هڪ بادشاهه جمجمان سلطان جو قصو (ان جي کوپڙيءَ حضرت عيسيٰ ع. سان ڳالهايو).

جم جمان سلطان سڪندر ڪر ڪِئي وقت گذارا.

(محمود فقير، ڪافي-76، ص-102)

• **جُمَلُ**: صفت. [ع. جُمْلَۃ] ڳُل- سارو- سڀ- سمورو. (ذ) ابجد جو حساب.

جڙ جُمَلُ جهان جسماتي جنسار.

(محمد فقير، سُر لوڙائو ڪافي-1، ص-242)

• **جُمِلگي**: ث. مِڙئي- سڀ- سارو- هَڙئي- سمورو- جُملي.

جُملگي جسمات ڪيو مظهر علي مظهر علي.

(محمد فقير، سور پهاڙي، ڪافي-15، ص-128)

• **جُملي**: ظرف. سڀ- ڳُلُ- سمورو.

جڳت جوڙ جنس جي جُملي، جمالي جلالي جبار جلي آ.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-27، ص-121)

• **جِنسارُ**: ذ. سينگار- ٺاهه ٺُوهه- آرائش- سجاوٽ- ڳَهه ڳِٺا پائڻ. پوشاڪ يڪري.

حُورون ڪيون، ان حُسن ۾، جلويگر جنسار ميان.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي-33، ص-87)

• **جُنگ**: ذ. صفت. تمام وڏو. جانٺو. تمام ڳرو. بهادر- پهلوان- جوڌو.

جُنگ پيئڻ ٿا جامُ جُدا ٿي جسمات ڪان.

(محمد فقير، سي حرفي-2، ص-252)

پالوتي پيدا ٿيو شهڻو جُنگ جوان.

(محمود فقير، ڪافي-45، ص-71)

- **جَنهِن ڪَڻُ**: جنهن کان سواءِ.

جنهن ڪڻ ساعت هڪ نہ سري.

(محمود فقير، سي حرفي، ص-144)

- **جَنهَنورُ**: (جَنهَوَرُ) ذ. جوهر- جنوهَر.

سينهوڙيون اٿن سوڪڙيون، سي جنهنور جيئن جهرڪن.

(محمود فقير، ڪافي-9، ص-49)

- **جَٽيُون**: واحد جَٽِيو. ذ. [سن. يڳيہ+ اپوتيم] اهو ڌاڳو جيڪو هندو ڌرم وارا ڳچيءَ ۾ پائين. زُنار- جواهرن ۾ پيل واڙ يا ليڪ.

تلڪ لڳائي جٽيون پائي، عشق آناالحق گيت ٿو ڳائي.

(محمد فقير، سُر ملار ڪافي-5، ص-103)

- **جوتِ**: ث. [سن. جيوتِس] روشني- نُور، چمڪو- تجلو، جلوو، تيز، بتي- ڏيئو، همت- ڪلا- طاقت، نگاهہ- حشمت- رُعب، ڌَنُ- دولت.

جوتِ جلالي جلوه ڪيتا، جادوگر جنساردا، جهلڪاردا.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-42، ص-91)

- **جُوٺِي**: جوٺو. ذ صفت ڪوڙو- ڪوڙو- دُروغ گو- غلط- دغاباز.

نام جپون پر نام پيارا - نام جپڻ بن جوٺي بات.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ، ڪافي-5، ص-175)

- **جوڌا**: ذ. پهلوان- همت وارا. جوانمرد.

'محمد' جوڌا جوان، صوفي سيئي صاف ٿيا.

(محمد فقير، بيت-170، ص-283)

- **جوشُ**: ذ [ف. جوش <جوشيدن=ٽهڪڻ] پاڻيءَ جو ٽهڪو- اُٻَلَ- اوبارو- اوبر. گرمي شدت تيزي- تيکُ- لَهرَ- موجَ- ڪاوڙ- چڙ قهر- غضب جذبو شوق مستي

جوش والي جنسان جوان جڳاون جذب جلالي.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-39، ص-90)

- **جوڳ**: ذ. [پرا. جوگو. سن. يوگ. يُجُ=ملڻ] ميلاپ- وصل (اُپائيندڙ سان). مراقبو- ڌيان- سماڌِي. ڌيان ڄمائي روح سان ملي وڃڻ. ذڪر فڪر ذريعي معرفت حاصل ڪرڻ جي حالت. تارن جو ميلاپ (جنهن جي حساب سان نجومي اڳڪٿيون ڪندا آهن). جوڳي فقير جو زُهد- تسيا وغيره.

جوڳ ويراڳ سي نام جپيا جس، چاند اُسي چِت جُهولا ري

(محمد فقير، سُر ڪونسيه ڪافي-2. ص-174)

- **جوڳي**: ذ. [سن. يوگي. يُج=ملڻ] جيڪو پنهنجو ڌيان ڌڻيءَ سان ملائي- جوڳ پچائيندڙ. هندو فقيرن جو گروهه (جن جو اصول زهد ۽ تپسيا ذريعي خدا سان ملڻ جو هوندو آهي). سنياسي. نانگ جهليندڙ فقير. سيلاني فقير.

جوڳي جٽيا لاهوتي لائن. گنگا جمنا من ۾ پائن.

(محمد فقير، سُر پيروي ڪافي- 37. ص- 29)

- **جوڳيرُ**: واحد. جوڳيرُ. جنهن جوڳ ساڌيو هجي. ڪامل درويش- پهتل فقير- تپسي تشي- وڏو جوڳي.

جوڳير جي جوڳ جا. ڪري جنگي جوڙ

(محمد فقير، بيت-56، ص-272)

- **جولانُ**: ذ [ع. جَوَلان. جَوَل= چوڏاري ڦرڻ] چڪرُ- چالِ- چلانگ- ڪُڏُ- گهمرو- چڪرو- ڦيرو- چُرپُر- ڊوڙ- جوش- چوهٽ- جنبو- ڪاوڙ- تپو- ڦيراٽي.

جوڳين ڪيو جهلڪار جمالي جام جلالي جي جولان.

(محمد فقير، سُر ڌناسري ڪافي-7، ص-229)

- **جوهَرُ**: ذ [ف. جَوهَرُ] اصل شيءِ- اصل ذات. سِرشِت- ماده. مايو. روح- سَتُ- مغز- عرق- نچوڙ. سارُ- تَتُ. طاقت- سگهه- قوت. ماهيت- خاصيت. جا ٻي شيءِ تي مدار نه رکي. گڻ- خُوبي. اصليت. ڪمال. لياقت- پيد- راز.

مستي واري مت، جوهر ڪلين جوش جو.

(محمد فقير، بيت- 81، ص-274)

• **جُهد**: ذ [ع] سخت ڪوشش- سعيو- جتن. محنت- ڪشالو- تڪليف- ڏاڪڙو. پورهيو.

جاڳڻ سندي جُهد ۾، وحدت جا وينجهار،
بيائي ٻاري ٻار، غرق ٿيا گرداب ۾.

(محمد فقير، سي حرفي-3. ص-254)

• **جيڪس**: ظرف. شايد- مُبادا- هوند.

ڏينهن پئي وڃ ڏاڍا ٿيئين، جيڪس دل متيوئي،
'محمود' ڪيتئي درويش ڪيون، چا درد قلب ڪٽيوئي.

(محمود فقير، تيه ڏينهن، ص-118)

ڄ

• **ڄڀي**: ث. [سن. جِهُوا] لاٽ (باھ جي)- شعلو- ڄر.

• **ڄڙڪي**: مصدر. ڄرڪڻ، پچڻ- سڙڻ- ڄرڪڻ.

بدن باھ ڄڀي پئي ڄڙڪي
قبر پيڙ ڪريندي تڙڪي

(محمود فقير، سي حرفي، ص-148)

• **ڄُل ڄُل**: مصدر. ڄُلڻ [سرائڪي] هلڻ، ڄُرڻ- وڃڻ.

جوڳي ڳئي هِن جندڙي ڳون جهوري،
ڄُل ڄُل ڏيکان اُنهان ڪون ڏوري.

(محمود فقير، ڪافي-66، ص-86)

• **ڄُلدي**: ڏسو "ڄُل".

"محمود" يار اهو ڏک لايا،
ڄُلدي مهل نهين موڪليا.

(محمود فقير، سي حرفي، ص-142)

جھ

- **جهاپا**: واحد. جهاپو. ذ. ښٽ يا پٽ جو رنگين ڦندڻ (جو سُونهن خاطر وهٽ کي ٻڌجي) - تؤنر - ڄُهوڙو. چوٽي. ڦل.

اٿوت پائڻ عيب اسان کي، ناهي زيب ذِري،

جهاپا، جهومڪ، جهالر، ڄُهوڙو بينسر، بولو ين!

(محمود فقير، ڪافي-8، ص-48)

- **جهاتِي**: ٿ. [سن. آڌيڪش] ليٿو- لياڪو. نظر- تاڪ- چوري ڇپي ڏسڻ واري حالت.

ڪئي عشق عجب اثباتي، پائي جهاتي اندر جهاتي.

(محمد فقير، شر مانجهه، ڪافي-3، ص-105)

- **جهاتا**: جهات. ذ. ڄهپ- ڄهپو- لامارو. ڪَس- جهڙپ- ڪاهه- ښٽ.

مار زنبور جگر وِچ زوريہ سيني نال سٽيوئي،

هلدي چلدي ڪِل خوشيءَ وِچ، جهاتا مار جهٽيوئي.

(محمود فقير، تيهه ڏينهن، ص-118)

- **جهاڙي**: ٿ. [ٿ] وٽڪار- جهنگ- وڻن جو جُهڳٽو.

عشق الهوت ولهوت ولايت، جهنگ جبل جهاڙيہ

سبق سيڪاري زير زبر جو پيچ پنهل پاڙي

(محمود فقير، ڪافي- 31، ص-62)

- **جهاڳ**: مصدر جهاڳڻ [سن. ڪشپ= لوڏڻ] تانگهي پاڻيءَ مان هلڻ- پار ڪرڻ (پاڻيءَ کي). وڏي مسافري جبل لتاڙڻ- مشڪلاتون سهڻ.

ڏيون دڙڪي آت ڪر آنگر، ڪُپ ڪَڙدي نُڪ ٻڌ ٽانگر،

گُڙدي گِجندي شينهن، ويسان، جبل ڪُون جهاڳ ڊِي

(محمود فقير، ڪافي- 65، ص-86)

• **جهالَرُ**: ٿ. [سن. جهلري] ڪپڙي جي ڪِنارن جنهن ۾ ننڍڙا ڦندڻ پوتل هجن. ڳَهه جو هڪ قسم. ڳَن ۾ پائڻ جون جمله واليون.

اٹوت پائڻ عيب اسان کي ناهي زيب ذِري،

جهاپا، جهُومڪ، جهالر، جُهوڙُو بينسر، بولو ڇن!

(محمود فقير، ڪافي-8، ص-48)

• **جَهَٽُ**: لامارو- جهڙپ. جَهٽِي. ڇَڪُ (ڪُتي جو). جهپڻ- هوا مان ايندڙ شيءِ کي جهلڻ- اَڏامندڙ يا مٿان ڪرندڙ شيءِ کي هٿ ۾ جهلڻ (جهڙوڪ بال). وڻ (اثر). پڙڻ (آواز).

ڪاريهل ڳَر ڪٺي، جوڙي هٺي جَهٽُ،

ڪو آڏوتي آلهٽُ، جوڳي جهلي جهڙپ کي

(محمد فقير، بيت- 61، ص-272)

• **جَهٽڪي**: جَهٽڪو. ذ. لوڏو. ڇنڊڪو. جهوٽو (هوا جو) - جَهٽ- جَهپُ- ٺيلهو- ڌِڪو- ٺَڪُرُ. صدمو. جهڙپ.

ويکهو نوڪ نظر دي نَتَڪي ڪر نام جپڻ دي جهٽڪي.

(محمد فقير، سُر ملار ڪافي-3، ص-102)

• **جَهٽي**: جهٽڻ. مصدر. اَڏامندڙ يا مٿان ڪرندڙ شيءَ کي هٿن ۾ جهلڻ (سن. جَهٽ+ ڪر) جهپڻ- هوا مان ايندڙ شيءِ کي جهلڻ (شاعر مطابق) نام جپڻ- ڌڻيءَ کي ياد ڪرڻ- ذڪر ڪرڻ. دم روڪي ذڪر ڪرڻ.

پريمي پيالي ڪيا مست "محمد"،

پسن تا پسڻ کي، جلالي جَهٽي تي.

(محمد فقير، سُر پيروي ڪافي-55، ص-39)

• **جَهپال**: جَهپو. ذ. جهپ- لامارو- جهٽ. (صفت) جهپيندڙ.

ڪِتان ڳيت آناالحق ڳايم، ڪتان جهول جهپال مولي.

(محمد فقير، سُر بلاولي ڪافي-5، ص-8)

• **جَهڙ جَهڙ**: جڙڪڻ مصدر. ٻرڻ- ڀڙڪا ڪرڻ.

باهہ برهہ دي ڀڙ ڀڙڪي، جوش جلالي جَهڙ جَهڙ جَهڙڪي،

جنهن ڪيتي ايڪ ايڪائي هي

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي-9، ص-94)

• **جَهڙپ**: ث. [سن. جول. جَوَرَ+ تَوَ] هوا جو لوڏو يا جُهوٽو- جهپيٽ اثر (ڪنهن دوا جو). جِنَ وغيره جو پاڇو. سيءُ يا جهولي وغيره جي سٽ.

ڪاريهل ڪَر ڪٽي، جوڙي هٽي جَهٽ،

ڪو آڏوتي آلهٽُ، جوڳي جهلي جهڙپ ڪي

(محمد فقير، بيت-61، ص-272)

• **جَهڙڪي**: جَهڙڪو. ڇِبي- ڇپيٽ- رَهڙَ- ڏمڪي.

باهہ برهہ دي ڀڙِ ڀڙِ ڀڙڪي

جوش حلالي جَهڙ جَهڙ جهڙ ڪي

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي-49، ص-94)

• **جَهڪورَ**: ث. [ل] سخت برسات- لاڳيو مينهن- جُهڙ. شغل- تماشو.

چشم چمڪار دي جهلڪار، تٽي تلوار دي تجلي،

جُڙ جهڪور ڏي تڪور تيوَن برسات وچ بجلي

(محمود فقير، ڪافي-51، ص-77)

• **جَهلڪار**: ث. هوا جو جُهوٽو.

جوت جلالي جلوه ڪيتا، جادوگر جنسارد دا، جهلڪار دا،

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي-42، ص-91)

چشم چمڪار دي جهلڪار، تٽي تلوار دي تجلي،

(محمود فقير، ڪافي-51، ص77)

• **ڄھم**: هيٺائين زمين. جهميل اِيراضي- وڏي ترائي. (شاعر مطابق) اخلاق کان هيٺ ڪِريل.

وڏائي ڪيو وجود مان، تون نهٺائي تي نَم،
تون بہ ويڙهائي ييگهي ديجهان، جهيڙي تي نہ ڄهم.

(محمود فقير، خيري، ص-137)

• **جُھنبُ**: ذ. [سن. يُوٽَ] ننڍين جهاڙين يا وڻن جو ميڙ. ميڙ. ٽولو (پکين جو). ٻٽ- گهُنبُ.

بلبل گل تان گهور وڃي، هڪ زور منجهان زاري،
گهُنبُ، گاهن جا جُهنبُ، متي تي بنبُ بڻيو باري

(محمود فقير، ڪافي-16، ص-53).

• **جُھوٽي**: جُهوٽو. ذ. لوڏو (ننبُ يا واءَ جو)- پنڪِي- اوجهرائي. جهونڪو (واءَ جو). پينگهي جو لوڏو. رِيچڪ. پُوڙ- جذبو.

چِلا ڏالئون ڏاتي چمڪارا چاتِي،
جهُوٽي والي جهاتِي، چِنبُ جُهليا جهولي.
ٻول عجب ٻولي.

(محمد فقير، سي حرفي- 1، ص- 244)

• **جھُوڙو**: ذ. [سن. يُڪُتَ] شٽ يا پٽ جو رنگين ڦندڻ- جهاٻو- ٽوُنر.

اٿوت پائڻ عيب اسان کي، ناهي زيب ذري،
جهاٻا، جُهومڪ، جهالر، جُهوڙو، پينسر، ٻولو پن!

(محمود فقير، ڪافي-8، ص-48)

• **جُھول**: ث. مصدر. 'جُهولڻ' مان اسم. لڏڻ جي حالت- ڪنڌ لڏڻ جي حالت. مستي- مدهوشي.

ڪِتان ڳيت آناالحق ڳايم،
ڪِتان جهُولَ جهپال مولِيءُ.

(محمد فقير، شر بلاولي ڪافي-5، ص-8)

• **جُهولا**: واحد. جُهولو. ذ. [سن. دُلَ= للڻ] لوڏو پينگهي جو- جهوٽو (پينگهہ جو)- پينگهو. (شاعر مطابق) جُهومڻ- مدهوش ٿي وڃڻ.

جوڳ ويراڳ سي نام جپيا جِس،

چاند اُسِي چِت جُهولا ري

(محمد فقير، سور ڪونسيہ، ڪافي-2، ص-174)

• **جُهومڪُ**: ذ. [سن. جَهنبَ] ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ زيور- جُهمڪو. جُهمڪِي

جهاپا، جهُومڪ، جهالر، جهُوڙو بينسر بولوپين!

(محمود فقير، ڪافي-8، ص-48)

• **جِهيڪا**: جِهيڪو. ذ. جهانڪو (جهاڪو)- ڪوبو. لوڏو- ڏوڏو- ڪڏ.

پوتان بودا جتان جهيڪا بہ آيا جُهلي،

قربان وڃان مهربان اُتون، سروان سڄي ٽولي

(محمد فقير، ڪافي-11، ص-50)

چ

• **چاپلوسِي**: ذ. بيجا ساراهہ- خوشامد.

چاپلوسي چڱا مڙس، چاري چغل خور.

(محمد فقير، بيت-217، ص289)

• **چاڙُهہ**: ذ. چاڙهي- مٿانهين زمين. اوچائي- اُتانهين- افراط (پاڻيءَ جي)- درياءَ جو چاڙهہ- وڏاءُ (ڳالهہ جو). تيڪو- پٺڀرائي- هُشي- ترغيب- چڪ- ٽڪ. رڙهہ ڏور وغيره). رِمارڪ: (ل) ڪيڙي جو ٿُڪر، جو تاڪِئي وڌڻ مهل ٿُرٽئي ويڙهي چڙجي. روحانيت ۾ اونچائي.

چون بيچوني چست چگونہ چلپل چاڙهہ چڙهايا.

(محمد فقير، سُر ڪاريهل، ڪافي-6، ص-186)

- **چاطِرُ:** (چاتِرُ) ذ. صفت. [سن. چَترَ= هوشيار] چالاڪ- قابل- ڪايگر- چترو (ڳالهائڻ ۾). خوش مزاج- رلڻو ملڻو- ڪِلمُڪ. دانا- عقلمند. بهادر- دلير.

چيتن چاطر چنتا چندر، گورک ناٿي گيان هون.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي-16، ص-180)

- **چالِ:** ث. [سن. چَ يہ= چُرڻ] هلڻ جو نمونو- هلڻي- ٽورَ. رفتار. هلتہ عادت- رَوش- نمونو- ڍنگ- طريقو- رواج- هلت چلت- اٽڪل- تجويز.

چشمان والِي چال چلاڪي، حاضر حق حق حڪم هلاڪي.

(محمود فقير، سُر تلنگ، ڪافي-42، ص-92)

- **چالانُ:** ذ. [انگ. challan] اهو سرڪاري خط جو پوليس نئين گرفتار ٿيل قيديءَ سان گڏ ڪورٽ ڏانهن موڪلي. خزاني ۾ پئسا جمع ڪرڻ جو ڪاغذ (شاعر مطابق) محبوب چالان ڪري اکين جي قيد ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي.

چُٽي چقمق چوٽ چڙهائي، چشم جي چالان الاالله

(محمد فقير، سُر جوڳ، ڪافي-12، ص-195)

- **چالي:** چالو. اشارو- غمزو- ناز- نخرو- لاڏ- ريت- رسم- رواج. ڍُهل جي وڄت جو هڪ نمونو. فريب.

پڳداري پُورت، چشم والي چالي پُر پيءُ پيالي.

(محمد فقير، سي حرفي-1، ص-245)

- **چالِي:** ث. چيلِ جي لڪڻ جو ٽُڪرو. چال- عادت- علت.

ڪِتان هي عاشق اک دا عالِي، ڪتان هي چشمان چيتڪ چالِي.

(محمد فقير، سُر پيرويہ ڪافي-46، ص-34)

- **چاندي:** ث. هڪ مشهور ڌاتوءَ جو نالو- رُپو- سيم. ڍڳي کي ڪلهي تي ٿيل گاٺ (پاڃاريءَ سبب). ميوي ۾ اڇو ڇٽو. (صفت) اڇو- سفيد- صاف.

چاندي چمڪن ٿا، ڀڳڻ ڀهڪن ٿا.

(محمود فقير، ڪافي-40، ص-67)

- **چاھہ ذقن**: ذ. کاڏيءَ جو کَھپُ، چُگھہ ـ کڏ (سونهن جي نشاني)

چوگرد چرخ چرچہ چاھہ ذقن چگونہ

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي ـ 18، ص ـ 130)

- **چِتَّ**: ذ. [سن. چِتَّ] سمجهہ ـ فهم ـ عقل. ذهن ـ چيتو ـ دماغ ـ ٻُڌِ. خيال ـ ڌيان ـ توجهہ. ويچار. دل ـ من. نيت ـ ارادو.

چِتَّ چال چيستن سي، ڪريمہ چمہ چنن چاتي.

(محمد فقير، سور تلنگ، ڪافي ـ 53، ص ـ 96)

- **چَٽَ**: ٺ. ڏُتارَ ـ ڏُت ـ ريب ـ لَٻ چِش ـ لذت پيار. لالچ. ڳِلتو ـ خوشامد. فريب ـ دوکو.

ٻهاري پائيواريءَ ۾، ٻڌئون چَٽ ڇهرڙي.

(محمود فقير، ڪافي ـ 72، ص ـ 93)

- **چُنڪا**: واحد. چُتڪو. ذ. ڇهڪ جو هلڪو ڏڪ. ايذاءُ وارو ڏڪ. ڪنهن اوزار جو روهيءَ تي گهڪو. ڏنگ ـ زخم. مزو ـ لذت ـ سواد. چشڪو.

چست رِچون مين چُتڪا چکيا، برهہ دِي بازار دا.

(محمود فقير، ڪافي ـ 48، ص ـ 75)

- **چَٽِيُون**: مصدر. چٽ ٻڌڻ. ڏاڙر ڏيڻ. خوشامد ڪرڻ. ڏتو ڏيڻ. راضي ڪرڻ ـ مٿي تان هٿڙو گهمائڻ. ڏوتارڻ.

چَٽيون ٻڌي چوري چس، ريبي ڪيائون رس.

(محمود فقير، ڪافي ـ 37، ص ـ 66)

- **چِپ**: ٺ. داٻ ـ چِلهہ ـ چِٿَ ـ ڪُٺَ ـ مار ـ سختي.

بيتالي بازارڻ، ڪا چپ آهين چرڙي

(محمود فقير، خيري، ص ـ 139)

- **چَراغُ**: ذ. [ف] جانور جو هڪ قسم ـ هڪ وڏو جانور، جيڪو گڏهہ ۾ ٻين جانورن کي ماري کائي ٿو.

چَراغ مُنهين، چَپ تنهنجا ٻُولا جهڙا ڏِڪ.

(محمود فقير، خيري، ص ـ 137)

- **چريٽ**: ذ. صفت. بيوقوف- چريو- بي عقل- بدتميز.

چاچو تنهنجو چريٽ آهي، بچل بلاشڪ.

(محمود فقير، گنگو ص-107)

- **چرچي**: واحد. چرچو. ذ. [سن. چرچا، چَرچڪا= پوڄ] توڪ- پوڳ- چٽر- ٺٺولي- مشخري- کل مسخري- فڪر- گفتگو، مشهوري- ساراهه.

چُونا چُون بيچوني چرچي چشمان ڍِي چمڪار يار.

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي-6، ص-3)

- **چرخا**: واحد چرخو ذ. [ف. چرخ] اٽڻ (سُٽ ڪتڻ جو)، وڏونارُ چڪر (قسمت جو).

چشمان چرخا ڪيتا چُور، ڪينوين آتڻ تي مين آوان.

(محمد فقير، سُر پوريا، ڪافي-5، ص-148)

- **چَرخُ**: ذ. چڪر- چڪرو- گول. چرخي، ڦيرو- گهمرو- گردش. سُٽ اوين جو هڪ اوزار. نارُ- هُرلو.(ف) آسمان.

چوگرد چرخ چرچه چاهه ذقن چگونه

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-18، ص-130)

- **چَڙُن**: واحد. چڙو. ذ. وڏي گهنڊڻي جيڪا اُٺ، مينهن يا ڳئون جي ڳچيءَ ۾ ٻڌجي.

ڪڙڪيون ڪنياڻ چٽي، چڙن جون چونگاريون.

(محمود فقير، ڪافي-6، ص-47)

- **چُستُ**: ذ. صفت. [ف] چالاڪ- ڦُرت- هوشيار- تکو.

چون بي چوني چُست چگونه چلپل چاڙهه چڙهايا.

(محمد فقير، سُر ڪاريهل، ڪافي-6، ص-186)

- **چَسِي**: ث. چَس- لذت- مزو. هڪ شئي جي هٿ تي هنيل تاڙي- کيڪار. چُمي. هڪ شئي سان محبت وارو هٿ ملائڻ.

ڪيلي دل ڪسي ويو هو ڏيئي چاهه چَسِي.

(محمود فقير، خيري ص-140)

• **چَشمان**: چَشمُ. ذ. [ف] اک ـ نيڻ.

چونا چُون بيچوني چربي، چشمان ڍي چمڪار يار.

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي ـ 6، ص ـ 3)

• **چُغُلُ**: صفت. [ف] اهو ماڻهو جو هڪڙي هنڌ جي ڳالهه ٻئي هنڌ ڪري يا هڪڙي جي ڳالهه ٻئي کي ٻڌائي ـ گلاخور ـ لائي چائي ڪندڙ ـ چيٽا ٻور ـ چُغل خور. ٻڪنو ـ بلڙ گويو. جُوٽُ.

چاپلوسي چڱا مڙس، چاري چُغل خور.

(محمد فقير، بيت ـ 217، ص ـ 289)

• **چُڪا**: واحد. چُڪو. ڏڪ ـ سُرڪ ـ لپ کن. محبت جو ڏڪ.

چُڪا پي چري ٿي نه آرام آوي

(محمود فقير، ڪافي ـ 68، ص ـ 188)

• **چُڪت**: ث. ڪنهن به شيءِ جي قيمت متعلق فيصلو.

چُڪت ڪري، سو ڪري بيماني.

(محمود فقير، ڪافي ـ 67، ص ـ 87)

• **چگونه**: [ف] ڪنهن طرح.

چوگرد چرخ چرچه، چاهه ذقن چگونه.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي ـ 18، ص ـ 86)

• **چَڳا**: چَڳه [ل] ث. وارن جي چَڳَ ـ چوٽي ـ ڳُت ـ چَٽي. مٿي جي وارن جي ٽٽي. وارن جو ڇُڳو.

مُوهر ۾ ”محمود“ چٽي، ڪن چُوڙيليون چڳا.

(محمود فقير، ڪافي ـ 30، ص ـ 62)

• **چَلاڪي**. ملائي

چَشمان والي چال چلاڪي حاضر حق حق حڪم هلاڪي.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي ـ 42، ص ـ 92)

• **چَلپِل**: ظرف. جهت پٽ- يڪدم. (چلپل جو چَنڪو) ٿوري وقت جو ڏيکاءُ- طلسمي کيل- شعبده بازي.

ڳل پيشوازان چيريان پاڪي، چلپل چشمان چوٽ چلائون.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-9، ص-125)

• **چلولِي**: (چلولو) ذ صفت [سن. چَپل= چلڻ] لاڏلو- البيلو- چنچل- دادلو- ڪيچلو- چَچُلو- چرڙيو- مستانو- هلڪي دل وارو. ننيڙڙي گُجيءَ وارو- ٽرڙو- بي وفا- ڦرٽو گهرٽو- هلڪڙائي.

چلولي ڪرين چٽرون، پڌي قند ڦسي.

(محمود فقير، خيري، ص-140)

• **چمڪار**: ذ. چمڪاٽ.

ڇُونا ڇُون بيچوني چرچي، چشمان دِي چمڪار يار.

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي-6، ص-3)

• **چَنبين**: واحد. چَنبو. ذ. [ف. پنجه] هٿ- کليل هٿ- پنجو. پنجئي آڱريون.

عشق شهباز چنبين وچ چائيندا، تڙپڻ مور نہ ڏيندا.

(محمد فقير، بيت-224، ص-290)

• **چنتا**: ٿ. [پرا. چنتا. سن. چنتا، چت= ياد ڪرڻ] فڪر- ڳڻتي- خيال- اُميد- دلي مراد- اونو- اُلڪو- اُڌڪو.

• **چَندُ**: صفت [ف. چِيدن= چونڊڻ] چونڊيل- برڪُ- ڏُٺيل. خالص. نِجُ- اصل. سچو. ڀٽيائتو- خاندان- اشراف.

رَت وهندِيءَ راند ۾، روشن ڪين رند.

چهرا ٿين چند، ملهائي ميدان کي.

(محمد فقير، بيت191، ص-286)

• **چَندُرَ**: ذ [سن. چَندُرَ] چَندُ.

چيتن چاطر چنتا چندر گورک ناٿي گيان هُون.

(محمد فقير، سُر ڪونسيه ڪافي-16، ص-180)

• **چَندَنِي**: چَندَنُ. ذ. [پرا. چَندَڻ. سن. چَندَن. ف. صندل] وڻ جو هڪ قسم (هن جي ڪاٺي خوشبودار ٿئي، ان ڪري مقدس مقامات تي ڌوپ لوبان بدران چندن جي ڪاٺي ٻارين ته خوشبو ٿئي). صندل- سِرڪند. (چندن هار) هار جو قسم (چنڊ جهڙين گول ڦِٽلين سان پوتل هار)- چندن هانس.

لمل بدخشان موتي هيرا، هار گلي هيڪار چندني ٻي

(محمد فقير، سُر پونپالي، ڪافي-1، ص-53)

• **چنگ**: مصدر. چنگ چڙهڻ. سُوريءَ تي چڙهڻ- مصيبت ۾ عذاب ۾ پوڻ. پڌرائي ٿيڻ- مشهوري ٿيڻ- ڏنو ٿيڻ.

آريءَ سان منهنجو انگ، چوٽيءَ چڙهيو چنگ

(محمود فقير، ڪافي-46، ص-3)

• **چُنو**: [ف] اهڙو. هن جي برابر- هن جهڙو.

چُنو چوري چنگ جهوري ڏئي ويم جان.

(محمد فقير، سُر لوڙائو ڪافي-8، ص-70)

• **چُنِي**: ث. زناني پوتيءَ جو هڪ قسم. چُريل ڳاڙهي رنگ جي پوتي.

گج چُني چوند سان، پاتو اٿم پڙو.

(محمود فقير، ڪفي-71، ص-92)

• **چُوت**: ث. صفت. بيوقوف- بي عقل- چريو- احمق. اناڙي- واٽڙو.

تين پئسان ري توبي گهتي، چريا بني چُوت.

(محمود فقير، گنگو ص-108)

• **چوٽ**: ذ [سن. چُود يا چُود+ اِڪا] چوٽي- اُتانهين. ڪنهن بہ جبل وغيره جو چوٽيءَ وارو حصو. (ظرف) مٿي- اُتانهون. پرپور- پُر. (شاعر مطابق) سلوڪ جي سڀ کان مٿانهين منزل يعني بقا باالله.

'محمد' چڙهي چوٽ، نانگا مليا ناٿ کي.

(محمد فقير، بيت-6، ص-265)

• **چوٽيري**: چوٽيءَ ڌ. صفت. چوٽيءَ رکايل- اهو ماڻهو جنهن کي چوٽي رکيل هجي. واٽيو. ڦهتو- چوٽڙ.

دُرس ديري، چوڙڏيري، سي وڏيري، سي چوٽيري چل ڳئي.

(محمود فقير، ڪافي-64، ص-85)

• **چوٽي**: مٿاهون حصو- بلندي اُتاهين. جبل جي مٿانهين جاءِ ٽنگ- چيڙو. ڇُهنب- پڇڙي عروج تي- اوج تي.

آريءَ سان منهنجو انگ، چوٽيءَ چڙهيو چنگ.

(محمود فقير، ڪافي-46، ص-3)

• **چوڏهن طبق**: چوڏهن دنيائون- ست زمينون، ست آسمان.

چوڏهن طبق ٿيا هيڪارا.

(محمود فقير، ڪافي-76، ص-103)

• **چُوڙ**: ث. ڪاٺيءَ جي چيڙي واري- هي گهڙيل پڇڙي، جا سوراخ ۾ پوي (ڪٽ، در وغيره جي چُوڙ). (شاعر مطابق) هڏ گڏ- جسم جا سنڌ.

ڏنيا هٽندي ڏيهه جا، آئون چرخ پيچئين ٿو چُوڙ.

(محمود فقير، گنگو ص-106)

• **چُوڙيلڻ**: چُوڙيلي. چُوڙين واري عورت.

بينسر بولو بازو بند، چُوڙيلڻ سا چڙهي وئي.

(محمود فقير، ڪافي-37، ص-66)

• **چوغان**: واحد. چوغو. [ف. چوغه] ڍگهي ڪوٽ جو هڪ لبادو- فرغل- فرڳل.

چشمن سان چوغان چمان، ميدان هلي مرڪن.

(محمود فقير، ڪافي-9، ص-49)

• **چوگان**: ڌ. [ف] چوڪنبو دالان. اڱڻ- آڱر- پڌر.

ميدان محي الدين جا، جتي عليءَ جا چوگان.

(محمود فقير، بيگم، ص-116)

• **چوگرد**: ظرف. [ف] چوڌاري- چؤطرف. آسپاس- اردگرد.

چوگرد چرخ چرچه چاهه ڏڦن چگون.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-18، ص-130)

- **چولان**: چوريان. گفتگو ڪريان- ڳالھ ڪريان. پنھنجي دل جي ڳالھ ڪريان.

چولان چپ ڪيا مين چولان، اظھر آپ آلائين.

(محمد فقير، سُر جوڳ. ڪافي-15، ص-197)

- **چُون**: [ف] جيئن- جڏھن- جو. مانند.
- **چُونہ**: [ف] ٿوري- ٿورو- ڪجھ.

چونہ چون بيچوني چرچي، چشمان دي چمڪار يار.

(محمد فقير، سُر آسا. ڪافي-6، ص-3)

- **چُونگاريون**: واحد. چُونگار. ث. آھستي آواز- ھونگار. چڙن جي وڃڻ جي حالت.

ڪڙڪيون ڪنياڻ چڻي، چڙن جون چونگاريون.

(محمود فقير، ڪافي-6، ص-47)

- **چَھِرَ**: ث. مصالحدار ڪاڌو- لوڻ مرچ پيل شيءِ. چس- لذت- مزو- سواد- ذائقو.

ٻھاري پائيواريءَ ۾، ٻڌئون چَٽ چھر ڙي

(محمود فقير، ڪافي-72، ص-93)

- **چَھچَٽي**: چھچٽو. ذ. [سن. چِٽر= چِٽڻ] سھڻو نظارو- ڏيکاءُ- لقاءُ- نماءُ- رونق- تماشو- مزو. بستي- آبادي.

چشم دي چھچٽي چلپل، چِٽا چوڏار چمڪارا.

(محمد فقير، سُر جھنگلو ڪافي-6، ص-227)

- **چُٺانٽيون**: واحد. چُٺانٽِي. [ل] ث. ٻرندڙ سنھي ڪاٺي- چُوچڙي.

اندر ۾ چُٺانٽيون، جوڙي جت جاڳايون.

(محمود فقير، ڪافي-4، ص-47)

- **چيتَنُ**: صف. [سن. چيتَنُ] چرندڙ- جيئرو- محسوس ڪندڙ. آتما- روح- ضمير. عقلمند- سمجھُو. سُچيت- ھوشيار.

چِٽ چال چيتن سي، ڪر چم چم چنين چاتي.

(محمد فقير، سُر تلنگ. ڪافي-53، ص-96)

• **چيٽڪُ**: ذ [سن. چيٽ+ ڪا] جادو۔ سِحرُ۔ طِلسِمِ. ٺڳي۔ چرپائي.

ڪِتان هي عاشق اک دا عالي،

ڪتان هي چشمان چيٽڪ چالي.

(محمد فقير، سُرِ پيروي، ڪافي۔46، ص۔34)

• **چيچڙن**: واحد. چيچڙو. ذ. ڪمند وغيره مان رس ڪڍندڙ گهاڻي جو هڪ قسم۔ ڪمند پيڙڻ جو گهاڻو۔ ڪولهُو. پکيءَ جو هڪ قسم۔ ڪار ڪٺيچي.

چيچڙن جون چهڪارون، بازارون بحر ڙي،

(محمود فقير، ڪافي۔72، ص۔93)

• **چيلا**: واحد. چيلو. ذ. صفت [سن. چيٽڪُ] ٻالڪو۔ مُريد. طالب۔ شاگرد۔ پيرو۔ مقلد. نوڪر۔ ٻانهو. چاڙتو.

چيلا تون اهي چُوند، جيڪي گُر کي گڏجن.

(محمود فقير، ڪافي۔28، ص۔60)

• **چيلو**: ڏسو "چيلا".

گرو مان نہ آهيان چيلو اصل عشق امين اڪيلو.

(محمد فقير، سُرِ پوريا، ڪافي۔5، ص۔148)

ڇ

• **ڇانگ**: ث. ٻاڪري يا رِيڍي مال جو ولر. ٽولو۔ ميڙ۔ گَلو۔ جماعت۔ لشڪر. فوج. (شاعر مطابق) خواهشن جي ڪثرت۔ ٻيائيءَ جون سڏون. ڪثرت.

'محمد' من وچ سُرت سمائي، ڇن دوئي دِي ڇانگ.

(محمد فقير، سر آسا، ڪافي۔2، ص۔2)

ڇانگون ڇارن ڇوڪرا، مانيون ڪائن مير.

(محمد فقير، بيت، 178، ص 284)

• **ڇِتيون**: ڇِتا. ذ. اسم تصغير. ننڍڙا وارَ۔ ڇِتا۔ جُنڊا.

اولي اِنس واري چوڙي سِر تي ڇِتيون.

(محمد فقير، سُرِ پيروي، ڪافي۔22، ص۔21)

• **چَٽُ**: تاج ڪلنگي، موڙُ(پکيءَ جو)

تنهنجو تاج ڪلنگي مونگهٽ چٽ،

چوڏار چمان چمڪار چمان.

(محمد فقير سُر ضلع، ڪافي_1، ص_225)

• **چُٽڪن**: مصدر. چُٽڪڻ [سن. ڪارڪهه=چٽڻ] روانو ٿيڻ (پنڌ ۾)_ شروع ٿيڻ. تڪڙو هلڻ. روئڻ ۾ پوڻ. ڀڄڻ. چٽڻ (بندوق جي گولي يا تير وغيره).

چُٽڪن تير محبت والي، تيڏي برهه ڪيتي بازار.

(محمود فقير، ڪافي_50، ص_77)

• **چپان**: واحد. چپ. ث. جبل جو وڏو پٿر. ڳري شيءِ ڳرو بار_ آفت_ مصيبت. جهڪاڻ وارو جهنگ.

چپان چپر ديان، پنڌ اٿانگي.

(محمود فقير، ڪافي_65، ص_85)

• **چپايس**: مصدر. چُپائڻُ [چِپڻ] لڪائڻ_ مخفي رکڻ. گُم ڪرڻ.

نرگس پور دي وچ راز چپايس، رهبر تي رُخسار وڪايس.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي_4، ص_167)

• **چَچڪار**: پاڻيءَ هارجڻ يا ڇُلڪن جو آواز.

بادل برسي ياگ پٽن تي، چوهي ڪيا چچڪار.

(محمود فقير، ڪافي_8، ص_49)

• **چُرڙ**: ذ صفت. چوٽڪو_ ريزڪي_ "چرڙ ڪم". چُٽل (پيسا). رولو_ بيگانو_ آواره_ بيواهو.

'محمود' ڪنياٽين[1] وچ ڪرڙ چريا تيڻن چوڙ ڏٺا نروار نانگا.

(محمود فقير، ڏمالي، ص_113)

• **چڪ**: ث. (مصدر چڪڻ > اسم چڪ) ڇڪِڪي_ تاڻ_ زور_ ڇڪ. ڪشش_ تانگهه_ اُڪير_ اُڪنڊ: سڪ_ يادگيري_ گهُرَ_ طلب_ ضرورت_ تِڪ.

وِچ چاتي چڪ هي ميم معنيءَ چاٽي، چاڻ عجب چاٽي.

(محمد فقير، سي حرفي_1، ص_244)

[1] شاعر جو پنهنجي ڳوٺ، موسيٰ خان ڪنياڻ ڏانهن اشارو.

اُنهين موڳي ڇڪ، ڇا متايا هي.

(محمود فقير، ڪافي_63، ص_84)

- **ڇَڪَنِ**: صفت. موهت_ عاشق_ فريفتہ_ شيدا_ مفتون.

ڪيو ڇير ڇيڙي، ڇڪن ڇمڪار سان.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي_66، ص_45)

- **ڇَڪو**: ذ. [سن. ششڪ= ڇهہ] هڏي يا پٿر وغيره مان ٺهيل ڇهن پاسن وارو ننڍڙو مڪعب (جنهن تي هڪ ڪان ڇهن تائين ٽِبڪن جي صورت ۾ نشان ٺُيل هجن. چوپڙ راند يا جوا ۾ داءُ هڻڻ جي ڪم اچي)_ ڊارو_ ڪُٽو(قُرعہ). هڪ عدد جو نالو.

ڪري ڇيرن جا ڇمڪارا،

پئون پارهن تي پيو ڇڪو ڇڪو

اچي اناالحق آواز سان.

(محمد فقير، سُر بنس، ڪافي_20، ص_164)

- **ڇُلنگيون**: واحد. ڇُلنگي. ٿ. ٽن ڇئن ماڻهن جي ٽولي_ ٽولو_ ننڍو گرهہ_ ڇُڳو.

حُسن فراق ڇلنگيون ڇُٽڪن ڇيرا

باهہ برهہ جي پڙڪي ڇيون ڪن ڇيرا.

(محمود فقير، ڪافي_21، ص_56)

- **ڇَمَڪَ**: ٿ. سنهڙي ڪاٺي_ ڇَهو. وڻ جي تازي سنهڙي ٽاري، لڪڻ_ ٿلهڙُ_ قَمچي.

مٺگوني محبت، ڇلا ڇمڪ ڇاتي، دم جپي ذاتي.

(محمد فقير، سي حرفي_1، ص_246)

ڇينيُون ڇَمَڪُون ڳوٺ سڄي جون، لونيا جهلين لت.

(محمود فقير، موالي ص_129)

- **ڇمڪارُ**: ذ. گهنگهرن جو آواز. ڌاتوءَ جي ڪنهن بہ شيءِ جي وڄڻ جو آواز_ ڇڻڪاٽ.

ڇيريون پيرن ۾ پائي ڇمڪار عشق ڪيو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي_6، ص_109)

• **چڻُ**: مصدر. چنڻ. ٽوڙڻ- منقط ڪرڻ.

'محمد' من وچ سُرت سمائي، چن دُوئي دِي چانگ

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي-2، ص-2)

• **چوهه**: ث. تيزي- تک. جوش. جلدائي- تکڙ. گهتائي.

چرڪ اُٿي مان چُوهه ڪنون، ميڪون محب گياهي سار.

(محمود فقير، تيهه ڏينهن، ص-121)

• **چُوهي**: چُوهو. ذ [سن. ڪشُيُ= لوڙڻ] هوا جو زوردار جهٽڪو. طوفان- جَهڪ. واءُ يا مينهن جو جهٽڪو. (صفت) تيز- تکو- جلدباز تيز رفتار. تکڙو.

بادل برسي ياڳ پٽن تي، چوهي ڪيا چيچڪار.

(محمود فقير، ڪافي-8، ص-49)

• **چيٽِي**: ث. وِٿي- وِچوٿي- مفاصلو- ويچو. ويساهي. موڪل- فرصت.

هاڻي ٿيندي ڪا چيٽي، تہ مارينداسون مُلن کي.

(محمود فقير، موالي، ص-129)

• **چيرا**: ذ. اوزار تکي ڪرڻ ۽ ان کي گسائڻ وقت ڏنل گهڪو- گاٺ ڪري ڪنهن اوزار جي تکائي ڪرڻ. بندوق جي ڪارتوس جا چيرا. چيرو. اوزار لائڻ.

حُسن فراق جون چُلنگيون چُٽڪن چيرا.

(محمود فقير، ڪافي- 21، ص-56)

• **چيڙ**: مصدر. چيڙڻ. چُراند ڪرڻ- حرڪت ڪرڻ- هٿ ڪس ڪرڻ. چورڻ.

چيرين واري چيڙ ڪوليائون سُر ساز سان.

(محمد فقير، بيت-98، ص-276)

• **چيڪاريو**: چيڪارو. ذ. اهو وهٽ جنهن کي 'چي چي' ڪري پاڻي پيارجي. چي چي جي آواز تي پاڻي پيئندڙ وهٽ وهٽن کي تنوارڻ- آواز ڏيڻ. پاڻي پيڻ لاءِ سڏڻ.

چيڪاريو چيلا ترسن تڙن تي، بر پر اڏين تا پاٿا.

(محمود فقير، ڪافي- 47، ص-72)

• **چينهَن**: مصدر. چيهَڻ [سن. چد= چنڻ] ورڻ- ڦاڙڻ- ڪپڻ (چينهون چينهون) ث. هميشہ جمع ۾ ڪم ايندڙ ذرا ذرا- ٽڪرا ٽڪرا- پُرزا پرزا.

چيريان دا چمڪار ڪيتوسي چم چم چننن والي چينهن.

(محمد فقير. سُر ڪونسيہ ڪافي- 9. ص- 177)

هڪڙا پير چپر ڪيا چينهون پيا پنڌ فڪر جا فاقا ڏار.

(محمود فقير. ڪافي- 10. ص- 50)

• **چينهُون**: واحد. چينهَ. ث. چُٽ- تنبيهہ. جهڙڪو. ڦهاٽش- مهڻو- طعنو. لِنبَ- لِپيو- چينهہ.

چينهون چمڪون ڳوٽ سڄي جون. لوئيا جهلين لت.

(محمود فقير. موالي ص- 129)

• **چيهَنُ**: واحد. چيهو. ذ. خسارو- نقصان- ٽوٽو- گهاٽو- زيان- پڃاڙي- حد.

چيهَن ڪان چڏايون. برابر تو پوليون.

(محمود فقير. ڪافي- 29. ص- 61)

ح

• **حاذِق**: ذ. صفت [ع. حَذَق] تمام هوشيار- قابل- ماهر- چاٽو- ڪامل- فن جو استاد- ڪاريگر- هُنرمند- هُنرائتو- تجربيڪار- آزمودگار- ڏاهو- سياڻو- پڙُ- سُجاڻ- سمجهو- داناءَ- ذهين- حڪيم.

چلا "ع" آتي عاشق. حڪم هلا حاذق

(محمد فقير. سي حرفي- 1. ص- 245)

• **حارص**: [ع.] لالچي- حريص.

چوڙ مُدامي محڪم ماضي. حرص حوي سب حارص هو.

(محمد فقير. سُر سورٺ. ڪافي- 1. ص- 201)

• **حُبابِي**: حُباب. ذ [ع. حَب=داڻو- گولي] پاڻيءَ جو ڦوٽو- پاڻيءَ جو ڦوڪڻو. بوڙيون ڦوڦينڊو- ڦڦڪڙو- بڙڪڙو (پاڻيءَ جو) جر ڦوٽو. (ذ. صفت) پاڻيءَ ڦوٽي وارو.

پاڻيءَ ڦوٽي جهڙو. سنهون- پترو- هلڪڙو- ذرڙو- باريڪ. اصطلاحاً- بي بقا.

'محمد' موج لائي، خبر سان خُدائي،

هڪل هڪ هُلائي حُبابي حسابي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-2، ص-122)

• **حَبِيبُ اللهِ:** ذ [ع] الله پاڪ جو دوست- الله جو پيارو. حضرت محمد صلي الله عليه وسلم.

هر دم حال حسيني حملي، حقاني حُسنات.

حبيب الله چوان.

(محمد فقير، سُر سورٺ، ڪافي-5، ص-203)

• **حُر:** ذ. صفت. [ع. حَرّ= هو آزاد ٿيو] (1) جو ڪنهن جو ٻانهو نه هجي. آزاد (اسم خاص) (2) پير پاڳاري جي مريدن جو لقب. حضرت امام حسين ع جي مقابلي ۾ ميدانِ ڪربلا ۾ يزيد جي موڪليل لشڪر جو سپه سالار (جو بعد ۾ ڦري حضرت امام حُسين جي پاسي آيو ۽ ڪربلا جي پهرين شهيد جو رتبو حاصل ڪيائين).

ڪُن فيڪون نِي ڳل، ڪيو صحي شهٽو سِر،

حاضر همدم حُر، هڪل هڪ جو حال جو.

(محمد فقير، بيت-148، ص-281)

• **حِرصُ:** ذ [ع. حرَص- هُن لوڀ ڪيو] لالچ- طمع- لوڀ- چاهه- موهه- خواهش- اِڇا- رغبت- سڌ- شوق- تمنا- آرزو- اميد- وڏائي- مغروري- هيچ.

ڇوڙ مدامي محڪم ماضي، حرص حوي سڀ حارص هي،

(محمد فقير، سُر سورٺ، ڪافي-1، ص-201)

• **حَرفات:** حَرفُ [ع. حَرَفَ= هو ڦريو هُن منهن مٽيو] لغوي معنيٰ طرف. پاسو- ڌار. ڪنارو- جبل جي چوٽي. لفظ جو پد- لفظ جملو- ڪلمو- ٻٽڪو- سُخن- قول- ڳالهه (شاعر مطابق) حق جو ڪلمو- سچو سخن.

حق حق جي حرفات سان حُسن واري هَٿ،

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-26، ص-23)

وحدت وس، رُڳي رس، حق حق هس حر فاتي.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-16، ص-17)

ڳالهہ چئندي هر ڪا حرفين.

(محمود فقير، ڪافي-54، ص-79)

- **حرمين:** (اسم خاص) [ع] حَرمَ جو عدد تثنيہ يعني مڪہ معظمہ ۽ مدينہ منوره جا ٻہ حرم.

حرمين جي هلڻ جا، مون وڏا ڪيا وس.

(محمود فقير، بيگم، ص-116)

- **حِزبُ الله:** ذ الله وارن جي جماعت- الله جي بندگي ڪرڻ وارو- فرمانبردار ٽولو. [4]

'محمد' تي ڪو ماڻ مُدامي، هادي حزب الله.

وره جي ويراڳ وسڻ جي.

(محمد فقير، سُر ڏناسري، ڪافي-1، ص-227)

- **حَسن** . ذ. صفت. [ع. حَسُنَ= موچارو ٿيو] حضرت علي، جن جي فرزند ارجمند جو نالو جن جي شهادت زهر ملڻ سبب 28 صفر 47 هجريءَ ۾ 47 ورهين جي ڄمار ۾ ٿي.

ح- حَسن عہ و فاطمہ عہ حُسن عہ حُر هسوار دي

(محمد فقير، سي حرفي-4، ص-260)

- **حُسنات:** ذ. صفت. حُسن وارو- سهڻو- ملوڪ- سُندر.

هر دم حال حسيني حملي، حقاني حُسنات.

حبيب الله چوان.

(محمد فقير، سُر سورٺ، ڪافي-5، ص-203)

4 هتي محمد فقير پنهنجي مرشد ڪامل حضرت سيد حزب الله شاهہ راشدي "مسڪين" ڏانهن اشارو ڪيو آهي. جناب پيرسائين حزب الله شاهہ چنچر جي ڏينهن تاريخ 18 شوال 1258 هہ ۾ ڄائو هو. پاڻ پنهنجي والد پير سائين علي گوهر شاهہ 'اصغر' عرف 'بنگلي ڌڻي' جو اڪيلو فرزند هو. سندس عمر اڃا چار سال ست مهينا ڪن هئي جو پير سائين 'اصغر' صاحب جن 11 جمادي الاول 1263 هہ ۾ وفات ڪئي. تنهن هوندي بہ سندن پڙهائيءَ جو سلسلو جاري رهيو. پاڻ عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ وڏي مهارت حاصل ڪيائون. پاڻ فارسيءَ جا اعليٰ اديب ۽ شاعر ٿي گذريا آهن. فارسي شاعريءَ ۾ پورو ديوان لکيائون. جيڪو "ديوان مسڪين" جي نالي سان ڇپجي چڪو آهي.
پاڻ عمر جي پنجين سال ۾ پنهنجي والد ماجد جا جاءِ نشين، حضرت روضي ڌڻي جي درگاهہ ۽ حُر جماعت جا 'پيرپاڳارا' ۽ تخت ۽ بخت جا ملڪ ٿيا. پيرصاحب 45 سالن جي وڏي عرصي تائين 'مسند نشين' رهيا ۽ جماعت کين ادب ۽ پيار مان 'مسندنشين' يا 'تخت ڌڻي' ڪري سڏيو آهي.
پاڻ پنجين محرم الحرام سن 1308هہ مطابق 21 آگسٽ 1890ع ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيائون. (اقتباس: 'ديوانِ مسڪين' ص-12، 13، 14 ۽ 57. فيبروري 1985ع).

- **حُسينُ عليہ**: ذ. حضرت علي ڪرم الله وجهہ جن جو ٻيو فرزند، جنهن 10 محرم الحرام سن 61 هجريءَ ۾ ڪربلا جي ميدان ۾ شهادت ماڻي.

ح ـ حَسن عہ و فاطمہ عہ حُسين عہ حُر رضہ هسوار دي

(محمد فقير، سي حرفي ـ 4، ص ـ 260)

- **حَشمَتَ**: ث. [ع] دٻدٻو ـ رُعب تاب ـ نوڪر چاڪر ۽ خدمتگارن جو اڻالو. وڏائي ـ عظمت ـ بزرگي ـ مرتبو ـ شان ـ اقبال. آب ـ مانُ ـ شوڪت. مڙسي ـ بهادري ـ هٺيا.

حشمت نال حُسيني حملي، حڪم هلا همزا تي.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي ـ 23، ص ـ 119)

- **حضراتي**: حاضر رهندڙ ـ هميشہ موجود رهندڙ هر وقت سامهون رهندڙ.

عشق حُسن دِي هردم هولي، چشمان والي چهري چولي،

حاضر حق حضراتي هي.

(محمد فقير سور ڪوهياري، ڪافي ـ 5، ص ـ 138)

- **حَقِي**: ذ. صفت. سچيءَ طرح. صحيح نموني ۾ ـ برابر حق ـ جائز نموني ۾ ـ واجبي ـ حقدار ـ انصاف وارو.

اول آخر ذات صفت ۾، ڪري نازنگاهہ

حقي هُل هُلائي آيس.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي ـ 23، ص ـ 119)

- **حُقي**: حُقو. ذ. [ع. ف. حُقة=ننڍڙي پتي] تماڪ وجهي ڇڪڻ لاءِ هڪ قسم جو (نڙ، گوهِ ۽ ٽوپيءَ جو). مانڊاڻو ـ گُڙ گُڙو.

حُقي تنهنجو حال وجايو تون ٻُڌ آهين ٻڪرار.

(محمود فقير، موالي، ص ـ 127)

- **حَلاجُ**: ذ. صفت [ع. حَلَجَ= هُن ڪپهہ ٽُنبي] ڪپهہ پڃڻ وارو ـ پڃارو (اسم خاص) حسن بن منصور جو لقب (جنهن کي 'آناالحق' چوڻ تي ڦاسيءَ چاڙهيو ويو).

هسي حال حُلاج تي، شوري جي سِراڻ،

'محمد' مستي ماڻ عاشق تي ڏس عشق جو.

(محمد فقير، بيت ـ 11، ص ـ 266)

- **حُلاجِي:** صفت. منصور وانگر ـ منصور جهڙو.

هرجاءِ هُل حُلاجي هُليو حُسن هلايو حال حڪم.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي ـ 40، ص ـ 31)

- **حَلقا:** حلقو. [ع. حلقہ. حلق= هن گول چڪر ڪاڙو] گهيرو ـ چڪرو ـ ڦيرو ـ گردو ـ گول ـ وراڪو ـ جُهنڊ ـ ميڙ ـ ميڙاڪو ـ مجلس ـ جهڳٽو ـ منڊلي ـ زُمرو.

حلقا هوت پنهونءَ جا، پينگا ٿا پونڪن.

(محمود فقير، ڪافي ـ 41، ص ـ 68)

- **حَمال:** ذ. صفت. [حَمَل= هُن کنيو] بار کڻندڙ ـ بار ڍوئيندڙ ـ بار ڍوهو ـ مزدور ـ گولي ـ قُلي ـ پريٽ ـ پورهيت ـ پورٽر.

موج ڪيو 'محمود' اُتي، آهي بينو هُت حمال.

(محمود فقير، ڪافي ـ 16، ص ـ 54)

- **حَمِيرُ:** ذ. صفت. [ع] بهادر ـ پهلوان ـ سورهو ـ وِير ـ دلير ـ سورهيہ.

ذوق ضمير، عشق امير، ويک حمير هي هادي

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي ـ 31، ص ـ 25)

- **حِنا:** ث [ع. حَنا. هُن ڳاڙهو ڪيو] هڪ ٻوٽيءَ جو نالو ـ ميندي.

حنا هاٿ، سندي ساٿ، نسنگ ناٿ نچايا.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي ـ 72، ص ـ 49)

- **حورُون:** واحد حُورَ. ث. [ع. حور= ڀُوري ڪارين اکين واري عورت] ڪارن وارن ۽ ڪارين اکين واري بي حد حسين يا خوبصورت عورت. بهشت ۾ رهندڙ حسين عورت. (صفت) پاڪ عورت ـ نهايت حسين عورت ـ سهڻي ـ اپسرا ـ پري.

حورون ڪيو حيران حُسن ۾، جلويگر جنسار ميان.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي ـ 33، ص ـ 87)

- **حيدرِي:** ذ. صفت. حيدر جو. حضرت علي ڪرم الله وجهه جو نعرو (نعره حيدري).

هرجاءِ هوڪو حيدري، حُسيني حرفات.

(محمد فقير، بيت ـ 250، ص ـ 193)

• **حيضي**: ذ صفت حرامي- حرام جو- حرامي ڦر- والدزنا- حرامزادو- شرير- حرڪتي

واڳون ويچي، سو حيضي حرامي،

ڇڪت ڪري سو ڪري بيماني.

(محمود فقير، ڪافي-67، ص-87)

خ

• **خاتَمُ**: ث [ع خَتَمَ=مهر هڻڻ] مُنڊيءَ جي ٽڪ- مُنڊي- ڇاپ لڳل مُنڊيءَ ٿپو- ڇاپ- مُهر- خانگي مُهر- تڪميل جي نشاني (خاتم الانبيآءَ) اسم خاص سيني نبين جي نبوت ختم ڪندڙ آخري پيغمبر- حضرت محمد صلي الله عليه وسلم.

خالص خطاب خاتم، خُضري خبر خيالي،

خمار خوب خاصي، خس نا خفا خفا.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-17، ص-129)

• **خاتُوبندُ**: ذ صفت [ع ختم، ف. بند=مهر هڻندڙ] سازگر- ساز ٺاهيندڙ ڪاٺ جو سامان ٺاهيندڙ- واڍو- سوٿهڙ. عاج جي اُڪر جو ڪم ڪندڙ. آرسين جا فريم ۽ ڪٻٽ ٺاهيندڙ. عينڪن جا ڪوڪا ٺاهيندڙ.

پلو پر جهلو سائين، لڪياري لعل اٿم،

سڪ تہ سڄڻ يار جي، خاتو بند خيال اٿم.

(محمود فقير، ڪافي-22، ص-57)

• **خاص الخاص**: [ع] تمام گهڻو خاص يا چُونڊيل- تمام گهڻو وڻندڙ- تمام گهڻو پيارو.

جوڳي پڙهي جوش سان، اسم پاس انفاس،

خاصُ خاص الخاص، خوب ڪيائون خيال ڪي.

(محمد فقير، بيت-30، ص-269)

• **خاڪي**: ذ. صفت خاڪ جو- خاڪ جي پيدائش. مٽيءَ هاڻو- مٽيءَ وارو- مٽيءَ جي رنگ جهڙو. هڪ رنگ جو قسم.

احد احمد بن آيا هي، خاڪي خرقا پياري پاتا.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي-4، ص-167)

• **خالِصُ:** ذ. صفت. [ع. خَلَصَ= هُو نجو يا صاف ٿيو] ملاوت کان سواءِ- بنا ملاوت- بنا کوٽ- سچو- شُڌ- نِيارُ- چوکو- ٺٽ- صاف- نج- اصل- کرو- صحيح- سچي ۽ پڪي ارادي وارو.

خود بخود خُمار سان، خالص ختم خوشنود ٿي،

خيال جي خمخان ۾، رندن ڪيا ٿي راڳ روپ.

(محمد فقير، سُر راڻو ڪافي-5، ص-234)

• **خالِقُ:** ذ صفت. [ع. خَلَقَ=هُن پيدا ڪيو] پيدا ڪندڙ- ڪرتار- سرجڻهار- خلقڻهار- خلقيندڙ- پروردگار- خدا تعاليٰ. الله تعاليٰ جي صفاتي نالن مان هڪ نالو.

خالق خلق خيالي خلعت، خُدائي خصلت.

خليل الله چوان.

(محمد فقير، سُر سور، ڪافي-5، ص-203)

• **خام:** ذ. صفت. [ف] ڪچو- اڻ پڪل- اڻ رَسيل- ناپُختو. رڏي- خراب. ناقص- عيبدار- ڍِڏ وارو. ناتجربيڪار- اناڙي- نادان- چِٽ- جاهل- نالائق- اڻ لائق- گُڏينگو، اڏنگو.

عاشق آراڏيءَ تي آونديو، خام خودي ڪُون خود تي خاونديو

ڪر ڪر قرب ڪمال ڏيندي، گوهر اُلٽ گواهي.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-40، ص-90)

• **خامِي:** ث. ڪچائي- اڻ پڪائي- اڻ پورائي- ڪِمِي- گهٽتائي- نقص- ڍِڏ- اوڻائي- غلطي- ڀُل- چُڪ- سَهُوَ.

'محمد' چِڏي ڏي خامي خسارا، لاهي بار هستي سِر ڏي سينگاري

(محمد فقير، سُر گُجري، ڪافي-1، ص-235)

• **خَبِيثُ:** ذ. [ع. خَبثَ= هو پليت ٿيو] پليت- پليد- ناپاڪ- نجس- گندو- بڇڙو- خراب- ڪِنو- بدڪار- لُچ- بدظن. پاپي- دُشٹ- شيطان.

• **خَراڙُ:** ذ [ف. خروا= گڏھ جي ڪَڻ جيترو بار] اناج جو هڪ ماپو. سٺ ڪاسن جو هڪ ماڻ (جوئر جو 22 مڻ ۽ ٻاجهريءَ جو 20 مڻ ۽ ڪڻڪ جو 20 مڻ ماپو. خراڙ.

وڻ ولايت ساڻ صنوبر، ڪليا ڪيٺ خرار.

(محمود فقير، ڪافي-16، ص-53)

• **خراباتِي:** ذ صفت. شرابي- پنگي (پنگ پيئڻ وارو- نشئي- موالي- جُواري- بدچال. (شاعر مطابق) توحيد جو شراب پيئڻ وارو.

خراباتي ڪيل سان، خود ڪمائي خيال،

'محمد' ٿيو پر حال، برهه جي بازار ۾.

(محمد فقير، بيت-197، ص-286)

• **خَرُ:** ذ [سن. ڪَر: ف. خر=گڏه] جانور جو هڪ قسم- گڏھ ڪر. (صفت) بيوقوف- احمق- نادان- جاهل. خراب ماڻهو- لُچ- بدمعاش- حرامي. ڪريل- ڪمينو. دشمن- رقيب.

تون چئن پئسن جو چم هلائين، ڪُتل آهين ڪر.

(محمود فقير، گنگو ص-108)

• **خَرقا:** واحد. خرقو. ذ [ع. خَرقيه > خَرق= هُن ڦاڙيو] ٽڪڙي- چتي پيوند- پراڻو- چتين پيل چولو- گودڙي. فقيرن جو لباس. مرشد ڪان مريد کي تبرڪ طور مليل جُبو.

احد احمد بن آيا هي، خاڪي خرقا پياري پاتا.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي-4، ص-167)

• **خِريبُ:** ذ. ['فريب' جي بگڙيل صورت] فريب- ٺڳي- دولاب- دغا- ترڪٽ- گهات- دوکو. ڪُڌتِ- رمز. لَٻ- ڊوھ.

اهو ڏوتو دولابي ڪوتو ڪري ٿو خريب.

(محمود فقير، ڪافي-69، ص-91)

• **خَس:** ذ [ف] سڪل گاھ- ڪک- ڪانا. (شاعر مطابق) ضعيف- هيٺو- ڪمزور- عيبدار.

خالص خطاب خاتم، خضري خبر خيالي،

خمار خوب خاصي، خس ناخفا خفا.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-17، ص-129)

• **خسارا:** واحد. خسارو. ذ [ع. خَسِرَ=هن گهاٽو پاتو] نقصان- گهاٽو- ٽوٽو- ڇيهو- زيان- ضرر.

"محمد" چڙي ڏي خامي خسارا،

لاهي بار هستي، سِر ڏي سينگاري،

(محمد فقير، سُر گجري، ڪافي-1، ص-235)

• **خصلت:** ث [ع. خَصَلَ= هو فائق ٿيو اڳرو ٿيو] عادت- لڇڻ- سڀاءُ- ارڪان- اعمال- اخلاق- پرڪار- عِلَت- خوءِ- چال- سيرت- چلت. رغبت- طبيعت- مزاج. خاصيت- وصف. لياقت.

چلا "خ" ڊِي خصلت، مشهودي مصلت.

(محمد فقير، سي حرفي-1، ص-244)

خودبخود خمار ڪي، خصلات خنداني مين هي،

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-41، ص-143)

• **خُصُومت:** ث. [ع. خَصَمَ= هن جهيڙو ڪيو] دشمني- عداوت- بدخواهي- ويڙ- وِروڌ- ڪلفت- ايرڪا- بغض- ڪينو. عڪس- خار- ڪاوَ- حسد- ساڙ- تيسو.

ڪيئڙي نال خصومت ميڏي، رمز رانجهن دي رولڙيان.

(محمود فقير، بيت، ص-95)

• **خضري:** [ف] خضر ع سان منصوب. وڏي عمر- غيرفاني.

خالِص خطاب حاتم، خضري خبر خيالي،

خمار خوب خاصي، خس ناخفا خفا.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-17، ص-129)

• **خِطابُ:** ذ [ع. خَطَبَ= هن وعظ ۽ نصيحت ڪئي] ڪنهن جي روبرو ٿي ڳالهائڻ جي حالت- ڳالهه ٻولهه. گفتگو- ڪلام. جو حڪومت طرفان ملي- لقبُ.

خيالي خصلات سان، ڪولي خود خطاب،

الانسان سري وآناسره، انوري القاب.

(محمد فقير، هفتو-1، ص-263)

• **خَفا:** [ف] ناراض۔ ناخوش۔ ڪاوڙيل۔ بيزار

خمار خوب خاصي، خس ناخفا خفا.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي۔ 17، ص۔ 129)

• **خَفِي:** [ع] لڪل۔ پوشيده۔ مخفي. سلوڪ جي راهہ ۾ هڪ منزل جو نالو. مخفي ڳجهو۔ باطني يا دل جو ذڪر.

خيال خفي وِچ عاشق ڪوڙن، دوئي والي ٽڳي توڙن،

سر وِچ سُرت سنيال، همدم ٽيڙي حڪم هلائي.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي۔ 40، ص۔ 90)

• **خُلدُ:** ذ [ع. خَلَدَ= هو هميشہ لاءِ رهيو] هميشگي۔ هميشہ رهڻ جي حالت۔ بهشت۔ جنت۔ فردوس۔ سُرڳ۔ هميشہ رهڻ واري شيءِ

عمر ايڪونجاهہ عجائب احوال ٿيا.

پاڪ محرم ماهہ وچ، خوبان خلد خوشحال ٿيا.

(محمد فقير، سي حرفي۔ 4، ص۔ 262)

• **خِلعَتَ:** ث [ع. خَلَعَ= هن عزت سان چوغو پهرايو] پٽي ياران بخشش طور ڏنل لباس. وڳو۔ جامو۔ لبادو. ڪنهن بادشاهہ جي امير يا سردار کي عزت طور پهرايل پوشاڪ۔ جبو۔ فَرغَل۔ سروپا۔ پاڪر. تحفو۔ عطيہ. فقيرائي پوشاڪ.

خالق خلق خيالي خلعت، خدائي خصلات،

خليل الله چوان.

(محمد فقير، سُر سورٺ، ڪافي۔ 5، ص۔ 203)

• **خَلَلُ:** ذ [ع خل= هو لاغر ٿيو۔ هن وٿي ڪئي] رُخنو۔ سوراخ۔ ٻرگهل۔ وِٿي. رنڊڪ۔ ڀڃڪڙي۔ رُڪاوٽ۔ روڪ۔ اَٽڪ۔ دخل۔ وِڳوڙ۔ بکيڙو۔ جهيڙو۔ جنگ۔ بلوو۔ فتنہ انگيزي۔ بغاوت۔ رولو۔ نقصان. خسارو۔ ٽوٽو۔ روڳ۔ دک۔ تڪليف.

اکيان عاشق دلبر دل هي، اِڳون خام خودي داخلل هي.

راز انهيندي ڪنهن ڪُون ڪَل هي، اندر الف اشاري دا.

(محمد فقير، سُر توڙي، ڪافي۔ 7، ص۔ 221)

• **خُلُمُ**: ذ حرڪت- چترائي- لُچائي- ڪئونس- ڪيچل- نقصان- حرج- ڇيھو- ٽوٽ- مونجھارو- وڳوڙ- ڏڦيڙ- خلل- رولو- ڦيتاڙو- مانڌاڻ- ٻائيتال- گوڙ.

ڪول خيالي ڪيل خودي ديھ

خُلم خودي ڪل ڪائون، رنگ لائون.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪفي- 31، ص- 137)

• **خَمُ**: [ف. خَمُ=ڏِنگ] ڏنگائي- وَنگ- ٽيڙُ- آڏائي- ورُ- وڪڙ- موڙ- پيچُ- وٽ- ڀيچُ.

يوسف ڪاڻ زليخا ظاهر، قائم ڪيا ڪنمانا،

خوبان خوب خماريل خم خم،

(محمد فقير، سُر لوڙائو ڪافي- 6، ص- 69)

• **خُمارُ**: ذ نشو- نشي جي مستي- نشي جا پُورَ- مدهوشي. نشي لهڻ کان پوءِ سُستي- پيچاڙيءَ جو نشو. ننڊ جو زور- اُونگھ- ڳمُ- ڳھَرَ- ننڊاڪڙائي، خُماري- پِنڪي. اکين جي ڳراڻ- اکين جي ڳاڙهاڻ. متوالي، نظر.

خالص خطاب خاتم خضري خبر خيالي

خمار خوب خاصي، خس نا خفا خفا.

(محمد فقير، سُر پهاڙي ڪافي- 17، ص- 129)

• **خُمخان**: [ف. خُمخانہ] شراب خانو (شاعر مطابق) خيال جي پاڻيءَ جو شراب- توحيد جو شراب.

ڏڙسـئي ڪان ڏار ڪيا، ٿم سان رکي جن دلبري،

خيال جي خمخان ۾، خوبان خبر ڪن خوشتري

(محمد فقير، سُر ڀاڳ، ڪافي- 23، ص- 66)

خود پرستي ڪِي خبر، خوشحال خُمخاني ۾ هي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي ڪافي- 61، ص- 142)

• **خَمرُ**: ذ [ع. خَمرُ=شراب- نشو] انگورن جو رس (پچايل) – شراب- مئي- مد- مستي (محبت جي) - عشق.

بزم جي بهالي خُمر پي خيالي،

قلم پر ڪلالي ڪمالي ڪجل سان.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-45, ص-145)

- **خَندانِي:** خَندان. ذ. صفت [ف. خنديدن=کِلڻ] کِل- ٽَهہ ٽَهہ- ٽهڪڙو- هاسي- هسي- کِلڪو- ٺٺول- مسخري- چٽر. ڏونگل- ڍيڳ.

خيال ڪي خاني ختم خوبي خدائي خيال ڪي،

خودبخود خمار ڪي خصلات خنداني مين هي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-42, ص-143)

- **خُنڪارَ:** ٿ. ٺڏ- ٺڏڪار- سردي، خوشي- موج- فرحت- خوشبوءِ- سڳنڌ. مستي- نشو- مؤ- خمار. شهنشاهہ- قيصر- مهاراجا.

ڪيڏي خُنڪي خوب خوشي وِچ، سهڻو رنگ رومال.

(محمود فقير، گنگو ص-107)

- **خُوبان:** خُوب. ذ. صفت [ف] چڱو- سٺو- ڀلو- بهترين- تمام سٺو- عمدو- سهڻو- ڀلارو- اُچو- اُتم- اعليٰ، نيڪ- لائق- وڻندڙ- پيارو- زيبا.

خود خيال تي سمجهہ تون، خوبان خيال کي،

هرجاءِ حضور حاضر، هسوار حال کي.

(محمد فقير، سُر پيرو راڳ، ڪافي-1, ص-50)

- **خُودِي:** ٿ. پاڻ پڻو- آپو- شخصيت- انانيت- وڏائي- ڪبريائي- خودمختياري- خودسري- خودپسندي- خودبيني- خودداري، غرور- هٺ. گهمنڊ- ايمان- ٽانءِ- ٽنڊ- احساس برتري

اکيان عاشق دلبر دل هي، اڳون خام خودي داخلل هي.

(محمد فقير، سُر توڙي، ڪافي-7, ص-221)

- **خُوشتر:** [ف. خوشترڪ] تمام گهڻو خوش.

"محمد" مظهر ميم مثالي، ختم خوشتر خوب خيالي.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-64, ص-101)

• **خُوشنُودُ:** ذ صفت. خوش- خُرم- راضي- نهال- سُکي- آسودو. خوش باش. خوش خُرم- سهجو- هوند وارو.

خودبخود خمار سان خالص ختم خوشنود ٿي.

خيال جي خمخان ۾ رندن ڪيا ٿي راڳ روپ.

(محمد فقير. سُر راڻو ڪافي-5. ص-234)

• **خُومچا:** واحد. خُومچو. ذ. [ف. خوانچہ= خونچو- خومچو] ڪاڻي رکڻ جو وڏو ٿالهہ- طبق- پاٽ- خوانچو.

بفت زريون ۾ دهريون ڏاچا.

ڪوءِ پيا عمر تنهنجا خومچا ڪاچا.

(محمود فقير. ڪافي-26. ص-59)

• **خِيالُ:** ذ [ع. خيال] جا ڳالهہ ماڻهوءَ جي دماغ ۾ اچي- تصور- ويچار- پوُرَ- سوچ- غور- سمجهہ- سُوجهہ- راءِ- ڳڻت- انسئو- هَم ٿم- ڪَٿ. ڳڻتي- پچار. صلاح- ارادو- مرضي- منشا- ڌيان- چت- توجہ- جاچ. سنيال. موج- آرو- لهر- رِيچَڪَ- ڄُجهڪِي- وهم- گمان- سڪ- دليل- فڪر- انديشو- قياس- جُنون- چريائي- خبصا. دنيا جي وهمي صورت. سارو عالم. ويدانت موجب 'مايا'. تصوف موجب 'وهم' ۽ ڪنهن سچي اهليت کان سواءِ.

جڏهن خيال تي غالب خيال ٿيا.

تڏهن حاصل هردم حال ٿيا.

(محمد فقير. سُر توڙي ڪافي-4. ص-218)

• **خيما:** واحد. خيمو. ذ [ع. خَيمہ] تنبو- وڏو تنبو- کيمو- شاميانو- سائبان- ڪپڙي جو نهيل گهر.

کوڙ خفي وچ خيال دا خيمان ڪر قلب کون قُربئون ڪيمان.

پايا يار جلالي جا مان. وجا ناد نيارا وي

(محمد فقير. سُر بسنت. ڪافي-3. ص-166)

د

- **دادگُرُ**: ذ. انصاف ڪندڙ- عادل- مصنف.

دم بدم داناءِ دلاور دادگر دربار تي،

ڏرپدي ڏِن ڏيان ۾، رندن ڪيا تي راڳ روپ.

(محمد فقير، سُر راڻو ڪافي-5، ص-234)

- **داڙَرُ**: ڇٽ- ڳلٽو- ڳرهو- ڳِرگهِلِي- ٿلُ- ڦِسيلاءِ- چڙهو. دڙڪو- دباءُ- دهمان.

پير مهاولي مهه جنگ، قدرت پريو تون قادر،

مڪر ڪري "محمود" اچ، دوست، ٻڌئي تو ڏاڏَرُ.

(محمود فقير، ڪافي-46، ص-72)

- **دارُ**: صفت [ف. داشتن= رکڻ] رکندڙ- جهليندڙ- ڪٽندڙ (دارَ. ف) سُوري- سُولي- ڦاسي- ڦاهي.

دائم دم جي دار تي، پيئن ڏهرا دنگ يار.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-29، ص-24)

- **دالِي**: صفت. هٺ هيري- پاليل. البيلي- دادلي- چڙواڳ- چرڙي.

هاٿي دنگو چڏ دالِي، تہ ڪريون پرچاءُ پاڻ ۾.

(محمود فقير، خيري، ص-135)

- **دامُ**: ذ. [ف] پکين ڦاسائڻ جو ڄار- جال- ڄارِي- ڇِندُ- ڊبي. ڦاهي- ڦَندو- ڦاهو- ڪوڙڪو- سِرڪٽي- رَسي- نوڙي. دوکو- فريب.

تنهنجي دام زلف زُنار وجهي، اظهار ڪيو ارشاد اسم.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-40، ص-31)

- **دانَ**: ذ. [پرا. داڻ. سن. دان> دا= ڏيڻ] بخشش- خيرات- بيک- ڀِکيا- پُنُ- پُڄُ- عطا. ڏاڻ. عطيو- امداد- انعام- تحفو. ڏَنُ- نذرانو- سوکڙي، سوغات- تحفو.

ڏهرا ڏنگ دان جا، 'محمود' جي مان جا.

(محمود فقير، ڪافي- I، ص-45)

• **دانگِي:** ث. ماني پچائڻ لاءِ ٹکر جو ٽانءُ. ٹکر جو ٽئو. (دانگي منهن تي ملڻ) شرمسار ڪرڻ. خراب خوار ڪرڻ. تعدي ڪرڻ.

ڪنئي اٿئي خوشيءَ مان ڪارنهن جي دانگي.

(محمود فقير. خيري، ص-135)

• **دائم:** ظرف. [ع. دام= هُن جٽاءَ ڪيو] هميشہ. سدائين. مُدام. سدا. تِٽُ. بارهوئي. پڪي طرح. دائما.

دائم دير درسن واري، دانهہ ڪن دلگير اکيون.

(محمد فقير. سُر ڏناسري، ڪافي-6، ص-229)

• **دُبارو:** صفت. [ف. دُو= بہ+ بار= گهمرو] ٻيو دفعو. ٻيو گهمرو ٻيهر. موٽي. وري. ٻيو ڀيرو.

دُرس دلربائي ڏرپد ڏمالون، ڏياني خفي ڏر ڏيوت دُبارو.

(محمد فقير. سُر ڪانرو ڪافي-5، ص-172)

• **دُرُ:** ذ. [ع] موتي. پاٽيث. گوهر. مٽيو. رَتنُ. جوهر.

دائم درامي دانہ ڏماليِ، دربار دم جي ديدار دُر جو.

(محمد فقير. سُر پيروي، ڪافي-9، ص-14)

• **درازي:** درازا شريف وارو يعني حضرت سچل سرمست رحہ.

بن بيخود پيد بياضي دم دولهہ دُرس درازيءِ

احوال اصل آوازي، پڙهہ شائق ٿي شڪرانا.

(محمد فقير. سُر تلنگ، ڪافي-59، ص-98)

• **دَربارُ:** ث. [ف] بادشاهي ڪچهري. دربار. درگاهہ. بارگاهہ. آستانو. اميرن ۽ بادشاهن جي مجلس. شاهي عدالت. عدالت خانو. جشن. اجلاس.

پڌرو پاڻ پاڳارو ٿيڙو درسن جي دربار ميان.

(محمد فقير. سُر تلنگ ڪافي-33، ص-87)

• **دُرسُ:** ذ. صفت. [ف. "دُرستُ" جي بگڙيل صورت] درست. برابر. صحيح. سچ پچ. ٺيڪ. پورو. سچ. حقي.

ويکو ديد دُرس دلبر دي، سردار سخي سروردي.

(محمد فير. سُر پيروي، ڪافي-35، ص-28)

• **دَرسَنُ:** ذ. [سن. دَرشن= ڏسڻ] ڏسڻ جي حالت- ديدار- مُشاهدو- ڏيک. تماشو- نظارو- ڏيکاءُ. زيارت- ملاقات- مُڪاميلو- گڏجاڻي- ميلاپ- درشن.

دائم ديري درسن واري، دانهه ڪن دلگير اکيون.

(محمد فقير، سُر ڏناسري، ڪافي-6، ص-229)

• **دَرسِي:** مذهبي واعظ- هدايت- نصيحت- سبق وغيره.

ترڪ 'محمد' قبل ماضي، ترڪ تون مان تور تڪ.

ترڪ تقسيمين ترازي، ترڪ ٿيا درسي درڪ.

(محمد فقير، سُر درباري ڪانرو ڪافي-1، ص199)

• **دَرڪُ:** ذ. [ع. ادرڪ= هن پروڙيو] سمجهه- پروڙ- اِدراڪ- ٻُوجهه. واقفيت- عقل- گِيانُ- فهم- ڄاڻ. استعمال. آزمودو- تجربو. واسطو- ڪم.

ترڪ 'محمد' قبل ماضي، ترڪ تون مان تور تڪ.

ترڪ تقسيمين ترازي، ترڪ ٿيا درسي درڪ.

(محمد فقير، سُر درباري ڪانرو ڪافي-1، ص199)

• **دَرگاهُ:** ث [ف] جاءِ- ڪچهري- دربار- ڪورٽ- آستان. محلات- ڪنهن جاءِ جو مُنڍ- دِڪي- ٻنيو- ڇائنڊ ڪنهن وليءَ جي مزار- آستانو- چوڪِي- قُبو- روضو- مقبرو. زيارتگاهه- عبادتگاهه- خانگاهه.

ديد دمامي دم دم دائم، درسن ڏِي درگاهه ميان.

(محمد فقير، سُر راڻو ڪافي-6، ص-235)

• **دُرودُ:** ذ. [ف] رحمت- تحسين- آفرين- تعريف- دعا- تسبيح- صلواة (جيڪڏهن خدا جي طرفان هجي ته رحمت ۽ برڪت جي معنيٰ. ملائڪن جي طرفان هجي ته استغفار ۽ مسلمانن جي طرفان هجي ته دعا ۽ سلام جانورن ۽ پکين جي طرفان هجي ته تسبيح) ڏٺيءَ جي مدد لاءِ دعا- اها دعا ۽ سلام جيڪو حضور نبي ڪريم صه تي پڙهيو وڃي.

سُرتي نِرتي وچ ۾ سُڻائي سُرود،

ديدن جي دُرود، ثابت ڪيو سِر ڪي.

(محمد فقير، بيت-71، ص-273)

• **دَرونِي:** [ف] ظرف. اندروني- اندريون- مخفي- ڳجهو- لڪل.

گم ٿي ويکين نينهن نظارا، پاءِ دروني جهاتي،

پي پيالا محبت والا، ڏي هوڪا دم دم ذاتي،

'محمد' ڪر اثباتي، سارا سِر سبحان تون.

(محمد فقير، بيت-8، ص-265)

• **دَرويش:** ذ. صفت. [ف. دُرَ= در. آويختن= لڙڪائڻ] ڪنن ۾ دُر وجهندڙ فقير. پينو- گدا- بيڪاري منگتو- سائل- سُوالي پهتل بزرگ- سالڪ- ولي الله مست نيڪ. ديندار- مُتقي سچار- عابد غريب- مفلس- مسڪين. صاحب معرفت.

دال- درويشن جو دُونهون متي دَر

پسن پُرجهن پاڻ ۾ پسڻ واري پَر.

(محمد فقير، سي حرفي-2، ص-249)

• **دَريافت:** ث. [ف] پُڇا- تلاش- جاچ- پروڙ- باز پُرسي- پڇا ڳاڇا- پڙتال- پوئواري- تپاس- کوجنا- اوک بوک- جستجو- تحقيق- تفتيش- ويچار.

وَفِي انفسڪم واري ڪريان،

دريافت دم جي ڏمال دغن سان.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-26، ص-120)

• **دَڙپاڻِي:** دَڙپاٽ. ث. دڙڪو- داب- زور- دٻاءِ ظلم. گهوڙي جي سُنبن جو آواز.

ديواني ديوار ڏسي، آهي دڙپاڻي دڙڪن.

(محمود فقير، ڪافي-8، ص-49)

• **دَسُ:** صفت. [ف. ده، سن. دَشن= ڏهه] ڪِلپ جو هڪ تمداد- ڏهه ڪنهن بہ شين جو گهٽو انداز. جيئن: 'ماڻهن جا دَس، گهوڙن جا دَس دُهلن، بنا ڏس، بندوقن جا دَس وغيره'. دُهل جو واڄو.

خوشيءَ مان کنياڻ چئي، دُهل هٿايان دَس.

(محمود فقير، بيگم، ص-116)

- **دَستا:** واحد. دَستو. ذ. [ف. دَستہ=هٿيو] هٿيو۔ هَٿ۔ مُٺيو۔ مُٺ۔ ڳَن۔ هٿو. مصالح وغيره ڪُٽڻ لاءِ ڏاتوءَ يا پٿر جو مُهرو۔ ڏنبو.

ڪنڌ ڪپايس ڏڙ ڏڏڪايس، ڏگ اُلاريس دَستا.

(محمود فقير، تيهہ ڏينهن ص۔120)

- **دَستارُ:** ث. پڳڙي۔ پڳ۔ عمامو۔ پٽو۔ لُونگي۔ پاڳ۔ مولهاتو۔ مولهيو۔ ڦهَڙُ ڦيڙهہ۔ ڦينٽ.

صوفين جو سردار اسان وٽ آيو سِر پڏي دستار اسان وٽ آيو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي۔19، ص۔117)

- **دَستُورُ:** ذ. [ف. دست= زوراور= هڪ صفتي پچاڙي] طرز۔ رَوِش۔ رسم۔ رواج۔ ريت۔ پِرِ۔ اُصول۔ ڍنگ۔ ڍَبُ۔ نمونو۔ وتيرو۔ طور طريقو۔ عادتَ۔ چلت۔ هلت۔ وَجهہ۔ اُٿ ويهہ۔ پرڪارُ۔ افعال۔ لڇڻ. قاعدو قانون.

حاجي حُسن حُضور ڪا، ديدان والي دستور ڪا.

مين هُون نظاري نُور ڪا، بوستان ۾ باقي بقا.

(محمد فقير، سُر ڪلنگڙو ڪافي۔13، ص۔189)

- **دُشالا:** واحد دشالو. ذ [سن. دو= ٻہ+ سالور = شال] ٻٽي شال۔ ٻيٽي شال. گڏ اُٿيلَ

الله اڪبر، رنگِي راز رهبر، ٻڏين دُرس دلبر، تون دولهہ دشالا.

(محمد فقير، سُر گجري، ڪافي۔21، ص۔239)

- **دَشتُ:** ذ. [ف] صحرا۔ بيابان۔ رڻ پٽ۔ رُڃ۔ ميدان۔ جهنگل.

ڪيچي ڪشت ڪري ويا، مون کي دشت ڏري ويا.

(محمود فقير، ڪافي۔3، ص۔46)

- **دَغزا:** واحد. دَغزو. ذ. پکين ڦاسائڻ لاءِ ڪاٺين ۾ ڪُتل جاري

دَغزا هٿين وٺين دام، چِت من وٺين چوري.

(محمود فقير، ڪافي۔29، ص۔61)

- **دَفعُ:** ظرف. [ع] پري۔ دُور۔ نَڦانُ۔ الڳ پورو۔ ختم.

مون سان حال محرم هڪوار ٿيندو.

تي درد دفع ڏک سور ويندو.

(محمود فقير، ڪافي۔41، ص۔68)

• **ڏلبا:** واحد. دلبو. ذ. [سن. ڏلبڀ= دلبو] دولاب- دغا- ٺڳي- ڇَلُ- ٺرڪٽ- گهات- ڪوڙ- ڪپت- مڪر- ڏٽو- فريب- ڏَنبُ- ڏوڪو- ويساهه گهاتي.

دلبا ديد دلال دا ڏمال دا.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-32، ص-87)

• **ڏلبيدارُ:** صفت. دولاب ڏيندڙ- دغا ڪندڙ- ٺڳي ڪندڙ- ويساهه گهاتي ڪندڙ. ناز و ادا سان پنهنجي دام ۾ ڦاسائيندڙ.

اُلٽي آن ٽٽي اظهار ڏلبيدار دلبري دي،

شوق شراب، ڪوڙ ڪباب، راڳ رباب رهبري دي

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-30، ص-24)

• **دلالُ:** ذ. [ع. دَلّ= هن اڳواٽي ڪئي] رستو ڏيکاريندڙ- واٽ لائيندڙ- خريدار ۽ وڪڻندڙ جي وچ ۾ سودو ڪرائيندڙ- سودو ونائيندڙ- گماشتو- آڙهيتو. ٽياڪڙ- وڪيل- ثالث- گراهڪ ڦاسائيندڙ- سوُدي باز- اصيل.

صوفي ٿي سِر صاف شيانا،

دلبا ديد دلال دا ڏمال دا.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-31، ص-87)

• **دلاوَرُ:** ذ. صفت. [ف. دل+ آوردن= آڻڻ] دل وارو- ڇاتيءَ وارو- همت وارو- دلير- بهادر- شجاع- سُورمو- جوانمرد- سُورهيه.

رقص راڳي رنگ پور ۾، دُرس ديد دلاور در ۾،

الانسان سريءَ جي سُر ۾، صاحب سڀ جاءِ سارو.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-64، ص-101)

• **دلگير:** ذ. صفت. اداس- مايوس- ملول- اُباڻڪو- ڏکي- غمناڪ- شڪستو- ڏکويل- رنجايل- ايذايل- ڏک پريو- سوڳي- دکدائڪ- ڏک جهڙو- مغموم- غمگين. حيران پريشان.

دائم ديري درسن واري، دانهه ڪن دلگير اکيون.

(محمد فقير، سُر ڏناسري، ڪافي-6، ص-229)

• **دَليلُ:** ذ [ع دَلَ= هن وات ڏيکاري] رستو ڏيکاريندڙ- سونهن- بحث- مباحثو- بيان، ثبوت- ثابتي- مثال- بُرهان، ويچار- گمان- وهم.

لام- لاهوتي لال ٿيا، اکين جا اصيل،

وڃاياڻون وحدت ۾، دُوئي جا دليل.

(محمد فقير، سي حرفي-3، ص-258)

• **دَمُ:** ذ [ف] پساهه- جيءُ جان- پراڻ- سانس- جياپو- حياتي- زندگي- روح- ڄُوٽو- عمر- جِيو- آتما. ساهه يعني پنهنجي جان، جنهن ۾ ٿي محبوب موجود آهي. صوفي دل ۾ ذڪر کي 'قلڪو' ڪندا آهن ۽ بعد ۾ ساهه بند ڪري ذڪر ڪندا آهن، جنهن کي 'حبس دم' چئبو آهي. هي ذڪر دل ۾ ايئن جاري ٿي ويندو آهي جيئن دل جي ڌڙڪن ۽ رت رڳن ۾ بنا ڪوشش جي هلندو رهندو آهي. هيءُ ذڪر جو اعليٰ درجو آهي.

دائم دم جي دار تي پيئن دُهرا دُنگه

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-29، ص-24)

• **دَمُ:** 2. غرور- فخر- مرڪ. دوکو- مڪر- فريب- ٺڳي. دلاسو- آسرو- ڏڍ. لپاڙ- ٻٽاڪ. ٻاڙ- لاف.

سي پڇن ٿيون پريت ۾، محبت ۾ مايون،

کلن ٿيون کٿياڻ چئي، ڏاڍو دم رکي دايون.

(محمود فقير، بيگم، ص-115)

• **دَمامي:** دَمامون. ذ هڪ ساز جو قسم- دُهل جي وڃتد دمامه- خوشي.

ديد دمامي دم دم دائم، درسن ڍِي درگاهه ميان.

(محمد فقير، سُر راڻو ڪافي-6، ص-235)

• **دَمبَدمُ:** ظرف. گهڙي گهڙي- هروقت- هردم- هرلحظي- ذري ذري ماٺ ۾- ٿوري ٿوري وقت ۾- دائما- هميشه.

تنهنجي ديدن جو ديدار پسي، دمي دمبدم دلدار پسي.

درجات درس دربار پسي، ڪيئون هڪ نه ضايع ذوق ذري.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي- 55، ص-97)

• **دَمي:** (دم تي رکڻ) جانورن جو ديگڙو باھ تان لاهي، ان جي مُنهن تي ڍڪ ڏيئي، مٿس بار ڏيئي رکڻ (جيئن جانورن منجهان ٻاڦ ٻاهر نہ نڪري ۽ باقاعدي رَجهي تيار ٿيڻ). ڪنهن بہ طعام کي مٿئين طور دم ڏيڻ يا دم تي رکڻ. شاعر مطابق دل ۾ مخفي ذڪر ڪندو رهہ ۽ ان جي ڳالهہ عام ماڻهن سان نہ ڪر.

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ پرت پرينءَ سان پار،
دمبدم دمي دم کي، دم جو ڪر ديدار.

(محمد فقير، بيت۔13، ص۔266)

• **دُنگ:** ذ. [ف] شراب وغيره رکڻ لاءِ تمام وڏو ٺامي جو مٽ۔ شراب جو مٽ، شراب جو وڏو شيشو۔ شراب جو پيالو.

داشم دم جي دار تي، پيئن دُهرا دُنگ يار.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي۔29، ص۔24)

• **دُنالِي:** ٻن نالن واري بندوق، جنهن جي ڏڪ سان جاندار جي جان هلي ويندي آهي. مجازاً: ٻئي ديد۔ ٻئي اکيون. ڪاريون ڳنڍيون اکيون (جيڪي دليون شڪار ڪن ٿيون).

نينان والي نظاري، ديد دُنالي بہ مين هُون.

(محمد فقير، سُر جوڳ، ڪافي۔5، ص۔192)

• **دَنگِي:** ث. ٻيڙيءَ جو هڪ قسم۔ وڏي ٻيڙي۔ سامونڊي ٻيڙي۔ ننڍو واپاري جهاز.

اسم جسمات جي جملي، احد عبدي سندي اولي،
دُرس دم جي دنگي ديهي پلي آيو پلي آيو.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي۔27، ص۔135)

• **ڏواليون:** واحد. ڏوالي. ث. [ف. ڏوالَ= چمڙي جي وَڌي] بازن تترن وغيره پاليل پکين کي پيرن ۾ ٻڌل سڳا. مجازاً: محبت جا ونگ۔ وڪڙ۔ دام۔ جار.

نبيسر جون نام ڪنيون، ٿيون دام وجهن ڏواليون،
جادوءَ ساڻ جمال جون، ٿيون روز هڻن زاليون.

(محمود فقير، ڪافي۔9، ص۔49)

• **دُواري:** دُوار. ظرف [ف] جي هٿان- جي وسيلي- جي ذريعي- منجهان- مان- معرفت- هٿان- هٿون- وسيلي- دُوران.

صورت سچي سينگاري، شوقئون شراب پياري،

ديدن واري دُواري، دلدار ٿيو پاڳارو.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-11، ص-14)

• **دُودُ:** ذ [ف] دُونهون- ٻاف- بخار. وزم- چلم جي ڦوڪ- سوٽو- ٽمُر- ڪش.

دُوئي دي دام دلاور دمروچ دُودُ ڏکايا.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-4، ص-123)

• **دوستار:** سنگتي- ساٿي- دوست- يار.

جتي سدا رنگ سُونهان، اُتي دُونهان دوستار جا.

(محمود فقير، ڪافي-44، ص-70)

• **دُولهه:** ذ. صفت. سهڻو- سنو- عمدو- ڀل ڀلوڙُ- ناهوڪو- سُوڊو- ڏسڻ جهڙو- لطيف- نازڪ- فراخ دل- دريا دل- سخي- فياض- مردانو- بهادر- مڙس ماڻهو- همت وارو- همت ڀريو- پهلوان- ٻتو- ٻترو- گهوٽ.

بن بيخود پيد بياضي دم دولهه دُرس درازي،

احوال اصل آوازي، پڙهه شائق ٿي شڪرانا.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-59، ص-98)

• **دَونڪن:** واحد. دَونڪ. ث. ٽوري روشنائي- ٽمڪو- دونڪو- چمڪو- جَهرڪو- تجلو- ڏيکاءُ. (شاعر مطابق) هلن ٿا- وڙڪن ٿا- گهمن ٿا- ڇُرن ٿا.

ڏمان اُٿ دونڪن ٿا، جمان جتن جا،

جهاپا جهُوڙا جهڪورون، ليڙا لڪن جا.

(محمود فقير، ڪافي-39، ص-67)

• **دُوئِي:** ث. [سن. دِوَ= ڏُون] دُوئو جو مونث. ٻه- ٻيائي- نفاق- اڻ ٻڻت. علحدگي- جُدائي- ٺرق. ڦيري- چڪر- مٽيءَ جي ڦيري صوفين جي اصطلاح ۾ خدا کان سواءِ ٻي هر شيءِ- ڪثرت. سڏون- خواهشون.

خيال خفي وِچ عاشق کوڙن، ڏوئي والي تڳي توڙن،

سِر وِچ سُرت سنڀال، همدم ٽيڙي حڪم هلائي.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي_40، ص_90)

• **ڏهرا:** واحد. ڏهرو. ذ. صفت. [سن. دو= ڏون] ٻيڻو_ ٻٽو_ ٻه تهو_ ڏوڙو_ وزندار. گهٽو_ جهجهو.

دائم دم جي دار تي، پيئن ڏهرا ڏنگ يار.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي_29، ص_24)

• **دَهڪارا:** دَهڪارُ. ث. حشمت_ خوف_ رُعب_ تابُ.

دشمن ديک اُتهين دهڪارا،

واهه ڪبوتر سرسا سارا.

(محمود فقير، ڪافي_76، ص_103)

• **ڏهِري:** ث. [سن. دو= ٻه+ سَرِي= ٻن سِرن واري. ف. دُو= موتي] ڳهڻ جو هڪ قسم_ ڳچيءَ ۾ پائڻ جو هار. ٻن لڙهين واري.

هَس، ڏهري، ڪنمال، ڪڙولا، ساڙيان سون زريه

اڻوٽ پائڻ عيب اسان کي، انهي زيب ڏري

(محمد فقير، ڪافي_8، ص_48)

• **دِيدَن:** واحد. ديد. ث. ذ. [ف. دِيدَن= ڏسڻ] اک. ڏسڻ جي حالت_ ڏسٽي. نظر_ نگاهه_ نرت. جوت_ سوجهرو_ روشني_ ڏؤ_ ڏهو_ ڏٺو. ڏيک. ڏيکاءُ_ نظارو_ نماءُ_ جهلڪ_ لقاءُ_ ديدار_ درشن.

تنهنجي ديدن جو ديدار پسي، دمي دم بدم دلار پسي،

درجات ڏرس دربار پسي، ڪيئون هڪ نہ ضايع ذوق ذري

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي_55، ص_97)

• **ديرن:** واحد. ديرو. ڪٽنب_ خاندان_ گهراڻو. حويلي_ گهرٻار_ زال_ زوج_ زنانہ خانو.

ٻانهي آهيان خان پنهل، تنهنجي ديرن جي دائِي.

(محمود فقير، ڪافي_17، ص_54)

• **ديسڪارُ:** [سن. ديشڪار= ديسڪار] هڪ راڳڻيءَ جو نالو. محمد فقير جي رسالي ۾ هي راڳڻي 37 نمبر تي آهي ۽ هن راڳڻيءَ ۾ فقير صاحب جون ٻه ڪافيون لکيل آهن.

• **دِينُ:** ذ [ع= اختيار ڪيو] مذهب- مِلّت- ڌرم- پَنٿُ- ايمان- عقيدو- ويساهه- يقين- ڀروسو- نتيجو- اعتبار. انجام- وچن- قول. عاقبت- آخرت.

ديدن واري ڏيان ۾، ڌرم نڪو دين.

(محمد فقير، سُر ديسڪار، ڪافي-2، ص-232)

• **ديهي:** ٺ بدن- بت- جسم- تن- قالب- چولو- وُجود- شرير- ڪايا.

انگ-جُسو اُرهه- سينو-ڇاتي

جيي نيڪ نالو نچي تي نرالو

پيئان پُر پيالو پسي ديد ديهي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-1، ص-122)

ڏ

• **ڏارَ:** ٺ. [سن. ڏارا= وهڪرو] ڪنهن پاڻياٺي شيءِ جي سنهي وَهڪَ- لاڙ- لاٽ- گُوهو- ريلو. سنڌو- ليڪو.

ظفر ذات، باصفات،بشر بات بحالِي،

ڪجل ڪار، مثل ڏار، خبردار خيالِي.

(محمد فقير، سُر سهڻي ڪافي-1، ص-203)

• **ڏاڙو:** ذ جماعت- گروهه- ٽولي- جٿو. چورن جو ٽولو. چورن جو حملو- چورن جي ڦرمار- ڏاڙ- لُٽَ- لُوٽ- ڌاڪو- رهزني- چوري. اوچتي ڦرلُٽ.

گفتار گُن گياني، رفتار رنگ رنداني،

سرشار تي سيلاني ديدن جو هٽي ڏاڙو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-8، ص-111)

• **ڏامُ:** [سن. ڏامن= جاءِ] رهڻ جي جاءِ- هنڌ- گهر- جڳهه- آستانو. (شاعر مطابق) تيزيءَ سان- زور سان- زوم سان.

ڏامُ ڏمالي ڪا ڪام لڳئي، شل هام وڃئي بيا لنب لڙي

(محمود فقير، ڏمالي، ص_11)

• **ڏان ڏان:** مصدر. ڏان ڏان ڪرڻ. گوڙ ڪرڻ- هُل ڪرڻ- هولاچو ڪرڻ. تڪڙا لائڻ. ڏمڻ جو آواز. تنگ ڪرڻ- سختي ڪرڻ.

ڏان ڏان ڪر دڙباٽ ڪريندا، شنبين دا ستڪار.

(محمود فقير، گهوڙو، ص_101)

• **ڏُتاري:** مصدر. ڏُتارڻ. [سن. ڏوت= ٺڳ] ٺڳڻ- ريبڻ- دلبو ڏيڻ- ڏوکو ڏيڻ- فريب ڏيڻ- ڏُتڻ. پنبلائڻ- پرمائڻ- برغلائڻ. پاڻ ڏانهن ڪشش ڪرڻ. ريجهائڻ- راضي ڪرڻ- موهڻ- هِرڪائڻ.

تو ساري شجائين معني مرڻ جي،
پوءِ ڇاڪئون نهوڙيئي ڏُوتيءَ ڏُتاري،

(محمد فقير، سُر گجري، ڪافي_1، ص_235)

• **ڏُر:** ث. [سن. ڏُر= پڇاڙي] حد- پڇاڙي- ڇيڙو- آخير- دنگ. اصل- نسل- بنياد- ابتدا- شروعات- ٺاهه- ابتدا- شروعات- ازل- پاڙ- جَڙ. (ظرف) انهيءَ هنڌ- خود- پاڻ- ڏٽي- مالڪ.

صورت صفا ڪيو سينگار سِر جو
ڏرپد ڏُڪڙ سان ڏُن ڏيان ڏُر جو.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي_9، ص_13)

• **ڏرائي:** مصدر. ڏرڻ. [سن. ڏر=رکڻ] رکڻ- هيٺ لاهڻ- هيٺ رکڻ. سانڍڻ- بچائڻ. سنڀالڻ- پالڻ.

احمد نام ڏرائي ميم جو مضمون ملائي،
ميجي "محمد" جي مهنڌاري،

(محمد فقير، سُر بنس، ڪافي_5، ص_157)

• **ڏُرپدُ:** ذ [هـ] راڳ جو هڪ قسم (جنهن جي هر هڪ مصرع ۾ 32 رڪن ٿين ٿا).

صورت صفا ڪيو سينگاري سِر جو

ڏرپد ڏُڪڙ سان ڏُن ڏيان ڏُر جو.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-9، ص-13)

• **ڏَرمُ:** ذ [پرا. ڌم، سن. ڌرما. ڌر= جهلڻ، پڪڙڻ] ويساهه- پَتُ- مَتُ- انصاف- ريت- رسم- پير. وڙُ- ٽورو- دان پُڃُ.

ديدن واري ڏيان ۾ ڏرم نڪو دين.

(محمد فقير، سُر ديسڪار ڪافي-2، ص-232)

• **ڏُروني:** ڏُرون. ظرف. منڍ کان ئي- شروع کان ئي- ڏُرئون.

ڏيان ڏُروني ڏُوم مچائي پول پنڪ سپ پاڳي ري

(محمد فقير، سُر سهڻي ڪافي-3، ص-204)

• **ڏَري:** مصدر. ڏرڻ ڏسو "ڏرائي".

صورت واري سير ۾ ثابت سِر سبحان.

دم جو ڏري ڏيان، عاشق عاليشان ٿيا.

(محمد فقير، بيت-87، ص-274)

• **ڏُڪڙ:** ذ [سن. دو= ٻه+ ڪنڊ= ٿانءُ] ساز جو هڪ قسم. هڪ پاسي واري پکواز- طبلو.

ڏڪڙ ڪنجريان ساز سيئي تن من طبلي تان.

رمز انهيءَ دلڙي رهي.

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي-1، ص-1)

• **ڏڳا ڏڳ:** ٻٽو لفظ. ٻاهه جي تپش. ٻاهه جو مچ- آڙاهه. ٽانڊن جي گهٽائي.

ڏڳ مڳ ڏڳا ڏڳ دونهين، واهه عجب هي وحشت.

ماس مِڪان هڏ هيٺا، چم تہ چڪين نال چَڙيي

(محمود فقير، ڪافي-55، ص-80)

• **ڏڳ:** [سن. دگت= ڏکيل] باهہ جي تپش. باهہ جو مچ ـ آڙاهہ.

هار سينگار شهڻي ڪر صورت، ڏاڍي لنئون لڳايا،

گهٽ اوڙاهہ برهہ ديان باهيان، دلبر ڏڳ ڏڳايا.

(محمود فقير، تيهہ ڏينهن، ص ـ119)

• **ڏڳي:** مصدر. ڏڳڻ [سن. دَگ= ڏڳڻ] تجلي سان برڻ ـ تجلو ڪرڻ ـ روشن ٿيڻ ـ چمڪڻ ـ ٽمڪڻ ـ تڪڻُ ـ باهہ جو آواز (ڏڳ ڏڳ) ڪري برڻ ـ جلڻ ـ سڙڻ ـ پچڻ ـ ڪامڻ ـ برڻ. ڏکڻ.

ڏنوڻ ڏڳي، عشق اڳي لاڳ لڳي من لوليان.

(محمد فقير، ڪافي ـ57، ص ـ81)

• **ڏِڳ:** ذ. صفت. مضبوط ـ پڪو ـ پختو ـ سوگهو ـ قابو ـ سخت. قوي ـ جُڳ ـ جبرو ـ جانٺو ـ ڏٽو مٺو ـ پهلوان ـ سورهيہ ـ بانڪو ـ ٻلوان ـ بهادر ـ جوڌو ـ جوان.

تيرهين ڏينهن تڪڙ ڪر تابش، آيا شينهن شڪستا،

ڪنڌ ڪپايس ڏڙ ڏڌ ڪايس، ڏڳ اُلاريس دستا.

(محمود فقير، تيهہ ڏينهن، ص ـ120)

• **ڏُمَ:** ث. [سن. ڏُومَ= ڏُونهون] رَش ـ پيڙ ـ گوڙ ـ ڳاهَٽ ـ پيهہ ـ گپاگيهہ ـ انبوهہ ـ هُل ـ شور ـ غوغاءِ ـ آواز ـ ٻغاغو. زور ـ چڪ ـ تڪڙ.

جُتي ٽِنان جوڙي ڏيسان، پر اڏوٽڪا لاهان،

دڪان پر ڏُمَ پڌيو ڪرين ٿو ڪامان.

(محمود فقير، گنگو ص ـ106)

• **ڏما:** ث. چمڪو ـ چلڪو ـ تجلو ـ روشني. حشمت ـ رونق. ٺاٺ ـ اُڊمبر.

ڏمانا اٺ دونڪن ٿا، جمان جتن جا،

جهاپا جهوڙو جهڪورون، ليڙا لکن ٿا.

(محمود فقير، ڪافي ـ39، ص ـ67)

• **ڏمتالُ**: ذ صفت [سن ڏونتال> ڏن+ دَنتَ= شاهوڪار] شاهوڪار- ڏاتار- هٺ ڦاڙ جُنگ- قوي- جانئو- جبرو- ٽوٽانگ- ڏنو مُنو- ڏِگُ- زبردست- مضبوط

تارون ٿا تڪرار وڃائن، جيئن گهوگهٽ ڪن گهڙا،

ديوانا ڏمتال اُهي آهن، واڳون جن جي وات.

(محمود فقير، ڪافي-17، ص-54)

• **ڏمالُ**: ث [ع دمارا] ٺپ- ڪُڏ- نچڪو. قلندري فقيرن جو ٺپڻ- نچڻ جو هڪ تار. دهل جي وڄت جو هڪ تار. پيرن فقيرن جي درگاهن تي هڪ خاص واڄو.

صوفي ٿي سِر صاف سُڃاتا،

دلبا ديد دلال دا ڏمال دا.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي-31، ص-87)

• **ڏمالي**: ذ صفت. ڏمال وڄائيندڙ فقير.

مٺي جو مُدامي "محمد" موالِي، دولهہ دلاور درگاهہ عالِي،

دائم درامي دانهہ ڏمالِي، دربار دم جي ديدار درجو.

(محمد فقير، سُر پيروي ڪافي-9، ص-14)

• **ڏمڪ**: ذ لوهہ جي تختيءَ سان يا وزن دار شيءِ جنهن سان رستي جا پٿر ڪُٽجن يا هموار ڪجن- پٿرن پيچڻ جو اوزار. (شاعر مطابق) محبت جي ڏمڪ، جيڪا دل کي دردن ۾ پيڙهي ٿي.

ڃي ڍِي چاڪ اسان ڪون چايا،

ڏمڪ گهُور اندر وِچ گهايا.

(محمود فقير، سي حرفي، ص-143)

• **ڏُنِ**: ث. [سن. ڌَوَنِ= آواز] آواز. راڳ جو آواز- سُر- ڳائڻ جو هڪ خاص اصول. ڳائڻ جو نمونو.

صورت صفا ڪيو سينگار سر جو

ڏرپد ڏڪڙ سان ڏُن ڏيان ڏر جو.

(محمد فقير، سُر پيروي ڪافي-9، ص-13)

• **ڏناسري:** ث. [سن. ڌناشري] هڪ راڳڻيءَ جو نالو (مالڪوس مان). محمد فقير جي رسالي ۾ هيءَ راڳڻي 35 نمبر تي رکيل آهي ۽ هن راڳڻيءَ ۾ فقير صاحب جون 8 ڪافيون چيل آهن.

• **ڏَنڻُ:** مصدر. ڏمڻ کي هلائڻ- ڏمڻ سان باهه لڳائڻ. ڏَن، ڏَن، ڪرڻ- ڏان ڏان ڪرڻ جو آواز. ڦوڪڻ- پرڻ. ڪوشش ڪرڻ. منڻ- ڪُٽڻ- ڏک هڻڻ. ڳالهائڻ. ڏنڻ هڪ لوهارڪو اوزار جنهن سان باهه تيز ڪبي آهي.

ڏنگ عشق دا ڏينيو چڪ لڳا پئي چُڙدي،

ڏنوڻ ڏڳي عشق اڳي، لاڳ لڳي هِن لوليان.

(محمود فقير، ڪافي- 57، ص- 81)

• **ڏوتا:** واحد. ڏوتو. بدنظر- بدنظر ڪرڻ وارو- عيب جاچڻ وارو. ٺڳ- دغاباز. فريب ڪندڙ- دولابي- ويساگهاتي ڪندڙ.

مار رنبا تنهن روڳي ڳون، ٽڙڪيل مار تڏيسون،

دشمن اسانڏا دورنگا ڏوتا، پيرين هيٺ پڏيسون.

(محمود فقير، تيهه ڏينهن، ص- 125)

• **ڏوتيو:** ذ. گوڏ پڏڻ جو ڪپڙو- ڏوتي. انگوڇو- انگوشو- ننڍي گوڏ- انگرکو.

رنبي آر ڪوتي ڪسيئين، رُليا ڪندو سئين روڙ.

پڳ مروڙي پٽ تي، ڏوتيو هٽئين ڏوڙ.

(محمود فقير، گنگو ص- 106)

• **ڏوتِي:** مذڪر. ڏوٽو. ذ. ٺڳي- فريب- دغا- دولاب- ڪوٽ- ويساگهاتي. (ث) به ويڙهائو گلاخور.

توساري شجاڻين معنيٰ مرڻ جي،

پوءِ چاڪشون نهوڙيئي ڏوتيءَ ڏُتاري

(محمد فقير، سُر گجري، ڪافي- 1، ص- 235)

• **ڏُوپ:** ذ. واس- لوبان- سگنڌ- سُرهاڻ- عطر- ڦُليل. ٻڙ جو هڪ قسم (جو جواهري يا سونارا زيور جي خالي تنگڻ کي پرڻ لاءِ ڪم آڻيندا آهن).

ڪمر ڳلها يا ٿمر ٻڌائون، امر لڳو تہ اريم،
ڏاڍا ڏوپ لڳن کي لائي پياسي پنڌ پريم.

(محمود فقير، ڪافي_32، ص_63)

• **ڏوڪ:** صفت. مضبوط_ جهلائو_ جٽادار_ هنداڻ ۾ گهڻو وقت هلندڙ (ڪپڙو) ڏڪ (ڏڪڻ مان)_ ٿيا (ٿيلهڻ مان). مثان ڪان هيٺ زور ڏيڻ جي حالت.

ڪافي ڪوڪ، سُٽي ول ڏوڪ،
ڳٽي پچ پوڪ، ڪتيا تو ڪوٽ ڪِني

(محمود فقير، ڏمالي ص_112)

• **ڏوڪار:** مصدر. ڏوڪڻ [سن. دَوَک] مثان کان هيٺ زور ڏيڻ_ دٻڻُ_ دَٻ. مُٺ ڪري ٿيلهي اندر وجهڻ يا اندر ڪرڻ (شاعر مطابق) وڏو ڏڪيندڙ پاڻي_ گهرو پاڻي_ اونهي ڪڌ.

پار گهڙيون ڏوڪار اندر مون کي تار منجهان رب تاريندو.

(محمود فقير، ڪافي_1، ص_45)

• **ڏوم:** [سن. ڏوَنِ= آواز] هُل_ شور_ گوڙ_ آواز_ لُڙ_ ٻکيڙو_ گهمسان_ ٻاٽيتال_ غوغاءُ_ ڪڙڪو_ ماچانگ_ چؤٻول_ افواهہ. شهرت_ ناماچار. ناموس_ هاڪ.

ڏيان ڏوروني ڏوم مچائي، پول پتڪ سب پاڳي ري،

(محمد فقير، سر سهڻي، ڪافي_3، ص_204)

رَن ٿرت تيڪون ڪائي سُرت نهين، اج ڏرت نغارا ڏوم وجي.

(محمود فقير، ڏمالي ص_111)

• **ڏوٽي:** ث. هري هري ڏکندڙ باهہ_ ڏونهين. فقير جو مچ_ ڪنهن طعام کي ڏنل داغ_ داڳ.

موکي جي مٺ متي "محمد"، مدامي ماڳ منصوري،
ٿيڻ ديدار جي ڏوٽي، پتنگ پروان مشڪل آهہ.

(محمد فقير، سُر شام ڪلياڻ، ڪافي_3، ص_209)

• **ڏُٽِي:** فعل. چوندي- ڳولي- پسند ڪري.

غ- غفلت غير ڪي، ڏوتائون ڏُٽِي،

برهه وارن بين ۾ انحد گهور سُٽِي.

(محمد فقير، سي حرفي- 3، ص- 257)

• **ڌِيانُ:** ذ. [سن. ڌيانِ= خيال] خيال- ويچار- سوچ- غور- تصور- ارادو- ڌُن- تَوَجهه- ساڌواني- خوض- قياس- سمجهه- خبر- ڪل. ڄُڻتي- فڪر- انديشو. طرفداري- عبادت- بندگي- پُوڄا. مُراقبو- لئون- محويت.

ڌيان ڌروني ڌوم مچائي، پول پتڪ سپ ڀاڳي ري.

(محمد فقير، سُر سهڻي، ڪافي- 3، ص- 204)

ڏ

• **ڏُوُرَ:** ظرف. [سن. دُور= پري] پري- دُور- ڏُورانهِن- پرانهِن- وٿيرڪو- پنڌ تي- جُدا- پَرتي- گهڻو پري- آڳاهون- گهڻو مفاصلو- پرپرو- جو ويجهو نه هجي.

• **ڏورج:** مصدر. ڏورڻ. ڪنهن به شيءِ جي ڳولا ۾ رُلڻ- رَمڻ- پتڪڻ- گهمڻ- ڀٽڪڻ- ڀنوڻ- لُتڪڻ- پرمڻ. اُجهڙڻ- کوجڻ. گهُرڻ- چاهڻ.

محبت جي ميدان ۾، پلپل پون پُون،

ڏورج ڪيم ڏُور، "محمد" مٺي منٺار کي.

(محمد فقير، سي حرفي- 3، ص- 256)

ڊ

• **ڊاءُ:** ذ. [سن. در= ايذاءِ رسائڻ] ڊپ- ڀؤ- خطرو- ڏَرُ- ڊڄ- هِراس. سنڪوچ- انديشو- اُڌڪو- تاب- دهشت- هيبت- ڏَکو- ڌهڪو.

مين پيا سڏ ڪران ڏاڍي تڏ ڪٿون،

شالا ڪڏ پوين. نه ڪنهن ڊاءَ ڊِني.

(محمود فقير، ڌمالي، ص- 112)

• **ڏِڏُ:** ذ [هہ ڏيندِيا= وڏو پيٽ] وڏو پيٽ۔ پيٽ واري عورت جو پيٽ۔ حامله عورت جو پيٽ۔ معدو۔ اوجهري۔ گجي.

پنگ پين تو ٽنگ ٽُڪيا، پي لهر لڳي ٽئي لاڏي،
پيٽ اٿئي جهڙو ڍڪي گڏهه، ڏِڏُ اٿئي چاڏي.

(محمود فقير، موالي، ص۔ 131)

• **ڍِنگ:** ذ. صفت. [مر. ڍانگل،سن. ڍِينَ: ڍِي= آڪاس ۾ ويجڻ] وڏو ماڻهو۔ شاهوڪار۔ امير. وڏو۔ جُنگ شوخي۔ وڏائي.

وَرَ ڏٿي پڙهون وظيفا، جت ڏم دنياداري،
"من ڪو ڍِنگ ڍهي پوي"، بخت لڳي باري.

(محمود فقير، موالي، ص۔ 131)

• **ڏُولا:** واحد ڏولو. ذ صفت. مُنهن سوٽل۔ ٻوٿ۔ سوٽل۔ چپن ٿلهو۔ چپن لڙيل۔ بدشڪل.

ڇراخ مُنهين، ڇپ تنهنجا ڏولا جهڙا ڍِڪ،
ڦقڙ مُنهين ڦوڪٽي، تنهنجون ناسون ٽوپيان نڪ.

(محمود فقير، خيري، ص۔137)

ڍ

• **ڍارا:** واحد ڍارو. ذ. [سن. دُرڪش] چوپڙ وغيره راند رهڻ لاءِ ٽپڪن سان هڪ سارِي۔ داڻو۔ ڇڪو. علم رَمل ۾ قسمت جي حساب لهڻ جي صورت.

عشق اوقاتي، سير سوغاتي، پئون پارهن پُورا ڍارا.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي۔54، ص۔96)

• **ڍولڻ:** ذ. صفت. [سن. ڏُوَ+ "ل"= پچاڙي] مِٺڙ۔ لُڏڻ۔ پِيڻُ۔ ساجن۔ پرين۔ محبوب۔ ڍولڻ۔ دلبر۔ دوست۔ يار۔ مِتر۔ سڄڻ۔ ڍولو۔ ڍوليو۔ دلدار۔ منٺار۔ معشوق۔ دل گهُريو۔ ساهه سيباڻو. دادلو۔ لاڏلو۔ ڇڇلو۔ انگلي. ملوڪ۔ موچارو۔ سنو۔ سهڻو۔ ٺاهوڪو۔ عاليشان۔ مَن ملوڪ.

"محمد" اُلٽ اکين جو آرو وحدت ورق وصال وارو
عجب ڍول هٽي تو ڍارو رمز جي رباب ۾.

(محمد فقير، شام ڪلياڻ ڪافي۔14، ص۔215)

ذ

- **ذاتِ**: ث. صاحب- مالڪ- ڏٺي شيءِ جي حقيقت- ماهيت- اصليت- بنياد- پيڙهه

ڪري وحدت جا وسڪارا, ظهور ڪيو ذات,

وصل سان ورسي.

(محمد فقير, سُر سارنگ, ڪافي-9, ص-207)

- **ذاتِي**: ذ. صفت. ذات جو- ذاتيرو. حقيقي- اصلي- فطرتي- قدرتي- طبعي. نج. سياويڪ- عين بين- هوبهو. (پراڪرت) سهج. ضروري- مڪيه. فلسفي جي اصطلاح ۾ ازل کان ابد تائين موجود ۽ قائم رهندڙ جوهر- الله تعاليٰ. حق ۾ حل ٿي ويل- حق ٻڻجي ويل وجود.

اکيان والي اور اشاري, ظاهر ذاتي شهڻي ساري,

'لا' ڊِي لعلي لائي, صاف صفائي.

(محمد فقير, سور تلنگ, ڪافي-42, ص-92)

- **ذاڪِرُ**: ذ. صفت. [ع. ذڪر= احوال ڪيو] ذڪر ڪندڙ- ياد ڪندڙ- خدا جي عبادت ڪندڙ- عابد.

ذ- ذاڪر ذات جو وسارين نہ وير,

محبت جي ميدان ۾, پر تئون پري پير.

(محمد فقير, سي حرفي-3, ص-255)

- **ذُبحُ**: ذ. [ع] ڪنڌ ڪپڻ جي حالت- قتل- ڪوس- گهات. شرعي طرح ڳهڻ جي حالت- حلال- تڪبير. قربان- بليدان- صدقو.

عشق عجب عُريان عاشق,

زوران زوري ذُبحُ ڪريندا.

(محمد فقير, سُر تلنگ, ڪافي-60, ص-99)

• **ذڪا:** ث [ع] ذهين۔ فهيم. طبيعت جي تيزي۔ دانائي۔ هوشياري

اڪيان اندر الله هي، بيشڪ بقا بِاالله هي،

قائم ڪثر ڪلاهه هي، ظاهر ظفر ذاتي ذڪا.

(محمد فقير، سُر ڪلنگڙو ڪافي۔13، ص189)

• **ذڪائِي:** ذُڪا، [ع] ذهانت۔ عقل۔ ڏاهپ۔ هوشياري

"محمد" تي ماهر، طبل ساڻ طاهر،

ذڪائي ظاهر، پهري ڪلنگي ڇَٽ.

(محمد فقير، سُر پيروي ڪافي۔26، ص۔23)

• **ذُوالفقار:** ث. ٻن پاسن واري تلوار۔ حضرت علي عليه السلام جي تلوار جو نالو.

شاهِ مردان شيرِ يزدان قوتِ پروردگار

لافتح اِلا علي لاسيف اِلا ذوالفقار.

(محمد فقير، سُر ڀاڳ. ڪافي۔17، ص۔62)

• **ذوقُ:** ذ [ع] چکڻ جي قوت ذائقو۔ لذت۔ مزو۔ سواد۔ حظ۔ سڌ۔ لاءِ۔ شوق۔ چاهنا۔ چاتي. خواهش۔ اُمنگ لطف۔ خوشي۔ سرهائي۔ موج۔ آنند۔ فرحت عيش۔ نشاط اختيار۔ مرضي. پسندي رَسُ۔ چشڪو۔ چش. وندر۔ وندنا. سڪ۔ چڪ

فڪر فيراقي فن دا، ساندا سيني وِچ سارا،

ذوق نہ ٿيوَئي ضايع، جوش جگر دا جهل تون.

(محمد فقير، سُر تلنگ. ڪافي۔38، ص۔89)

ر

• **رازُ:** ذ [ف. راز= ڳُجهه] لڪل ڳالهه۔ ڳُجهه۔ ڀيدُ۔ اسرار. لِڪ۔ مُنجُهه

قائم قادر ڪوڙ ڪباڀي، رنگي روپ رباڀي،

راڳ رقص رس راز رچڻ جو، بر سر باغ بهاريان ٿو.

(محمد فقير، سر پيروي ڪافي۔34، ص۔28)

• **رازقُ:** ذ [ع] الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. رزق رسائيندڙ. پالڻهار.

موالين کي مهر سان، پيو رازق ڏئي روٽي،

ڪوڙ ڏنوسين ڪنهن ملي تي، قبو ۾ چوٽي.

(محمود فقير، موالي، ص-129)

• **راسِ:** صفت. [ف. راست= برابر] درست- برابر- پُورو. مڪمل. صحيح- تيار.

رُخسار رنگي ۾ راس رچي،

ڪري ثابت سهڻي ڳالهه سچي.

(محمد فقير، سُر ضلع. ڪافي-1، ص-225)

• **راڳُ:** ذ [هہ راڳ] علم موسيقي- سنگيت- سُرن جي لاهہ چاڙهہ جو هڪ مقرر ماڻ. امروهي ڪان اروهي تائين ۽ اروهي ڪان امروهي تائين مقرر سُرن جي ميلاپ مان پيدا ٿيل خاص آلاپ - ڳائڻ- نغمو- سُرود- گانو. ذڪر- بيان- قصو. جذبو- پُور- ريجهڪ.

قائم قادر ڪوڙ ڪبابي، رنگي روپ ربابي،

راڳ رقص رس راز رچڻ جو برسر باغ بهاريان ٿو.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-34، ص-28)

• **راڳُ رُوپُ:** ذ. ڳائڻ وڄائڻ. راڳ رنگ. عيش عشرت. جشن- خوشيون- مزا.

مست ٿي ميخان ۾، رندن ڪيا ٿي راڳ روپ،

پرت جي پيمان ۾، رندن ڪيا ٿي راڳ روپ.

(محمد فقير، سُر راڻو ڪافي-5، ص-234)

• **راهُو:** ذ. صفت. رهاڪو- رهواسي.

توربي ڪنهن تل سان، جيئن راهُو وٺي رند،

سر صدقو تنهن سرور تان، ڪاتي ڏجي ڪنڌ.

(محمود فقير، خيري، ص-140)

• **راهُونڊي**: راهُونڊ. اسم خاص. هالا شهر کان هڪ ميل اوڀر طرف هڪ تڪيو (جتي مخدوم امين محمد ڀڪا اڏي وڃي زهد ۽ عبادت ڪئي. انهيءَ تڪئي کي 'ڀڪا' بہ سڏيندا آهن).

راهُونڊي رهاڻ جي، رنداني رسمات،

گاروڙي گلزار ٿيا، گهورن واري گهات.

(محمد فقير، بيت_45، ص_270)

• **رائي**: رائو. ذ. [سن. ريتم= واري] تمام سنهي ريتي_ ڪڪري هوا ۾ اُڏامندڙ متي.

قطار جا ڪلوار جي للڪار سان لڏيءِ

ڪارا اُٺ ڪوهيارل جا، ڪن رائي ۾ رڏيءِ

(محمود فقير، ڪافي_20، ص_57)

• **رَبابُ**: ذ. [ع] هڪ قسم جو ساز (طنبوري جهڙو ۽ منجهس چار تارون ٿين مگر لس ٻيلي ۾ ڪيچ ڏانهن (رباب پنجن تارُن وارو ٿئي).

پائي چيريون پير ۾، ڪولي رنگ ربابُ.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي_52، ص_95)

• **ربابِي**: ذ. صفت. رباب وڄائيندڙ_ ڳائڻو.

هٿي نعرو نينهن جو نوبت نوابي،

رنگي ربابي، رندي ڪن سي راڳ ٿا.

(محمد فقير، سي حرفي_2، ص_250)

• **رَبُوبِي**: رَبُوبيت. ٿ. صفت. رب جي خُدائي_ اُلوهيت. خُدا جي ڪُل ڪائنات.

رکي راز ربوبي رنگ جو رمزن سان رندان رچان ٿو.

(محمد فقير، سُر ڪنيات، ڪافي_4، ص_222)

• **رتاهي**: رَتُلُ. ذ. صفت. ڳاڙهو. لال_ سُرخ. ڀڪل_ ڀڄي ويل (ميوو وغيره) رڱيل_ رچي ويل (الاهي عشق ۾).

گلشن گيان گادِي، شائق شراب شادي،
"محمد" منگهن منادي، رندي رسم رتا هي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-6، ص-124)

- **رَتو**: ذ. صفت. رت جهڙو- ڳاڙهي رنگ ۾ رڱيل- رتل- ڳاڙهو- سُرخ- لال. پڪل- رچي ويل (الاهي عشق ۾).
- **رَتِي**: ث. صفت. [سن. رَڪتَ= رت > رتي] تمام ٿورو حصو- ذري- اٽي- ڦُڙي.

ڪات وهي مر ڪنڌ تي، رَتي نہ وهي رت،
"محمد" واري مت، مستي جو مذڪور ڪيو.

(محمد فقير، بيت-156، ص-282)

- **رَث**: [ع] پراڻو. بدحالي.

رَث وانئر جيهي تون هئين ڪانئر ڪُتي،
ايهين شاعر آندئي ني چوڙ جنگي.

(محمود فقير، ڏمالي ص-113)

- **رَچِي**: رَچُ. ذ. خوش- سرهو. (ظرف) يؤ تي- چڱيءَ طرح. گهڻو.

وڏي ياڳ پائي، ڪڙا راڳ ڳاوي،
تون بي جهاڳ، وچي تيڏا روح رچي.

(محمود فقير، ڏمالي ص-113)

- **رَچڻُ**: مصدر. [سن. رَنج= رڱجڻ. هہ. رَچنا= رڱجڻ] رڱڻ- رنگ ڏيڻ. رچي لال ٿيڻ. الاهي محبت ۾ محو ٿيڻ. ڪنهن درويش جي صحبت مان فيض پرائڻ.

قائم قادر ڪوڏ ڪبابي، رنگي روپ ربابي،
راڳ رقص رس راز رچڻ جو بسر باغ بهاريان تو.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-34، ص-28)

• **رَچي:** ڏسو "رچڻ".

رند رهي راضي رضا تي، روپ رنگينو رکي،

راز رهبرِ جي رسالت، رمز رنديءَ ۾ رچي.

(محمد فقير، سُر درباري ڪانرو ڪافي ـ 3، ص ـ 200)

• **رخت:** ذ. [ف] هڪ قسم جو ريشمي ڪپڙو. سُٺي پوشاڪ. خلعت. ريختو. اسباب ـ سامان ـ مڏي، ذخيرو ـ ڪاڙي جو سامان.

رخت رلي تي جهڙپ ڏيندا، ول آوندا هڙپ هزارا،

سؤ ڪوهه اُتي پر جوهه رکي، مين لوهه لکي پر تارا.

(محمود فقير، گهوڙو، ص ـ 101)

• **رُخسار:** ذ. [ف] ڳٽو ـ ڳلُ ـ مِٽ.

چوڙي دا چمڪار ٿيا، چمڪا سيني وِچ سارا،

رُخسار ڏٺي مختيار ٿيس، اختيار عشق دا آرا.

(محمود فقير، تيهه ڏينهن، ص ـ 123)

• **رِدا:** رِدا. [ع. رداء] چادر. عقل ـ تلوار.

آرا تنهن عاشق جا، ياروچل ٻڏا،

وهن تا وجود ۾، روغن تي رڏا.

(محمود فقير، خيري، ص ـ 135)

• **رَڏي:** ٿ. ٺرپائي ـ ضد ـ گهپي ـ اِڙي، آهنڊائي ـ ارڏائي.

قطار جا ڪلدار جي، للڪار سان لڏي،

ڪارا اُٺ ڪوهيارل جا، ڪن رائي ۾ رڏي.

(محمود فقير، ڪافي ـ 20، ص ـ 57)

• **رِزمُ:** ٿ. [ع] لڙائي ـ جنگ ـ ويڙهه.

بزم نظم رزم جو سمجهي سارو سِر،

"محمد" گياني گُر، گگن ۾ گلزار ٿيو.

(محمد فقير، بيت ـ 251، ص ـ 293)

• **رِسالتَ:** ث. [ع. رسالہ> رَسَلَ = هن نياپو موڪليو] پيغمبري_ سفارت. نبوت.

روپ رنگي رُخ راز رنگيني، رمز رنديءِ دي رسالت هي.

(محمد فقير، سُر راڻو ڪافي_3، ص_233)

• **رَسماتُ:** رُسومات، رَسُومَ، رَسمون. واحد. رَسمَ. ث. [ع. رَسَمَ= هن نشان ڪيو] نقش_ شان. لڪت_ تحرير. دستور_ قاعدو. رواج_ ريت_ هَلي چلي. عادت_ هلت_ روش.

رڳ رڳ رقص راڳ سان، رنگ رموزي رسمات.

(محمد فقير، هفتو_1، ص_262)

• **رَفتارَ:** ث. [ف] چال_ هلڻي_ پنڌ_ تيزي_ تِکَ ڍنگ_ ريت_ روش.

رخ رنگيني راز واري، رهبري رفتار سان.

(محمد فقير، سُر راڻو ڪافي_3، ص_234)

• **رَقصُ:** ذ. [ع] ناچ_ نِرت. اُڇل_ ٽِپ.

راڳ رقص رس راز رچڻ جو برسر باغ بهاريان ٿو.

(محمد فقير، سُر پيرويءِ ڪافي_34، ص_28)

• **رَقيبُ:** ذ. صفت. [ع] نگهبان_ راکو_ محافظ چاري_ جاسوس_ حريف_ هم پيشہ_ دشمن_ ويري مخالف_ معشوق جو پيو عاشق. (اسم خاص) خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو.

رمز رقيب جي، آڏيءَ عجيب جي.

(محمود فقير، ڪافي_7، ص_48)

• **رقيبن:** ذ.سو. "رقيب"

روحاني راز جي رنگ ۾ رهي راضي رقيبن سان.

(محمد فقير، سُر ڪلنگڙو ڪافي_12، ص_189)

• **رَل:** مصدر. رَلائڻ. گڏائڻ_ ملائڻ_ گڏ وچڙ ڪرڻ.

مخل مُحلي، سي طنبيلي، چوڙ رهلي رَل ڳئي.

(محمود فقير، ڪافي_64، ص_85)

• **رَلاوي:** ڏسو. رلائڻ.

جيڪو اپنا آپ گنواوي، بيرنگي دي رمز رلاوي.

(محمد فقير، سُر توڙي، ڪافي-7، ص-221)

• **رَلائي:** ڏسو. رلائڻ.

رڳ رڳ اندر رمز رلائي، راڳ رقص رنگ لايان لايان.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-34، ص-88)

• **رَلو:** ذ. گهوڙي جي پنڌ جو هڪ نمونو- گهوڙي جو وچٿرو پنڌ (جنهن ۾ سوار کي تڪليف نہ ٿئي).

ڇُتڪي تو ڇُوهہ منجهان، سو رانديگر رَلو.

(محمود فقير، خيري، ص-135)

• **رماڪ:** [ع] بيڙيءَ جو بادبان.

چشم چراغ، فوج فراق، ڏيون رماڪ رحمت دي.

(محمود فقير، ڪافي-52، ص-78)

• **رِم جهِم:** ث. [هـ] ٻوند ٻوند- ڦُڙ ڦڙ- ٽِم ٽِم (مينهن جي). مينهن جي ڦڙين جو آواز. برسات جي اها حالت جا طبيعت کي فرحت بخشي. فرحت- خوشي. بهاري.

رنگ برنگي رنگپو راندن، رِم جهِم رنگڙا لا ياهي.

(محمد فقير، سُر سارنگ، ڪافي-3، ص-205)

• **رَمزَ:** ث [ع] اکين ڀرُن يا چپن جو اشارو- اُهڃ- غمزو. نشاني اُهڃاڻ- علامت ڳُجهارت- لڪل ڳالهہ ذومعني ڳالهہ اٽڪل- تجويز- ڍنگ- ڪيڏ ڳجهہ- راز.

رڳ رڳ اندر رمز رلائي، راڳ رقص رنگ لايان لايان.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي34- ص-88)

• **رُمُوزي:** رُمُوز. ث. [ع. رمز جو جمع رُموز] رمزون- نشانيون- اُهڃاڻ- اشارا. اٽڪلون- ڪيڏون- حرفتون- چالاڪيون. ڀيد- راز.

رڳ رڳ رقص راڳ سان، رنگ رموزي رسمات.

(محمد فقير، هفتو-1 ص-262)

• **رنبا:** واحد رنبو. ذ. گاهه ڪڍڻ يا زمين وغيره کوٽڻ جو هڪ لوهي اوزار- ڪُرپو. واڍڪي ڪم جو اوزار- ڪاٺ ۾ سل ڪڍڻ جو اوزار (ڇيٽيءَ جهڙو).

مار رنبا تنهن روڳي ڪُون، ٽڙڪيل مار ٽُڏيمُون.

(محمود فقير، تيهه ڏينهن، ص-125)

• **رَنڀ:** ث. [سن. رَڀ= آواز ڪڍڻ. رَمڀ] وڏو آواز- دانهن- ٻاڪار- رڙ. وڏي آواز سان سڏ يا هڪل. ريهاڙ. جانورن جو آواز (خصوصاً مينهن ۽ ڍڳيءَ جو)- آواز- ڍڪَ- ناڏ.

درويشڻ پئي دانهن ڪريندي، روز اُٺاهين رنڀ.

(محمود فقير، تيهه ڏينهن، ص-122)

• **رَنڊُ:** ذ. [سن. 1. رِندر= چير، خال. 2. رَنٿ= رستو] ڪوهستان يا پڪي زمين جي وات. گس- پيچرو.

نياڳي ننڊ، اجائي ننڊ، ڪڙي جا رَند، وئيو روڪي.

(محمود فقير، ڪافي-52، ص-78)

• **رِنڊُ:** صفت. اٿموٽ- نتيجن کان بي پرواهه. لا اُبالي. لاغرض. مست- متوالو. بهادر. فقيري- مستي. سچو- ثابت قدم.

رَٽَ وَهنڊِي راند ۾، روئن ڪين رِند.

(محمد فقير، بيت-191، ص-286)

• **رندان:** ڏسو رِندُ.

رکي راز ربوبي رنگ جو، رمزن سان رندان رچانئو.

(محمد فقير، سُر ڪنيات، ڪافي-4، ص-222)

• **رندانو:** ڏسو رِند.

سڀ سينگار صفاتي، سارو پهري آيو پوش پڳارو.

ياقي يار يگانو راز رندانو.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-32، ص-87)

• **رَنگ:** ذ. رنگ- هلڪو وَرڻ- هلڪو رنگ ڇٽ- ڇٽسالي- نقش- ڇٽاڻ رَتو- رنگو- وَرنو- رُوپ- رونق- چهرو.

رڳ رڳ اندر رمز رَلائي، راڳ رقص رنگ لايان لايان.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-34، ص-88)

• **رُنگ:** ٿ. جيڪي ملي تنهن کان ٿورو زياده جي گهُر- سوائي- وزن کان وڌيڪ. ذرو- ٿورو- پچڪڙو- چُڪو- ڦُڙي- چُنگي- ٽيبو، پتي- حصو- ڀاڱو.

رنگ برنگي راز سان، وٺي رَٺي رَٺي رُنگ يار.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-29، ص-24)

• **رنگ بِرنگي:** صفت. گهڻن ئي قسمن جي رنگن وارو- گهڻن رنگن وارو- رنگين چٽڪمرو- پٽاپٽي- نموني وارو.

رنگ برنگي رنگپور اندر رِم جهم رنگڙا لايا هي.

(محمد فقير، سُر سارنگ، ڪافي-3، ص-205)

• **رنگڙا لاياهي:** رنگ لائڻ اصطلاح. رنگين ڪرڻ- رنگ لڳائڻ- رنگدار ڪرڻ تماشو ڪرڻ- رونشو ڪرڻ- وڏي شهڻائي پيدا ڪرڻ.

رنگ برنگي رنگپور اندر رم جهم رنگڙا لايا هي.

(محمد فقير، سُر سارنگ، ڪافي-3، ص-205)

• **رَنگِي:** رنگ برنگي- گوناگون- رنگين رنگين. گهڻ رنگي. (صفت) رنگ وارو- رنگدار- رنگين. رنگيلو- طرح طرح جي رنگن وارو.

سنگي ساز نَنگي ناز، رنگي راز رتيان، مژگان مست متيان.

(محمد فقير، سُر بنس، ڪافي-11، ص-159)

• **رِنگِي:** رِنگ ٿ. رَوئڻ جو آواز- سنهو روڄ- رِينگو- رِينگٽ. گهِيي- ڪِلڪِل- ڪِنجهڪو- ڪُوڪُو. اُٺ جو آواز.

مَيا منزل تي رِنگي ٿيا روانا.

(محمود فقير، ڪافي-33، ص-63)

• **روٽُ:** ذ وڏي ماني ـ ٿلهي ماني روڊلو ـ روٽلو. ڳُڙ ۽ اٽي مان تيار ڪيل مِني ۽ ٿلهي ماني

روٽ ورهائي ڪوٽ ڪنيو اٿم. گهوٽ اچي گهر گهاريندو.

(محمود فقير، ڪافي ـ 1، ص ـ 45)

• **رُوپُ:** ذ [سن. رُوپُ= شڪل] مهاندرو ـ مُکُ ـ مُکڙو ـ مُهڙ ـ ٻوٿُ. ڏوَل ـ آڪارُ ـ گهاٽ ـ ڍَنگ ـ آچارُ ـ ويس ـ بانو ـ نمونو ـ ريت ـ طرح ـ طريقو. سُونهن ـ خُوبي ـ جمال ـ جوڀن ـ رنگ ـ رنگت.

رؤپ رنگي رُخ راز رنگيني، رمز رندي ڊي رسالت هي.

(محمد فقير، سُر راڻو ڪافي ـ 3، ص ـ 233)

• **روجُهون:** واحد. روجُهہ [پرا. روجهو. سن. رشيہ] جانورن جو هڪ قسم ـ جابلو هرڻ جو هڪ قسم ـ چؤسنگو هرڻ ـ آچن پيرن سان ڦاڙهو. ڳئون جي شڪل تي هڪ ڦاڙهو. نيلي ڳئون (نيل گاءِ)

رڊون اچن روجهون، چانگ ڪيو چيلا.

(محمود فقير، خيري، ص ـ 136)

• **رؤحاني:** صفت رُوح جو ـ روح وارو ـ رُوح سان رابطو رکندڙ ـ آتمڪ ـ رحماني ـ غيرجسماني ـ اندروني ـ اندريون ـ باطني ـ ڳُجهو. پاڪ ـ صافُ ـ مقدس ـ پوتر ـ سڳورو.

رُوحاني راز جي رنگ ۾، رهي راضي رقيبن سان.

(محمد فقير، سُر ڪلنگڙو ڪافي ـ 12، ص ـ 189)

• **رُوڙَ:** ث. ڏُهڙ ـ پَٽ ـ چِيَ ـ کوهہ ـ کرڙڻ.

رنبي آر کوتي ڪئينسين، رليا ڪندو سنئين روڙ.

(محمد فقير، گنگو، ص ـ 106)

• **رَهبَرُ:** ذ [ف. رَه+ بر> بردن= نيڻ ـ وٺي وڃڻ] رستي سان وٺي هلندڙ ـ رستو ڏيکاريندڙ ـ رستو ڏيکاريندڙ ـ ڏگ لائيندڙ ـ وات ڏيکاريندڙ. سُونهون ـ پُومير ـ رهنما ـ هدايت ڪندڙ ـ پيشوا ـ مهندار ـ سردار. مددگار. حامي. حمايتي ـ واهِرُو. ريبارو ـ قاصد ـ نياپو رسائيندڙ ـ مرشد ـ هادي ـ گُرو.

راز رهبر جي رسالت، رمز رندي ۾ رَچي.

(محمد فقير، سُر درباري ڪانڙو ڪافي ـ 2، ص ـ 200)

- **رهبري:** ث. [ف] رهنمائي- سُونهپ- اڳواڻي. پيشوائي- هدايت. مهنداري- سرداري. حمايت- مدد- واهِرُو- مددگار.

رُخ رنگيني راز واري، رهبري رفتار سان.

(محمد فقير. سُر راڻو ڪافي-3، ص-234)

- **رَهلو:** ذ سنگت- دوستي- ياري- صحبت- آشنائي. ميلاپ- گڏجاڻي- ملاقات.

رهلو سپ رُسي ويو ڪٿي خيال خوشي.

(محمود فقير. خيري، ص-140)

- **رَئي رَئِي:** ظرف. تمام گهڻي تڪليف سان- وڏي مشڪلات سان- ڏاڍن ڏکن سان. ڏاڪڙن سان- لاچارُ- ڏُکيو- آهنجو- مشڪل. روئي روئي.

رنگ برنگي راز سان، ولي رئي رئي رُنگ يار.

(محمد فقير. سُر پيروي، ڪافي-29، ص-24)

- **ريفي ريف:** [ع. ريفُ] سرسبز ميدان- چراگاهه.

ڪيفي ڪيف، ريفي ريف، سيفي سيف سلطاني.

(محمد فقير. سُر پيروي، ڪافي-30، ص-25)

- **رِيڪ:** ث. پنڙي مٽي- راہڙو- رَبڙي

ڪفن ڪوس ڪتا لاهين، رُليا هڻ مَ ريڪ.

(محمود فقير. موالي، ص-127)

- **ريلا:** واحد. ريلو. ذ. اسم [پرا. ريلَ] وهڪ- وهڪرو- ڳڻ- ندي- ڏارا- ٿهُرَ- ڏارَ- وَهَڪَ- سِيرَ- رواني.

ڪاٺ وڙهو ڪند تي، ريلا ڪيا رت.

(محمد فقير. بيت-155، ص-282)

- **ريھي:** مصدر. ريھڻ. ريھ. ڏيڻ- ٽانڪڻ- ڳنڍڻ- گڏڻ- ملائڻ- جوڙڻ- ميڙڻ- گڏڏائڻ. ريجهائڻ- ڏُتارڻ.

سانگي ڪهڙي نوي ميان، سفر سنباهيئي الا!

رمز انهيءَ دل ريھي.

(محمد فقير. سُر جوڳ، ڪافي-4، ص-192)

ز

- **زابِرُ:** ذ. صفت [ع. جابِرُ: جَبرَ] جَبر وارو. جابر- زورآور- زبردست. ڏاڍو- بهادر- پهلوان. ظالم.

سهڻي سراسر صورت صفاتي، ظاهر ظهورو زابر ٿيو ذاتي.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-9، ص-13)

- **زاغ:** [ف] ڪانءُ- ڪانگ- ڪانءُ. ڪمان جي گوشي جي نوڪ- هڪ راڳ جو نالو.

زاغ اُڏاري باغ ڏنئون، وچي بديل جا بهشتي.

(محمود فقير، ڪافي-32، ص-162)

- **زاني:** زنا ڪندڙ- فاسق- فاجر- گنهگار.

زاني ظالم زُناري، زاهد ذاڪر زور.

(محمد فقير، بيت-217، ص-289)

- **زاهد:** پرهيزگار- پارسا- پاڪ. خداپرست.

ڪٿي زابر ڪٿي زاهد، ڪٿي ساقي ڪٿي ساجد.

(محمد فقير، سُر شام ڪلياڻ، ڪافي-11، ص-214)

- **زائد:** ظرف. [ع] زياده- وڌيڪ- واڌو- وڌيل- گهڻو وڌيل- فضول- اجايو- فاضل- بچت- فالتو- پاڇي (شاعر مطابق) واعدو ڪيو. قول ڪيو. انجام- اقرار- وعدو ڪيو- انجام ڏنو.

تون زائد پڏو جَنڊ هُڙا، ڪٺي ڏينهن سنيال.

(محمود فقير، گنگو ص-107)

- **زربفت:** [ف] ڪيمخواب. ڪپڙي جو هڪ قسم، جنهن تي سون ۽ ريشم جون تارُون لڳل هونديون آهن.
- **زريُون:** واحد زري [ف] سُنهري تار- سون جي تار. سُنهري تارن سان مڙهيل ڪپڙو.

زربفت زيور زريون، هيرا چڙيان هاري.

(محمود فقير، ڪافي-6، ص-47)

• **زُلَفَ:** ذ [ف] رات جو پهريون حصو، وار- ڪاڳلُ- گيسو، لونڊڙيءَ جا وار- ڪنن مٿان وارن جي چڳ- (وارن جي) گهُنڊي- چڳ- ڪنبڙو.

تنهنجي دام زلف زُنار وجهي، اظهار ڪيو ارشاد اسم.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-40، ص-31)

• **زَم زَم:** اسم خاص [ع] مڪ شريف، ڪعبة الله ۾ هڪ کوهہ جو نالو (جيڪو حضرت اسماعيل عہ سان منسوب آهي، زم زم جي لغوي معنيٰ آهي بيهہ بيهہ رُڪج.

ظاهر ذات ظهورو ذاتي ذوق زنخ جو زم زم.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-40، ص-31)

• **زمانُ 1:** ذ [ع] واڳ.

• **زمانُ 2:** ذ [ع] وقت- عرصو- ساعت- عهد، فرصت، ڪال، گرامر ۾ وقت لاءِ ٺهرايل لفظ

چيو 'محمد' مير مُربي احمد زور زمان،

پڙهو حج اڪبر.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-22، ص-118)

• **زِنا:** ذ [ع] غير عورت سان مباشرت- ڌاري زال سان همبستري- حرام- بدڪاري- حرامڪاري

نڪو لاڙو لُنگ ڏي، نہ زِنا جو ڪو ذوق.

(محمد فقير، بيت-237، ص-292)

• **زُنار:** ذ [ف] اهو ڌاڳو جو هندو ماڻهو مذهبي رسم موجب ڳچيءَ ۾ پائيندا آهن. جٽيو، قيد خانو- بند خانو (2) اهو ڌاڳو يا زنجير جيڪي عيسائي، مجوشي ۽ يهودي چيلهہ ۾ ٻڌندا آهن.

تنهنجي دام زلف زنار وجهي، اظهار ڪيو ارشاد اسم.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-40، ص-31)

- **زُناري:** زنار ېڌل. جٽيو پائڻ وارا.

زاہر ذاتي، ذوق زلف ڪيو شوٽرن سان صُنمانا.

زوران زور زُناري زم زم.

(محمد فقير، سُ لوڙائو ڪافي ـ6، ص ـ69)

- **زنبور:** ذ [ف] ماکيءَ جي مک.

مار زنبور جگر وچ زوري، سيني نال ستيوئي.

(محمود فقير، تيھ ڏينهن، ص ـ118)

- **زنگ:** مصدر. رنگ وجهڻ. عداوت وجهڻ ـ دشمني وجهڻ ـ وير پائڻ.

محبت مون چڪيندا ڏور هن زنگ زور زحمت دي.

(محمود فقير، ڪافي ـ52، ص ـ78)

- **زنگي:** گل جو هڪ قسم. زنگ ملڪ جو ويٺل حبشي ـ عداوت رکندڙ ـ دشمني رکندڙ.

زهر دار ظالم زلف زور زنگي.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي ـ57، ص ـ39)

دُرس دلير، روزاور زنگي.

(محمود فقير، ڪافي ـ13، ص ـ52)

- **زُوم:** ذ. زور ـ ٻل ـ طاقت ـ قوت. ڏاڍ ـ ڏاڍائي. دست درازي. گهُٽ ٻوساٽ ـ غضب ـ زور زبر.

ڏوم هلڻ تي زوم رکيندا، روپ وچون رؤ دارا.

(محمود فقير، گهوڙو، ص ـ101)

- **زهردار:** زهريلا ـ زهر سان ڀريل ـ خطرناڪ ـ موت مار.

زهر دار ظالم زور زنگي.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي ـ57، ص ـ39)

• **زيب:** ذ [ف] سُونهن۔ حُسن۔ سوڀيا۔ خوبي۔ خوبصورتي. آرائش۔ زيبائش۔ سينگار۔ خوشنمائي۔ رونق۔ تيج۔ جلوو۔ جهلڪو۔ پرتاب. تجمل۔ آب۔ چمڪ.

• **زينت:** ث. سينگار۔ سونهن۔ نزاڪت۔ سوڀيا.

ذاتي زينت زيب جو ظهورو ظاهر.

(محمد فقير. سي حرفي، ص۔250)

س

• **ساٿ:** ذ. [سن. سَهِت۔ سارٿ= ساٿ] اُٺن جي قطار۔ قافلو۔ ساڃو۔ سوداگريءَ جو مال يا لڏو. جماعت۔ انجمن۔ سوسائٽي۔ سنگت۔ ياري. جوڳ۔ جوڙ۔ ڳنڍ۔ اتفاق. ميلاپ۔ ايڪو۔ آڌار. رفاقت۔ شوڪت. نڪاح. گڏ۔ سميت۔ سان۔ وٽ.

سرور جي شهاڳ جو سُرهو سمجهي ساٿ.

(محمد فقير. بيت۔128. ص۔289)

• **ساٿ:** ث. ڳهڻ۔ ماڪ۔ آلاڻ۔ ماٺ.

ڪيڙ وليُن جا ڦيڙ مٽي تي، ساوڻ جي پئي ساٿ.

(محمود فقير. ڪافي۔16. ص۔54)

• **سانٽو:** ذ. [سن. ساهَنيم> سَٽ= مٽاسٽا] عيوض۔ بدلو۔ بدو۔ بدر. وارڦير۔ اُٿل پٿل۔ مٽاسٽا۔ وارو وٽي۔ ڏي وٺ۔ بدل سدل. وڏو واپار۔ سودو۔ سٽر۔ داءُ. شرط

سانٽو مير جو سمجهي سارو رکيو ساقي ساڻ سوپارو.

(محمد فقير. سُر پيلو ڪافي۔21. ص۔118)

• **ساجد:** ذ. صفت. [ع. سَجَدَ= هُونميو] ڪريل۔ ڍٺل۔ ليٽيل۔ نميل۔ نمندڙ. سجدو ڪندڙ.

ڪرن سودا سِر دا غازي، ساجد ٿي مِر گهور.

(محمد فقير. سُر پيروي، ڪافي۔19. ص۔19)

• **ساڃا:** واحد. ساڃي (ظرف) چڱيءَ طرح- چڱيان- ڀليءَ ڀت- خوب- نيڪ طرح- دُرستيءَ سان- پوريءَ طرح- خاص طرح.

سِر سنباهي سورهيہ صادق سنيري ٿيا ساڃا.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-32، ص-26)

• **ساڃي:** واحد. ساڃو. ساز- واڃو- باڄو.

سُرودي ساز ٿئي ساڃي، وڳي ويراڳ دي واڃي.

(محمد فقير، سُر پيروي ڪافي-14، ص-16)

• **ساڄ:** [هہ] سچ.

ساڄ سُنايا سَتگُر ساڪي ساڄ برابر تاپ نهين.

(محمد فقير سُر ڪونسيہ ڪافي-11، ص-178)

• **ساڌ:** ذ. صفت [سن. ساڌُ= ڌرمي ماڻهو] ڌرمي ماڻهو- فقير- ساڌو. ڀڳت- پوڄاري مهاتما. سَنت- جوڳي- درويش- سنياسي- راهب- اشراف. سَگڙ.

ساڌ سمن ڪي گڏ گرڙا گهمسان.

(محمود فقير، ڪافي-74، ص-98)

• **ساڌُو:** ذ. صفت. [سن. ساڌُو= درويش] چڱو- ملوڪ- گُڻائتو. ايماندار- عزت وارو. معصوم- بي گناهہ فقير- درويش- سنت- سنياسي- ڪاپڙي- ويراڳي- جوڳي- ڀالو ڀولو- سادي دل وارو.

صاحب سَنتا ساڌو سُترا، صُوفي سُرت سُجان هون.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي-16، ص-180)

• **ساڌُن:** واحد. ساڌو. ڏسو 'ساڌو'.

ساسن ساسُ سروپي ساڃن، نرت نظاري سُرتي ساڌن.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي-12، ص-179)

• **ساسُ:** ذ [سن. شواس= ساهہ] ساهہ۔ ڄان۔ پران۔ پساهہ۔ دَمُ۔ جيءُ. جيءُ. حياتي۔ جندُ۔ زندگي۔ جياپو۔ ڇُوٽڪارو۔ عمر۔ ڄمار.

ناب سي نام اُتايا مٿين، ساسُ سرپ سمايا مٿين.

(محمد فقير، سُر ڪانڙو، ڪافي۔7، ص۔173)

• **ساسِي:** ذ. صفت. ساهوارو۔ جاندار.

ڪُل شيءِ محيط آلا ڪي ثابت ٿيئڙا ساسِي.

(محمد فقير، سُر تُوڙي، ڪافي۔8، ص۔221)

• **ساغَرُ:** ذ. [ف] شراب پيئڻ جو پيالو۔ جام. پيالو.

ساغر صُراحي سازسان، سارو سراسر شُود تون.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي۔12، ص۔60)

• **ساقِي:** صفت. [ع. سقي= هُن پياريو] محفل ۾ شراب ورهائيندڙ۔ مئي ورهائيندڙ۔ شراب ورهائيندڙ. (اصطلاح طور) سخي، معشوق۔ محبوب۔ صنم.. (صوفين مطابق) مرشد ڪامل، جيڪو توحيد ورهائيندو رهندو آهي.

ڪِٿان ساقي سُرخ ساغر، ڪِٿان سِر سليندا سليندا.

(محمد فقير، س ُر تلنگ، ڪافي۔13، ص۔92)

• **ساڪياتي:** ساڪائتو. ذ. صفت. ساک وارو، سُپتيو۔ آبرو وارو۔ معتبر۔ مانائتو۔ آشراف. موچارو۔ چڱو۔ خاصو.

سرڙن گيان هٿڻُ نڌياسين، ساڪيا تي سينگار ڪيا.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي۔6، ص۔176)

• **ساڪِي:** [هہ] سکي، ساهيڙي۔ دوست. سرتي.

ساڄ سُنايا ستگُر ساڪي، ساڄ برابر تاپ نهين.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي۔11، ص۔178)

• **ساڳ:** پاڄي.

چاڙهين سر تيون سدا مند ساڳ.

(محمود فقير، ڪافي۔14، ص۔52)

- **سالِڪُ**: ذ. [ع. سَلَڪَ] حال جي زور تي طريقت جون منزلون طئي ڪندڙ صوفي- درويش- خدا دوست- پُهتل شخص- عابد- مُقدس- مهاتما- ولي- اولياء. پابند. شرع- عالم- سلوڪ وارو. سياڻو- ڏاهو- ڳنڀير- سمجهُو.

آلانسان سِري کهه گهندا اي، رنگي رنگ رَلايا هي،

سمجهه سالڪ رندي رايا.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي-4، ص-167)

- **سالِمُ**: ذ. [ع. سَلَمَ= سلامتي] سليم. صاف دل. شريف. سلامتيءَ وارو. تازو- توانو- تندرست- چڱو ڀلو.

صفا سير سِر جي، ڪري سُرت سالم.

(محمد فقير،س ُر بنست، ڪافي-14، ص-161)

- **سامَ**: پناهه- آجهو- آمانت- اوٽ- بچاءَ- رکيا ڪَسٽا- حفاظت- پنارو- حمايت. عيوضو- بدلو- صدقو. (ظرف) وَهيٽو- برابريءَ جهڙو- برابر- لائق- جوڳو- جهڙو- ساڳيو.

سمي جي پئي سامَ مُهاٺا مخمور ٿيا.

(محمد فقير، بيت-50، ص-271)

- **سامانو**: صفت. مانَ مُهت وارو- مانائتو. مقبول.

سُٺايان سُر صفاتيءَ سان، سنباهي ساز سامانو.

(محمد فقير، متفرق ڪلام ص-241)

- **سامِي**: سوامي- هندو فقير. فقيرن جو هڪ قسم. سالڪ- سنت. فقير- درويش- الله لوڪ- گيڙو رتا ڪپڙا پائي گهمندڙ فقير. جوڳي- بيراڳي- آڏوتي.

سامي سانيدي شُور، هليا ويا هنگلاج ڏي،

(محمد فقير، سُر جوڳ. ڪافي-1، ص-191)

- **سانڊا**: سانڊو. ذ. ڪرڙي وانگي سُرندڙ جانور جو هڪ قسم.

ويڙهه ڪرين تو سِڙهه وانگون، سانڊا پڊّا سور.

(محمود فقير، گنگو ص-106)

- **سانڍ:** سانڍڻ. مصدر. [سن. سند. بچائي رکڻ] سنڀالڻ- سنڀال لَهڻ- تاتڻ- رکڻ- ڏرڻ. بچائڻ- حفاظت سان رکڻ. خبرداري ڪرڻ. رکي ڇڏڻ. لڪائڻ.

فڪر فيراقي فن دا، سانڍ سيني وچ سارا.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-38، ص-89)

- **سانگا:** واحد. سانگو. سُئو سبب- پورو وجھ- پورو ترُ- پورو وقت- پوري مهل- وقت سِر. ڪاروبارَ ڪوئي- ڪم. واسطو- لاڳاپو. آسرو- اميد.

سڀ سٽي سانگا صفاتي، صاف ٿي سورهيه سخي.

(محمد فقير، سُر درباري ڪانرو ڪافي-2، ص-199)

- **سانگ سجايا:** سانگ سجايو ڪرڻ يا ٿيڻ. ڪو ڪم خير خوبيءَ سان پورو ٿيڻ يا ڪرڻ.

بُلند بانگ، طلب تانگهه، ڪيا سانگ سجايا.

(محمد فقير، سُر پيروي ڪافي-72، ص-49)

- **سانگي:** واسطي- سبب- ڪارڻ.

شوق دي شاهي شور، آيا ماهي ميڏي سانگي.

(محمد فقير، سُر جوڳ، ڪافي-13، ص-196)

- **سائو:** سائي رنگ جو ڏِڱو. ڏِڱي جو هڪ قسم.

بگو ڏِڱو بيشرو سائو سرڪاري

(محمود فقير، خيري، ص-133)

- **سُبحانُ:** ذ [ع. سبحَ= هُو پاڪ ٿيو] پاڪ- قُدوس- مُبرا. خدا پاڪ جو صفاتي نالو. تعريف ڪيل- ثنا جو لائق- ساراهه جو مستحق.

سارو سينگار سمجهي، سُبحان سِر چوان ٿو.

محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-10، ص-112)

- **سُبحاني ما اعظم شاني:** ڇا تہ منهنجو اعليٰ شان آهي. بايزيد بسطامي رح جو بي خُوديءَ ۾ هنيل نعرو.

سُبحاني ما اعظم شاني، اُلٽو اُلٽ اآلائين ٿو.

(محمد فقير، سُر ڪوهياري ڪافي-7، ص-184)

• **سَبِيلَ:** ث. [ع. واٽ] راهہ- واٽ- رستو- سڙڪ- پيچرو- گس. طريقو. تدبير. صورت. بندوبست. وقف. خداڪارڻ پيارڻ لاءِ پاڻي يا کير- خيرات. سچي- خالص. (صفت) ڳَپل- جال- ڀڻون- سرس. دستور- چال- ڍنگ- هلت.

سُجائي سبيل، سِرڏين ٿا سونهن پر.

(محمد فقير، سي حرفي-3، ص-258)

• **سَتُ:** ذ. سچ- سچائي- حقيقت. سيل- پاڪدامني- عصمت- لڄ- شرم- پردو- حيا. ويساهہ- ڀروسو- مضبوطي- پڪائي. اِستحڪام. سُلڇڻ- گڻ- خاصيت- وصف. نِچوڙ- مغز- جوهر- عرق- يقين. لب لباب- اصل روح.

ثابت ٿيو ست، آناالحق آواز جو.

(محمد فقير، بيت-155، ص-282)

• **ستا:** ث. ستيا- زور. سگهہ- توفيق.

شہ شهادت شاد ڪيڙو ستا شغل جو شرفدار.

(محمد فقير، سُر راڻو ڪافي-2، ص-233)

• **ستار:** ذ. صفت. [ع. سَتر= ھَن ڍڪيو] ستر رکندڙ- عيب ڍڪيندڙ. ڀاجهارو (اسم خاص) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

صدق ڪران مين سِر سارا، ميڪون قسم هي ستار دا.

(محمود فقير، ڪافي-85، ص-32)

صورت شرخ سينگاري شهطي، شخن جي سچائي ستار سلي آ.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-27، ص-121)

• **ستارِي:** ث. ڍڪ- پرده پوشي. رحم.

عشق 'محمد' اُلت اشاري، صورت والي صاف ستاري،

مچ مٿي ڍي موج مچائي هي.

(محمد فقير، سُر تلنگ. ڪافي-49، ص-94)

- **سِتارون:** واحد. سِتارَ. ث. [فـ. سي= ٽي+ تار= ٽن تندن وارو ساز] هڪ قسم جو ساز- (ٽن، ستن، يارهن، ايڪيهن) تندن وارو ساز.

سيئي ساز سِتارون سُرندا، سرگم سُر سمجهايان ٿو.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي-7، ص-169)

- **سَتُ سَنگ:** ذ. چڱن جي سنگت- نيڪ ماڻهن جي صحبت.

سُونهن سارِي سِرڪِي، گائون ست سنگ ڪو.

(محمد فقير، سُر ملار، ڪافي-8، ص-104)

- **ستگُرُ:** ذ. [سن. ست = سچو + گرو= مرشد] سچو مرشد مرشد ڪامل.

تين گرام شرودي سرگم، ستگر سِر سمجهائي هُون.

(محمد فقير، سُر پوناپالي ڪافي-2، ص-54)

- **ستوگُنُ:** [هـ. سَتُوَه گُنُ] قيومي صفت. بقا (ضد فنا)

رجوگن تموگن ستوگن سي گائون.

(محمد فقير، سُر ڪانرو ڪافي-6، ص-172)

- **سَتيان:** واحد. سَتِي. ث. صفت [سن. سَتِي= پاڪدامن] گُڻائتي- شلپٽي- سُتر واري- سچي- ثابت قدم- وفادار. گناهن کان آجي. پاڻ کي مڙس سان گڏ ساڙيندڙ عورت (هندڪي رواج موجب).

سَتيان ڏيوَن مَتيان مينُون، سُرت پريان ڪي سهيلڙيان.

(محمود فقير، بيت، ص-95)

- **سُتِي:** ث. سِپي- سُتيَڙو- سِپ. ڪوڏيءَ جو هڪ قسم. ڦَڪي- دوا جو وزن.

پيتي اٿم پريت مان، ڪا صُحبت جي سُتي.

(محمود فقير، خيري، ص-135)

- **سَٽِ:** پِڌ- اُڇل. پري ڪر.

مال مايا، سَٽِ آجايا، چا اِتُون ڳِنئي هٿ نهلي.

(محمود فقير، ڪافي-53، ص-79)

• **سنڪي:** سنڪو. ذ. ڏڪن جو آواز- ڦهڪو. ڳنڌ ڪپڙن کي ڌوئڻ مهل زور سان ڌڪن هڻڻ جو آواز- ڦهڪو. مينهن جو آواز.

سيف صورت جي سنڪي، جوش جلالي جهنڪي.

(محمد فقير. سُر مانجهه. ڪفي-2. ص-105)

• **سٽي:** مصدر. سٽڻ. اُڇلڻ- اُڇلائڻ- ڦٽو ڪرڻ- اميد وڃائڻ. ڏسڻ- ڪيرائڻ- ڪيرڻ. ڌڪو ڏيڻ. ڇڪڻ- سٽ ڏيڻ.

سپ سٽي سانگا صفاتي، صاف ٿي سورهيه سخي.

(محمد فقير. سر درياري ڪانرو ڪافي-2. ص-199)

• **سَپُ:** ذ. [سن. سرپ= نانگ] زهريلي بلا جو هڪ قسم- نانگ- بلا.

موڪيءَ واري مٿ ۾ ڪئين سُوٽا سپ.

(محمد فقير. بيت-99. ص-272)

زلف بشير پالي، هن سنگ چُور سپ ڪالي

(محمد فقير. ڪافي- 57 ص-81)

• **سِپَرَ:** ث. [ف] ڍال- ڪيڙي- ڍَڪُ- پردو- پوش پناهه- روڪ- بچاءُ- آڙ- جهل. حمايت- جُنڊ لاءِ نشان.

تکي چائي ڪڙا هئي ٿَبر، اڳون سينا ڪرتون سپر.

(محمود فقير. سي حرفي. ص-146)

سورهيه سپر سينو ڪري، سجدي صحي سر کي ڌري.

(محمد فقير. سُر بهاڳ. ڪافي-10. ص-59)

• **شُجاتو:** شجات. صفت. [سن. سُ= چڱو+ جات= ذات] چڱي ذات وارو. خانداني. اُتم گهراڻي جو.

آهين سردار جو شجاتو ڏوله پير لاهي هي درد.

(محمد فقير. ڪافي-73. ص-97)

• **سُجاڳي:** ٿ. بيداري- هوشياري- خبرداري- چوڪسي.

مِر شوري سيج شهاڳي، ڪر سِرِ ڍي سُجاڳي.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي 59، ص-98)

• **سُجاني:** سُجان. ڏسو 'سُجاتو'.

آپ گنواڪي آپ پڇاني صُوفي سُرت شجاني آتم گياني.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-56، ص-97)

• **سُڃ:** ٿ. [سن. شونيہ=سُڃ] اُجاڙ- ويراني- ڀينگ- تباهي- آزاءُ- رڻ.

اوري ڇڏ سُڃ، وسئون ڪان وهي ويا.

(محمد فقير، بيت-176، ص-284)

• **سَڃڻُ:** مصدر. [سن. سنڌن] آڇڻ. نذرانو ڏيڻ- ڏيڻ- بخشش- عطا ڪرڻ- شست بڌڻ- ڪشش- نشان ڪرڻ.

سر جو سات سَڃڻ، وحدت طرف وڃڻ.

(محمد فقير، سر پيروي، ڪافي-69، ص-47)

• **سُڃَرُ:** ذ. [سن. سُ= چڱي طرح+ چَرُ= چرڻ] گهڻو کائيندڙ- پيٽ ڀري کائيندڙ- چاروڪڙ- وڏو ڦوتو. (ضد. ڏُڇر)

ابلق لک گهوڙا ڏِتس هزارا، سُوڏا سُڃر ميا متارا.

(محمود فقير، ڪافي-76، ص-103)

• **سُخنات:** واحد. سُخنُ. ذ [ف] وائي- ڪهڻي- چوڻي- ڪلام، ڳالهه- گفتار- ذڪر- گفتگو. تقرير- وعدو- انجام- قول- اقرار- عهد- وچن- ٻولُ- زبان. شعر- نظم.

احباب ارباب القاب احمر، اسمات جسمات سُخنات سرور.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-53، ص-38)

• **سِڌانِي:** سڌانتُ. ذ. [سن. سڌانت] اصول- متو- حاصل مطلب. دليل ڪان پوءِ ثابت ڪيل سچ.

ڪرم ڪل ويداني اُپاشن سِڌاني.

(محمد فقير، سُر ڪانرو ڪافي-6، ص-173)

• **سڌاني:** [هـ شڌان] ساٿي- همراهه

ڪرون گيان سرون مها واڪ مذنن،

نرجن نڌياسن ساڪياتي سڌاني،

(محمد فقير، سر درياري ڪانرو ڪافي-3، ص-200)

• **سڌُن:** واحد سڌَت. ث. خواهش- ذوق- چاهه- دل- مرضي- تمنا- آرزو- منشا. دل جي مُراد- مقصد- سڌائڻ- سڌ ڪرڻ.

ساغر جي سينگار سان، سٺي سانگ سڌن.

(محمد فقير، بيت-89، ص-275)

• **سڌيرُ:** ذ. صفت. [سن. سڌير. س= چڱو+ ڌيرُ= سياڻو] صابر- ڪمنڌڙ- ڌيرائتو- بردبار. ڏاهو- اڪابر- سياڻو- سچيت- سمجهو.

'محمد' مير، صاف سُڌير، بي نظير هڻ نوبت.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-30، ص-25)

• **سربرُ:** ذ. [ف. سر= مٿو+ بر > بُردن= کڻڻ] اڳواڻ- مهندار.

رمزان لائي رنگ ٿي رهبر، صاف صورت جي سهڻي سربر.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-22، ص-21)

• **سُرت:** ث. [سن. شمرتي] سمجهه- عقل- هوش- پُرجهه- بوجهه- شعور- يادگيري- ڄاڻ- خبر- سُڌ- سماءُ- ڌيان- خيال- توجهه- سوچ- ياد- حافظو- چيتو- هوشياري- ذهن.

سُرت نِرت وِچ صورت سِردِي، گام گگن دي گياني گُردِي

(محمد فقير، سُر لوڙائو ڪافي-13، ص-74)

رَن ترت تيڪون ڪاٿي سُرت نهين، اج ڏرت نغارا ڏوم وجي.

(محمود فقير، ڏمالي ص-111)

• **سُرتي:** ڏسو. 'سُرت'.

سُرتي نِرتي ساريه عُشاقي اظهاري،

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-39، ص-30)

• **سرپُ:** نانگ (شاعر مطابق) عشق جو نانگ. محبت جي بلا.

ناب سي نام أنا يامين، ساس سرپ سمايا مين.

(محمد فقير، سر ڪانرو ڪافي_7، ص_173)

• **سُرخو:** ذ. گهوڙي جو هڪ قسم.. رنگ اڇو ٻُت تي ٽورا ڇٽ. سُرخي رنگ (حقيقي رنگ اڇاڻ تي مائل) جو گهوڙو. هن جا ڪئين قسم آهن. 1. شربي سُرخو (ڳاڙهيرو سُرخو) 2. نيرو سُرخو. 3. سياه سرخو. 4 گلزار سُرخو.

رنگ سُرخو زور پلو بور گهوڙو ڏينم ڪٽي،

پيرين پنڌ، رُلي رند، آيس هام هٽي،

(محمود فقير، ڪافي_46، ص_71)

• **سُرخرو:** ذ. صفت. [ف. سُرخ+ رُو= مُنهن] لال منهن وارو. آبرو وارو_ ماناڻتو_ عزت وارو_ معزز. مقبول_ اگهيل. عزيز. نامور. فتحمند_ ڪامياب. فخر ڪرڻ وارو.

ٿيا سُرخرو صوفي صورت ساڻ.

(محمد فقير، بيت_162، ص_182)

• **سَرِڙ:** سرِڙ پرڙ. ظرف. تڙ تڪڙ_ جهٽ پٽ_ اُمالڪ.

سرڙ ساموندي، ارڙ پٽارا، ناميل نرڙ نغارا.

(محمود فقير، گهوڙو ص_102)

• **سَرسُ:** ذ. صفت. سوايو_ وڌيڪ_ سُنوالو_ زياده. سَجيهُ_ سرسو. گهڻو_ هيڪاندو_ جهجهو_ ٻهُون_ مٿيون_ برتر.

'محمد' وچ ميزان ميثاقي، عشق عجائب ٿي اوطاقي،

سهٽي سُرڪ پلاٿي، سرس سوائي.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي_42، ص_92)

• **سرسو:** ڏسو. 'سرس

سرهو سرسو ساهه سخي ڪيو ساغر سان سهٽل.

(محمد فقير، سر پيلو ڪافي_21، ص_118)

• **سَرشارُ:** ظرف. [فد سَر= مٿو+ شار> شوريدن= وهڻ] مخمور- مستيءَ ۾ مست- نشي ۾ چور- موج ۾- متوالو. لبريز- ڀريل- مالامال- ٺنهان منهن ڀُر.

شاهن شاهه شڪار ڪريندا، سڪندر سرشار.

(محمد فقير، سُر مانجهه ڪافي-6، ص-107)

• **سِرشٽ:** ث. [سن. سريشٽ، سرج= خلقڻ] جڳت- سنسار- ڪائنات- زمانو- زمين. ڀرتوي. خلقت- مخلوقات.

بلهي شاهه ارداس گلاب، سِرشٽ ديا نند ڀتڏ پرتاب.

(محمد فقير، سُر ڪونسيه ڪافي-16، ص-180)

• **سَرڪَش:** ذ. صفت. [فد سَر+ ڪش > ڪشيدن= ڇڪڻ] حڪم عدولي ڪندڙ. باغي- نافرمان. سرزور- سَرڦريو- فسادي- جهڳڙالو- خالي. مغرور.

سڀ ۾ سمايو سهڻو سينگار ساز سُرسان.

سرڪش ڪري سيني ڪي، ساهي ڪنهن ڪي ٺٽايان.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-50، ص-36)

• **سُرڪ:** ڍُڪ- ڇُڪو- ڍُڪو- ذرو- ٿورو.

فالم تي في الحال، سر ڏي پيٽن سُرڪ.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي-40، ص-90)

• **سَرگَمُ:** ذ. ستن سُرن جو لاهه چاڙهه- آواز جي ستن پدن تي سُر ۾ لئي جو اُتار ۾ چاڙهه. آواز جي لاهي ۾ چاڙهيءَ جا ست ڏاڪا. (1) سا (2) ري (3) گَ (4) مَ (5) پَ (6) ڌَ (7) ني. جنهن ۾ ((1) سا= سهرج (2) ري= رکب (3) گَ= گنڌار (4) مَ= مڌم (5) پَ= پنجم (6) ڌَ= ڌيوت (7) ني= نکاد).

تين گرامي سَرو دي سرگم ستگر سُر سمجهائيي هُون.

(محمد فقير، سُر يونپالي، ڪافي-2، ص-54)

• **شُرمان:** واحد. شرمو. ذ. اکين ۾ پائڻ جو ڪاري رنگ جو پٿر- سوئيرو- انجن.

مين تہ ڪپ گهتئين. شل تپ آوئي،

شُر مان لَپ پاءِ گهمين پيچ پني.

(محمود فقير، ڏمالي، ص-112)

• **سَرمَد:** ذ. صفت. [ع. سَرمَدُ= بقادار] دائم- قائم- هميشہ- پيوستہ- رهڻ وارو- دائمي- غير فاني. قاصر لايزال. جنهن جي ابتدا ۽ انتها نہ هجي. خدا تعاليٰ.

سرمد دا مِير عشق ڪتايا،

محبت دي ميدان، پڌر پڙ وچ پير پرهندا.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-60، ص-99)

• **سُرندا:** واحد. سُرندو. [سن. سوَرَه= آواز] گهٽين تندن وارو ساز (اُن نون تندن تائين، جن ۾ هڪ رودو چمر جي پٽي جو).

سيئي ساز سِتارون سُرندا، سرگم سُر سمجهايان تو.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي-7، ص-169)

• **سُرنجن:** [هہ. سُرَجَنُ] عزت وارو- دلربا- محبوب.

سُرت نِرت ۾ سُندر سُرنجن، سرگم سُر سامان هريڪا.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي-7، ص-176)

• **سَريجن:** واحد. سَريجَ. ث. [سن. سَريجنُ= پيدا ڪندڙ] سِرجڻ جي حالت- پيدا ٿيڻ جي حالت. گاهہ گلڪاريءَ جو ڦوٽهڙو. پيدا ڪندڙ- ٺاهيندڙ- بنائيندڙ.

ڪول سُرودي ساز سَريجن، وديا واڪ ويراڳي ورنن.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي-12، ص-179)

• **سَروُ:** ذ. هڪ ڏگهي، سڌي ۽ سهڻي وڻ جو نالو.

سَروُ صنوبر سورج سُوسن، گهليئي گل گلابي گلشن.

(محمد فقير، سر بسنت، ڪافي-6، ص-168)

• **سَروانُ:** ذ. [ف. ساريان= سُرار] اڳواڻ- مهندار- قافلہ ڏٽي- ساروان- جَتُ. رهبر. مُرشد.

قربان وڃان مهربان اُتون، سروان سچي ٽولي.

(محمود فقير، ڪافي-17، ص-54)

- **سُرُوپُ:** ذ. صفت. [سن. سروپه. س= سان+ رُوپ= شڪل] چهرو- مهانڊو- روءِ- منهن جو پنو- ڏيک- شڪل- روپ- صورت. ڊؤل- آڪارُ- نمونو. حالت. درجو. حسين- سهڻو- شڪيل- خوبصورت.

رُوپ سُروپ اَنوپ اَنيڪي، آدپُرش ڏِن ڏياڻي ري.

(محمد فقير، سورڪوڪونسيه ڪافي-1، ص-175)

- **سُرورُ:** (اسم خاص) مخدوم سرور نوح هالائي رحه[5]

سُبحان صاف صورت، سرور فقير ڪِي،

لاخوف خود خبر هي، خوشتر فقير ڪِي.

(محمد فقير، سُر پهاڙيه ڪافي-47، ص-146)

- **سُرُوَنُ:** ث. صفت. طاقت واري- وڏنڊڙ سُردُ

سرون گيان هٿن نِڏياسن، ساڪيا تي سينگار ڪيا.

(محمد فقير، سُر ڪونسيه ڪافي-6، ص-176)

- **سڪر:** [ع] مستي- بيهوشي- بي خُودي نشو.

جبل جوشي گنجا تڪر، چرڪيل چتي قابو سڪر.

(محمد فقير، سي حرفي، ص-147)

---

[5] سنڌ ۾ حضرت غوث الحق مخدوم لطف الله المعروف مخدوم نوح بحيثيت درويش ۽ وڏي گاديءَ جا سجاده نشين طور مشهور آهن. پاڻ مخدوم نعمت الله جا وڏا فرزند آهن. سندن ولادت 21 رمضان 911 هه/ 21 فيبروري 1506ع تي ڳوٺ ٽوڙي هالا ڪنديءَ ۾ ٿي. هي ڳوٺ پراڻن هالن کان اندازاً ٽن ميلن جي مفاصلي تي آهي. مخدوم نوح جو شجره نسب حضرت ابوبڪر صديق رضه سان ملي ٿو.

مخدوم نوح، عربي ڏياني وٺ پڙهيو سندس علم، فضل ۽ ڪرامتن جون ڪيئي ڳالهيون مشهور آهن. سندس هڪيل قرآن شريف جو فارسي زبان ۾ ترجمو هڪ شاهڪار آهي.

مخدوم نوح جا ملفوظات به موجود آهن. سندس ڪي شعر به ڪتابن ۾ آهن. مثال طور:

پيئي جا پرپات، سا ماڪ نه پانئيو ماڻهئا،

روئي ڇڙي رات، ڏسي ڏکوين کي.

مخدوم صاحب 27 ذوالقعد 998هه بمطابق 26 سيپٽمبر 1590ع ۾ وفات ڪئي.

(سنڌي ادب جي تاريخ (جلد پهريون) ص. 61، 62 ۽ 64.

• **سگيٽا:** واحد. سگيٽو. ذ. [سن. سؤڪو] سگ وارو۔ عزازت وارو۔ عزيز۔ مِٽ۔ مائٽ۔ رشتيدار۔ ويجهو۔ قريب۔ مگيل۔ مائٽي ڪيل.

مُرڪي ٿيا مئي سگيٽا سردار سان.

(محمد فقير. بيت۔ 51. ص۔ 271)

• **سَماعُ:** ذ. [ع. سَمع= هن ٻڌو] ذڪر جي نموني وارو راڳ۔ روحاني ڪيفيت وارو راڳ.

سومر ڏينهن سماع جو سهڻو ڪيو سُهاڳ.

(محمد فقير. هفتو۔ 1. ص۔ 262)

• **سَماني:** سَمانو. ذ. [سن. مانڻ= مانُ] عزت وارو۔ مانوارو۔ ماناڪو۔ قانع۔ صابر۔ راضي

ڪولي سُرخ ساغر صُراحي سماني.

(محمد فقير. سُر ٻنس. ڪافي۔ 13. ص۔ 160)

• **سموات:** [ع] آسمان۔ اُڀ.

عُشاقن ڪيو عشق ڪي. اکين ۾ اثبات.

ويساهه وجه الله ۾ نورالسموات.

(محمد فقير. بيت۔ 29. ص۔ 269)

• **سَمپتِ:** [هه] ڌن۔ دولت۔ ملڪيت.

واڪ ورِيڪ ويراڳي وِديا. ڪنٺ سمپت بر ڪار ڪِيا.

(محمد فقير. سُر ڪونسيه. ڪافي۔ 6. ص۔ 176)

• **سَمي:** اسم خاص. ڄام تماچي (سمون).

سمي جي سيج تي سُرهي. وصل وارن وِهاڻن سان.

(محمد فقير. سُر ڪنيات. ڪافي۔ 8. ص۔ 225)

• **سنباهي:** مصدر. سنباهڻ. تيار ڪرڻ. سنيرائڻ۔ اُماهڻ۔ ڀهرائڻ۔ ناهه نوهه ڪرڻ.

سِر سنباهي سورهيه صادق سنيري ٿيا ساڃا.

(محمد فقير. سُر پيروي. ڪافي۔ 32. ص۔ 26)

• **سنيائڻ:** مصدر. سنيائڻ سنيرائڻ- تيار ڪرڻ.

جوڳي سنڌ سنڌ ساز سنيائن، صاف سُٽائن سِر سبحان.

(محمد فقير، سُر ڏناسري، ڪافي- 7، ص- 229).

• **سُنبل:** [ع] خوشبوءِ دارگاهه جو هڪ قسم- سُرهي مر. گل جو هڪ قسم.

سورج مُهٽا سوسن سنبل، ڪيتي ڪيل ڪنٽهار ڪِل ڪِل.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي- 5، ص- 168)

• **سنت:** [هـ] تعظيم- عزت. ساڌو- سنياسي- عابد- پارسا- ولي- عارف- زاهد.

سنت ڪي مهما ويد نہ جاني، سنت ڪا ڀيد نيارا ري.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ، ڪافي- 12، ص- 178)

• **سنتر:** ذ. [انگ Centre] وچ- مرڪز- آڌ.

صُراحي سيف جي سنتر، اڪين واري اٿر آنتر.

(محمد فقير، سُر ڪلنگڙو ڪافي- 12، ص- 189)

• **سنجافُ:** ذ. [ف] ڪناري تي لڳل هڪ قسم جو ڪپڙو. حاشي. گهوڙي جو رنگ جو هڪ قسم- آبلق کان گهٽ ڪُبري رنگ جو گهوڙو.

خواب ڏٺي ڪو ثاب پيوسين، صاف سنجاف پٽارا!

(محمود فقير، گهوڙو ص- 101)

• **سندُرو:** ذ. ملهن جي چيلهه سان ٻڌڻ جو ڪپڙو. (سندرو ٻڌڻ) ڪنهن ڪم لاءِ تيار ٿيڻ. همت ٻڌڻ- ڪوشش ڪرڻ.

ڪچائيءَ جي قطري جو پوي ڪونہ پرو

سچائيءَ جو سندرو وزن منجهه ڳرو.

(محمود فقير، خيري ص- 141)

• **سندري:** ذسو. 'سندرو'.

ثابوتي دي ٻڌ ڪي سندري، سُوري سِر چڙهائون، رنگ لائون.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي- 31، ص- 137)

• **سنڌور:** ث. سانئيڙ ـ سنپال ـ پرداخت. ميڙ سيڙ. سار.

اپني آپ پيوسي، ذاتي سنگ سنڌور.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي ـ 18، ص ـ 19)

• **سنرا:** واحد. سنرو. ذ. صفت. [سن. سرَل] سنرلو ـ سڌو ـ ڪڙو. وفادار ـ سچو. خوش ـ سرهو ـ سُکي. تندرست ـ نيڪ ـ توانو. تازو. مضبوط خوش رُوءِ ـ ڪِلمڪ.

لقائي لياقت، بنرا برابر، سنرا سراسر.

(محمد فقير، سي حرفي ـ 1، ص ـ 245)

• **سناسِي:** ذ. هندو فقيرن جو هڪ ٽولو ـ تياڳي ـ رَمتُو ـ تارڪ ـ جوڳي.

سنگ سناسي سڪ ۾ ساري تا، وحدت واس وٺن.

(محمد فقير، سُر ڪاريهل، ڪافي ـ 1، ص ـ 185)

• **سنسارُ:** ذ. [سن. سَم = گڏ + سر = سُرڻ] دنيا ـ جڳ ـ جڳت ـ جهان ـ عالم ـ لوڪ ـ ڪائنات ـ زمانو.

ڏومن جو ڏٺي صاحب آيو سنسار ۾.

(محمد فقير، سي حرفي ـ 3، ص ـ 253)

• **سنڪلپُ:** [هـ] دلي ارادو ـ خواهش ـ تمنا ـ پاڪ مقصد.

مرد 'محمد' سُرت سُجاني سنڪلپ و ڪلپ ڏُن ڪاڏياني.

(محمد فقير، سُر ڪونسيه ڪافي ـ 11، ص ـ 178)

• **سنمُکُ:** ظرف. [سن. سَم = گڏ + مک = مُنهن] آمهون سامهون ـ روبرو ـ مُنهن مُقابل ـ مُنهَن سامهون ـ حاضر ـ موجود. پرتل ـ ريڌل. دوستاڻو ـ اخلاص مند. واصل ـ سُرخرو. سچو ـ معتبر. حسين ـ سُهڻو ـ ملوڪ.

سنمُک ٿيندي‌س سانگين سان، الله ڪندم اهڙي.

(محمود فقير، ڪافي ـ 2، ص ـ 46)

• **سنگ:** سات ـ همراهه ـ رفيق.

ڪِتان سُرخ سيف سازي، ڪتان سنگ سچيندا سچيندا.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي ـ 44، ص ـ 92)

• **سُنگ:** ذ. تولي جي سنگت۔ سٿ. ٽولو.

"لا" جا لائي لَنگ, دَرس پي مٿي دُنگ,

ڪري سيفي شنگ. ثابوتي سلطان.

(محمد فقير, سُر لوڙائو ڪفي۔10, ص۔71)

• **سَنگ چُور:** ذ. نانگ جي هڪ ذات.

زلف بشيهر پالي هِن سنگ چُور سپ ڪالي

(محمود فقير, ڪافي۔57, ص۔81)

• **سنگِي:** ذ. ساٿ وارو۔ ساٿي۔ همراهہ۔ رفيق.

سهٹا سُهاڳ سنگِي, ثابت صفا صحن ۾.

(محمد فقير, سُر پيروي ڪافي۔10, ص۔14)

• **سَنگينان:** واحد سنگِين. ث. هٿيار جو هڪ قسم۔ رائيفل جي مُنهَن ۾ پيل خنجر. سنهي ڪاتي۔ ڪِٽار.

آبرو سيف سنگينان پالي, گهُوران دي گمسان.

درسن والي دم دم ويهي.

(محمد فقير, ڪافي۔1, سُر آسا, ص۔1)

• **سَنگهِي:** سنگهو. ذ. مرون جو نيش يا ڏند۔ ڪات. سگ۔ شاخ. قرن. وڄُ جمع وڄَ. سوئر جا تکا ڏند. جن سان وڙهندو آهي.

کس دا آوندا گس دا گانديو

سوئر وانگون ڪيڍ سنگهي.

(محمود فقير, بيت, ص۔95)

• **سَنگ:** ذ. ماڻٽي۔ عزازت۔ مِتاچاري۔ ناتو۔ سُپنڌ۔ نسبت۔ تعلق۔ رستو۔ لاڳاپو۔ سڳائي. عزازت۔ رشتيداري۔ مِٽي.

اپني آپ وچ آپ پيوسي, ذاتي سنگ سنيڍور.

(محمد فقير, سُر پيروي ڪافي۔18, ص۔19)

• **سُوٽُ**: ذ. تمام ٿورو ذرو. انچ جو ڏهون حصو.

بچل ري منان پيڏي پن سان، ست ڪيو سي سُوت.

(محمود فقير، گنگو ص_108)

• **سُوجهه**: ث. جوت_ نظر_ بينائي_ بصارت. نرت_ نگاهه_ ڊِيد. اِدراڪ_ سمجهه_ پوجهه. انديشو_ خيال_ ويچار. ڳول_ چڪاس_ جانچ_ کوج_ نهار. جوڙجهڪ. مطلب_ مراد_ مقصد_ ارادو_ نيت.

آلانساني برقعو پايم، سُرت سيني پر سُوجهه.

نظر پر ڏس نواز منهنجو.

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي_9، ص_5)

• **سُودُ**: ذ. [ف] فائدو_ نفعو_ مٽي_ اُپت_ ڪٽيو_ پراپت_ لاڀ_ اُپراسو_ ڀلائي_ چڱائي. وياج.

ساغر صُراحي سازسان، سارو سراسر سُود تون.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي_12، ص_60)

• **سُوڏا**: واحد. سُوڏو. ذ. سِڌو_ سنئون_ سنئون سڌو. سُبتو. اُيو_ کرّو. نيڪ_ برابر_ درست_ صحيح_ پورو_ بچاءِ. سهٽو_ حسين_ خوبصورت. عاقل_ سياڻو_ سمجُهو. جفاڪش_ محنتي_ چُست_ چالاڪ. پاڪ صاف_ اڇو اُجرو. (حرف جر) ساڻ_ گڏ_ سميت_ ڪلو_ مليل. تائين_ هيستائين_ جيستائين.

ابلق لک گهوڙا ڏتس هزارا،

سُوڏا شچر ميا متارا.

(محمود فقير، ڪافي_76، ص_103)

• **سُورُ**: ذ. [سن. شُول= تڪليف] تڪليف_ درد_ ايذاءُ_ ڏک_ پيڙا_ رنج. جاڪوڙ_ ڪشالو_ ڪشت. افسوس_ ارمان_ غم_ الم.

صورت جي سينگار سان، سنيري چارن سُور.

(محمد فقير، سي حرفي_2، ص_249)

- **سُورِي:** ث. [سن. شُول= ڦاهي درد] ڦاسي۔ ڦاهي۔ سُولي۔ موت جي سزا.

شُهڻِي سُرخ سيج تي سُوري جي سر انجام.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي۔50، ص۔95)

- **سوزُ:** ذ [ف. سوز< سوختن= ساڙڻ] ساڙو۔ جلڻ۔ پچر۔ درد۔ ڏک۔ غم۔ زاري۔ گريہ.

سنڌ سنڌ سر سو سوز ٿيو ڪري ڪاهہ وڪاهہ.

(محمد فقير، بيت۔223، ص۔289)

- **سوسَنُ:** ذ. [ف] آسماني يا ڦڪي رنگ تي هڪ قسم جو گل۔ نرگس جو قسم. زبان جي شڪل تي هڪ گل جو قسم. ڦِڪو رنگ۔ هيڊو۔ زردو۔ پيلو.

سورج شهڻا شوسن سنبل، ڪيتي ڪيل ڪنٺهر ڪِل ڪِل.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي۔5، ص۔168)

- **سوغاتِي:** ث. صفت. ناياب۔ آملهہ۔ خاص. عمده۔ پسنديده۔ وڻندڙ۔ سهڻو۔ سُنو۔ لطيف. تحفي يا ڏنل.

عشق اوقاتي، سِر سوغاتي پئون پارهن پورا ڀار.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي۔54، ص۔96)

- **سوننا:** واحد. سوننو. ذ. ڏُڪو۔ ڏنبو۔ سوٽو۔ ٿلهي لٺ۔ بانٺو.

مقدار تيڏا جيوين پاڻي ڦوٽا، مين تہ مار سوننا،

تيڏا ساهہ نيوان.

(محمود فقير، ڏمالي ص۔112)

- **سُهاڳُ:** ذ. [سن. سياڳيہ: سُ= چڱو+ ڀاڳيہ= ڀاڳ] سياڳ۔ بخت. ڀاڳ۔ خوشحالي. سُٺي قسمت۔ پيار۔ قرب۔ محبت. مڙس جو پرڻي وارو پيار۔ مڙس جي حياتيءَ تائين پائڻ جو ڳهہ (نٿ، بولو. مانگهہ. ڪوڪو وغيره).

رقص راڳ، سِر شهاڳ، بلند ڀاڳ بقائي.

(محمد فقير، سُر سهڻي، ڪافي۔2، ص۔204)

• **سُهاڳي:** ث. شهاڳڻ- مڙس واري- ور واري، بخت واري.

سِر سُوري سيج سُهاڳي، ڪر سِر ڊِي سُرخ شجاڳي.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي-59، ص-98)

• **سهرا:** واحد سهرو. ذ [سن. شڪا= تعريف جو گيت] شاديءَ جي وقت گهوٽ جي مٿي تي ٻڌڻ ۾ ايندڙ موڙ- مُنڊ- مُڪٽ. شاديءَ جو راڳ- گيچ- لاڏو- ٻاڇ.

لڳي 'لا' ڊِي لامي، سمجهه ويکين سهرا.

چشماندا چهرا.

(محمد فقير، سي حرفي-1، ص-243)

سين سهڻي ٻڌا، هٿي سهرا،

ڏٺم دلبر داوچ ديرا.

(محمود فقير، سي حرفي، ص-145)

• **سُهمان:** مصدر. سُهمان سهڻ. طعنا برداشت ڪرڻ. چينيون جهلڻ- چڙٻون جهلڻ (طعنا، مهڻا، چڙٻون- چينيون.

پڪا پور پهڻ، سُهمان سور سهڻ.

(محمد فقير، سُر پيروي ڪافي-69، ص-47)

برسر مهڻا 'محمود' بديون سُهمان ڏار سهن

(محمود فقير، ڪافي 10، ص 50)

• **سهنج:** ذ. [هه. يسهج] سولائي- سهولت- آساني آرام، سُک- فرحت- آسائش.

تکي تان مان اُڪار، ٻيڙا پار پرور.

(محمود فقير، ڪافي-2، ص-46)

• **سرءُ:** (اسم خاص) سال جي مندن مان هڪ مُند جو نالو- خزان (سرءُ جو تپ- مليريا جي بيماري- موسمي بخار مچرن کان) سرءُ جي مند.

سرءُ آهي ملڪ ۾، پيو تپ رو وايو.

(محمود فقير، گنگو ص-105)

- **سيبايا:** سيباٺو. ذ. [سن. شوڀن=سُونهن] وڻيل- پسند ٿيل- مناسب لائق- ٺهندڙ—دل گهريو- خواهان- سيبڻ- سُهائڻ- ڇُڳائڻ. سونهندڙ- جڳائيندڙ.

اجهي اوٺي آيا، سيني منجهه سيبايا.

(محمود فقير، ڪافي-18، ص-55)

- **سيتا:** اسم خاص. [سن] راجا جنڪ جي ڌيءَ ۽ رام جي زال جو نالو.

اوم اونڪاري آدانت هي، لڇمن سيتا رام هَري

(محمد فقير، سُر ڪونسيه ڪافي-14، ص-179)

- **سيجَ:** ث. [سن. شيا> شي= سمهڻ] شاديءَ وقت گهوٽ ڪنوار لاءِ ٺاهيل پلنگ- سينگاريل بستر. پلنگ- ڇپر کٽ.

سِر سُوري سيج سُهاڳي، ڪر سِر ڊِي سُرخ سُجاڳي.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-59، ص-98)

- **سِيسُ:** ذ. [سن. شيرش= سِرُ] سِرِي- سِسِي- ساهه.

سرمد وانگي سيس ڪٽاڪي اڳتي رک وڏاوين، هٿ لاوين.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-32، ص-138)

- **سيف:** ث. [ع. سيف= ترار] ترار- تلوار- شمشير- صمصام- قمقام- سڪيلي- تيغ- سَرواهي.

ابرو سيف سنگينان پالي، گهُوران دي گمسان،

درسن والي دم دم ديهي.

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي-1، ص-1)

- **سيفل:** ذ. جبل جو هڪ پوتو جنهن جو اڪثر ماٿهو پوڙ رڌين. سيف الملوڪ (اسم خاص) ۽ گل بڪاوليءَ جو قصو.

سيفل کي سنيالي پڪاري پري،

منهنجي دل ڏُتاري چوري ڪيئون چري

(محمود فقير، ڪافي-28، ص-60)

- **سيفي:** ذ. صف. اڇو- صفا- اُجرو- سچار.

'لا' جا لائي لُنگ، دُرسي پي مٿي دُنگ،

ڪري سيفي سُنگ، ثابوتي سلطان.

(محمد فقير، سُر لوڙائو ڪافي-10، ص-71)

- **سيلانُ:** ذ. مسافري- سفر- گهمڻ- وڏو چڪر.

پشيمان پُر ڪا، سيلان سُر ڪا، باني بياني.

(محمد فقير، سُر ڪانرو ڪافي-8، ص-174)

- **سيلاني:** ذ صفت سير ڪندڙ- گهمندڙ- سياح، مسافر- پانڌيئڙو، واٽهڙو- گهومو- رمتو.

سير 'محمد' ثابت ڪيتا، ساڪن ٿي سيلاني سِر سُبحاني.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي-38، ص-189)

- **سيلهه:** ذ. [شولم= ڪنبو] وڏو ڪنبو(- پيرجو ڪجيءَ جو ڪنبو).

سُور تنهين جا گهُوړ اندر ۾ سيلهه چِپين سؤ وار.

(محمود فقير، ڪافي-32، ص-62)

- **سيلها:** ذ.ج. 'سيلهه'.

سورهين ڏينهن ڏنوسي سهٽا، سڙڪ لڳا وِچ سيلها.

(محمود فقير، ٽيهه ڏينهن، ص-121)

- **سينڌ:** مصدر. سينڌ ڏيڻ- عورت جو ڪنهن کي وعدو ڏيڻ اقرار ڪرڻ پڪ خاطري ڏيڻ.

هاٿي سينڌ ڏين ٿي سچ، ته تون سونهين ٿي سانگهڙ ۾.

(محمود فقير، خيري، ص-134)

- **سينهوڙيون:** سينهُو. ذ. اڳڙين وغيره جو ٿهيل گول موڙو- سينهوڙو- سينهي- سيئنهن- موٽڙي.

سينهوڙيون اٿن سوڪڙيون، سي جنهور جيئن جهرڪن.

(محمود فقير، ڪافي-9، ص-49)

• **سينٽرا:** پگهر جا سنها قطرا. منهن تي ماتا جا ڇڏيل سنها نشان.

سنها سينٽرا, منهن سهڻو پاڪ پيشاني.

(محمود فقير, خيري, ص_134)

ش

• **شاب:** ذ. [ع] جوان_ ڳڀرو_ لاسڙيات_ نوجوان.

شاهي شابُ, پي شراب, برهه باب پڙهايو.

(محمد فقير, سُر بنس, ڪافي_21, ص_165)

• **شادُ:** ذ. صفت [ف. شاد= خوش] خوش و خورم_ خوش حال_ بافرحت. خوش_ سرهو_ بهادر_ نهال_ سُکي_ آسودو_ شڪُپ_ مزي ۾. ممنون_ پرسن.

شه شهادت شاد ڪيڙو ستا شغل جو شرفدار.

(محمد فقير, سُر راڻو ڪافي_2, ص_233)

• **شادان:** ذ. صفت. خوش_ سرهو / بهادر.

شمشير شان شفقت, شاهي شِفا شِفا.

(محمد فقير, سُر پهاڙي, ڪافي_17, ص_129)

• **شارڪُ:** ذ. صفت [ع. شرڪ= ڀاڱا ڪرڻ] خدا سان ٻيو شريڪ ڪندڙ_ شرڪ ڪندڙ_ مُشرڪ. هڪ خطرناڪ مڇيءَ جو قسم.

ڇڏي شرڪ شرارت شارڪ شڪ, لهي لاحد وارو لائق لَڳُ.

(محمد فقير, سُر تلنگ, ڪافي_62, ص_100)

• **شاستر:** ذ. [سن. ساشتر= هدايت جو ڪتاب] پُستڪ_ ڪتاب. هندن جو ڌرمي ڪتاب. متن جو ڪتاب_ قانون جو ڪتاب. پستڪ.

ويدون سڀ ڳُتُ شاستر شُد هُون, پيد برهم بيدار ڪا.

(محمد فقير, سُر ڪونسيه, ڪافي_6, ص_176)

- **شاطِرُ:** ذ. صفت [ع] شوخ ـ چالاڪ ـ اٽڪلي ـ چُست. قاصد.

شان شفقت شعر بازي، شرف شم شغلات جا،

ٿو ڪري شاطر شتابي، شوق شاهي شاد سان.

(محمد فقير، سُر پيم پلاس، ڪافي ـ 7، ص ـ 53)

- **شاغل:** [ع] مشغول ـ رُڌل ـ پنهنجي ڪم ۾ مصروف. (شغل، مشاغل، شاغل).

شاغل شجاعي شوق ڪر شملا ٻڌا شهه شان دا.

(محمد فقير، سي حرفي ـ 4، ص ـ 261)

- **شافِعُ:** ذ. صفت [ع. شفع= مدد ڪرڻ] شفاعت ڪندڙ ـ ڇڏائيندڙ ـ بچائيندڙ ـ شفيع. سفارشي.

حَسن حُسين امام زماني، شافع رب ستارا.

(محمود فقير، گهوڙو ص ـ 101)

- **شاڪر:** [ع] شڪر گذار ـ شڪر ڪرڻ وارو.

شاڪر شوق جا، شوريل شرابي.

(محمد فقير، سي حرفي ـ 2، ص ـ 250)

- **شاهه عنايت صوفي:** اسم خاص. سنڌ جو مشهور بزرگ، شهيد شاهه عنايت.[6]

شاهه عنايت صوفي وانگي، نيزي سِر چڙهاوين، هٿ لاوين.

پڇي عشق آفات ڪُون.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي ـ 32، ص ـ 138)

[6] سنڌ جو هي ناميارو صوفي ۽ انسان دوست انقلابي درويش تعلقي ميرپور بٺوري جي نصرپ ڳوٺ ۾ 1656ع ۾ پيدا ٿيو. پاڻ جوانيءَ جي دور ۾ حق ۽ علم جي طلب ۾ پنهنجو وطن ڇڏي پرديس ويو. سير سفر ڪندو حيدرآباد دکن ۾ هڪ درويش شاهه عبدالملڪ سان ملاقي ٿيو. ظاهري علم شاهه غلام محمد کان حاصل ڪيائين. جيڪو شاهه عنايت سان گڏ شاهه جهان آباد کان سنڌ موٽيو. شاهه غلام محمد جي عقيدت ۽ شاهه عنايت ڏانهن خلق جي رجوعات نه ئي جا ظاهر پرست برداشت ڪري سگهيا ۽ نه مقامي ملا مورائا. وڏيرا، گادي نشين ۽ حاڪم سهي سگهيا. لهذا هڪ سازش سٽي وئي ۽ ان ۾ نئي جو نواب، مقامي ماڻهن مان ڪريمي درگاهه جو مسند نشين سيد عبدالواسع، وڏيرو نورمحمد پليجو ۽ حمل جت شامل ٿيا.
هوڏانهن حاڪم جي چاڙتن اهو مشهور ڪيو ته شاهه عنايت ۽ صوفي فقير پنهنجي حڪومت قائم ڪرڻ گهرن ٿا. بادشاهه لاءِ اها هڪ قسر جي گار هئي. تنبيهه جي تياري هيٺن ٿي جو ميان يارمحمد جي مدد سان مقامي چاڙتن صوفين تي لشڪر چاڙهيو. هن حملي ۾ شاهه عنايت جا ڪافي مريد شهيد ٿي ويا. شاهه عنايت جي مريد مير جان الله شاهه رضويءَ مقابلي جي اجازت گهري پر صوفي شاهه عنايت اجازت نه ڏني. گهيرو اٽڪل ڇهه مهينا هليو. ٺاهه جون ڪوششون ٿيون. شاهه عنايت کي گورنر جي دربار ۾ گهرايو ويو. اها به هڪ سازش هئي. ڳالهين مان جڏهن ڪڙ تيل نه نڪتو ته گورنر شاهه عنايت کي ڪاوڙ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي. نواب ۽ شاهه عنايت جي وچ ۾ ٿيل گفتگو ۾ شاهه عنايت هر سوال جو جواب فارسي شعر ۾ ڏنو. جڏهن هي ارڏو انسان پنهنجي اصول تان نه هٽيو ته جلاد کي اشارو ڪيو ويو. شاهه عنايت شعر پڙهيو:
رهانيدي مرا از شر هستي ـ جزاڪ الله في الدارين خيرا.
سر ڌڙکان ڌار ٿيو ۽ جان جان آفرين جي حوالي ٿي وئي صوفي شاهه عنايت جي شهادت جو واقعو 1130هه/1718ع ۾ ٿيو.
(سنڌي ادب جي تاريخ (جلد پهريون) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ص: 177ـ179)

- **شاهِ مَردان:** حضرت علي ڪرم الله وجهه جو لقب. هتي محمد فقير پنهنجي مرشد سيد شاهه مردان شاهه راشديءَ ڏانهن اشارو ڪيو آهي. [7]

شاهِ مردان شيرِ يزدان، شمس العلماءِ شاندار،

شوق جي شادي شفيع ڪئي، عشق واري آشڪار.

(محمد فقير، سُر راڻو ڪافي-2، ص-233)

- **شب خور:** رات جو انڌڙ- رات جو جاڳندڙ. اکين جي هڪ بيماري (ماڻهو رات جو ڏسي نه سگهندو آهي.)

مڙس ڏون زالين والا، جهوٽ پهنداڻين شب خور انڌا.

(محمود فقير، ڏمالي، ص-114)

- **شَبدُ:** ذ. [سن. شَبدُ= چوڻي] آواز- صدا. سُر .اکر- لفظ. جملو. چوڻي- چَوَڪَ- چيل شعر. راڳ. ڀڄن- ڪيرتن. نصيحت واري چوڻي- ٻول- وچن- اُپديش- نڪتہ شعر ۾ بيان ڪيل.

اوهنگ سوهنگ شبد سُڻائون، صاحب سُر سُجان هِري ڪا.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي-7، ص-176)

---

[7]. حضرت پير سائين شاهه مردان شاهه اول 7 صفرالمظفر سن 1279هه آچر جي ڏينهن "پير جو ڳوٺ" خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيا. پاڻ پير سيد حزب الله جا چوٿون نمبر فرزند هئا. پاڻ پنهنجي وڏي ڀاءُ حضرت پير سيد علي گوهر شاهه ثاني محافي ڏٺيءَ جي وفات 27 جمادي الآخر سن 1314هه کان پوءِ 35 ورهين جي عمر ۾ گاديءَ تي ويٺا. پاڻ علم وارن جي عزت ۽ تمام گهڻو قدر ڪندا هئا.
پاڻ جماعت ۽ عام مسلمانن جي ڀلائيءَ لاءِ سنڌن والد جو لکرايل قرآن شريف جو تفسير، "تفسير ڪوثر" ڇپرائي مسلمانن ۾ مفت تقسيم ڪرايائون. ان کان علاوه چار رسالا هزارن جي تعداد ۾ ڇپائي جماعت ۾ تقسيم ڪرايائون.
آخرڪار اهو فيض هدايت ۽ جودو سخا جو سج 7 ربيع الاول سن 1340هه بروز آڱارو 61 ورهين جي ڄمار ۾ وصال ڪري ويا.
(اقتباس: جامعه راشديہ ص-217، 221، 223)
محمد فقير هيٺين ڪافي ۾ سنڌن سڄي سوانح حيات کي منظوم ڪيو آهي:
شاهِ مردان شيرِ يزدان، شمس علماءِ شاندار،
شوق جي شادي شفيع ڪئي، عشق واري آشڪار.
1. سن اڪاسي: ٻارهين صدي، ثابت ستين صفر ٿيو
ستاويهين ماهه ثاني، تخت تي ٿيو تاجدار.
2. شان شفقت جي شرح جو ڇا ڪندو شاعر شمار،
ٿـ شهادت شاد ڪيڙو، ستا شغل جو شرفدار.
3. ستين سر ربيع الاول جي سن تيرهن سو چاليهين،
ايڪهٺ عمر عجائب، ڪيو ڪُله ڪئي قربدار.
4. بيرنگي بازي بنائي، برهه جي بازار ۾،
نينهن جو نعرو هنيو نرناٿ ٿيهي نامدار.
5. پير عثمان پارس پساري، پرت جي پيمان جو،
محو ٿيو مخمور "محمد" پاڪ پرور پاڳدار.
(منظوق محمد. سُر راڻو ص-233)

• **شبهاتُ:** شبهو. ذ. [ع] گمان- شڪ- وهم- شبهو.

شڪ ۾ شُبهات "محمد"، چوڙ ڳئي سارا صحي،

آپ ٿيا اظهار انور.

(محمد فقير، سر راڻو ڪافي-1، ص-232)

• **شبيري:** شبير. حضرت امام حسن ع.

شاهنشاهي شان جهيندا، پڏرا پيري شبيري بي نظيري.

(محمد فقير، سُر پهاڙي ڪافي-35، ص-139)

• **شِتابُ:** ذ. ظرف. [ف] تڪڙو- جلد- جلدي- يڪدم- تڪڙ ۾- ٿَهه ڦَهه- ترت- جهٽ پٽ- فوراً. سگهائي- سيگهه- جلدائي.

ناز نقاب، ڪول شتاب، جوڙ جواب جسماتي،

مژگان موج، فهم فوج، ڪر ڪي اوج اسماتي.

(محمد فقير، سُر پيروي ڪافي-65، ص-44)

• **شُجاعُ:** ذ. صفت. [ع] بهادر- پهلوان- سورمون- سورهيه- دلير- ٻلوان.

شاهنشاهي شور سان، شُجاع ٿي شتاب.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي-52، ص-95)

• **شُجاعَتَ:** ث. دليري- بهادري- سورهيائي- مڙسي- مردانگي.

شاهه حسن ڪي شور شاهي، شمع تي سرشار هو،

شان شفقت ڪر شُجاعت، شمر ڪا شمار هو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-4، ص-108)

• **شَجَرُ:** ذ. [ع] درخت- وڻ.

تنهنجا مطيع شمس و قمر، ماڻهو ملڪ جن و بشر،

ارض و سماء تارا شجر، توڙي گداگر چا امير.

(محمد فقير، سُر بهاڳ ڪافي-24، ص-67)

• **شَدَ:** ث. [ع. شَدَ= سخت ڪرڻ] (لفظ جي) پد تي زور- دباءُ- تاڪيد لفظي. اُچار جو هڪ قسم. ڪنهن لفظ ۾ هڪ جهڙن ٻن اکرن جو لاڳيتو اچڻ ڪري ٻنهي ۾ ضم ڪري مٿان ڏنل نشاني.

ڪون جزم شد پيش پڙهيندا،

ڪون سوري سردار چڙهيندا،

ڪون قتل ڪندّ ڪات اناالحق.

(محمد فقير، سُر پوريا، ڪافي_8، ص_150)

• **شُده:** شُد. ذ. [سن. شُدِ= صاف] صفا_ نج_ شُدُّ. ثابت_ مقرر.

ويدون سي ڪُٿ شاستر شده هُون،

پيد برهه بيدار ڪا.

(محمد فقير، سُر ڪونسيه ڪافي_6، ص_176)

• **شرارت:** ث. [ع] بدي_ برائي_ بڇڙائي_ شيطانيت_ بدمعاشي، ڪيڇل_ مسخري_ حرڪت_ چترائي_ لُچائي، ظُلم_ نقصان.

چڏي شرڪ شرارت شارڪ شڪ،

لهي لاحد وارو لڪ.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي_62، ص_100)

• **شَرَح:** ث. [ع. شرح> شَرَح = کولڻ] سمجهاڻي_ معني_ مطلب_ حاشيہ_ تفسير_ نرواري_ تشريح_ بيان_ اظهار.

شان شفقت جي شرح جو چا ڪندو شاعر شمار،

شه شهادت شاد ڪيڙو ستا شغل جو شرفدار.

(محمد فقير، سُر راڻو ڪافي_2، ص_233)

• **شرف:** [ع] وڏائي_ بزرگي، عظمت_ عزت_ مان_ مرتبو.

شان شفقت شعربازي، شرف شم شغلات جا،

ٿو ڪري شاطر شتابي، شوق شاهي شاد سان.

(محمد فقير، سُر پيم پلاس، ڪافي_7، ص_53)

• **شِرڪ:** ذ. [ع. شرڪ= حصا ڪرڻ- ورهائڻ] خدا جي ذات پاڪ ۾ ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ. ڪفر. خدا سان پائيوار.

چڏي شرڪ شرارت شارڪ شڪ،

لهي لاحد وارو لائق لڪ.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-62، ص-100)

• **شَرُو:** ذ. [ع. شَرَعَ= اظهار ٿيڻ] انصاف- فيصلو- نبيرو.

وس ونحن واري وستي ۾،

ڪيو شوق شرف سان شاهه شرو.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-62، ص-100)

• **شَرِيعَت:** ث. [ع. شَرَعَ= داخل ٿيڻ] سڌو رستو- سنئين واٽ. طريقو- واٽ. اسلامي قاعدو. قانونِ الاهي- قرآني آئين- ديني قانون- قاعدو- نيم. درويشن جي اصطلاح ۾ سلوڪ جو پهريون درجو (جنهن ۾ خدا تعاليٰ جي حڪم ۽ محمدي ﷺ شريعت تي هلڻ). ناسوت.

شوق شهنشاهه عين شريعت،

شامل ٿهندي نال طريقت.

(محمد فقير، سُر ڪوهياري، ڪافي-1، ص-182)

• **شريمان:** [هہ] دولت وارو- اقبال وارو. خوبصورت. وشنو جو لقب.

بلهي شاهه ارداس گلاب، سرشت ديانند ٻڌ پرتاب،

وشن ننگر ۾ آپي آپ، شنڪر شريمان هُون.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ، ڪافي-16، ص-180)

• **شَغُلُ:** ذ [ع] مشغولي- ڪم- ڪرت. ورونهن- وِندر- تماشو- کيل- بازي راند. محفل.

شمع تي شاطر شتابي، شجاعت جي شور سان،

شوق ڪيا شاهي شغل، شهلا ٻڌي شهزور سان.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-5، ص-109)

• **شفقت:** ث. [ع. شفقت> اشفق= مهربان ٿيڻ] ٻاجهه- مهرباني- وڙُ- مهر- ٽورو- لائق. رحم- ڪرم- ٻاجهه- ترس- مُنهن ڪاڻ- پرچاڻي- اعزا پُرسي- غمخواري. محبت- پيار- قُرب.

شاهه حُسن ڪي شور شاهي شمع تي سرشار هو.

شان شفقت ڪر شجاعت، شعر ڪا شمار هو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-4، ص-108)

• **شفيعُ:** ذ. صفت [ع. شفيع> شَفَعَ= سفارش ڪرڻ] شفاعت ڪندڙ- گناهن جي سفاش ڪندڙ- ڇڏائيندڙ- شافعي.

شاهنشاهي شان شُجاعي، شفقت ڪر شاداڻي.

شمس قمر شرما تي شاطر، شڪل شفيع شاهاڻي.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-23، ص-119)

• **شڪُ:** ذ [ع. شڪّ] شبهو- گمان- انديشو- اُڌڪو- وهم- سنسو- ڀرم- وسواس.

ڇڏي شرڪ شرارت شڪ،

لهي لاحد وارو لائق لڪ.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-62، ص-100)

• **شڪتِي:** ث [سن. شڪتي= طاقت] طاقت- توفيق- وسعت- وِتُ- سگهه.

منگهن موڪ مڪتي، شريماني شڪتي،

پيچن ميري پڳتي، سرودي سُجاڻي.

(محمد فقير، سُر درباري ڪانرو ڪافي-3، ص-200)

• **شڪيلا:** شڪيل. ذ. صفت [ع] صورت وند- خوبصورت- ٺاهوڪو- حَسين- سوڀياوان- سهڻو- زيبائتو- ڏچ مچ جهڙو- خوش- وضع.

چريا ويام چڪوري، بازي باز باڪيلا،

چشمن چمڪار ڪيا، شمس رنگ شڪيلا.

(محمود فقير، ڪافي-43، ص-70)

- **شڪِيلو:** ذ. ترار جو هڪ قسم. ننيڍي ترار. شڪيلو (جنهن جو مُنهن ۽ پُنيءَ جو چوٽون حصو تيز ٿيندو آهي). درياء جي پيڙيءَ جو هڪ اوزار)

وِجهان شور شريعت اندر کٽي شاهي شوق شڪيلو.

(محمد فقير، سُر پوريا، ڪافي-6، ص-148)

- **شَمُ:** ث. [ع. شمعَ= بتي] بتيءَ جو هڪ قسم. موم بتي. شمع. اتفاق. ناهـ. مِٺ. محبت. سلوڪ.

شان شفقت شعربازي، شرف شم شغلات جا.

ٿو ڪري شاطر شتابي، شوق شاهي شاد سان.

(محمد فقير، سُر پيم پلاس، ڪافي-7، ص-53)

حُسن جاڻ يار جو جيئن شاهي برن شم.

فضل ٿيو فقير چئي، رحمي ڪندو رحم.

(محمود فقير، خيري، ص-137)

- **شُمارَ:** ذ. ڳڻپ. ڳاڻيٽو. حساب. ليکو. تعداد. اندازو. جاچ. تخمينو. اٽڪل روءِ. ڪٿ.

شان شفقت جي شرح جو ڇا ڪندو شاعر شمار.

شه شهادت شاد ڪيڙو ستا شغل جو شرفدار.

(محمد فقير، سُر راڳو ڪافي-2، ص-233)

- **شمشير:** ث. [ف. شُم= پڃ+ شير= شينهن] شينهن جي پڃ جهڙو ڏنگو هٿيار. تلوار. تراڙ. سيف. تيغ.

شوق جي ڪڙ شمشير مُدامي،

توڪل واري تند وجائي.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-18، ص-81)

- **شمعَ:** ڏسو. "شم".

شاهه حُسن ڪي شور شاهي، شمع هي سرشار هو

شان شفقت ڪر شجاعت، شعر ڪا شمار هو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-4، ص-108)

• **شملو:** ذ [ف. شمله> شمله> شمَل= ويڙهڻ] ڪلهن تي رکڻ جي شال (لُنگهيءَ جهڙو ڪپڙو اهڙو پٽڪو جنهن جو هڪ پلّوُ پنيان چيلهه تي لٽڪائي ڇڏجي). پٽڪو- مولهيو- پڳ- درباري امير چيلهه سان ٻڌندا هئا ۽ پلاند لٽڪائي ڇڏيندا هئا.

ٻڌي شملو شاهنشاهي، مالڪ مُلڪ مختيار

عشق اسان وٽ آيو.

(محمد فقير، سُر بلاولي، ڪافي-6، ص-8)

• **شنڪرُ:** اسم خاص. [سن] هندو ڌرم ۾ هڪ مهاتما جو نالو.

بلهي شاهه ارداس گلاب، شرشٽ ديانند ٻڌ پرتاب،

وشن ننگر ۾ آپي آپ، شنڪر شريمان هُون.

(محمد فقير، سُر ڪونسيه ڪافي-16، ص-180)

• **شِنگ:** ٻڙ- رِڙُ- بي قابو- تيار- آماده.

نُهيا نُڪيا ناهه ۾، اسين شنگ گهمون تا شير،

بت اسان جو بهاريءَ ۾ سهٽا پلنگ پير.

(محمود فقير، موالي ص-126)

• **شورُ:** ذ. [ف. شور> شوريدن= بغاوت ڪرڻ] هُل- گوڙ- لُڙ- گهمسان- غوغاءُ. ڪڙڪو- واڪو- رڙ. شهرت- ڏاڪو- ڌوم.

شوق دي شاهي شور شور، آيا ماهي ميڏي سانگي.

(محمد فقير، سُر جوڳ، ڪافي-13، ص-196)

• **شه:** [ف] شاهه جو مخفف. بادشاهه- اڳواڻ- رهنما- رهبر.

شان شفقت جي شرح جو ڇا ڪندو شاعر شمار،

شه شهادت شاد ڪيڙو، ستا شغل جو شرفدار.

(محمد فقير، سُر راڻو ڪافي-2، ص-233)

- **شهابِي:** ذ. صفت. ڳاڙهي رنگ جو- ڳاڙهو- سُرخ.

شاهنشاهي شان شهابي، شفقت ڪر شادان شتابِي،

شغلي پڻ شهزور شبابي، ڪيتا شوق شراب اسان.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي-2، ص-166)

- **شهبازُ:** ذ. [ف. شهه= وڏو باز] پکيءَ جو هڪ قسم- وڏو باز. (اسم خاص) سيوهڻ جي ولي حضرت عثمان مرونديءَ جو لقب.

سڪ سچي جو سندرو ثابت،

شوق شاهي شهباز ڪيو.

(محمد فقير، سُر پوريا، ڪافي-4، ص-147)

- **شُهرت:** ث. [ع. شهرت> شَهرَ= ظاهر ٿيڻ] ڌوم ڌام- اشاعت- ڍهلاءَ- مشهوري- اشتهار- پڌرائي- ناماچاري- ناموس- نيڪ نامي- هاڪ. بدنامي- گلا- رُسوائي- خواري- بي عزتي.

شوق جي شهيد کي، شاهي شفاعت ڇا ڪندي،

شوريل شرابي شير کي، شهرت شڪايت ڇا ڪندي.

(محمد فقير، سُر پيم پلاس، ڪافي-6، ص-52)

- **شهزورُ:** ذ. صفت. تمام گهڻي طاقت وارو. بهادر- پهلوان. سورمو- سورهيه.

آواز آن اِلاهي، بيشڪ بقا باالله،

شهزور شور شاهي، جذبو جلال منهنجو.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي-1، ص-54)

- **شُهُودِي:** شُهُودُ: ذ. [ع. شهود> شاهد> شهد= اکين ڏٺي شاهدي ڏيڻ] حاضر ٿيڻ جي حالت- موجودگي. تصوف جي اصطلاح ۾ اهو درجو جنهن ۾ طالب هر موجود شيءِ ۾ عين الحق پسي ٿو. ڏيک- نظارو- ظاهرائي.

'مِن له المولِيٰ' مُک معبودي، 'فَله الڪلِي' شوق شُهودي،

بيرنگ جي بازان برهه باهه آهي.

(محمد فقير، سُر سورٺ، ڪافي-4، ص-202)

ص

- **صابِرُ:** ذ. صفت [ع. صابر> صَبَر= پاڻ کي روڪڻ] صبر ڪندڙ- صبر وارو. ڪنهن تڪليف اچڻ تي ماٺ ڪندڙ. بردبار. رضا تي راضي رهندڙ.

بار ملامت وال، سر تي سهه صابر ٿي،

ٿاهر اهو جنهن ٿاهيا، ويک تنهيندا ول تون.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-38، ص-89)

- **صادِقُ:** ذ. صفت. [ع. صادق> صدق= سچ ڳالهائيندڙ] سچو- سچار- راست گو- ست وارو. ايماندار- سُپتيو. وفادار.

ڪٿي اکين سندو عاشق، ڪٿي صوفي صفا صادق.

(محمود فقير، سُر شام ڪلياڻ، ڪفي-11، ص-213)

- **صانِعُ:** ذ. صفت. [ع. صانعُ> صَنَعَ= ٺاهڻ] ڪاريگر- ٺاهيندڙ. ڪاريگري ڪندڙ. پيدا ڪندڙ- خالق. سرجڻهار. اُپائيندڙ.

صاف صورت جي صحن، صانع ٿيا صوفي صدر،

صادق صراحي ساز سان، صاحب صحيح صلاح جا.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي-18، ص-63)

- **صُحبَتَ:** ٿ. [ع. صحبت> صَحَبَ=تعلق رکڻ] ياري- دوستي- سنگت. همراهي- ساٿ- مدد- ميل جول- ميل ميلاپ- ملاقات.

صُراحي ساز کي کولي، ڪٿي صحبت سياڻن سان.

(محمد فقير، سُر ڪنيات، ڪافي- 8، ص-225)

- **صَحنُ:** [ع] اڱڻ- ايوان- آڳنڊ. آڱر.

صاف صورت جي صحن، صانع ٿيا صوفي صدر،

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي-18، ص-63)

• **صُراحِي:** ث. [ف. صُراحي. ع. صُراح= خالص شراب] شراب يا پاڻي رکڻ جو ڍڪيل ۽ سنهي ڳچيءَ وارو ٿانءُ- ڪُڪُڙي.

تازي طبل سان سرتاج شاهي، صمصام سُر سان ساغر صُراحي.

(محمد فقير، سور پيروي، ڪافي-8، ص-13)

جام صُراحيون جن سان پيئم، تن وٽ حال هلان.

(محمود فقير، ڪافي-9، ص-49)

• **صِفاتُ:** ث. [ع] صفت جي جمع. اوصاف- خاصيتون. تعريفون- ڀلايون- خوبيون.

برسر بنائي بازي، صورت صفات سازي،

قائم ڪلال قاضي، منصور عشق ڪيو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-7، ص-110)

• **صِفاتِي:** صفت. صفات ڏانهن منسوب. عارضي- هتّرادو- جڙتو- نقلي. حاصل ڪيل- پرايل- مليل- ڪتيل.

مئين وچ ماهر سڃاتم ساري، ويک حسن ڊي ميگهه ملاري،

ثابت ڪيتم، صاف صفاتي.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-3، ص-10)

• **صَفِي الله:** صفت [ع. صَفوَ= صاف ٿيڻ] صاف- پاڪ- نِج- خالص. (اسم خاص) حضرت آدم عليه السلام جو لقب.

آدم صورت سبحاني، صحي صاف صفات،

صفي الله چوان.

(محمد فقير، سُر سورٺ، ڪافي-5، ص-203)

• **صلواتي:** صلواة ث. [ع] درود- خدا جي رحمت. دعا. نماز- بندگي. خدا جي واکاڻ. برڪت.

مئين وچ مئي ڊي سورهيه سافي، سُرڪ پلائي بيرنگ باقي،

مُنجهه ڳئي محڪم بانگ صلواتي.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-3، ص-10)

- **صَمَداني:** ذ. صفت. وڏائيءَ وارو جوان. هتي حضرت عبدالقادر جيلانيءَ ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي.

مَنا محبوب سبحاني، آهين تون غوث صمداني.

(محمد فقير، سُر شام ڪلياڻ، ڪافي-2، ص-209)

- **صَمصام:** ث. [ع] اها شيءِ جنهن جو منهن نہ ڦري (ڪنايا) تکي تلوار. تلوار- شمشير- سرواهي.

تازي طبل سان سر تاج شاهي، صمصام سُر سان ساغر صُراحي.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-8، ص-13)

- **صنم:** ذ. صفت. [ع] پريتم- دلبر- دلدار- دلربا- جاني- محبوب- معشوق. لالڻ- پرين- سپرين.

پارس پيارين جام تو سورهيہ سخي صاحب صنم.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-16، ص-129)

- **صِنعانُ:** اسم خاص. [ع] هڪ مشهور معروف ولي ڪامل جو نالو. شيخ صَنعان.

جهنگل وچ صَنعان، چوڙ زُهد ڪون سُوئر چَريدا.

(محمد فقير، سر تلنگ، ڪافي-60، ص-99)

- **صُوبن:** واحد. صوبو. ذ. [ع. صُوبہ] پرڳڻو- علائقو. ملڪ يا حڪومت جو حصو. صوبي جو حاڪم- امير- سردار- حاڪم- رئيس. گورنر- ناظم.

سنيري ويو سات سان، صوبن جو سلطان،

فڪر جي فرمان، چوري چِت چريو ڪيو.

(محمد فقير، بيت-185، ص-285)

مديني پاڪ منوردي لڳين ڪُون خاڪ ڪڙ لاوان،

ستي وچ سيج تي صوبي، جنت وچ جاءِ ڪر جاني.

(محمود فقير، ڪافي-49، ص-76)

• **صُوفِي:** ذ. صفت [ع. صُوف= اُن مان ٺهيل ڪپڙو] اوني ڪارو ڪپڙو ڍڪيندڙ. پشمينہ پوش. متقي. پارسا. پاڪباز. پرهيزگار. صاف. (ذ) طريقت وارو سالڪ. سلوڪ وارو فقير. شراب يا ڪنهن بہ ٻئي نشي کان پرهيز ڪندڙ.

صوفي تي سِر صاف سُجاتا، دلبا ديد دلال دا ڏمال دا.

(محمد فقير, سُر تلنگ, ڪافي۔31, ص87)

• **صَيادُ:** ذ. صفت [ع. صَيد= هُوشڪار ٿيو] وڏو ماهر. شڪار ڪندڙ. وڏو شڪاري. وڏو مارِي.

ثابت سخي سرور علي ساقي سُرڪ جي ساز جو

صياد آئون صياد آئون صياد آئون آهيان.

(محمد فقير, سُر جوڳ, ڪافي۔7, ص۔193)

• **صيفي:** صفت [ع] گرمي. گرميءَ جو موسم. شاعر مطابق عشق جي گرمي. تپش.

رمزان ڪيف ڪڪوريل ڪيفي،

سُرس سنگينون سُرخي صيفي.

(محمد فقي, سُر پيروي, ڪافي۔22, ص۔21)

• **صَيقَل:** ث. [ع. صُقَلَ= پالش ڪرڻ] ڪٽ (لوهہ تان) لاهڻ جو ڪم. صفائي. چمڪ. چمڪو. چلڪو. اوجر.

عشق اٿجهل بہ هجي، سُرخ سُهڻل بہ هجي،

سخن صيقل بہ هجي، اُتي آڪمل بہ هجي.

(محمد فقير, سر بهاڳ, ڪافي۔20, ص۔64)

ض

• **ضَربَ:** ث. چوٽ. ڌڪ. زُهنبَ. مارَ. نقصان. گهاتو. صدمو.

ضاد۔ ضرب ضمير سان، ظاهر ظفر ذات،

پائي پسڻ پاڻ ۾، جهاتي اندر جهات.

(محمد فقير, سي حفري۔2, ص۔250)

• **ضمان:** ذ صفت [ع ضمنَ= جوابداري کڻڻ] پاران پونڌڙ- بدلو پونڌڙ- ضامن- ضامني

جيئان ڪيئن جهان ۾، برهه ڪوڙيا بان،

مير محمد مصطفيٰ صه آهي زور ضمان.

(محمود فقير، ڏمالي ص-116)

• **ضمير:** ذ. [ع] دل- من- چِيءُ- قلب- هردو. اندر- ڳُجهه- راز- ڀيد- خيال- ڌيان- مرضي (ذ. صفت) اندر وارو- پوشيده. مخفي.

ضاد- ضرب ضمير سان، ظاهر ظفر ذات.

(محمد فقير، سي حرفي-2، ص-250)

ط

• **طاعت:** ث. [ع. طاعت > طوع= فرمانبرداري ڪرڻ] فرمانبرداري- مڃتا- قبوليت. تابعداري ٻانهپ- بندگي- عبادت.

• **طاهِرُ:** ذ صفت [ع طاهر> طَهرَ= صاف ٿيڻ] پاڪ- پوتر- صاف.

زنار ذوق ظاهر، تازو تيار طاهر،

"محمد" مثال ماهر، مهندار عشق ڪيو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-6، ص-110)

• **طبلُ:** ذ. [ع. طَبل= ڏُڪڙ. ڏُڪڙ جو وڄت وارو پاسو] وڏو ڏهل- دمامو. وڏو نغارو- ڀير- رُعب- دٻدٻو.

شاهنشاهي طبل وڄايم، ڪري اُلٽي اوج.

پتنگ جيئن پرواز منهنجو.

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي-9، ص-5)

• **طبلي:** طبلو. ذ [ع] ساز جو هڪ قسم- ننڍو ڏهل- ڍولڪ. ڏُڪڙ.

تن من طنبور طبلي، ترنم طبل تياري،

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-20، ص-131)

- **طراوت:** ث [ع. طراوت> طروَ= تازو ٿيڻ] ساوڪ- سبزي. آلاڻ- پوسلُ. تري ٺڏاڻ- خُنڪي- فرحت. آرام. تازگي

ترڪ تازي جي طراوت، ترڪ ڪيا فاني فرق.

(محمد فقير، سُر درباري ڪانرو ڪافي-1، ص-199)

- **طعنا تُنڪا:** واحد. طعنو تنڪو. طعنو- مهڻو- ڏک ڏوراپو- ڦِٽ لعنت

عاشقن تي عام جي، شهرت شڪايت،

طعنا تنڪا تُهمتون، نخرا نهايت.

(محمد فقير، بيت-272، ص-296)

- **طلَب:** ث. تلاش- جستجو- ڳولا. خواهش- ضرورت. گهُر- مانگ. درخواست. التجا. آرزو- تمنا. ڪانڌ- ڪوڏ- نينهُ- لهڻو- رهت پگهار- مزوري

طلب طور نظر نور، پڌريو پور پتيان.

(محمد فقير، سُر بنس، ڪافي-11، ص-159)

- **طِلسمات:** طلسم جو جمع. جادو.

ترڪ تسبيح تال توبه، ترڪ طاعت طلسمات،

ترڪ تقوي جي تماشي، ترڪ ٿيا چوڏهن طبق.

(محمد فقير، سر درباري ڪانرو ڪافي-1، ص-199)

- **طمعَ:** ث [ع. طمعَ= لالچ رکڻ وارو] لوڀ- لالچ- حرص. خواهش- چاهه- گهرج- ضرورت. اُميد.

ڪري خيال خدائي خاص خبر، ڪيو ترڪ طمع جو تال ترو.

(محمد فقير، سر تلنگ ڪافي-62، ص-100)

- **طنبورُ:** [ع] ساز جو هڪ قسم- وڏي ڳچ سان تارن وارو ساز جيڪو آڱرين سان وڄندو آهي

تن من طنبوري طبلي، ترنم طبل تياري،

توحيد تر تراني تن تار جا بجا.

(محمد فقير، سر پهاڙي، ڪافي-19، ص-131)

• **طنبيلا:** طبيلو. ذ. [ع. طويلہ= چوپائي مال کي ٻڌڻ جي نوڙي] گهوڙن ٻڌڻ جي جاءِ۔ ڪُڙهہ۔ تنبيلو.

ترت چڻا طنبيلا، شهزادا شڪار تي،

هَڪِي حاضر ٿيا وڃي، ڏُو ڏُو ڏڏڪار تي.

(محمود فقير، ڪافي۔ 43، ص۔70)

• **طُورُ:** اسم خاص. [ع] هڪ مقدس پهاڙ جو نالو جو عربستان جي اتر اولهہ ۾ آهي جنهن تي يهودين جي پيغمبر حضرت موسيٰ عہ الله سان هم ڪلام ٿيو. جبل سينا.

طلب طور نظر نور، پڌر پور پتيان.

همہ حال، دي خيال، بن بحال بتيان.

(محمد فقير، سُر بنس، ڪافي۔ 11، ص۔159)

ظ

• **ظاهِرُ:** ذ. صفت [ع. ظاهر< ظَهَرَ= ڏسڻ ۾ اچڻ] ڪليل۔ پڌيل۔ اُپٽيل۔ عَيان۔ چِٽو۔ پڌرو۔ نروار. آشڪار۔ مشهور.

زنار ذوق ظاهر، تازو تيار طاهر.

(محمد فقير، سُر بيلو ڪافي۔6، ص۔110)

• **ظَفر:** ث [ع. ظَفَرَ= ڪامياب ٿيڻ] سوڀ۔ فتح۔ جيت۔ نصرت۔ فتحمندي ڪاميابي

ساري صفات بنده، ذاتي ظفر خداهي،

دونون ڪي بيچ عادل، انصاف ڪِي اداهون.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي۔ 42، ص۔143)

• **ظُهُورُ:** ذ. [ظَهَرَ= پڌرو ٿيڻ] اظهار۔ پڌرائي۔ ظاهرائي. وقوع۔ انڪشاف. صورت۔ شڪل۔ ڏيک.

ذاتي زور زلف دا زاہر، ڪول زناري ذوق ظهور.

(محمد فقير، سُر پوريا، ڪافي۔5، ص۔148)

ع

- **عادل:** ذ. صفت. [ع. عدل= هن انصاف ڪيو] عدل ڪندڙ- انصاف ڪندڙ- آچاري- نياڪاري. منصف- جج- قاضي. حقي فيصلو ڪندڙ- انصاف پسند- حق ۽ ناحق ڏار ڪندڙ.
- **عارفُ:** ذ. صفت. [ع. عَرفت= سڃاڻڻ] سڃاڻندڙ- واقف- ڄاڻندڙ- ڄاڻو. خدا کي سڃاڻندڙ- الاهي معرفت وارو- محبتِ الاهي ۾ غرق. سياڻو- عقلمند- داناءُ.

تي عادل عارف عالم، بيدار بحالي بالم،

في الحال فقيري فالم، ڪر فرض فنا فرمانا.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-59، ص-98)

- **عالم:** ذ. [ع] داناءُ- ڄاڻو وارو. تمام گهڻو پڙهيل لکيل.

تي عادل عارف عالم، بيدار بحالي بالم.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-59، ص-98)

- **عالِي:** ذ. صفت [ع. علا= هؤ مٿانهون ٿيو] مٿي ڪيل- بلندي ڏنل- بلند- مٿانهون- بالا- رفيع- اعليٰ- برتر- اوچو- وڏو- عظيم- ڪلان (عزت) چڙهيل- درجي چڙهيل- سرفراز. ممتاز. عزت وارو- مانوارو- قابل عزت. نامور- ناميارو- مشهور.

خود خيال، متوال، احوال عالي،

اصلات، خصلات، وصلات والي.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-53، ص-37)

- **عامِلُ:** ذ. [ع. عَمل= هُن ڪيو] عمل ڪندڙ- عملدار- حاڪم- آفيسر. شاهي عهدي وارو- سرڪاري نوڪر. (صفت) علم نجوم موجب عمل جي دعويٰ ڪندڙ. منتر جنتر ڪندڙ. جادوگر.

عشق عمل دي عامل، شوق شرابي شامل،

ڪار قتل تي ڪامل، قدم ڪلالي چايا

(محمد فقير، سُر جوڳ، ڪافي-14، ص-196)

اسين عامل پيش الله جا، اسان کي سائينءَ ڏنو ست.

(محمود فقير، موالي، ص-129)

• **عامي:** ذ. صفت. عام ماڻهو- ناليرو- مشهور- ناميارو. پڌرو.

چلا ميم دي مامي، الف عالي عامي،

لڳي 'لا' دي لامي، سمجهه ويکين مهرا.

(محمد فقير، سي حرفي- 1، ص- 43)

• **عباسي:** صفت. حضرت عباس رضہ جي خاندان جو لقب. ڏؤر عباس جو ڪارو رنگ. گل جو هڪ قسم.

سُرخ سبزي سير سناسي، زنگي سنبل ويک عباسي،

گاڪي پوريا پيم پلاسي، چم چم چنئن ڪر چمڪار.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي- 6، ص- 169)

• **عَبدُ:** صفت. [ع. عبد= هن بندگي ڪئي] غلام- ٻانهون- گولو- ٻندو- تابعدار- مطيع. نوڪر- نفر- چاڪر- ملازم- خدمتگار- ٺهيلو- ٻيلي.

نڪي احد نڪي عبد، نڪي حدون حسابا.

(محمد فقير، بيت- 44، ص- 270)

• **عبديت:** ث. غلامي- ٻانهپ- گولپ- بندگي- تابعداري.

عبديت دي اولي اندر شاهي ڪر ڪي شان.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي- 57، ص- 97)

• **عِبرتَ:** ث. [ت] انديشو- عجب- حيرت- تعجب- اچرج. هيبت- خوف- سبق.

اک جو عاشق تي ڏس عبرت، بي نہ چائج واهہ.

(محمد فقير، سُر ڪنيات، ڪافي- 1، ص- 221)

• **عجائب:** ذ. [ع. عجيب جو جمع] عجب وارو- اچرج جهڙو- عجب جهڙو- عجيب. حيرت انگيز- عجيب و غريب- ناشيدو- اجنبي.

محمد وِچ ميزان ميثاقي، عشق عجائب تي اوطاقي.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي- 42، ص- 92)

- **عَجَمُ:** اسم خاص. هڪ ملڪ جو نالو ايران- فارس- پارس. عرب کان سواءِ ٻيو ملڪ.

ڪمبو ڪاشي مام معنيٰ، عرب عجم چين.

(محمد فقير، سُر ديسڪار، ڪافي-2، ص-232)

- **عَدَلُ:** ذ. [عَدَلَ+ هن انصاف ڪيو] برابري- مساوات- هڪجهڙائي- انصاف- آچار. حقي فيصلو- بي رياءِ فيصلو- حق ناحق جو فيصلو.

اعليٰ اصل اوقاتي، عادل عجب عدل جي.

(محمد فقير، سُر ڪنيات، ڪافي-7، ص-224)

- **عَدمُ:** صفت. [ع. عَدَمَ= هو گم ٿيو] معدوم. ناپيد- غيرموجود- بي وجود. نابود- نيست- فنا- فاني. نہ هئڻ جي حالت- نيستي- نابودي- معدومي. فنا جو ملڪ- هو جهان. آخرت.

فائض فقر ۾ في الهال فالم عاشق عدم کان انوار عالم.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-8، ص-13)

- **عَرَبي:** هتي عربيءَ مان مراد، حضرت محمد مصطفيٰ صہ جن آهن.

آنا احمد بِلا ميمي، هي عربي آپ آلايا.

(محمد فقير، سُر ججهونتي، ڪافي-2، ص-230)

- **عُريانُ:** صفت. [ع. عُري= خالي ٿيو] اُگهاڙو- ننگو- برهنہ. بي پرده- ظاهر- صاف- نروار- پڌرو.

اکيان اندر عشق الاهي، عجائب عُريان،

عاشق ٿي اظهار ڏئوسي.

(محمد فقير، سُر بلاولي، ڪافي-4، ص-8)

- **عُشاقن:** عاشقن جو جمع. عاشقن- عاشق پيار ڪندڙ- محبتي- پيارا.

علم لُدني سندو عالم، ڪوڙي اسرار اکين جو.

عُشاقن تي ڪري آرو پلي آيو پلي آيو.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-20، ص-131)

- **عُشاقي:** [ع. عُشاق= عاشق جو جمع] عاشقن وارو. محبتين جهڙو.

انساني جي اولي اندر عشاقي ارواح،

قرب ڪمائي آيس.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-35، ص-88)

- **عَصا:** ث. [ع. عَصا= لَٺ] لڪڻ. لٺ. هٿ جو لڪڻ. ڇڙي.

چوڙ مصلي عصا ڪوزا، ويرو سانوڻ واريه

جوڳي جڳ جڳ جوڳ ڪماون، جوش جگر ڪر جارِيه

(محمد فقير، سُر ڪسوريه ڪافي-3، ص-181)

- **عِلمُ لَدُني:** ذ. خدا تعاليٰ جي طرفان مليل خاص علم.

علمَ لدني سندو عالم، ڪولي اسرار اکين جو

عشاقن تي ڪري آرو، پلي آيو پلي آيو.

(محمد فقير، سُر پهاڙيه ڪافي-20، ص-131)

- **عليل:** ذ. [ع] بيمار. مريض. اگهو.

عاشق مست عليل ٿا، پنهنجي محبت ۾ مرن.

(محمود فقير، ڪافي-10، ص-50)

- **عُقبيٰ:** ذ. [ع] عاقبت. آخرت. پڇاڙي. قيامت.

سانگو ستي سِر ساه جو عقبيٰ ڪنان آزاد ٿي،

اعليٰ عجب عشق جي، احوال آن اثبات سان.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي-13، ص-60)

- **عينَ:** بنا نقطي حرف "ع" يعني حق تعاليٰ جي ذات پاڪ. هڪ عضوي جو نالو. اک. چشم. نيڻ. نين. نسورو. محض. خالص. سڌ پڌ. بلڪل. جند. جوهر. روح. حقيقت. اصليت.

عين عنايت، نين نزاڪت، نر نيهي نورَ نظارا.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-54، ص-96)

غ

- **غازِي:** ذ. صفت [ع. غزا= جنگ] جهاد ڪندڙ- مجاهد- شجاع- بهادر.

غمازي غزلات جو غواصي غازي يار.

(محمد فقير. سُر پيروي. ڪافي-6. ص-12)

- **غالِبُ:** ذ. صفت. [ع. غَلَبَ= هُن سوڀ ڪئي] غلبو ڪرڻ وارو-زور پوندڙ- قابض- مسلط- حاوي. فاتح- فتحياب- جيتيندڙ- غلبو ڪندڙ- قبضو ڪندڙ.

جڏهن خيال تي غالب خيال ٿيا. تڏهن حاصل هردم حال ٿيا.

(محمد فقير. سُر توڙي. ڪافي-4. ص-218)

- **غَبغَبُ:** ث. [ع] ڪاڏيءَ هيٺيان لٽڪيل گوشت (جو خوبصورتي ڏيکاري)- ڪاڏيءَ جي ڪڏ. (اسم خاص) مينا ۾ هڪ ٽڪريءَ جو نالو.

ڇوڙ حجاب دُوئي دا دِل تون. غبغب گهيڙ گهڙيجي يار.

(محمد فقير. سُر تلنگ. ڪافي-1. ص-74)

- **غُبار:** ذ. [ع. غَبَرَ= مٽيءَ جي رنگ جهڙو ٿيو] مٽيءَ ۾ مليل هوا. ڌوڙ جا ڪڪر. مٽي- گرد- ڌُوڙ- دز. ڌُنڌ- لُڙات- لُڙ. اُونداهي- اڻ چٽائي- ڌُنڌڪار- ڪوهيڙو- دُونگر. دل تي بار- ڇاتيءَ تي ٻوراڻ. رنج- ملال. ڪلفت- عداوت- ڪَٽُر- بغض.

ويا غير غبار سمجهي سير وجود جو.

(محمد فقير. سي حرفي-4. ص-261)

- **غَرقُ:** صفت. [ع. غَرَق. سن. گرت= ٻڏڻ] پاڻيءَ ۾ اندر ويل- ٻڏل. ٽُبيل. گم- غائب- لڪل. غلطان- محو- ٽُبيءَ ۾ پيل- ويچار ۾ گم. نشي ۾ ڇُور- مخمور. گهٽو مشغول- بي حال. ناس- تباهه- چٽ- برباد.

گاروڙي ڪي غرق. گم ٿي ويا گرداب ۾.

(محمد فقير. بيت-119. ص-278)

• **غزائي:** ث. [ع] مهل تي ڪم ڪرڻ وارا. همت- مردانگي- مُڙسپ وارا.

عجب ڪيل ڪيلي وئي واس وحدت،

ڪٿن گوءِ غازي غزائي گهٽي تي.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-55، ص-39)

• **غضنفرَ:** ذ. [ع] شينهن- شير. (صفت) شينهن جهڙو طاقت ور. پهلوان- سورهيه- جوڌو- ڪوپو- بهادر.

علم ڪان آوازي، برهه بياضي،

عضنفر تي غازي، ڪبابي ربابي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-2، ص-122)

• **غَلبا:** واحد غلبو. ذ. [ع. غَلبَه] غالب اچڻ يا پوڻ واري حالت. حملو- ڪاهه- جُلهه. زور- ٻَلُ- طاقت- قوت- زبردستي- زورآوري- زيادتي. آڳانجهائي- وڏيڪائي- فرط- گهڻ- نهايت- بسياري- جهجهائي- هيڪاندائي. جيت- سوڀ- فتح.

غ- غازي غضنفر غلبا ڪيتا غمازدا،

حسنين دي حسنات وچ پير پريا پرواز دا.

(محمد فقير، سي حرفي-4، ص-261)

• **غِلافُ:** ذ. [ع. غلف= ڍڪڻ] پوش- ڍَڪُ- ڍڪڻ- پُڙُ. مٿيون پردو- ڇَوَ. (وهاڻي يا گادي وغيره جي). کِپ- مياڻ (ترار جي). جُلدُ- پوش. ويس- بانو.

ڪاڪل ڪُنڍڙا ڪار ڪجل جي، سر تي مثل غلاف ڏٺم.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-47، ص-94)

• **غلمان:** ڇوڪرا (جنت جا). خادم- نوڪر- خدمتگار.

حُسن هزارين ڪيا حيران، حُورون پريون جن غلمان.

(محمد فقير، سُر لوڙائو ڪافي-3، ص-68)

• **غَمازُ:** ذ. صفت [ع] اک سان اشارو ڪندڙ، طعنو ڏيندڙ، غيب ڏانهن اشارو ڪندڙ.

غ- غواصي غور سان، غازين ڪيو غماز،

پسڻ واري پڙ پر، پتنگن جان پرواز.

(محمد فقير، سي حرفي-3، ص-253)

• **غَمزو:** ذ [ع] اک جو اشارو۔ ميچ۔ اهيج. ڪنهن (خاص مقرر ڪم لاءِ) ڳالهه لاءِ اک جو اشارو. رمز۔ مام۔ اشارو. آڙ۔ عشوه.

غمزو ڪري غمازي غلمان جي نموني،

قائم ٿيو قلب ۾ قرآن جي نموني.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي۔16، ص۔115)

• **غوثُ:** ذ [ع] دانهن اونائيندڙ۔ فرياد ٻڌندڙ. اهل اسلام ۾ اولياءَ جو هڪ درجو. سڀ کان وڏو ولي۔ قطب۔ هتي حضرت عبدالقادر جيلانيءَ ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي.

مٺا محبوب سبحاني، آهين تون غوث صمداني.

(محمد فقير، سُر شام ڪلياڻ، ڪافي۔2، ص۔209)

• **غوطا:** واحد. غوطو. ذ. پاڻيءَ ۾ هيٺ وڃڻ جي حالت۔ ٽُٻي۔ ڪُهَت. ڳلي ۾ هوا جي نليءَ ۾ پاڻي گهڙي وڃڻ سبب پيدا ٿيل حالت۔ گوتو. ٻُور۔ من موج۔ ڌوڙ۔ لهر۔ رَءُ۔ ڪُڏُ۔ شوق۔ دل۔ مرضي۔ لاڙو.

سمجهه صحي ڪر مارين غوطا، پاءِ دروني جهاتي،

پي پيالا محبت والا، ڏي هوڪا دم دم ذاتي.

(محمد فقير، بيت۔8، ص۔265)

• **غواصي:** ذ. صفت [ع. غواص] ٽٻيون هڻندڙ (سمنڊ ۾)۔ غوطه زن. غوطو هڻي سمنڊ مان (موتين لاءِ) سپون ڪڍندڙ. عارف۔ سالڪ.

غمازي غزلات جو غواصي غازي يار.

(محمد فقير، سُر پيروي ڪافي۔6، ص۔12)

ف

• **فَاَيۡنَمَا تُوَلوۡافَثَمّ وَجهُ اللهِ:** [ق۔ ش] جيڏانهن منهن ڪندؤ تہ ڏٺيءَ تعاليٰ کي سامهون ڏسندؤ (سورة البقره، آيت ۔115).

مظهر موجودات ٿيو معنوي ميزان،

فا اينما تولو فثم وجه الله، فرمائي فرمان.

(محمد فقير، بيت۔257، ص۔294)

• **فاسِقُ:** صفت [ع. فَسَق= هو آواره ٿيو] بدڪار- بدڪردار- بدراهه. زاني- ڪوڙو- ڳساڪي.

اکين تي ٿي عاشق، فرق فنا ڪن فاسق،

حڪم هلائي حاذق، رندي رمز رچي.

(محمد فقير، سُر مانجهه، ڪافي-2، ص-65)

• **فانِيِ:** صفت. [ع. فَنَي+ هو مري ويو] فنا ٿيندڙ- فنا ٿيل- ختم ٿيندڙ- نابود ٿيندڙ- مرندڙ. گم ٿيندڙ- عدم پيدا ٿيندڙ. بي بقا- ناپائدار- گهاتي.

فائق فڪر فيراق ۾، فياض ٿيا فاني فدا.

فالم فقر جي فوج سان، فائق فنا في الله جا.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي-18، ص-63)

• **فائز:** صفت [ف] پهچڻ وارو. فتح حاصل ڪرڻ وارو- ڪامياب.

فائز فقر ۾ في الحال فالم، عاشق عدم ڪان انوار عالم.

(محمد فقير، سور پيروي، ڪافي-8، ص-13)

• **فائق:** صفت [ع. فائق= مٿي ٿيندڙ] بلند- مٿاهون- وڏو مٿيون- بالا- اُتم- اُچو- اعلي. مشهور- ممتاز- برتر- بهتر. سڀ کان چڱو- سٺو- عمدو. معزز- برگزيده- فوقيت وارو- فيض وارو- بزرگ.

الف اِلاهي آئون ڏسان ٿي، باريءَ جا تہ بيان،

سي تہ صبر جا درجا دل ڪي، فائق جا فرمان.

(محمود فقير، ڪافي-8، ص-49)

فائق فڪر فيراق ۾، فياض ٿيا فاني فدا.

(محمود فقير، سُر بهاڳ، ڪافي-18، ص-63)

• **فثَم وَجه الله:** [ق. ش] ڏسو آيت فاِينما تولو فثم وجه الله.

وحدت ڪثرت ويس وصالي، فَثم وجهِ اِلاهي.

(محمد فقير، سُر جوڳ، ڪافي-15، ص-197)

- **فِدا:** قربان- صدقو- گهور. گهوريل- صدقي ٿيل.

فائق فڪر فيراق ۾، فياض ٿيا فاني فدا.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي-18، ص-63)

- **فَذڪُروني:** (سچي آيت: فذڪروني آذڪرڪم) [ق- ش] ياد ڪريو مون کي تہ آئون بہ اوهان کي ياد ڪريان. (سورة البقره، آيت-152)

وَنَحنُ آقرب نور نشاني، فَذڪُروني فن فرقاني،

وجه الاهي حال حقاني، هرجاءِ ڪيو هيڪارو.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي-64، ص- 101)

- **فُرقانُ:** ذ [ع] (لغوي معنيٰ ۾) حق ۽ باطل ۾ تفاوت ڪندڙ. (اصطلاحاً) ڪلام الله- قرآن شريف.

'محمد' مشتاق محبت ۾، ڏسن ٿا عشق جو آرو،

عجب اسرار اندر ۾، فڪر فرقان ٿي آيو.

(محمد فقير، سُر شام ڪلياڻ، ڪافي-8، ص-212)

- **فِشق:** عشق جو ضد.

عشق بنا دل فشق هي سارا، گوندر گهر هٿي گهاريءِ

(محمود فقير، ٿيهہ ڏينهن، ص-119)

- **فَقرَ:** ذ [ع. فَقرَ= هو محتاج ٿيو] حاجت- احتياج- محتاجي- غريبي- درويشي- فقيري فقيري حالت- اڻ هوند ۾ بہ شڪر جي حالت.

فائز فقر ۾ في الحال فالم، عاشق عدم ڪان انوار عالم.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-8، ص-13)

- **فَقيرُ:** ذ. مسڪين- ڪنگال. درويش- الله لوڪ- صاحبِ معرفت- صاحبِ فقر- قانع- سالڪ- تارڪ الدنيا- زاهد. عابد- متقي- دينداز.

پڙهن فرض فنا جو فالم ٿي فقير،

'محمد' ڪو مهمير، مرد مچي منصور ٿيو.

(محمد فقير، بيت-178، ص-284)

• **فِڪرُ:** ڌيان- سوچ- ويچار- غور. غور فڪر- سوچ ويچار- خيال- ڳڻتي- تفڪر. اصل حقيقت تائين غور.

دردفراق فڪر جي فن سان، ڪين ڪو قرب ڪمائج تون.

(محمد فقير، سُر بنس، ڪافي-6، ص-158)

• **فَلَڪُ:** آسمان- آڪاش- اُڀ. چرخ- گگن- انبر- سما.

جوڳي ويا اُن جُوءِ جوان، ملڪ فلڪ جي جاءِ نه جاتي.

(محمد فقير، سُر ڏناسري، ڪافي-7، ص-229)

• **فَنُ:** ذ. هُنر- ڪاريگري- ڪارستاني- ڏانُ- ساڄڙائي- ڪرتب. دستڪاري- ڪسبُ. پيشو – ڌنڌو. چالاڪي، هوشياري، گڻ-خاصيت-لائقي- لياقت. حال- وضع- طرح- انداز- ڍنگ. نوع- قسم.

دردفراق فڪر جي فن سان، ڪين ڪو قُرب ڪمائج تون.

(محمد فقير، سُر بنس، ڪافي-6، ص-158)

• **فَنا:** صفت [ع] نيست- نابود. ڇِٽُ- ختم- معدوم. منهدم- برباد- ناس- پاڙ پٽيل- مُٺل. تباهي- پائمالي.

تي عادل عارف عالم، بيدار بحالي بالم.

في الحال فقيري فالم، ڪر فرض فنا فرمانا.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-59، ص-98)

• **فوق:** ظرف [ع] مٿي- مٿاهون- مٿيون.

شائق شرابي شوق جا، فائق فياضي فوق جا.

(محمد فقير، سُر پٽ مجري، ڪافي-1، ص-155)

• **فهم:** سمجهه- دانائي- عقل- ڄوڻ- پروڙ- مراد- دماغ.

احد احمد ميم 'محمد'، فيض فقيري فهم ۾ ڇا تيو.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-15، ص-80)

• **فِي الله:** [ع] الله جي ذات ۾ مستغرق. (ظرف) الله تعاليٰ سان. الله جي محبت ۾.

الله عالم، بالله بالم في الله فالم، ڪرين ڪم ڪمالا.

(محمد فقير، سُر گجري، ڪافي-12، ص-239)

• **في الحال:** (ظرف) بالفعل- هينئر- هن وقت- هن گهڙي- هن دم- اجهو. هينئر- جلدي- تڪڙ ۾. بهرحال- عارضي طور- ٿوري وقت لاءِ.

فائز فقر ۾ في الحال فالم عاشق عدم کان انوار عالم.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-8، ص-13)

• **في النّار:** باهه ۾- جيري ۾. عشق جي باهه ۾- محبت جي جيري ۾.

ڏير پئي هن وير، ولهي سي زير، ٿئي في النار

ننگ پرئي، دڪ جنگ چائي سي باري اُٿاون بار.

(محمود فقير، تيهه ڏينهن، ص-121)

• **فَياضُ:** ذ. صفت. فيض پهچائيندڙ. بخشش ڪندڙ. نهايت خيرخيرات ڪندڙ- وڏو سخي. فراخ دل- درياء دل- دل وارو- دياوان.

فائق فڪر فيراق ۾، فياض ٿيا فاني فدا.

فالم فقر جي فوج سان، فائق فنا في الله جا.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي-18، ص-63)

• **فياضي:** ث. ڪشاده دلي- سخاوت- درياه دلي- فراخ دلي.

شائق شرابي شوق جا، فائق فياضي فوق جا.

ظاهر ذڪائي ذوق جا، رمزن واري رنگ ۾ رهيا.

(محمد فقير، سُر پٽ مجري، ڪافي-1م ص-155)

• **فيراق:** فراق. ويڇو- جدائي- وڇوڙو. محبوبن کان جدائي.

فائق فڪر فيراق ۾، فياض ٿيا فاني فدا.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي-18، ص-63)

• **فيض:** نيڪي يا ڀلائيءَ وارو عمل- نفعو. ڀالوٽ. لهرو. (هتي) عشق جو لهرو يا موج- اُمنگ- عشق جي جنبش. فائدو- خير وارو نفعو.

احد احمد ميم 'محمد'، فيض فقيري فهم ۾ چا ٿيو.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-15، ص-80)

ڦ

• **ڦرڪي:** ڦرڪ رکڻ وارا فقير. (جيئن پيرصاحب پاڳاري جي جماعت ۾ هڪ (فرقي/ فرق) ٽولو ڦرڪي فقيرن جو آهي، جيڪي غير جماعت سان کائڻ پيئڻ ڪونہ ٿا).

اڏي واري آر تي عاشق، اصل کان اظهار،

ڦرن ٿا ڦرڪي،

(محمد فقير، سُر ملار، ڪافي-1، ص-101)

• **ڦلڪا:** ث. فريب- ڦند- چار- دام،

درياءِ سمونڊ، موج 'محمود'، سڪ صندل ڦلڪا ڦيري،

ڪتي ڪُنب تي ڪڙا ڪپ، تي جهولي جهٽ، ڏي ڪُلف ڪيري

(محمود فقير، ڪافي-64، ص-85)

• **ڦندا:** مصدر= ڦند پکيڙڻ، چار وڇائڻ، ڦاسائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ- اٽڪل ڪرڻ- چالاڪي ڪرڻ، مڪر ڪرڻ- ٺڳي ڪرڻ،

هاڻي ڦٽا ڪر ڦندا، نہ تہ پُري ڪندي سنئين پڌري،

(محمود فقير، خيري، ص-135)

• **ڦڻ:** ث [سن] نانگ جو (جوش يا مستي واري حالت ۾ پکڙيل) منهن وارو حصو، نانگ جو ڦهليل منهن. لغڙ جي چوٽيءَ واري نوڪ يا حصو.

مڻ جني جي مغز ۾، سي ڪي ڪِي ڪلادار،

شاهي ڪن شڪار، ڏيئي ڦوڪ ڦڻ سان.

(محمد فقير، بيت-138، ص-280)

• **ڦوڳ:** ذ. ڪنهن شيءِ کي نپوڙڻ بعد باقي بچيل مواد (جيئن ٿاڌل يا ڀنگ جو ڦوڳ). اٽي جو ڇاڻ- بوسو. (صفت) نچوڙيل- رس ڪڍيل. خالي- سڪل- بي وزن. بي طاقت- اٿيو- بنا سٽ جي. پروانو. ٻوٽيءَ جو هڪ قسم جنهن ۾ اڇا گل ٿيندا آهن.

واسينگن جي ويڙهہ ۾، جرڳي ڪنئا جوڳ،

ڦولهي پسن ڦوڳ، منتر هٽي مار جو.

(محمد فقير، بيت_54، ص_271)

• **ڦولهي:** مصدر. ڦولهڻ. ڳولڻ_ جانچڻ_ ڦولڻ_ ڳولا ڪرڻ_ نهارڻ_ ڦولها ڪرڻ_ ظاهر ڪرڻ. اُپٽار ڪرڻ. کِنڊيرڻ_ پکيڙڻ_ ڦولهرڻ.

هُو برسن بهاري تي، هو گم تي ڪين غير،

'محمد' ڦولهي ڦير، چا سُٺائي سُر سان.

(محمود فقير، بيت_25، ص_268)

ڇهڪ پيئي جولي، ڦولهي پتلي پاڻ تي،

لوڪ سارو ٿوڪ ڪري، ڪلي ٿو ڪتياڻ تي.

(محمود فقير، ڪافي_21، ص_56)

• **ڦيرُ:** ذ. چڪر_ گهمرو_ ڦيرو_ ڦيراتي_ گهيرو_ وَلو. وَرَ_ پيرو. ڦرڻ جي حالت_ گردش. وڪڙ_ ڏِنگ_ ونگ_ ٽيڙُ. ڦيرگهير_ تبديل_ اُٿل پٿل.

هُو برسن بهاري تي، هُو گم تي ڪين غير،

'محمد' ڦولهي ڦير، چا سُٺائي سُر سان.

(محمد فقير، بيت_25، ص_268)

• **ڦيريدارُ:** ذ. صفت. ڦيري ڏيندڙ_ گهورڙيو. در در ويندڙ فقير.

ت_ تارڪ تن جا ترڪي هليا ٿرڪ،

ڦيريدار فقير تي فاني ڪري فرق.

(محمد فقير، سي حرفي_2، ص_248)

• **ڦيڙهہ:** ذ. وڏو پٽڪو_ پڳڙ. (ڦيڙهہ ٻڌڻ) وڏو پٽڪو ٻڌڻ.

ڪيڙ وليُن جا ڦيڙ متي تي، سانوڻ جي پٽي سات،

موج ڪيو 'محمود' اُتي آهي بينو هٽ حمال.

(محمود فقير، ڪافي_16، ص_54)

• **قيهہُ**: ث. ڇِٽ ڇِٽ- دپاءِ. گهٽي مار ڏيڻ- سخت سزا ڏيڻ. ڏاڍي مار ڏيڻ.

ديد اڙانگي دردن ماري، قيهہ گهٽيئس تيڏي قيري
واهہ ونگي هِن زلف زوراور زنگي وال تيڏي هُڻ ويري

(محمود فقير. تيهہ ڏينهن. ص-118)

ق

• **قاب قوسيني**: قاب قوسين. ڪمان جي ٻن ڇيڙن جيترو مفاصلو. ٻن هٿن جو مفاصلو. نهايت ويجهو. محبوب جا پرون.

قطب قاب قوسيني ڪل ۾، قائم ڪلنگي دار ڏسڻ ۾ آيو.

(محمد فقير. سُر پيلو ڪافي-24. ص-119)

• **قادِرُ**: ذ. صفت [ع] قدرت وارو- طاقت وارو- زورآور- قوي- طاقت رکندڙ. وس رکندڙ- وس وارو. (اسم خاص) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

مرد ڪيئن مئيخان ۾، تو مت مٺي مخمور ڪيا،
ڪيفي ڪلالي ڪار تي، قادر قوي تنهنجو ڪرم.

(محمد فقير. سور پهاڙي، ڪافي-16. ص-128)

• **قالِبُ**: ذ. [ع] ڪنهن شيءِ ٺاهڻ جو سانچو- ڍانچو- ڪارٻ. سرن وجهڻ جو اوزار. ڪورين جو هڪ اوزار. بدن- جسم- بُت.

قلب قالب ڪوڏسان. ڪري ڪُل ڪباب.

(محمد فقير. سُر تلنگ، ڪافي-52. ص-95)

• **قائِمُ**: صفت [ع. قامَ+ هُو بيٺو] کڙو ٿيندڙ- اُڀو ٿيندڙ- بيهندڙ. اڏول- غيرمتحرڪ- برقرار- مستقبل- مستحڪم- مقرر- محڪم. مضبوط- پڪو- ڏاڍو- سوگهو- قابو. هميشہ جو- هميشہ رهندڙ- جاودان- موجود.

ڪاهہ قرب دي قادر قائم، دل وِچ ڪيتي دلبر دائم.
پيرِ مُغان ٿي سِر سمجهايم، چڙهہ چاهہ زنخ دي راهہ ڪنون.

(محمد فقير. سُر ٽوڙي، ڪافي-2. ص216)

• **قَدحُ:** ذ [ع] وڏو پيالو- جام- ساغر- پيمانو. وڏو وٽو- جنگو. ڏابورو- ڏابر.

جذبو جلال الله جو روحي رسول الله جو

ڪلمون ڪلام الله جو سمجهي قدح جي ڪام سان.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي-16، ص-62)

• **قُدسِي:** صفت. پاڪ- پاڪيزو- متبرڪ- پوتر- اطهر.

قُدسِي قديم قدرت، قائم قدم قوازي،

'محمد' ڪلام قادر ڪاهي ڪنهن مُٺايان.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي- 51، ص-37)

• **قديمي:** صفت. اصل جو اصل کان ولي- هميشه جو- مدامي.

'انا احمد بلا ميمي'، قرب 'ڪُن فيڪون' قديمي،

سمجهي ڪوڪو قول ڪليمي، قائم قدرت وارو.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-64، ص-101)

• **قصد:** پڪو ارادو- عزم بالجزم- اٽل ارادو- پڪي منشا. مستقل ارادو. نيت- مراد.

قصدُ 'ڪُن فيڪوني' قائم ڪوڙ قديمي قدم ۾ چا ٿيو.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي-15، ص-80)

• **قُطب:** وڏو ولي (ولين ۾ قطب جي درجي تي پهتل). غوث- اوليائن جو هڪ درجو.

قُطب 'قاب قوسيني' ڳُل ۾، قائم ڪلنگي دار ڏسڻ ۾ آيو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-24، ص-119)

• **قَقنَسُ:** هڪ خيالي ڳائيندڙ پکي.

سهڻي ڪولي صُراحي، بيشڪ بقابالله،

احوال سِر الاهي، ققنس ٻولي جيئن تاڙو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-8، ص- 111)

• **قَلبُ:** ذ صفت [ع] دل۔ هينئون۔ هردو. هرشيءِ جو وچ. پتو۔ مغز۔ ڳِيھ دماغ۔ عقل

قلب قالب ڪوڙ سان، ڪري ڪل ڪباب.

(محمد فقير، سور تلنگ، ڪافي۔52، ص۔95)

رت غور شرع سانڏا اور ڪري ٿسان چور ملان دي هِن قلب ڪالي

(محمود فقير، ڏمالي ص۔114)

• **قَلبِي:** ذ. صفت. قلب جو۔ قلب وارو۔ دلي. قرب وارو۔ حب وارو.

نفي قلبي روحي سِري، خَفِي آخفيٰ ڪَسب ڪري،

قتل ڪر شوق شڪ شِري آنا الاقرار هي ڪيتا.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي۔15، ص۔17)

• **قُلزَم:** ذ. [ع] سمنڊ (سمندر)۔ ڪارو. عربستان ۽ مصر جي وچ وارو سمنڊ۔ بحر قلزم۔ وڏو درياءُ

ديدان والي درسن دائم، دُور درياهي قلزم قائم

اکيان وچ اظهار تارُو ٿي تار تريو سي،

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي۔46، ص۔34)

• **قَلِيل:** صفت [ع] ٿورو۔ گهٽ۔ قدري۔ ذرو. ننڍو۔ لاٿو۔ لاٿارو۔ چوٿو. اٿپورو. ڪُوڙو. ڪجھ۔ جزوي۔ چڊو۔ ورلي۔ ڪي.

عشق اندر ديان ڪاتيان ڦهري، وچ اڙي وچ انڌين آهري،

'محمود' منصب لڌ ڳئي لهري، پرکن ڪي ڪي قليل،

سوران والي هي سر راڳ دي

(محمود فقير، ڪافي۔65، ص۔86)

• **قُمْ بِاِذْنِي:** جملو. اُٿي منهنجي حڪم سان.

'محمد' هر مظهر جو مالڪ، حُسن واري فوج،

قُمْ بِاذني قواز منهنجو.

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي۔9، ص۔5)

- **قَندهارِي:** اسم خاص. [سن. گنڌار] افغانستان جي هڪ شهر ۽ علائقي جو نالو.

ٿل جبل دي ولايت دي ونگ،

پڪ پنهل ڪش چايوني هِن قندهاري ڪالڙ ڙي.

(محمود فقير، ڪافي۔60، ص۔83)

- **قَندِيلُون:** واحد. قَنديلُ. ذ [ع] شمعن ٻارڻ لاءِ شيشي جي رنگين پيالن وارو شمعدان. فقيرن جو پيالو. ڪشتو۔ ڪچڪول۔ ڪشڪول۔ زنبيل.

ڪشتا ٻڌ قنديلون، جهنڊا ڏنڊ نفيلون،

طرحين ڪج تحصيلون، نسنگ تي نِڪر ڙي

(محمود فقير، ڪافي۔25، ص۔58)

- **قَوِي:** قوت وارو۔ زورڀريو۔ مضبوط جبرو۔ ڏاڍو (ماٺهو ٻُجي نہ سگهي). ڀاري، سخت۔ اڻ ٽر.

مرد ڪيئن مئيخان ۾، تو ڇٺ متي مخمور ڪيا،

ڪيفي ڪلالي ڪار تي، قادر قوي تنهنجو ڪرم.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي۔16، ص۔128)

- **قَهَرُ:** ذ [ع] غضب۔ ڏمر. زبردستي۔ زوري۔ ڏاڍ۔ ظلم۔ بيداد۔ انڌير. شامت۔ بدبختي۔ نياڳائي۔ برائي۔ چنڊائي.

قهر نال ڪريندا تابن قلب ڪنڊ ڪپار.

(محمد فقير، سُر مانجهہ، ڪافي۔6، ص۔107)

- **قِيل مقالَ:** ٺ. گفتگو۔ ڳالهہ ٻولهہ۔ ٻاب چيت۔ ريجهہ رهاڻ. ردڪد۔ بحث.

'محمد' مٺي پي مام سجاتي، ڳلي قيل مقال موليٰ.

(محمد فقير، سُر بلاولي، ڪافي۔5، ص۔8)

- **قيمان:** [ف. قيمہ] ريزہ ريزہ ٿيل گوشت۔ زرہ زرہ ٿيل گوشت جا ٽڪر.

کوڑ خفي وچ خيال دا خيمان،

ڪر قلب ڳون ڦُرٻئون قيمان،

پايا يار جلالي جامان، وڃا ناد نيارا وي.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي۔3، ص۔166)

ڪ

• **ڪاپارُ:** ذ [سن. ڪَپال= ڪاپار] کوپڙيءَ جو مٿيون حصو- چوٽي. ڪيپراٽي. ٽوڪڻ- ٽيڙ. مٿو- سر- نراڙ. ڪنڌ. آسمان جو سِرَ يا مٿي مٿان بيٺل ٽڪو. ڪپار- اوُج- فلڪ.

لهي 'لا' جي ڪات جو لعل لقب، ڪلتار ٿيو ڪاپار قلب،

ڪري ٿنُ مَنُ طبلا تار طلب، برحال بزم برسايان مان.

(محمد فقير، شر پيروي، ڪافي- 71، ص- 48)

• **ڪاپڙي:** فقير- سنياسي- جوڳي. فقيرن جي ذات. ڪاپڙي هڪ قسم جا جوڳي فقير آهن، جيڪي گيڙوءَ رتا ڪپڙا اوڍيندا آهن ۽ ساڻ هميشه هٿن ۾ لٺ هوندي اٿن. ساري عمر تيرٿن ۽ تڪين پيٽڻ ۾ صرف ڪندا آهن. ۽ هنڌ هنڌ مالهائون جٽيا ۽ گنگاجل ماٿهن ۾ ورهائيندا وتندا آهن. (اصطلاح) وڏيءَ منزل وارا سنياسي- جوڳي- مسافر- سچا سورهيه عاشق. وڏا جهانديده- وڏي حوصلي ۽ جاڻ وارا. زاهد- جوڳي- تپشي- تارڪ الدنيا- درويش- سچا عاشق.

ڪجل سان ڪن قابو ڳنڍيون، ڪاپڙي ڪن چيرا ڪيون.

(محمد فقير، شر ڏناسري، ڪافي- 6، ص- 229)

• **ڪادو:** اُڪنڊ- خواهش- چاهه- دل- سڌ- تمنا- چاهت- رُخ- لاڙو- ليت- خيال- چاتي- چِڪ- سڪ- ڪشش- حُب- تانگهه- اُڪير- محبت - قرب.

هڪڙو عشق اکين کي ڏاڍو پيو دل ڪادو بار بار.

(محمود فقير، ڪافي- 10، ص- 50)

• **ڪارَبُ:** ذ. [ع. قالب ف. گالبد= سانچو] قالب- ٺپو- فريم- فرمو- ماپو- ڪورين جي اوزار جو هڪ قسم. ڏنڊ جي پکين جي ڦاسائڻ جو هڪ طريقو- دلبو. "ڪارب جو شڪار".

ڪارب آر ڪوٽي ڪسئين، رنبيءَ واري روهي،

پير پيادو پنڌ ڪران، منزل پنج ڪوهي.

(محمد فقير، گنگو ص- 107)

• **ڪارنهن:** ث. [سن. ڪالما] ڪارنئن- ڪارو رنگ- ڪاراڻ- داغ- عيب- وڏ- گهٽتائي. (ڪارنهن جو ٽِڪو لائڻ) بدنام ٿيڻ- خوار خراب ٿيڻ- ذليل ٿيڻ- رُسوا ٿيڻ.

ڪنئي ائئي خوشيءَ مان، ڪارنهن جي دانگي،

توڙي هجين قلاتڻ ڪانگي، تہ بہ سونهين ٿي سانگهڙ ۾.

(محمود فقير، خيري، ص-135)

• **ڪارونياري:**(ڪارونيار). ڳوڙهو- اونهو- پاڻي- درياءُ اونداهي، ڪاري اونداهي.

ڪاف- ڪامل ڪاپڙي، ڪلالي ڪلتار،

ڪين ڪمائي ڪين ٿيا، ڪارونياري ڪار.

(محمد فقير، سي حرفي-2، ص-251)

• **ڪارِيهلُ:**(ڪاريهر) ذ. [سن. ڪال+ هر] نانگ جو هڪ قسم- ڪارو نانگ- بسيهرُ- وَسيهر- واسينگ- مڻ وارو نانگ- اصيل نانگ (صفت) زهر ڪٽندڙ- زهر. هتي ڪاريهل مان مراد سڌن وارو نفس آهي.

ڪاريهل ڪر ڪٽي، جوڙي هٽي جَهٽ،

ڪو آڏوتي الهٽ، جوڳي جهلي جهڙپ ڪي.

(محمد فقير، بيت-61، ص-272)

• **ڪاڙهي:** ذ [سن. ڪواٿ= جوشاندو] ڪاڙهيل شين جو پاڻي- عرق- نچوڙ. اونهاري جي سخت گرمي- گرمائش- گهُٽ- ٻٽ- آڙنگ- هُٻَ- آزار- عذاب- ويڏن- روج راڙو- روڏن.

ديرآ وير ٿي پير نهاريان، گهيڙ گهٽيون گهاڙي،

خنڪار ڪيڏاريس خيال پنهون جي ڪيچين جي ڪاڙهي

(محمود فقير، ڪافي-31، ص-62)

• **ڪاسي:**(ڪاشي ڪروٽ). ذ. ڪاشي شهر ۾ هندن جي هڪ پوتر کوهہ جو نالو.

هرجاءِ ذات ظهور ظاهر، ڪمبا قائم ڪاسي

(محمد فقير، سر توڙي، ڪافي-8، ص-221)

ڪامِراني: ث. بختاوري- اقبال مندي- خڪبير، ڪرشن، ڪاشي ڪمبو- ڪلڪل وارو ڪام.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-11، ص-79)

• **ڪامَ:** ث. [سن. ڳبا] ڪاٺ جي ڍگهي ڪاٺي- ڪاڃڻ- لڙهو- گهر جي اڏاوت جي ڪاٺي- جاءِ جي بجاءِ لاءِ وڏو داسو- شهتير- آڏ- جهل- ٽيڪ- جهلو- جهالو.

ڏام ڏُمالي ڪا ڪام لڳئي، شل هام وجئي، پيا لنب لڙي.

(محمود فقير، ڏمالي ص-111)

• وش نصيبي- سوڀ- فتح- ڪاميابي- جيت- ڪَٺ- فتحيابي- فتح.

ڪجل ڪار ڪلنگي، قائم ڪر ڪريمي،

قرب ڪامراني، ڪمائوڻ تئون صدقي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-36، ص-139)

• **ڪامڻي:** نهايت خوبصورت عورت- حسينه- ماهرو- سُندر ناري- جميله- شڪيله- پري- نازڪ بدن عورت- سگهڙ زال.

ڪونج ڪبوتر ڪامڻي، جنهن ۾ حُسن جون هايون.

پورهيت تنهن وٽ پنج جڻيون، پانهپ ۾ پايون.

(محمود فقير، بيگم، ص-115)

• **ڪانبو:** ذ. ڪانب گاهه وغيره جي ڳنڙي- پرونڙي- پري. گاهه ڪرڻ لاءِ ڇيلهه ۽ ڪلهي ۾ بڌل جهولي، جنهن ۾ گاهه وغيره جمع ڪجي.

پاڙي پرميسر جي، تون پير لنگهائي پاءِ.

ڪاڙي ڪانبو آهٺ اُڳاڙين، صحبت ڏيون توکي ساءِ.

(محمود فقير، گنگو ص-109)

• **ڪانُ:** ذ [سن. ڪاند= تير] ڪاني مان جڙيل تير- ٻاڻ- ڪاني- گز. ڀالو- نيزو- ڏڪو- سَرُ- تيلو- تينگر- پيلو- پيڪان- ڪرڪ- لوري. سيلو.

موت ويا سويرا، پچان پوءِ ٿي پيرا،

جيجل جتن لئه جلن جيءَ جيرا،

مون کي ساه ۾ سر تيون، ڪشي هٽي ويا ڪان!

(محمود فقير، ڪافي-35، ص-65)

• **ڪانئر:** ذ. صفت ٻڄڙو- بزدل- گيدي- ڪاهل- ڪم چور- ڪيٻائيندڙ- ڪڏو- ميسٽو- اندر ڪوتو (اصطلاح) لائي چائي ڪندڙ ننداخور. ڪانئرو(پکي).

رُتِ وانئر جيهي تون هئين ڪانئر ڪٿي،

ايهين شاعر آنڌئي ني چوڙ جنگي.

(محمود فقير، ڏمالي ص-113)

• **ڪاهه:** ث. جملو- هَلان- حُلهه- رومڙ- اوچتي چڙهائي.

ڪنبڻ ڪسڪڻ مول نه ڏيندا، قهر والي ڪاهه.

(محمد فقير، سُر پوربيا، ڪافي-21، ص-154)

• **ڪايو:** ذ. ڪائو- شيشو. ڏڪهي چڙهه- لڙهو. پڄڙ.

جُتي تِنان جوڙي ڏيسان، ڪيم چمڙو سايو،

اڏوڙائم تنگي، ڪالهه ڪوڙي ڪايو.

(محمود فقير، گنگو ص-105)

• **ڪبابُ:** ذ. [ع] ڪاڏي جي شيءِ جو هڪ قسم- شيخ ۾ پڪل قيمون.

پيئان شوق مان شراب، ڪائي ڪوڏ سان ڪباب.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي-51، ص-95)

• **ڪبيرُ:** ذ. صفت [ع] وڏو- بزرگ- بَرگزيدو- اُتم- اعظم- اعليٰ. (اسم خاص) هندستان جو مشهور ڀڳت ۽ درويش فقير- ڪبير ڀڳت.

ڪبير، ڪرشن ڪاشي، ڪعبو ڪِلڪِل وارو ڪام.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي-11، ص-79)

• **ڪَٽُ:** ذ. [سن. ڪرتن= ڪَٽُ] ڀِڀُ(قلم جو). ڪتڻ جو ڪم- ڪاپو(ائٽ جي وسيلي ڪپهه مان تندون ڪڍڻ). شاعر مطابق عبادت ڪرڻ- بندگي ڪرڻ- ذڪر ڪرڻ- مجاهدا ڪرڻ.

جي پائئين جوڳي ٿيان، تہ ڪنبي ڪيم ڪَٽُ،

ونحن اقرب اِليه مِن حبلل وريد، واقف ٿي وحدت.

(محمد فقير، بيت-10، ص-266)

• **ڪَتبن:** واحد ڪتبو. ذ. خيال- ويچار- فِڪر. اميد- آسرو- ڪوشش- سعيو- اُدم- اورچائي. ائٽ جي پلاڻ جون ڪانيون. ڪتبن سان ڪَتِن ۽ پلاڻ سان ٻڌي ڪري ڪٽي وِيا.

شيشا شوق شراب جا، اڄ ڪاهوڙي بہ ڪٽن،

پياريو تا پُر جام پنهل کي، ڪتبن ساڻ ڪَتِن.

(محمود فقير، ڪافي-24، ص-58)

• **ڪَٿَ:** ث. [سن. ڪَٿ= تخمينو] اندازو- انومان- ٺَڪَ- تخمينو- اٽڪل- اندازاً- اٽڪل روءِ . ماپ- وزن- تور- ماڻ- شمار- ڳاٽيٽو- ليکو- حساب- ڳِٽپ- ڳِڻتہ مُلهہ- قيمت- اگهہ- قياس- قياس آرائي.

پد پرڪاشي پُرجهہ پڌارت، سُنت سُناوي گيان ڪٿا ڪٿ،

اُنپت اُجلي يگت يٿارت، 'محمد' ميگهہ ملارا رِيءِ

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي-12، ص-179)

• **ڪَٽُ:** ڪٽ چڙهڻ. مصدر. زنگ لڳڻ- زنگ پوڻ. دل تي خراب اثر وجهڻ- ضد پوڻ.

آڏيءَ نيئي آرام ڪيو ڪاتيءَ چڙهيو ڪَٽُ،

جنهن تي پيتو پَٽُ، سو پَسڻ ۾ پڳدار ٿيو.

(محمد فقير، بيت-38، ص-270)

• **ڪَنَڪَ**: ذ [سن] لشڪر۔ عسڪر۔ فوج۔ سپاهہ دَلَ۔ انبوهہ۔ حشام۔ ڪٽُ۔ پينڊَ۔ پيڙ۔ خلق۔ گهڻائي۔ وڏو مجموعو۔ خلقت۔ اٿاهہ۔ بي حد۔ بيشمار.

اتڪڻ جون عادتون، اکين کي آهين،

ڪنڪ سان ڪاهين، ڪوين جي ڪاپار تي.

(محمد فقير، بيت۔163، ص۔282)

• **ڪَنِمالُون**: واحد ڪنِمالَ [سن ڪنٺ= ڪڻ= آواز ڪرڻ] ڳلو ڳچي. مالها. هار۔ زنانو ڳيچيءَ جو زيور. مالها. چاندي يا سون جو زيور جيڪو هيٺ سيني تائين هار ٿي بيهي.

زيور هس، ڪڙولا، ٻانهيون، ٻار ڪيون ٻيڙا،

ڌُهريون، ڪڙيون، ڪنمالون، ڪي چنگ چڙهيا چوڙا.

(محمود فقير، خيري، ص۔139)

• **ڪَثر**: ث [ع] گهڻائي۔ جهجهائي۔ واڌارو۔ اضافو.

اکيان اندر الله هي بيشڪ بقا باالله هي،

قائم ڪثر ڳلاهہ هي، ظاهر ظفر ذاتي ذڪا.

(محمد فقير، سُر ڪلنگڙو ڪافي۔13، ص۔189)

• **ڪَثرت**: ث گهڻائي۔ جهجهائي۔ انيڪتا۔ فراواني۔ واڌارو۔ اضافو۔ ڳاهٽ (ماڻهن جو) انبوهہ۔ شڪر۔ سبزسالي. تصوف جي اصطلاح ۾ "وحدت" جا مختلف جلوا۔ صفات.

ڪون ڪمال قديمي قدرت،

ڪون ڪلام قلم ڪُل ڪثرت،

ڪون قلب قبلات هو يا دم،

(محمد فقير، سُر پوربا، ڪافي۔7، ص۔149)

• **ڪَپارُ**: ذ [سن ڪَپالَ=ڪپار] ڪوپڙي۔ ڪاپار۔ ڪيپراٽي۔ سيرُ۔ مٿو۔ ڪنڌ. قسمت۔ ڀاڳ۔ لِکيو۔ نصيب۔ بخت.

تهر نال ڪريندا قابو قلب ڪنڌ ڪپار.

(محمد فقير، سُر مانجهہ ڪافي۔6، ص۔107)

• **ڪَپَرَ:** ذ [سن. ڪپال= ڪنارو] ڪپ- پاسو- پُر- ڪنارو- وَٽ- ڪنڌي- ڪنار. اُوچو ڪنارو- اُتانهين ڪنڌي.

ڪين ڪين ڪين، بنا ڪين آهي ڪين،
ڪپر ڪنڌي ڪاڻ ڪا، ڪين سندي ڪين.

(محمد فقير، سُر ديسڪار ڪافي-2، ص-232)

ڪڙيا ڪسيون واهڙ وڪڙ ۽ سڙڪ وهن ٽا طرحين تار،
ڪُن ڪپر ڪن ڪڙڪا ٿهري، مانگر مڇ وڙهن.

(محمود فقير، ڪافي-10، ص-50)

• **ڪُپيري:** اُها پيڙي جتي وات وارو پير ٽي نہ ليپي- پير وڃائيندڙ وات.

"لا" لاهوتي لاشڪ لنگهيا، ڪپيري جو پُر جهي پير.

(محمد فقير، سُر ڪاريهل، ڪافي-8، ص-187)

• **ڪج ڪُلاهہ:** ذ. ڏِنگ تي ٽوپي رکندڙ. ٽيڏي ٽوپي پائيندڙ- ٽُوٽ ڏگهي ڇُهنبدار ٽوپي (جيڪا اڪثر صوفي درويش پائيندا آهن).

ستين سر ربيع الاول جي سنہ تيرهن سو چاليهين،
ايڪهٺ عمر عجائب، ڪج ڪُله ڪئي قربدار.

(محمد فقير، سُر راڻو ڪافي-2، ص-233)

• **ڪڄيا:** ڪجڻ مصدر. ڍڪڻ- لڪائڻ- پردو ڪرڻ- پناهہ ڏيڻ- بچاءُ ۾ رکڻ- اوٽ ۾ رکڻ- پرده پوشي ڪرڻ. ويڙهڻ- تہ نشين ڪرڻ- تہ ڪرڻ. وڃائڻ- گم ڪرڻ- والارڻ- قبضي ۾ ڪرڻ.

علي عہ عيب اسانڌي ڪڄيا، ماهي يار ڳئي مُرلي وڄيا.

(محمود فقير، سي حرفي ص-144)

• **ڪڃري:** ث. [ف. ڪنچني] رنڊي- ناچڻي- وئشيا- فاحش عورت- ڇڪلائڻ- ڪسبڻ- بدپيشي واري عورت.

تنهنجو لاڏ لکيسري، تون پنپوران ٻرڙيه
جي ڪنجري آهين، ڪرڙي، تہ بہ شونهين ٽي سانگهڙ ۾.

(محمود فقير، خيري ص-139)

• **ڪڏ:** ذ. ضد۔ هوڏ۔ شدت۔ نرجائي۔ ديناي. بحث۔ دليل بازي۔ مناظرو.

مائٹ تنهنجا معاملائي، سي ڪڏ ٻڌن ڪوڙا.

ڪير ڪنهن ڪنار جا، سي مُلُ ڪن هوڙا.

(محمود فقير، خيري، ص۔139)

• **ڪڏائي:** ڪڏائڻ. مصدر. [سن. ف. ڪردن] ٽپائڻ۔ نچائڻ۔ ٽپنگ ڏيارڻ۔ ٽپا ڏيارڻ۔ خوش ڪرڻ۔ راضي ڪرڻ۔ ريجهائڻ۔ پرپائڻ. ڪيڏائڻ۔ وندرائڻ۔ راند ڪرائڻ.

عشق "محمد" آتش لائي، وِسر ڳئي بي سيڪا وائي،

قلب ڪونتل قرب ڪڏائي، ويک اُلٽ انحد اور.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي۔18، ص۔19)

• **ڪڙ:** ڪنڌ۔ سينو۔ ڳاٽ. بدن جو متيون ڌڙ سبي.

ڪاريهل ڪاوڙ ڪان، ڦهري ڪٽي ڪڙ،

نانگ نرالا نر، نيڻن ۾ نروار ٿيا.

(محمد فقير، بيت۔136، ص۔280)

• **ڪرڙا:** (ڪرڙي) ث. صفت. سخت۔ ڪُهري۔ تيز طبع۔ جوشيلي (عورت)۔ بي رحم۔ ڪئور. (هارين جي اصطلاح موجب) هر ڪاهڻ وقت تڪليف ڏيندڙ زمين۔ سخت مٽي. مهانگي. آڪڙي۔ گران۔ تيز. بها واري.

جوڙ جنازا ڌرتي داخل، سائين ري پئي سام،

حاڪم ڪرڙا ٻڌي ارڙا، چائي ڪڙاهي ڪات.

(محمود فقير، ڪافي۔50، ص۔77)

• **ڪُرش:** [ع] خاندان۔ ڪتنب.پٽو لفظ عرش، ڪرش، عرش فرش (زمين)

شهباز قلندر هئي قرارا،

عرش ڪُرش وچ نوبت نعرا.

(محمود فقير، ڪافي۔76، ص۔103)

• **ڪِرشنُ:** ذ. صفت. ڪارو۔ سياهہ۔ سانورو. چنڊ جي پوئين تاريخ۔ انڌيرو۔ اونداهو. (اسم خاص) هندن جو وڏو اوتار۔ 'واسديوَ' جي پٽ ۽ راجا 'ڪنس' جي ڀاڻيجي جو نالو ڪرشن مهراج۔ ڏِرمي عقيدي موجب وشنو جو ڏهون سُروپُ۔ ڪرشنا۔ ڪنهيو۔ مُرليڌر۔ گئوپال۔ گوال.

ڪبير ڪرشن ڪاشي ڪعبو ڪِلڪِل وارو ڪام.

(محمد فقير. سُر تلنگ. ڪافي۔11. ص۔79)

• **ڪَرو:** ذ. [سن. ڪَرڪَو= ڪرو] ٺڪر جي ٿانوَ جو هڪ قسم۔ ٽونٽيءَ وارو لوٽو۔ ڪوُنرو۔ بدنو۔ ڪوزو.

وضو ساري وحدت جو قلب رک ڪرو.

ڪچائيءَ جي قطري جو پوي ڪونہ پَرو.

(محمود فقير. خيري. ص۔141)

• **ڪرِها:** واحد. ڪَرهو. ذ. [سن. ڪَرڀَ= ڪرهو. پرا. ڪَرهو] اُٺ۔ ڏاگهو۔ توڏو۔ ڪَرهُ۔ ميو۔ ڪنوات.

ڪرها اُٺ ڪوازي، منزل چڪين غازي.

اندر ٿيم اُداسي، ڏسي جبل جايون.

(محمود فقير. ڪافي۔4. ص۔46)

• **ڪريمي:** ذ. صفت. [ع] ڪرم ڪندڙ۔ احسان ڪندڙ۔ معاف ڪندڙ سخي. (اسم خاص) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو "ڪريم" رسول صہ جن جو صفاتي نالو.

ڪجل ڪار ڪلنگي، قائم ڪر ڪريمي،

قرب ڪامراني، ڪمانوڻ تنهن صدقي.

(محمد فقير. سُر پهاڙي. ڪافي۔ 36. ص۔139)

• **ڪڙڪاٽ:** ذ. ڪڙڪي وارو آواز۔ وڻ جي ڪِرڻ، وڏي ڪاٺ جي ڀڄڻ جو ڪڙڪو۔ ٺڪاءُ۔ تڙڪو۔ ڪڙڪو. طوفان جي گوڙ۔ گجڪار. ڪونج جو آواز.

دل دڙباٽ. ڪر ڪڙڪاٽ. پئي وٽڪار وچ وچلي.

(محمود فقير. ڪافي۔ 51. ص۔77)

• **ڪڙڪي:** (ڪڙڪو) وڏي ڪڙڪي وارو آواز- ڪڙڪاٽ- ڪڙڪاءُ- ٺڪاءُ- دڙڪاٽ. گوڙ جي گجڪار. زور سان ٻالهائڻ جو آواز- ڏهل وغيره وڄڻ جو آواز. واڄٽ.

ڏڪڙ ڏريد ڏمالان ڏُن، ٿائم ڪڙڪي ڪپاري ڪُن.

گونا گُوني گرامي گُن، گياني گلزار هي ڪيتا.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-14، ص-16)

• **ڪڙن:** (سن) ڪڙڻ = سوگهو ڪن. ٻڌن. مصدر= ڪِڙڻ امر= ڪڙِ ڪڙو. ذ. صفت. [سن. ڪَٽ= ڪوڙو] سواد ۾ ڪوڙو- تلخ- چيڙاڪ- چڙٽو- تيز طبع- گرم مزاج- چڙڪي. ڪَڙڻ= قابو ڪرڻ (سا ويڙهي سوگهو ڪرڻ (ڊاڪٽر ن. ب)

شيشا شوق شراب جا، اڄ ڪاهوڙي ٻه ڪٽن.

پياريو ٿا پورجام پنهل ڪي، ڪُتبن ساڻ ڪڙن.

(محمود فقير، ڪافي-24، ص-58)

• **ڪڙولا:** واحد. ڪڙولو. ذ. ٻانهن ۾ وجهڻ جو هڪ ڳهه- ڪنگڻ.

هس ڏهري ڪنمال، ڪڙولا، ساڙيان سون زري.

اٿوت پائڻ عيب اسان کي، ناهي زيب ذري.

(محمود فقير، ڪافي-8، ص-48)

• **ڪڙي:** مصدر. ڪڙڻ. زنجير وغيره سان ٻڌڻ- سوگهو ڪرڻ- جڪڙڻ. اٽڪائڻ- ڦاسائڻ. ڳنڍڻ- جوڙڻ- ڳنڍڻ. قطارڻ.

مون تہ پانئيا مهمان، وئي ويندم پاڙوا

منهنجو ڪوهيارل ڪيچي ڪڙي ويا ڪيچ مڪران.

(محمود فقير، ڪافي-35، ص-64)

• **ڪڙيون:** واحد. ڪڙي [سن. ڪَٽُ= ننڍو ڪڙو] پير متان مُرئي وٽ پائڻ جو زنانو زيور. زنجير جو هڪ حصو يا ٽڪر. لوهہ جو ڇلو.

ڏهريون، ڪڙيون، ڪنمالون ڪي، چنگ چڙهيا چُوڙا.

(محمود فقير، خيري، ص-139)

• **ڳُڙِي:** (ڳُڙو) ذ. ڏين ڪان ڦريل (صفت) مکي چوسُ- مرچوٽ- ڪنجوس (ث. ڳُڙي).

جيم جهومڪ جبل ڏي جائين،

ڳُڙي ڪندڏ ڪيڏ ڳئي ڪائين.

(محمود فقير، سي حرفي، ص_143)

• **ڪسبياڻي:** ث. ڪسب ڪندڙ عورت_ بد پيشہ عورت_ رنڍي_ چڪلائڻ.

خيري چٽي سيائيءَ کي، تون ڪسبياڻي ڪاري،

سر ڪي آئينءَ سانگهڙ مان، نيرو پور واري.

(محمود فقير، خيري، ص_133)

• **ڳُستان:** ڪوهستان.

ڪاريگر ڳُستان جي رازي ٺاهيا رنگ،

اندر منهنجو اُجاريو جنهن دڙا ٺاريا ڏنگ.

(محمود فقير، خيري، ص_138)

• **ڪِستي:** ث. فقيرن جي پنڻ جو ٿانءُ.

تيڏي ڪيتي ويس فقيري، قنديل ڪلهي وِچ ڪِستي،

شڪم پليو سي سوئر دا، حڪم منيو سي هستي.

(محمود فقير، تيهہ ڏينهن، ص_120)

• **ڪُشت•** (ڪشت) ذ. [سن. ڳُشتَ= تڪليف] مصيبت_ هاڃو_ جفا_ جاکوڙ_ آفت_ بلا_ سختي_ آزار_ پيڙا.

ڪيچي ڪشت ڪري ويا، مون کي دشت دري ويا،

مئيءَ کي مست ڪري ويا، چري ڏسي چوريا.

(محمود فقير، ڪافي_3، ص_46)

• **ڪِشتا:** واحد. ڪشتو. زهريلي دريائي ناريل جو ڪوڪو. گداگرن جي پنڻ جو ٿانءُ_ ڪستو_ جنبيل_ زنبيلُ_ ڪچڪول.

ڪِشتا پڌ قنديلون، جهنڊا ڏنڊ نفيلون،
طرحين ڪج تحصيلون، نسنگ ٿي نِڪر ڙي

(محمود فقير، ڪافي-25، ص-58)

• **ڪشن:** (ڪشين). نشانو وٺن- چٽين- هڻن.

ابرو اکين جي مثان، ٽا ڪشن ڪج ڪمان،
مست پي مژگان، مقابل مشتاق ٿيا.

(محمد فقير، بيت-172، ص-283)

• **ڪشي:** مصدر ڪشڻ [ف. ڪشيدن= ڇڪڻ پرا. ڪش= ڀڙڻ] ڇڪڻ- ٽاٽ ڪرڻ- ڇڪي ڀڙڻ- ڪسڻ- سِڪ ڀڙڻ- ڇِڪ ڏيڻُ- سِٽ ڪيڻ. زور ڏيڻ. ڏاڍو ڪرڻ- مضبوط ڪرڻ- سوگهو ڪرڻ. نشانو وٺڻ- چٽڻ- هڻڻ.

شوق ڪيا شاهي شغل، شملا ٻڌي شهزور سان،
ڪشي ڪجل وارو ڪان مون کي.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-5، ص-109)

• **ڪعبو:** ذ. [ع. ڪعبہ= الله جو گهر] بيت الله جو نالو- بيت الحرام- قبلو- خدا جو گهر (مڪي ۾)- نماز ۾ سجدي واري طرف.

ڪعبو قدسي من ۾ ڳولي، حق موجود وجود ۾ ڪولي،
'محمد' ڏس تون ڪير تو ٻولي، رمز رندي جي رهڻ جو.

(محمد فقير، ڪافي-37، سُر پيروي، ص-36)

• **ڪفا:** [ع. ڪفاءِ] مانند- برابر- جهڙو- وانگر- جيان.

قادر قدم قلندر قبل قل قدح ڪلالي،
ڪلنگي ڪلاهہ قائم ڪيفي ڪفا ڪفا.

(محمد فقير، سُر پهاڙي ڪافي-17، ص-129)

• **ڪُفرُ:** ذ. [ع] خدا جي ذات ۽ صفات جو انڪاري- نہ مڃڻ. الحاد- ناشڪري- دهريت- ملحدي- منڪري- ڪوڙين ڳالهين کي سچو سمجهڻ جي حالت. ضِد- هَٺُ. انڪار- خدا کي نہ مڃڻ.

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ هر هر ڪر هرنام،
طريقت جي ڪفر ۾، طالب رهہ تمام.

(محمد فقير، بيت-181، ص-284)

- **ڪڪوريلُ**: ذ صفت. ڳاڙهاڻ تي مائل- لال- ڳاڙهيرو- رَتو. پچڻ طرف مائل.

رمزانِ ڪيف ڪڪوريل ڪيفي،
سرس سنگينون سُرخي صيفي،
ستي سرواهيون ڪيون سُخن ستيون ستيون.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-22، ص-21)

- **ڪلادار**: ذ صفت [سن. ڪلا+ ڌاري= ڌارڻ] هنرمند- ڪلاڪار- ڪاريگر- هنري- فني- سمجهو- ڏاهو- ماهر- سياڻو- عاقل- اڪابر. حرفتي- اٽڪلي- چالاڪ.

مڻ جني جي مغز ۾، سي ڪي ڪي ڪلادار،
شاهي ڪن شڪان ڏيئي ڦوڪ ڦڻ سان.

(محمد فقير، بيت-137، ص-280)

- **ڪلالُ**: ذ. [سن. ڪليہ= شراب. سن. ڪلاه= ڪلال] شراب ڪيندڙ- شراب چِڪائيندڙ- شراب ناهيندڙ- شراب وڪڻندڙ- آبڪار. شاعر مطابق توحيد جو شراب چِڪائيندڙ- مرشد- رهبر- گرو.

عشق اويڙا قدم ڳڏايا، ڪيفي ڪيف ڪلال دا ڪمال دا.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-31، ص-86)

- **ڪلالِي**: شراب پيارينڌڙ- شراب ڏيندڙ- ساقي. مُرشد.

برسر بهاري بيشڪ بحالي، قائم قدم سان ڪوپو ڪلالي،
مٿي جي مٿي تي محڪم موالي، شوريل شرابي شائق شهر جو.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-7، ص-12)

• **ڪلامُ اللهِ:** اسم خاص. حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم تي لٿل خدا جو ڪلام۔ اِلاهي ڪلام. قرآن مجيد.

'محمد' ڪيف ڪڪوريل، ڦهري ڪجل وارو ڪات،

ڪلام الله چوان.

(محمد فقير، سُر سورٺ، ڪافي۔5، ص۔203)

• **ڪُلاهُ:** ذ. [ف. ڪُلاهہ= ٽوپي] ڊگهي ڇهنبدار ٽوپي (جيڪا اڪثر صوفي درويش پائين ٿا).

قامت ڪريم قدسي، قادر بہ ڪامراني،

ڪلنگي ڪُلاهہ قائم، ڪيفي ڪلال جو.

(محمد فقير، سر پيرو راڳ، ڪافي۔2، ص۔51)

• **ڪلتارُ:** ذ. خالق۔ اُپائڻهار۔ ڪرتار۔ ايشور۔ موليٰ پاڪ۔ رزاق۔ پالڻهار۔ ڌڻي۔ پرماتما.

لهي 'لا' جي ڪات جو لمل لقب، ڪلتار ٿيو ڪاپار قلب،

ڪري تن من طبلا تار طلب، برحال بزم برسايان مان.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي۔71، ص۔48)

• **ڪلِجُڳ:** اسم خاص. [سن. ڪلُ= ڪارو+ جُڳ= يُڳُم. سن. ڪلي يگ= چوٿون زمانو] هندن جي عقيدي موجب چئن جڳن مان هلندڙ چوٿون جُڳ۔ چار لک ٻٽيهہ هزار ورهين جو عرصو جو عيسوي سن کان 3100 سؤ ورهيہ اڳ شروع ٿيو. فساد جو زمانو ۔ ڪوڙو سمون۔ ڪوتو جُڳہ

ٻڌ سُڌ جاني جوڳي جُڳ جُڳہ ڪلجڳ ڪا ڪلتاري ڪو.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي۔3، ص۔175)

• **ڪلدار:** ذ. چانديءَ جو رپيو۔ سڪو۔ سرڪاري مهر. روڪڙ۔ نقد. هتي شاعر ڪلادار ڏانهن اشارو ڪري رهيو آهي يعني هنرمند۔ سمجهو۔ ڏاهو.

قطار جا ڪلدار جي، للڪار سان لَڏي،

ڪارا اُٺ ڪوهيارل جا، ڪن رائي منجهہ رَڏي

(محمود فقير، ڪافي۔20، ص۔57)

• **ڪِلڪِل:** ٿ. [سن. ڪلَهہ> ڪل ڪل= جهيڙو] گهپي. ڪِٽ ڦِٽ. مانڊاڻ. ريڙ پيڙهہ. ڪُرڪُر.

جُتي تِنان جوڙي ڏيسان، ڪِلڪِل ڪوهہ پيو ڪُرسي.

(محمود فقير، گنگو ص-108)

• **ڪلنگي:** ٿ. [تُرڪي. ڪلغِي] بادشاهي چٽ. تاجُ. پنڪي جي مٿي ڪيل چوٽي. ڪُلغي. ڇُهبياري چوٽي. ڪُلهو. لوهي ٽوپي. سرداريءَ جو نشان. تمغو. حضرت محمد راشد روضي ڌڻيءَ جي اولاد مان پڳ وارو پير ڪلنگي پائي مريدن کي زيارت ڪرائيندو آهي.

ڪلنگي ڪُلاهہ پائي، پڳدار ٿيو پاڳارو

هرجا حڪم هلائي، هسوار ٿيو پاڳارو.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-11، ص-14)

• **ڪلور:** ذ. [سن. ڪلوڙ= ظلم] ويلُ. ظلم. ناحق. بي انصافي. هاجو. ڏاڍ. بي داد. زبردستي. قهر. ڏاڍائي.

ڪافر ڪُهي ڪيئون ڪوس ڪلور.

زخم آهن سِر جهوري جا.

(محمود فقير، ڪافي-13، ص-51)

• **ڪُلهايا:** (ڪُلابو). ڪچو ڏاڳو. چيلهہ جو پٽو. ڪمربند. ڪرائي ۾ ڪنگڻ. چوٽيدار ٽوپي ۽ پنڪو. ڏڏڙ. ٽٽو. تند.

ڪمر ڪُلها يا ٿمر ٻڌائون، امر لڳو تہ اريم.

ڏاڳا ڏوپ لڳن کي لائي، پياسي پنڌ پريم.

(محمود فقير، ڪافي-32، ص-63)

• **ڪُلِي:** سموري. ساري. سڀ. سربستي. سڄي. جملي. ڪل. سيوئي. رُڳي.

انساني جي اولي اندر عُشاقي ارواح.

ڪُلي قرب ڪمائي آيس.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-35، ص-88)

• **ڪليمُ اللهِ:** صفت. حضرت موسيٰ عہ جو لقب ـ خدا سان هم ڪلام ٿيندڙ.

قاب قوسيني ڪُل ۾ قائم، ڪلالي ڪلمات،

ڪليم الله چوان.

(محمد فقير، سُر سورٺ، ڪافي ـ 5، ص ـ 203)

• **ڪِمامُ:** ذ. سامان سڙو ـ شيءِ شڪل ـ ٽپڙ ٽڙو ـ اسباب ـ مال متاع ـ گهڻو اسباب ـ مانداڻ.

سُتي ثاب، پيم خواب، ڪو امام آيو

امام جو ڪِمام، ٿيو سامان جو سميو.

(محمود فقير، ڪافي ـ 2، ص ـ 46)

• **ڪمانَ:** ث. [ف. ڪمانَ] جنگ ۽ شڪار جو هٿيار (تير هلائڻ لاءِ) سينگ ـ اڌ گول ـ ڏنش ـ ونگ.

ابرو اکين جي مٿان، ٿا ڪشن ڪج ڪمان،

مست پسي مُڙگان، مقابل مشتاق ٿيا.

(محمد فقير، بيت ـ 172، ص ـ 283)

• **ڪماني:** ڪمان وانگر ـ وريل ـ مُڙيل ـ ونگيل.

ڪاڪل ڪُنيڙي ڪار ڪجل دي،

ڦري ڪاني ڪماني ساماني.

(محمد فقير، سُر پهاڙيه ڪافي ـ 37، ص ـ 140)

• **ڪمر:** هڪ عضوي جو نالو ـ جسم جو وچ، پير ۽ ٽنگن جي گڏجڻ وارو هنڌ ـ چيلهه ـ لڪ ـ ميان ـ سندرو.

ڪمر ڪلها پا سمر ٻڌائون، امر لڳو تہ اريم،

ڏاڳا ڏوپ لڳن ڪي لائي، پياسي پنڌ پريم.

(محمود فقير، ڪافي ـ 32، ص ـ 63)

• **ڪملا:** واحد. ڪملو. ذ. ڪملُ - ڪمڙ - پيالو - ڄمڻ. پشمي ڪپڙو. محبوب - ڍولڻ - دلبر - جاني. رنگارنگي. مست ديوانو (سدا).

وجہ الاهي نِويميان هوڪا هُليا آلا.

ڪتان شرت سجان ڪتان ڪملا هي.

(محمد فقير. سُر تلنگ. ڪافي - 5، ص - 76)

• **ڪُنُ:** ذ [سن. ڪند. ڪُنہ= پاڻيءَ جو چڪر] درياءَ جي پاڻيءَ ۾ ڦرندڙ اونهو نڪونج - ميڙ - ڀير - گرداب - گهمرو - گهيرو - ڀنوَرُ - ڦيرو چڪر (پاڻيءَ جو). هتي عشق جو ڪُن.

ڏُڪڙ ڏريد ڏمالان ڏُن. قائم ڪڙڪي ڪپاري ڪُڻ.

گونا گوني گرامي گُن. گياني گلزار هي ڪيتا.

(محمد فقير. سُر پيروي. ڪافي - 14، ص - 16)

• **ڪنان:** وٽان - ڪان - ڪئون - پاسي ڪان - طرف ڪان - طرفان.

ڪوڙئين پدم نيلن ڪنان هڪ دم جيڻ آهي وڏيڪ.

دم خزانو هٿ ڪري، جُڳ جُڳ جيئڻ آهي وڏيڪ.

(محمد فقير. سُر بهاڳ. ڪافي - 21، ص - 65)

• **ڪنبڻُ ڪُسڪڻُ:** ڏڪڻ - لرزڻ - ٿڙڪڻ - تڙڦڻ - ڏُڻ - سياڻجن - ڏُڏڪڻ - ڏوڙو ڪاڻڻ - ڏڙڪڻ. ٻاهر ٻاڦ نہ ڪيڻ - نہ ڪُڇڻ نہ پڇڻ.

ڪنبڻ ڪُسڪڻ مُول نہ ڏيندا. قهر والي ڪاهہ.

(محمد فقير. سُر پوربا. ڪافي - 21، ص - 154)

• **ڪنبائي:** ڪنبائڻ. مصدر. ڏڪائڻ - ڊيجارڻ - هيسائڻ - ڊپُ ڏيارڻ - سياتو وجهڻ - رڦائڻ - ڪؤ ڪائڻ - خوف ڏيارڻ. رعب رکڻ - جمت ڪرڻ - دٻائڻ.

اڪيون پائي ڪجل ڦهري، ڪرن پرواز ٿيون پهري.

مثل شهباز جيئن بحري، ڪنبائي ڪيئون قتل ڪيئي.

(محمد فقير. سر شام ڪلياڻ. ڪافي - 10، ص - 213)

- **ڪنبُ**: ث. ڏڪڻي- ٿرٿڪڻي- ڦرڪڻي- ٿرڦ- لرز- سياٽو- رڦ رڦان- ڏوڏو- لوڏو- ڏونڊاڙ.

هُل انهين هِراس ڪُنون، ميڏا قلب ڳيا هي ڪنب.

(محمود فقير، تيهہ ڏينهن، ص_122)

- **ڪنٺِ**: ذ. [سن] ڳچيءَ جو اڳيون پاڱو- حلقُ- گلو- نڙي- گهٽُ. (2) ث. ياد- برزبان- دل ۾ هنڊايل- حِفظ

ناب سي نرمل نام اُنايا، هردي اندر هُل هُلايا،

ڪنٺ ڪنول آرپونر غفايا، اوم ڪا انگ لڳايا مئين.

(محمد فقير، سُر ڪانرو ڪافي_7، ص_173)

- **ڪنجرو**: ذ. [سن. ڪنڇُڪ= ڪنجرو] زالن جي پائڻ لاءِ هڪ قسم جو (پرت پريل) ڪپڙو. (ڪنوار پرڻجڻ وقت پائي)- صرف ڇاتي ۽ اڌ پيٽ ڍڪيندڙ چولي- ڪنجران- ڪنجري- سينہ پوش- انگي.

هڏ هيٺيءَ جو سڙي ٿيو ڪانيون،

ڪلهي ڪنجرو اڳريون ڦاٽيون،

ظلم زنجيرون قادر ڪاٽيون.

(محمود فقير، ڪافي_19، ص_56)

- **ڪنچيرُ**: ذ. چيريل ڪنن وارا- جوڳي فقيرن جو هڪ قسم (جيڪي ڪنن ۾ وڏا والا پائين).

ڪجل سان ڪن قابو ڪنديون، ڪاپڙي ڪنچير اکيون.

(محمد فقير، سُر ڏناسري، ڪافي_6، ص_229)

- **ڪنڌي**: نديءَ جو ڪپ- ڪنارو- پر- ڪنئو- ساحل. ڪنو- ڪني. ڪپر- ڪني- اندي- ڪِنار- وَٽِ.

ڪپر ڪنڌي ڪاڻ ڪا، ڪين سندي ڪين.

(محمد فقير، سُر ديسيڪار ڪافي_2، ص_232)

• **ڪُنڌي:** (ڪنڌڙو) ذ. وارن جي گهُنڊي. زُلف- چڳ- ڪاڪل- گيسو- چوٽي- چلو- ورُ- پيچُ.

ڪُنڌي ڪيف ڪڪوريل ٿهري،

جهلڪار ڪجل دي ڪٽڪي.

(محمد فقير، سُر ملار ڪافي-3، ص-102)

• **ڪَنزُ:** ذ. [ع] علم فقه جي هڪ ڪتاب جو نالو. خزانو. مخزن- گنج- گنجينو.

چلا ٿيا اظهار عشق والي اسرار

ڪنز مخفي ڪل ڪر گنج گلزار.

(محمد فقير، سر چلو لوڙائو ڪافي-1، ص-242)

• **ڪنعانا:** (ڪنعان) ذ. [ع] شام جو صوبو جتي حضرت يوسف عليه پيدا ٿيو هو.

يوسف ڪاڻ زليخا ظاهر، قائم ڪيا ڪنعانا،

خوبان خوب خماريل خم خم.

(محمد فقير، سُر لوڙائو ڪافي-6، ص-69)

• **ڪُن فيڪُون:** هيءَ فقرو قرآن شريف جي پنجن سورتن جي آيتن ۾ آيل آهي. (1) سورة انعام آيت نمبر 73 (2) سورة نحل آيت 60، (3) سورة مريم آيت 35، (4) سورة ياسين آيت 82، (5) سورة غافر آيت 68. مڪمل آيت هيئن آهي: "فَاذا قَضي امرا فَانِما يَقول له کُن فيکون". يعني جڏهن خدا تعاليٰ ڪنهن ڳالهه جو ارادو ڪري ٿو تڏهن فقط چوي ٿو تہ "ٿيءُ" پوءِ اُها ٿي پوي ٿي.

چلا ڪُن فيڪون بازي بن بيچون،

ٿيا گوناگون، سُر ريک گنڌار.

(محمد فقير، سر ايشور چلو لوڙائو-1، ص-242)

• **ڪنگ:** ذ. [ڪَڪُ] پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم- ٻگ- ٻگهه پکي- ٻگو- ٻگهلو. ننڍي مڇيءَ جو هڪ قسم.

مين تہ ننگ، تيڏا مارا ڪنگ جيها،

شال ونگ، پوئي ڳچي وچ ڳتي.

(محمود فقير، تمالي، ص-112)

• **ڪنوَلُ**: ذ. [پرا. ڪولوَ سن. ڪمَلَ= نيلوفر] پاڻيءَ جي گل جو هڪ قسم. پبڻ جو گل.

ناياب سي نرمل نام اُنايا، هردي اندر هُل هُلايا،

ڪنث ڪنول آرپونر غفايا، اوم ڪا انگ لڳايا مئين.

(محمد فقير، سُر ڪانرو ڪافي_7، ص_173)

• **ڪوپُ**: ذ. [سن. ڪُنپ] ڪهر_ غضب_ ظلم_ ويل_ عتاب_ اوچتي مصيبت_ آفت_ سختي. غصو_ ڪروڌ_ ڪاوڙ_ جوش_ جذبو_ خشم_ جُڪ. ميڙ_ ميڙاڪو_ گوڙ_ هُل_ ڏمچر_ مانڌاٹو. گل جو هڪ قسم.

صورت ڪر پاڻ سان شامل، اسم جو تي اندر عامل،

ڪلالي ڪوپ تي ڪامل، تہ لهندين لعل لاثاني.

(محمد فقير، سُر شام ڪلياڻ ڪافي_4، ص_210)

• **ڪُوپا**: واحد. ڪُوپ. ذ. صفت [سن. ڪُوپي] پهلوان_ سورهيہ_ جوڌو_ ڳوڌو_ جوان مرد_ دلير_ قوي_ شير مرد.

اُڙد عمر جا ڪُوپا ڪهري، ديرن تي دربارن،

ديواني ديوار ڏسي، آهي دڙباتي دڙڪن.

(محمود فقير، ڪافي_8، ص_49)

برسر بهاري بيشڪ بحالي، قائم قدم سان ڪوپو ڪلالي،

مئي جي مٽيءَ تي محڪم موالي شوريل شرابي شائق شهر جو.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي_7، ص_12)

• **ڪوچڙا**: اسم خاص. خانہ بدوش قوم جو نالو.

ڪوڙ ڪرين ٿو ڪوچڙا، اها ناهي چڱي چال،

تون زائد ٻڌو جنبہ هڙا، ڪٽي ڏينهن سنيال.

(محمود فقير. گنگو ص_107)

• **ڪوچي:** واحد. ڪوچو. ذ. وٽن ٽڪن ۾ گاهه وارو هنڌ. جانورن جي چرڻ لاءِ جهنگ. سائو جهنگ. چراگاهه. ٻن جبلن جي وچ وارو مفاصلو.

ون ولايت ساڻ صنوبر ڪليا ڪيٽ خرار.

ٻوڪيا ٻوهه ڪليا گل گوهر، عجب رنگي اسرار.

ڪوچي تي جن قول ڪياسي نر ٿيا نروار.

(محمود فقير، ڪافي۔16، ص۔54)

• **ڪوڏ:** ث. حرص. سڌ. مرضي. خواهش.

قدم ڳل ڳڌائي قربدار قادر

ڪري ڪوڏ آيا قتل جي ڪتي تي.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي۔55، ص۔38)

• **ڳُوڙ:** ث [سن. ڳليءَ= ڪڙيو] واهه واهڙ. شاخ. مُرلي ڪي پاڻي پهچائڻ لاءِ ڪوتيل سنهي ڪسي. نالي.

تون اوڙاهن ۾ اوجهرين. نه ڏسين ڳوڙ ڪسي،

چلولي ڪرين چٽرون، ٻڌي قند قسي.

(محمود فقير، خيري، ص۔140)

• **ڪورا:** واحد. ڪورو. ذ. پاڻي نه لڳل ٺڪر جو ٿانو. نئون ٿانو. تازو. ڪم نه آندل (ڪپڙو). شاعر مطابق ڪم نه آندل ڪات. نئون نڪور ڪات (جيڪو استعمال نه ٿيو هجي).

ڪڍيا ڦهري ڪوڏ سان، ڪجل ڪورا ڪات.

گاروڙي ٿيا گهات، گهورن جي گهمسان ۾.

(محمد فقير، بيت۔249، ص۔293)

• **ڳُوزا:** واحد. ڳوزو. ذ. [ف] پاڻي رکڻ لاءِ ٺڪر جو ٽونٽيءَ سان لوٽو. ڳرو. ٻڌنو. ڪونرو.

چوڙ مصلي عصا ڪوزا، وير وسان واري،

جوڳي جُڳ چڳ جوڳ ڪماون، جوشي جگر ڪر جاري

(محمد فقير، سُر ڪيسوري، ڪافي۔3، ص۔181)

• **ڪُوڪ:** ث. وڏي آواز سان سنهي نڙيءَ وارو سڏ- واڪو- رڙ- ريهه.

عدم ڪٿان عشق تي، آواز ڪيو مون،

ڪن فيڪون ڪوڪ سان، قواز ڪيون مون.

(محمد فقير، سُر ديسڪار ڪافي- 1، ص- 231)

• **ڪوُنتل:** ذ. [تُرڪي= ڪوتائل] سُوار چڙهيل وهٽ سان گڏ پيو سنجيل خالي وهٽ- بنا سُوار وهٽ. بنا لغام جي وهٽ. گهوڙي جو وڇيرو- ٻهاڻ. ٻيڙيءَ جو هڪ قسم. شاعر مطابق بيائي ڪان پاڪ دل.

عشق "محمد" آتش لائي، وِسر ڳئي ٻي سيڪا وائي،

قلب ڪُونتل قرب ڪُڏائي، ويک اُلٽ آنهد اور.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي- 18، ص- 19)

• **ڪواز:** قواز. ذ. [ع. قواعد= پريڊ] فوجي چپ راست- فوجي نقل و حرڪت. حرڪت- ڇُرپُر. حرفت- ڪيڏ- اٽڪل بازي- چالبازي. (صفت) ڪميڻو- بي حيا- بي شرم- رذيل.

اڏاٽو بي اوچتو جنهن پکيءَ ڪيو پرواز.

ٻڌو سين بروج جو ڪو ڪندهاري ڪواز.

(محمود فقير، خيري، ص- 137)

• **ڪيتڪِي:** ث. [سن. ڪيتڪهہ] ٻوٽيءَ جو هڪ قسم. گل جو هڪ قسم.

ڪيتڪي ڪل تانگر لالان، چينڪ چيٽ چٽائي چالان،

ڦٽي ڦول خزان ڪر تالان، تي سبزي سرس سوائِي هي،

سُرخ سهڻي صاف صحن وچ.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي- 5، ص- 168)

• **ڪيِر:** ث. ڪنهن شيءِ جا ذرا ذرا- ٽڪر ٽڪر- ڀور.

برا يتارا ميا متارِي، چائيندا ڪاٽ ڪير دي قنڌارِي،

جنهن داناٿا لک هزارِي، اُنها گيهڪو ڪجهہ نہ گهتايا هئي.

(محمود فقير، ڪافي- 63، ص- 84)

• **ڪِرُ:** ذ. [سن. ڪيلُ= وڏو ڪوڪو] لوهہ جي ڪِلي. ڪِلُ. ميخ. ڪِلو. ڪيل. برڇي. ٻڙڇي.

ڻلي تو مروان کي، ڦهري لڳندا ڪِير،

موليٰ هٽندئي مُڪ مغز ۾، تاب تکي سان تير.

(محمود فقير، موالي، ص_128)

• **ڪِيرَتَ:** ث. ڳالهہ وارتا_ حڪايت_ ڪهاڻي_ روايت.

علم عقل مت شرم شريعت، عشق نہ ڄاڻي ان جي ڪيرت،

برهہ بهادر تو ڪري سيرت، ورهہ وارن سان ورايو.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي_19، ص_19)

• **ڪيفَ:** ذ. [ع] خُمار_ هڏ_ هو_ نشو (شراب يا عشق وغيره جو). نشبا ڪڙائي_ ننڊر.

• **ڪيفِي:** ذ. ڪيف وارو (واري) ڪيف ۾ آڻيندڙ.

رمزان ڪيف ڪڪوريل ڪيفي سرمس سنگينون سُرخي صيفي

ستي سرواهيون ڪيون سخن ستيون ستيون.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي_22، ص_21)

• **ڪليمِي:** (ڪلِيمُ) ذ. [ع] ڳالهائيندڙ_ ڳالهہ ڪندڙ_ هم سُخن_ هم ڪلام_ الله سان هم ڪلام_ سُخن گو. (اسم خاص) حضرت موسيٰ ع جن جو لقب.

انا احمد بلا ميمي، قرب ڪُن فيڪون قديمي،

سمجهي ڪوڪو قول ڪليمي، قائم قدرت وارو.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي_64، ص_101)

• **ڪِينَ:** ظرف. ڪي ڪين_ ڪجهہ بہ نہ_ بلڪل نہ_ عدم_ بنهہ نہ_ صفا نہ_ نيستي_ اصل نہ_ خالي_ اجايو_ نفي. نابودي_ فنا.

درد فراق فڪر جي فن سان، ڪِينَ ۾ قرب ڪمائج تون،

هِردي اندر جهاتي پائي خيال سان خيال جڳائج تون.

(محمد فقير، سُر بنس، ڪافي_6، ص_158)

• **ڪيھِي:** (ڪيھو). ضمير. ڪيئن ـ ڪھڙو. ڪچاڙو ـ ڇا. (ث. ڪيھي).

نگاري نظم ڇي بھاري بزم ڇي،

حُسن جي حڪم ڇي ڪيان ڳالھ ڪيھي.

(محمد فقير، سُر پھاڙي، ڪافي ـ 1، ص ـ 122)

اڄ ڏنو آھي ڏيھ اڳون، ٻي خير ھتيڪي خبر،

آھي قرض خدا جو فرض نماز پيل ڍي ڪيھي بات.

(محمود فقير، ڪافي ـ 50، ص ـ 76)

ڪ

• **ڪانجاٽا:** واحد. ڪانجاٽو. ذ. رنڊڪ ـ جَھلُ ـ آڏ ـ رڪاوٽ ـ سيڙپ ـ دير.

ڪر ڪرين تون ڪوجھا، پڌي بي فائدا ٻم،

تو تر تنھنجي تن ۾، ڪانجاٽا ۽ خم.

(محمود فقير، خيري، ص ـ 137)

• **ڪاھوڙي:** ذ. صفت. ڪوڙ ۽ کھي وارا ڏٽ ڏوريندڙ سخت جان پورھيت ـ ڏٽ تي گذران ڪندڙ ـ ڏٽ ڏوريندڙ ـ جھنگل ۾ ڏٽ ڳوليندڙ. محنت ـ اورچ. ڦيٽائي ـ منترباز ـ منتري ـ منڊ رکندڙ (ناڻگ جي چڪ تي) جھاڙ رکندڙ. جھاڙائي ـ مانڊو. جھنگ يا جبل ۾ اپرندڙ وڻن مان ميوا يا ڦل ۽ گاھ مان آن ڳوليندڙ يعني ڏوٿي ـ ڏٽ ڳوليندڙ. فقير ـ الله لوڪ ـ بزرگ. مولي ڪي دل ۾ ڳوليندڙ ـ سالڪ.

پاڻي پيچ پتنگ جان، پچڻ سان پورو،

ڪولي ڪيلن ڪيل ٿا، ڪاھوڙي ڪورو،

نوراني نورو لاٿي لٿون سان لعل ٿيا.

(محمد فقير، سي حرفي ـ 2، ص ـ 250)

• **ڪَٿُوري:** ث. [سن. ڪستُوري= سُرهاڻ] هڪ خوشبودار وکر. سُرهاڻ۔ هرڻ جي ڌُن مان نڪتل خوشبودار شيءِ. ڪستوري. مُشڪ۔ خوشبودار ٻوٽيءَ جو هڪ قسم.

عطر عنبر گلابي گل. ڪلي خوشبوءِ ڪٿوري جي،

شمي جي سيج تي سُرهي، وصل وارن وِهاڻن سان.

(محمد فقير، سُر ڪنيات، ڪافي۔8، ص۔225)

• **ڪَنَا:** واحد. ڪنو. (اسم) ڪنو ڏُڏُ۔ جهڻ۔ آچ۔ چاچ۔ مِهي۔ لسي۔ ڏونرو۔ ٻگهاريل مکڻ مان ڪاڏي لاٿل بچت. ٻگهريل مکڻ تي گجي.

ڇيڪاريو ڇيلا ترسن تڙن تي، بر ۾ اڏين تا ڀاٽا.

ڪير ڪناڙي مواريان، مارو منهنجا ڪيندا.

(محمود فقير، ڪافي۔47، ص۔72)

• **ڪنٺهار:** هڪ قسم جو گل ۽ ان جو وڻ. هي هڪڙي قسم جو گلاب آهي. مگر رنگ جو اڇو ٽيندو آهي. فارسيءَ ۾ "گل مشقين" عربيءَ ۾ "ورحيني" ۽ سنسڪرت ۾ "سويتي" چوندا آهن.

سرو صنوبر سورج سُوسن. گهليئي گل گلابي گلشن.

ڪيتڪي ڪيئي لالان جهرڪن. ڪيتي ڪليئي ڪنٺهار

اکيان وچ اظهاري آئي.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي۔6، ص۔168)

• **ڪپ:** ذ. ٺيڪ۔ پورو۔ برابر۔ بيهڪ (ظرف) مضبوط۔ ڏاڍو۔ سوگهو۔ پڪو. گهرج. ضرورت.

حبس ڪر تون دم جو چڙهي ٻي سپ ڪپ يار.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي ,67، ص۔45)

يارا اڙانگي، سٽ سانگي، لنگهه لانگهي لڙدي،

ونگ ورڙن، جنگ جوڙن، ڪپ ڪوڙن ڪڙدي،

(محمود فقير، ڪافي۔56، ص۔81)

- **ڪَپِرَ:** لوهہ جو اوزار (جنهن سان کُڇي جي ٽوپيءَ جي صفائي ڪجي). نانگ جو هڪ قسم ـ زهري نانگ جو هڪ قسم.

ڪپر ڪڻ پدم پيا، تليهر توڙان توڙ

جوڳير جي جوڳ جا، ڪري جنگي جوڙ

"محمد" پڏي موڙ اکين ۾ اثبات ڪيا.

(محمد فقير، بيت ـ 74، ص ـ 272)

- **ڪَجُ:** ذ. پت ـ ڪچڻي ـ رڏل چانور، گڏجي ويل ـ ملاوت ٿيل.

بخت اسان رو پلاشڪ آسي، گڏ گناڻتان ڪنڊان ڪچ ڪاسي.

(محمود فقير، ڪافي ـ 74، ص ـ 98)

- **ڪدڙي:** (ڪدڙو) ذ. صفت. [سن. شنڌگ، ڪَنڊڪَ= نامرد] بي مڙسيو ـ خنثي ـ مخمنث ـ خصي ـ نرماد (گڏ) ـ ضعيف ـ ڪمزور.

شهبان ملي آوان پلي ڪاهي ڪدڙي

لکين لوڪ ڪندا ٺوڪ، توتي خوب کِلڙي

(محمود فقير، ڪافي ـ 25، ص ـ 58)

- **ڪُرڏو:** ذ. صفت. ڦريل پيرن وارو (ماڻهو يا جانور) ـ ڦڙيل پير وارو ـ ٻونبڙي پير وارو ـ ڦِڏو.

منٻي[8] جهڙو موراڇي ٽور ٽلندو

ڪاٿي ڏار ٿيو هوشيارا ڇي ڪُرڏو ڪلندو.

(محمود فقير، ڪافي ـ 69، ص ـ 91)

---

[8] ڳوٺ موسيٰ ڪتياڻ ۾ ٺارو خاصخيلي نالي هڪ ماڻهو رهندو هو جو ٽنگ کان منٻو هوندو هو. ڪل مک ۾ چرچائي بہ هوندو هو. هڪ دفعي، محمود فقير تي بہ چرچو ڪيائين ۽ فقير کي چيائين تہ "اهڙو شاعر پٽ آهين تہ مون تي ڪا اِتي جو اِتي ڪافي ٺاهي ڏيکار"! جنهن تي محمود فقير متاثر ڪافي ٺاهي. (ڪلام محمود فقير ڪتياڻ)

• **كِرسايون:** واحد. كرسائي. ث. گيسر- سيڙ- كوسقيتائي- سيڙاپو.

باهيون توکي پنگ جون پيا آمل جا آواز

چڏ خبيث كرسايون كوڙا كر نہ بياض.

(محمود فقير، موالي، ص_130)

• **كَرِي:** ث. صفت [سن. كَلُ= سچ پچ] سچي- صحيح- پوري پوري- چٽي- ٺيڪ- چڱي- سُٺي.

آيا پرتئون پياسي پيرَ پري، رکي ديد دري پر ڏيان ڏري،

سر ڪلنگي قائم قرب ڪري، سُٺي خيال وارن چي خبر کري.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي_55، ص_96)

• **ڪِڙڪيون:** واحد. ڪڙڪي. ث. دري- ڳڙکي- جاري- جهروڪ- پٽ ۾ سوراخ. جاءِ ۾ ننڍو جارو. پٺيون در- چور در- ڳجهو دروازو. (ڪِڙڪڻ) وجهڻ- آواز ڪرڻ.

گوراڙيون گسن تي مچي ٿيون متاريون،

ڪَڙڪيون ڪنياڻ چٽي چَڙن جون چُونگارون.

(محمود فقير، ڪافي_6، ص_47)

• **ڪسرايون:** واحد. ڪِسر قَسر. ٺ. سُرِڙ- ڪِسقِس- چُٽيُڻ. ريڙهه پيڙهه- گهيل- گيپاٽ.

خيري ڪري ڪسرايون، مارين جو مدعا،

مهٽا ڏي مَ مرڪ سان، سيائيءَ سڌا.

(محمود فقير، خيري، ص_135)

• **كَلو:** ذ. [كَلَ= چَمر] جُتيءَ جو پادر- موچڙو- ڪِتر- چِتر- نوڳرو- مارڪٽ.

چي: سونهان تي رِڙي سانگهڙ ۾، پروچي منهنجو ڪلو

پاند ٻڌي آهيان پِير جي جانڻ اٿم جَهلو.

(محمود فقير، خيري، ص_134)

• **ڪلوڙڪي:** (ڪلو ڪوهه ۾ وجهڻ) جهيڙو شروع ڪرڻ- جهيڙو جوڙڻ- نفاق وجهڻ- فساد ڪرڻ.

بيتالي بازارڻ ڪا چِپ آهين چرڙي،

ڪوهن ۾ ڪاوڙڪي ٻن پوين شل ٻرڙي

(محمود فقير، خيري، ص_139)

• **ڪنيات:** ث. هڪ راڳ، راڳڻي ۽ سُر جو نالو. اجاڻ- چنڊ جي روشنائي- چنڊ جو سوجهرو. محمد فقير جي رسالي ۾ سُر ڪنيات 32 هين نمبر تي رکيل آهي ۽ سندس (8) اٺ ڪافيون هن سُر ۾ چيل آهن.

• **ڪنجريان:** واحد. ڪنجري ث. [سن. ڪانسيه= ڪنجهو] ساز جو هڪ قسم- وڄائڻ جي جهانجهه- ڪنجهي- دف- ڪدڙن جي وڄائڻ جو هڪ ساز. (ت) خنجر- ڪنار.

ڏُڪڙ ڪنجريان ساز سيبئي ٽن من طبلي تانَ،

رمز انهيءَ دلڙي ريهي

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي_1، ص_1)

• **ڪَڻُ:** ذ. نانگ يا بلا جو هڪ قسم (سِنهو ڪرڙي جي نموني تي، جنهن جي ڪائڻ ڪري ماڻهو بروقت مري وڃي). هَڻ ڪڻ- ڪوڏياري (بلا).

ڪپر ڪڻ پلم ٻيا تليهر توڙان توڙ

جوڳير جي جوڳ جا، ڪري جنگي جوڙ

"محمد" ٻڌي موڙ اکين ۾ اثبات ڪيا.

(محمد فقير، بيت_56، ص_272)

• **ڪُورو:** ذ [ع. ڪورو، ڪوره] سِرن يا چُن پچائڻ جو ٻٺو. شراب جي ٻٺي- ٻٺو. ڏنوڻ جي منهن ۾ ٽانڊن کي تيار ڪرڻ لاءِ ڪنيل ننڍي ڪڏ- لوهه کي تپائڻ لاءِ مٽيءَ جو ٺهيل ننڍو تپٽائون گهر. اُهرڻ جي بيهڪ- چُلهو. لوهارڪي ڪم ڪرڻ جي چُلهه جنهن ۾ لوهه، پتل وغيره تپائجي ۽ رجائجي. شاعر مطابق عشق جو ڪورو- عشق جي باهه.

ڪوڪي ڪيلن ڪيل ٿا، ڪاهوڙي ڪورو،

نوراني نورو لائي لنئون سان لعل ٿيا.

(محمد فير، بيت_17، ص_250)

• **کوءِ:** ظرف. ڪِن ـ ڪڏهن ـ ڪوهه ۾.

ساهه سانگين کي سدا منهنجو ساريءِ
واڳ وطن تي، والي شال واريءِ
کوءِ پيا ڪاج عمر جا، پنوهارن پڄاڻا.
(محمود فقير، ڪافي ـ 6، ص ـ 47)

گ

• **گاج:** ث. صفت. [پرا. گجها= گجگوڙ سن. گجي= گجگوڙ سن. گَرج= گجڻ] گجي ـ ڦيڻ ـ جهاڳ ـ گِڦ. برساتي ڪڪرن جو آواز ـ گجڪار ـ گَرج. شاعر مطابق گاج جو مطلب هيءُ بي بقا دنيا آهي.

دم حياتي هرگز هلڻا، گاج چڙي هي گام،
ڏيک انڌاريءِ ڏرنهين اڳيون ميت دابه مقام.
(محمود فقير، ڪافي ـ 50، ص ـ 77)

• **گاجي:** ڏسو گاج.

نام ڪي 'محمد' مُرلي باجيءِ طبل تراني ترنم تاجيءِ
گيت گگن گُن گفتہ گاجيءِ سُرت نِرت ۾ سُر ڪرسات.
(محمد فقير، سُر ڪونسيه ڪافي ـ 5، ص ـ 176)

• **گاروڙي:** صفت. نانگ جي چڪ تي جهاڙون وجهندڙ. جهاڙو پاڙو پڙهندڙ. شاعر مطابق مرشد ـ گرو ـ رهنما ـ رهبر.

پيد بياس ڪِي بات بتاويءِ گاروڙي گرناري ڪو.
(محمد فقير، سُر ڪونسيه ڪافي ـ 3، ص ـ 175)

عشق دل انگي، وير مُٺ سان ونگي،
جوڳي ڪڏ گاروڙيءِ آروڙي اڙنگي.
(محمود فقير، ڪافي ـ 39، ص ـ 67)

• **گاسو:** ذ. گهاٽو۔ نقصان ڇيهو۔ ٽوٽو۔ ضرر۔ ڇتي۔ هاڃو۔ ڪَس. هرجو۔ زيان۔ ڦِڳ پور۔ تاوڻ.

درخت هڪ ڏالان ڏئوسين، ڇتني جو چوگان،

پنجن تنن جو جهل تون پاسو گاسو آڻ نہ گمان.

(محمود فقير، ڪافي۔32، ص۔62)

• **گامُ:** ذ. [پرا. گامي؛ سن. گامهہ. گدام=ڳوٺ] ماڻهن جي بستي۔ ننڍو ڳوٺ۔ وسين۔ رفتار جو هڪ نمونو۔ وک۔ پنڌ۔ ٽور.

دم حياتي هرگز هلڻا، گاج چڙهي هي گام،

ڏيک انڌاري، ڏرنهين اڳون ميت دا بہ مقام.

(محمود فقير، ڪافي۔50، ص۔77)

گهوران گُر ڪئين گياني گهاٽي گهٽي گهٽي ۾ گهوٽ گهمائي

پري گام گرم ۾ گهارن ڪين گهڙيون گهڙيون.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي۔20، ص۔20)

• **گانجي:** (گانجو) ذ. [سن. گنجنڪهہ> گونج= گانجو] ڀنگ جي ٻوٽي جي گلن ۽ گونچن مان تيار ڪيل نشيدار شيءِ (سلفيءَ يا بيڙيءَ ۾ وجهي ڇڪجي). چرس. چرش.

گانجي جا آهيون گاروڙي، ڪايون مانين ڪاروڙي،

سمهون ڏينهن ساروڙي، وٺي ننډ وٺي وٺي.

(محمود فقير، ڪافي۔70، ص۔92)

• **گَتِ:** [سن. گت> گتي] عادت۔ خُوءِ۔ نيم۔ ڍبُ۔ دستور۔ وجهہ۔ ڍنگ۔ علت۔ هير۔ رهہ۔ پر۔ ريت۔ رسم. نمونو. وٽگ۔ طرح۔ وضع۔ طريق۔ طرز. اطوار۔ چال چلڻ۔ آچارڻ۔ رهت۔ شيوو۔ لچڻ۔ ارڪان۔ سياءَ۔ خصلت۔ چال۔ روش.

امل ڪاڻ اداسي تون، تو ڪي ڪتي واري گت،

پيرا ڏين تون بازر ۾، اها گاندو تنهنجي گت.

(محمود فقير، موالي، ص۔138)

• **گتيان:** هن لفظ جي هي معنيٰ تہ "گتِ" واري آهي. ېي معنيٰ اٿس: سازن ۾ طبلي جو نرماد جو مليل آواز. جيئن: ٽين تار- جهپ تاريا گت تار- ڏارو ڏار. سُر- راڳ- ترانو- تال ميل- سُريلپڻ- آواز. نچڻ جو ناٽ- نچڻ وقت سورهن ئي عضون جي ظاهر ڪيل حرڪت. سماء- سُڌ- معرفت- سڪ- پروڙ- ڄاڻ- ڏاڌ- سمجهہ- خيال- ويچار.

طبل تال لحن لعل 'محمد' ڳالهہ ڳتيان،

مٿي دي مام وچ مُدام ڪر گرام گتيان.

(محمد فقير، سُر بنس، ڪافي- 11، ص- 160)

• **گُپتُ:** ذ. [سن. گپت=لڪل] مخفي- ڳجهو- پوشيده- ڇپيل- ڍڪيل- اولائتو.

ڏسيو مرڪي ميت ڪي، وهنجاري ٿو وار

غسل جو گپت ۾، ڪفن ڪوس خوار.

(محمود فقير، موالي، ص- 129)

• **گَجُ:** ذ. صفت. زناني چولي جو هڪ قسم- ڪنجرو- ڪنجري- انگيا- انگي- چولي (ريشمي ڪپڙي خاص ڪري ڳاڙهي رنگ جي ڪپڙي تي هٿ جي ڀرت سان ٽڪرين لڳل پيٽي، جنهن سان ڇاتي ۽ پيٽ ڍڪيل ۽ ٻئا اُگهاڙا هوندا آهن).

گج چُني ڇُونڊ سان پاتو اٿم پڙو

تون اُستاد آهين، تنهنجو ڏسان ويئي نڙو.

(محمود فقير، ڪافي- 71، ص- 92)

• **گجڪارَ:** ث. [سن. گرجُ= آواز] شينهن، هاٿي وَ يره جي دانهن- برسات جي وقت ڪڪرن جو پاڻ ۾ ٽڪرجڻ جو آواز- گوڙ- گجگوڙ- گرجنا- گاج- ڪڙڪو- ڏڏڪڙ- ڏڏڪو- ڪڙڪاٽ- گهوگهاٽ.

گوهر گرناٽ دي گفتي، گگن گجڪار هي ڪيتا.

عجب گمسان ڪر گوڙان، وحدت وسڪار هي ڪيتا.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي- 14، ص- 16)

• **گجگاھہ:** ذ. صفت [سن. گَج= هاٿي+ گاھہ= جاءِ] هاٿي جي رهڻ واري جاءِ. گهاٽو جهنگ. جُوهيل ٻيلو. تمام وڏو. ڀاري. ڳرو. اجهاڳ. ڀِريو. ڳرو. وڏو آڙاھہ. بِرپٽ جيڏو. بلڪل وڏو. بيحد. نهايت گهڻو.

بادل برسي ڀاڳ پٽن تي، چوهي ڪيا چڇڪار

ڪنوٽيون ڪڙيون، گجگاھہ ٿيون گوڙيون، ويڙ مٿي وسڪار.

(محمود فقير. ڪافي.8، ص.49)

• **گداگَر:** ذ. صفت. [ف] گدائي ڪندڙ. بيک پنندڙ. خيرات وٺندڙ. پينو. فقير. گدا. بکاري. منگتو. سوالي. پينار. پينڙات.

تنهنجا مُطيع شمس و قمر، ماڻهو ملڪ جِن و بشر،

ارض و سماء تارا شجر، توڙي گداگر چا امير.

(محمد فقير، سور ڀهاڳ، ڪافي.24، ص.67)

• **گُر:** ذ. صفت. [سن] مرشد. وڏو. استاد. رهبر. ڏُڙُو. مهندار. اڳواڻ. چُڙُ. گت.

اسم جسم دي جلوه جنگي، چشم دي چالان،

گُني گُر گهُنڊ گهور ڏنوسي.

(محمد فير، سُر بلاولي ڪافي.2، ص.7)

• **گرامَ:** ذ. [سن. گِرام= آواز] راڳ جي آوازن جو انداز يا ماپو. (ٽي گرام: ڪرج گرام= آهستي آواز. مڌم گرام= وچ وارو آواز نکاد گرام= ڏاڍيان وارو آواز). راڳ ۾ آواز جي اُتڪ.

رمزان رمزن جي رندي رنگ ۾ رتيون رتيون،

ڪري راڳ رقص ڪولي گرام گتيون گتيون.

(محمد فقير. سُر پيروي، ڪافي.22، ص.21)

• **گِرد:** ث. [ف. گِرد= چوڌاري] چڪَرُ. ڦيرو. گهمرو. آسپاس. چوطرف. چوڦير.

اڙينگ اڪيون عاشق جون ڪجل پائن ڪاني،

گِرد ڪن گرد ڪٽوريون سُرهي سينگار جون.

(محمود فقير. ڪافي.21، ص.56)

• **گَرڙا:** واحد. گرڙو. ذ. صفت. گري جو اسم تصغير. متيءَ وارو- گَرو- ميرانجهڙو- ميراڻ تي مائل- ميرو. چوپائي مال جي چمڙيءَ تي ٿيندڙ هڪ بيماريءَ جو قسم (سڄي چمڙي کُسي وڃڻ) - گَرَ.

بخت اسارو بلاشڪ آسِي، گڏ گناڻا کنبان ڪچ ڪاسِي،

ساڏ سمن ڪي گڏ گرڙا گهمسان.

(محمود فقير، ڪافي-74، ص-98)

• **گِرناري:** صفت. گِرنار جو رهاڪو- گرنار وارو.

پيد بياس ڪِي بات بتاوي، گاروڙي گرناري ڪو.

(محمد فقير، سُر ڪونسيه ڪافي-3، ص-175)

• **گُرُو:** ذ. صفت. [سن] هندن جو مرشد- سڌي رستي آڻيندڙ. (اصطلاح) گوهر- ماهر- مانائتو- عزت وارو.

گرو مان نہ آهيان چيلو اصل عشق امين اڪيلو.

(محمد فقير، سُر پوريا، ڪافي-6، ص-148)

• **گُڙن:** مصدر. گُڙڻ. [سن. گُرڻ. پرا. گهگهري= آواز ڪرڻ] گجڻ- گوڙ ڪرڻ- مست اُٺ جو آواز. هاٿيءَ جو چهنگار ڪرڻ. چپن پر ڳرو ڳالهائڻ.

رينڊ زنڊين سان ٻوٽ ٻڌائون، سي گونگا ڪيئن گُڙن.

(محمود فقير، ڪافي-24، ص-58)

• **گَزُ:** ذ. [ف] فاصلي جو ماپو- ٽن فوٽن ماپ وارو ماپو- وال- گزي- (ڪاٺ يا لوهہ جو) تير- ٻاڻ- ٽڪو- ٽُنڪو. سارنگيءَ جي ڪمان.

لڳا گز اندر وچ گهيرا. تنهن دا چايان ڪٿون پيرا.

(محمود فقير، سي حرفي، ص-145)

• **گفت:** ذ. [ف. گفت= هن چيو] ٻولي- ڳالهائڻ- گفتار- ڳالهہ ٻولهہ. حرف- لفظ جملو.

پسي پنهنجو پيچ پسڻ جو گونان گوني گفت گيان.

(محمد فقير، سُر ڪاريهل، ڪافي-7، ص-187)

• **گُفتارَ:** ث. [ف] ڳالھ ٻولھ۔ بيان۔ واردات۔ گفتو۔ ڳالھائڻ۔ گفتگو۔ وارتا۔ تات۔ پچَر۔ وائي۔ چؤپچو.

چار ويدون سي ويديہ نڪلي, گندرپ گُن گفتار ڪيا.

(محمد فقير, سُر ڪونسيہ ڪافي۔6, ص۔176)

• **گگَنُ:** ذ. [سن. گگن= آسمان] اُڀ۔ آسمان۔ آڪاس۔ فلڪ۔ چرخ۔ ڌرتي ۽ آسمان.

صورت صُراحي سُرساڻ ساري, بيشڪ بزم ۾ برسر بهاري,

برسيو بغل سان برحال باري, گياني گگن ۾ گلزار گُر جو.

(محمد فقير, سُر پيروي ڪافي۔9, ص۔14)

• **گگھريون:** گاگھرو (گھاگر) گگھريون۔ گاگھريون. گھاگھريون. گھاگھر۔ گھاگھريون۔ وڏا دلا۔ وجائڻ وارا گھڙا/ گھاگر پاڻيءَ ڀرڻ لاءِ دلي ڪان وڏو گھاگھرنالي ٽانءُ.

گھڙا جنھين جا گوهر گھگريون مٿي تي مرڪن,

سينھوڙيون اٿن سوڪڙيون سي جنھور جيئن جهرڪن.

(محمود فقير, ڪافي۔9, ص۔49)

• **گگھيرن:** (گگھيرو) ذ. صفت. گگھي وارو. گگھيلو۔ گگھي جي سجاٽپ وارو (بلوچ).

چوري چپر چولي, رائي منجهہ رولي,

گگھيرن جي گولي, سسئي آهيان ساري!

(محمود فقير, ڪافي۔20, ص۔56)

• **گل برگ:** گلاب جي گل جي پنکڙي.

قسم کنيو سي اسم الله دا, سيد دي بہ سُونهارِي دا,

گل برگ هليا 'محمود' ڪون, بهشتي باغ بهاري دا.

(محمود فقير, تيھ ڏينهن, ص۔120)

• **گُلزار:** ٿ. صفت. گلن مان ڀريل چمن- گلستان- ڦُلواڙي- تختہ گل- گلن جي ڪِياري (صفت) شاداب- خوش آب- هَريوڀريو- سرسبز.

صورت سهڻي شيخ جي، سارو سمجهي سير،

گم ٿي ڪيڏي غير، گاروڙي گلزار ٿيا.

(محمد فقير، بيت-132، ص-279)

• **گلفامُ:** ذ. صفت. [ف] گل جي رنگ جهڙو- گلاب جي گل جهڙو- گل اندام- گل رُوءِ- گلسوءِ، سهڻو- خوبصورت- حسين، محبوب- معشوق.

بادِ صفا بهاري، مٺيگون جي ملاري،

سُر سان ڪٺي سواري، گلفام ايندي ويندي،

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي-11، ص-6)

• **گَلو:** اُٺن جو وڳ- وڳر- ولر- گلر- قطار- ڏرَ- ساڳو. ساٿ.

ڍِڳا، مينهون اُٺ آهن، گورب منهنجو گلو،

شاهہ پسند گهوڙو سو ڀتارو ڀلو.

(محمود فقير، خيري، ص-134)

• **گُمانُ:** ذ. [ف. گمان= شڪ] شڪ- شُبهو- ظَنُ- ڀرم- فهم- وِسوسو، خيال- قياس- قياس آرائي- ويچار- دليل.

'آلانسان سِري' جي سِر ۾، ڇڏي غير گمان.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-58، ص-98)

• **گمسان:** ذ. گوڙ- گڙٻڙ- وڳوڙ- فساد- لُٽُ- شور- هُلُ- هُجوم- ڀيڙَ- گهمسان- مانڌاڻ.

گهورن جي گرم بازي، گمسان جي نموني،

گهائي ٿو گهوٽ گوهر، گُر گيان جي نموني.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-16، ص-115)

• **گمساني:** گوڙ واري- وڳڙ واري- فساد واري- هُل ۽ هجوم واري- مانڌاڻ واري

ڌم ڌم ڌم دي ڏيان ڌمالي گُني گاني گياني گمساني.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-37، ص-140)

• **گُن:** ذ. گڻ- عبادت- خصلت- وصف- صفت- خاصيت- جوهر- اثر- تاثير. لچڻ- قابليت- لياقت- دانائي- هوشياري- ڏاهپ- سياڻپ. احسان- وڙ- ٿورو- لائق. هنر- حرفت- ڪاريگري

گُر تي گگن ڪِي گادي، گُن گيان هورها هون.

دم دي ڌمال دائم ڏُن ڏيان هو رهاهون.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-12، ص-15)

• **گَنجُ:** ذ. [ف. گنج- خزانو] ڍڳ- ڪوڙ- انبارُ- هنبار- جهجهو- گهڻو- پنجن جي انگ پوئتان برڪت لاءِ "گنج" چوڻ. گهڻو- اڻ ميو- هيڪاندو- سرسُ- انيڪ- بي انت- پندار- خزانو- راهه- ٿهو- ڪوڙي- انبوهه- ميڙ- ڍير- ڏن- سٿو- گُدام- ذخيرو- گهڻو مال.

چلا ٿيا اظهار عشق والي اسرار

ڪتر مخفي ڪل ڪر گنج گلزار.

(محمد فقير، چلولوڙائو ڪافي-1، ص-242)

• **گندري:** ث. مهاڻي. (اسم خاص) نوريءَ جي نيازمنديءَ وارو نالو.

چڙهي ڏولي مٿي گندري، مهاڻن ميل ڪيو مُرڪي،

رقص رس راڳ رنگ پورو رتو روحي رهاڻن سان.

(محمد فقير، سُر ڪنيات، ڪافي-8، ص-225)

• **گنڌارُ:** ذ. [سن. گنڌار] راڳ جي ستن آوازن مان هڪ آوازن مان ٽيون نمبر آواز. علم موسيقيءَ جي ٽئي سُر جو نالو. ريکب کان هڪ درجو مٿي. پيرو راڳ جي هڪ راڳڻي.

سُر ريکب گنڌار منڌم پا ڏيوت نِڪاد سرگرم.

(محمد فقير، سُر ملار، ڪافي-4، ص-102)

• **گؤاز:** ذ. ٽپ- وڏو چال- ڇلانگ.

ڏڪڙ ٻڏئي ڏهلڙيون، پيو دردر تي ساز

بد ٻڱالهائي ٻچڙي، ڏس گولاڙيءَ جو گؤاز.

(محمود فقير، خيري، ص-137)

• **گوٺ:** گوٽو. ذ. سون يا چانديءَ جو ڪلا بات- سونهري يا اڇي ڦيت- ڪناري- وٽ (زالون سونهن لاءِ اوڍڻ ۽ ڪُرتين لاءِ ڪم آڻين).

سرڙ ساموندي ارڙيتارا، ناميل نرڙ نغارا.

دم دنيا دا غم بندي ڪون، هٿي سپ گوٺ خسارا.

(محمود فقير، گهوڙي جو قصو ص-102)

• **گوجن:** (گوچ). ذ. غور- پتاڪ.

آدانت مين آتم گياني، گوجن ڪِي ڪُڇ ڪاپ نهين.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي-11، ص-178)

• **گوراڙيون:** واحد. گوراڙ. ذ. ٻڪريءَ جو ننڍڙو مادي ڦر يا ٻچو. نانگ جو هڪ قسم (گهٽو ڪري پاٽيءَ ۾ هلي).

گهٽيون گوراڙيون، ٻهڪن ٻڪراڙيون،

چوڏار چوڙيليون، سي چارين ٽيون.

(محمود فقير، ڪافي-12، ص-51)

• **گورب:** مال جا ننڍڙا ڦر.

پاند پٽي آهيان پير جي جانڙ اٿم جهلو

ڍڳا، مينهون، اُٺ آهن، گورب منهنجو گلو.

(محمود فقير، خيري، ص-134)

• **گورَڪُ:** صفت. وڏو- ڏکيو- مُنجهيل.

توہ گنگا گُر گُن گياني، توہ گورک گيان ميان.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي-12، ص-79)

• **گورڪناٿ:** اسم خاص. هٺ يوگي پنٿ جو وڏو گرو- گُرو گورڪناٿ.

موکي هُون ڪِٿ مظهر هُون، ڪِٿ گورڪناٿ مڇندر هُون.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-46، ص-93)

• **گولاڙي:** (گولاڙو) ذ. صفت. ٻانهيءَ جو ٻار- ٻانهو- غلام- گولو.

ڏُڪڙ ٻڌئي ڏهلڙيون، پيو در تي ساز.

بد ڳالهائي بيڙيءِ ڏس گولاڙيءَ جو گؤاز.

(محمود فقير، خيري، ص-137)

• **گُونُ:** ذ. رنگ- ورن. رونق- صورت. قسم.

گهٽا گهوٽ گياني گهائي گهات ڪيا،

ڪري گُون گرمي گهورن سان گهٽي،

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-15، ص-115)

• **گُوناگُون:** ظرف. قسمين قسمين- طرحين طرحين- رنگ برنگي- رنگين رنگين- ڀانتين ڀانتين- مختلف- جُدا جُدا. ذاتيرو.

گُر گُوناگون گياني، لاريب لقب لاثاني،

اظهار اسم انساني، تي صوفي صاف سجانا.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪفي-59، ص-98)

• **گوننُ:** (گل گوننو) ذ. گل جو هڪ قسم (زردي رنگ تي، دل ۽ دماغ کي قوت ڏيندڙ).

نازبوءِ نرگس ٿُقمان ٿُل ٿُل، گوننُ گوهر غنچہ گُهل گُهل،

ڪيتي حال حُسن دي هُل هُل، هرجاءِ هٽ هٽ هڪ هيڪار.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي-6، ص-168)

• **گوهَرُ:** ذ [ف] موتي- لؤلؤ- دُر- صدف داڻو- سپ مان نڪتل داڻو- ڀيڙو. مرواريدُ- جوهر- ماڻڪ- مڻيو. (صفت) داناءُ- ڏاهو- سياڻو- استاد- ڪاريگر- ماهر.

گوهر گُرنات دي گُفتي، گگن گجڪار هي ڪيتا.
عجب گمسان ڪر گوڙان، وحدت وسڪار هي ڪيتا.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-14، ص-16)

گهَڙا جنهين جا گوهر گگهريون مٿي تي مرڪن،
سينهوڙيون اٿن سوڪڙيون، سي جنهور جيئن جهرڪن.

(محمود فقير. ڪافي-9، ص-49)

• **گوءِ:** ث. شرط- بازي- ہن يا وڌيڪ گهوڙن وغيره جي ڀڄڻ جو مقابلو- ڊوڙ. شرط جو ميدان- بازيءَ جي جاءِ.

عشق حُسن دِي بير نگ بازي، سمجهه صحي ڪر تن وچ تازي،
گوءِ ميدانون چاوَن غازي، مِير ڪي مِير دا ڪر واپار.

(محمد فقير، سُر شام ڪلياڻ ڪافي- 13، ص- 214)

• **گيانُ:** ذ. [سن] ڄاڻ- پروڙ- سمجهه- ٻڌي- فهم- ذهن. پُرجهه- وقوف- ادراڪ. شناخت. چيتو- حوصلو. علم معرفت- الاهي علم.

تڳا دين ڪفر جا توڙي، صورت جي پٽي سام،
گهورن ۾ ڏس گيان منهنجو.

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي- 11، ص-6)

• **گياني:** ذ. صفت. گيان وارو- هوشيار- اڪابر- داناءُ- سياڻو- ڏاهو- زيرڪ- عاقل- عقل وارو- هوش وند- سڄوجهه. ڀهڄاڻ- سمجهو- ڄاڻو- پارکو- فهميدو- گُني- هنرمند- عالم- فاضل. علم وارو.

صورت صُراحي سُر ساڻ ساري، بيشڪ بزم ۾ برسر بهاري،
برسيو بغل سان برحال باري، گياني گگن ۾ گلزار گُرجو.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-9، ص-14)

• **گَير:** ث. ڪُتي جي ديبل پونڪ- باهوڙ. ڪلڪل- گهپي- ڇهڙ- ڏمر- چڙپ.

تون ڏرٽو هٽين دعوتن تي، ڪرين ڪُتي واري گير.

(محمود فقير، موالي ص-126)

• **گيڙُو:** ذ. [سن. گوير گ] رنگ جو هڪ قسم ـ ليارِي رنگ (جو سيناسي پنهنجن ڪپڙن کي ڏين). صوفين ۽ سناسين جي پوشاڪ جو رنگ.

سِر سينگاري هليا، گيڙو ٻڌي گهوٽ،

'محمد' چڙهي چوٽ، نانگا مليا ناٿ کي.

(محمد فقير، بيت ـ 6، ص ـ 265)

• **گيسِي:** مصدر. گيسي ڪرڻ. نهايت عاجزي ڏيکارڻ ـ توبهه ڪرڻ ـ بان ڪرڻ ـ گهٽو ٻچتاءُ ڪرڻ ـ وري ساڳيءَ طرح (ڪو ڪم) نه ڪرڻ جو ٻول ڪرڻ.

تُسان ٻنهان ڪنهن دي چٽي نه لڳو

اسان ٻنهه ڪيتي چا هُڻ گيسي.

(محمود فقير، ڏمالي، ص ـ 114)

• **گيلَ:** ث. پڪيڙ ـ ويڪر ـ وڏاءُ ـ موڪراڻ ـ ويڪراڻ ـ گودو ـ گهيرو ـ چڪر ـ ٿولهه ـ ڪشادگي.

ذوق ضمير، عشق امير، ويک حمير، هس هادي،

ڪيليم ڪيل، هٿي دي ميل، گوهر گيل، ڪر گياني.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي ـ 31، ص ـ 25)

• **گيلا:** واحد. گيلو ذ. صفت. چريو ـ مستانو ـ ديوانو.

جت ڪنهين ٻي مت ميڪون، ٺوڪ ڏتوني ٺيلها،

اُٺ آيا ڪر ڄُٺ ڳيا، گل چائي ڳيا هي گيلا.

(محمود فقير، ٺيهه ڏينهن، ص ـ 121)

ڳ

• **ڳانا:** واحد. ڳانو ذ. [سن. ڪنٺ= ڳچي] ڳچيءَ ۾ سونهن خاطر ٻڌڻ لاءِ سوٽي يا ريشمي رنگين ڏوري ـ ڳاني. پرت جو هڪ قسم. ڪاريءَ اُن مان ٺاهيل لال شهباز جي دعا جو ڌاڳو. شاديءَ جي وقت گهوٽ ڪنوار کي پيرن يا هٿن ۾ ٻڌل ڪارو ڌاڳو. ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ جو هڪ زيور ـ ڪڙو. هَسُ.

پا عشق دا ڳل وِچ ڳانا، مخمور قران مستانا.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي ـ 59، ص ـ 98)

• **ڳانگيون:** واحد. ڳاڱي. ث. ڏٿ جو هڪ قسم (ليار جهڙو ننڍڙو هيڊاٽو ٿيندڙ). ڳاڱي ٻوٽي جو ڦر.

پڌ پراٽا توهر ترن ۾، ڳر ۾ ڳانگيون وجهون ورن ۾.

(محمود فقير، ڪافي-19، ص-55)

• **ڳجهه:** ذ. [سن. گُهيہ= ڳُجهو] لڪل ڳالهه- راز- ڀيدُ- منجهه- انت- اندر- هام- وِچ- سُرُ.

ڳائون ڳائون ڳائون، ڳالهه ڳجهي ڳُجهه ڳائون.

اکيان والي اشاري، اناالحق الائون.

(محمد فقير، سُر ججهونتي ڪافي-3، ص-231)

• **ڳچ:** ذ. صفت. جهجهو- ڪافي- جال- جام- هيڪاندو- زياده- وڏيڪ- گهڻو- گهڻيون. ڳِپل- ٽُڪر- ڀاڱو- حصو- ٽوٽو. ماس جو ٽُڪر- دڳل- مانيءَ جو چوٿو. وقت جو وقفو. فاصلي جي وِٿي.

پوريت پتنگ پاڻ ۾، ڪن تا ڳالهيون ڳچ.

هُو تا گهرن گلزار کي، هُو تا چون پچ.

(محمد فقير، بيت-24 ص-268)

• **ڳڌل:** فعل ماضي. ڳنهڻ مصدر مان اسم مفعول. خريد ڪيو- ورتو. سوديو- وٽجيو- مُلهه ورتو.

آهيان ٻول ٻڌل، موکي جي محفل مٿ تي مُلهه ڳڌل.

سرهو سرسو ساهه، سخي ڪيو ساغر سان سهٽل.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي- 21، ص118)

• **ڳر:** مصدر. ڳرڻ. ڳري پاڻي ٿيڻ- رِجڻ- وگهرڻ- آٽڻ. پگهرڻ. ذ.ڻ.

ڏينهن اسان ڪون شينهن لڳا، جنهن نينهن لڳا هي نر.

هڪ ڏينهن مر "محمود" وڃي خاڪ مٽي دي ڳر.

(محمود فقير، ٽيهه اکر، ص-124)

• **ڳراٽي:** ٿ. ڳلي ملڻ واري حالت- ڳراٽي- ڳراٽڙي

حسن هُل هُلائي وصل وک وڌائي،

پائي ڳل ڳراٽي ڳڻن سان ڳالهائي.

(محمد فقير، سر بنس، ڪافي- 13، ص- 160)

• **ڳُرهاڙيون:** واحد. ڳُرهاڙي (ل) ڏ. ڳُڙ ۽ گيهه وجهي ڪٽڪ جي اٽي جي پچايل ماني- ٻُسري- ڳُراڙي

نڪاح پڙهون تا ننگ جا، ميڙي نبيءَ سٽ،

ڪاٺون ڳُرهاڙيون ڳوٺ جون، پرم وڏي سان پٽ.

(محمود فقير، موالي، ص- 129)

• **ڳَلو:** ٿ. ڏ. رستو- لنگهه- ڳلي- گهٽي.

تون هڏي ڪرڻ متي تي، ڏي ڳوٺن ڪي ڳلو

پيءَ تنهنجو پنڪيون ڪاٽي در در تي ڏلو.

(محمود فقير، خيري، ص- 134)

• **ڳَلِي ڳَلِي:** ٿ. [سن. گل+ ايڪا= گلي] سنهو ۽ سوڙهو رستو- گهرن جي وچان سنهڙو لنگهه- گهٽي- ڪوچو

پيرين وچ گهنگهرو ڳل پيشوازان،

ڳلي ڳلي وچ ڳنڌونداهي.

(محمد فقير، سُر پوريا، ڪافي- 14، ص- 152)

• **ڳَمُ:** ڏ. گاهه جو هڪ قسم. ڏٿ جو هڪ قسم.

پڊ پراٺا توهر ٿرن ۾، ڳم ۽ ڳانگيون وجهون ورن ۾.

(محمود فقير، ڪافي- 19، ص- 55)

• **ڳُڻن:** واحد. ڳُڻ ڏ. [سن. گڻ] احسان- ٿورو- مهرباني- ڀلائي- لائق- ڀال- وڙ- ڳُڻُ- لڇڻ- عادت- خصلت- خوءِ- خوبي- هنر- فن- لياقت.

حُسن هُل هُلائي وصل وک وڌائي،

پائي ڳل ڳراٽي ڳڻن سان ڳالهائي.

(محمد فقير، سُر بنس، ڪافي- 13، ص- 160)

• **ڳوڏا:** واحد. ڳوڏُ. ذ. صفت. [سن. گودا] وڏو ڏاند. ڳرو مڙس. جنگي جوان- بهادر- سورهيہ- پهلون- ڳوڏو.

ڳاڙها ڳوڏا ڪيڙا، توکي پهرايان پالي،
هاڻي دنگو ڇڏ دالِي، تہ ڪريون پر ڇاءِ پاڻ ۾.

(محمود فقير، خيري، ص-140)

گھ

• **گھاتُ:** ذ. [سن. گھات= موت] مارو- ڪوس- خون- ڪُس- قتل گاهہ- بربادي هيٺ ڪيرائي وجهڻ جي حالت- ڏڪ- زخم. وڏُ. [پرا. گھتا، سن. گھوتا= وجهہُ] وقت- موقعو- وارُ- ول- اوسر- سمجهہ. ارادو- خيال. ڦاهي- ڦند.

'محمد' منڊ، وحدت ونڊ، جهولي چنڊ جهلايا،
ڪجل ڪات، پزم بات، ڪئين گهات ڪرايا.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-72، ص-49)

• **گھارِي:** ث. ڪپڙي جي پيٺيءَ مان نڪتل ڪجهہ تندن واري حالت- وٿي- وڇوٽي- جاءِ- گنجائش- دنگ- ڪٽ- خيال. ڦوٽ- جدائي- ويڇو- رخنو- رنڊڪ. وڇوڙو- فراق.

جوڙي جوان پائن ٿا جهاتيون، رندي رمز سان ڏينهان راتيون،
نڪا گهوٽ وجهن ٿا گهارِي

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-2، ص-75)

• **گھاڻي:** (گهاڻو) ذ. [پرا. گهاڻي> گهات، سن. گهات. گهان+ ايڪا= گهاڻو] تيل ڪڍڻ جي مشين- تيلي ٻج پيڙڻ جو اوزار- چيچڙو- ڪولهو.

برهہ بن بلاول بهاري بشر ڏي،
آپي آپ گهاڻي پيڙا وڃ تئون صدقي

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-38، ص-140)

• **گهري:** (گهرَ) ث. تقاضا ـ خواهش ـ مرضي ـ چاهه ـ طلب ـ دعوي ـ استدعا. ڏٺي سائين جي مرضي. پسندي لهڻو ـ قرض.

رمز رقيب جي، آڌيءَ عجيب جي،

گهري هٿي نصيب جي، سا تہ ڪين ٽري

(محمود فقير. ڪافي ـ 7. ص ـ 48)

• **گهولا:** (گهوريو) خيرات ڪيل ـ صديقي ڪيل ـ قربان ڪيل ـ ٻن پيو ـ بيڪار ـ نڪمون ـ فضول ـ اجايو ـ نهيو ـ ڦيريو.

گيت گگن جو "محمد" گاوي، گيان اُسي گهر گهولاري،

(محمد فقير. سُر ڪونسيہ ڪافي ـ 2. ص ـ 174)

• **گهنڊُ:** ذ. جُهنڊُ ـ نقاب ـ پردو ـ ناز ـ نخرو ـ ماٺو ـ انگل ـ لاڏ. شورُ ـ سُونڊَ ـ مُنهن ۾ گهٽو گهُنڊ.

گهُنڊ کول نقاب شتاب مٺا،

مين تن وچ طلب داتاب ڏنا.

(محمد فقير. سُر توڙي، ڪافي ـ 1. ص ـ 216)

• **گهنگهرو:** ذ. [سن. گهَر گهَرا= زيور جهڙو گهنڊ> گهن=هن= مارڻ+ گهر آواز ڪرڻ> ڪنڪڻي= گهنڊڻي] چير ـ چير جو هڪ داڻو ـ ميٽر. ٻارن جي پيرن جا زيور. هڪ ساز جي وڄت جو قسم.

گهمين "محمد" گام گگن دي، گهڻ گهڻ گهنگهرو دي گهٽڪار.

(محمد فقير. سُر ڌناسري، ڪافي ـ 2. ص ـ 228)

• **گهيڙ:** [سن. گهَٽ= واٽ] پاڻيءَ ۾ گهڙڻ جو هنڌ ـ لنگهہ ـ رستو ـ گهٽ ـ گهيڙ ـ لانگهو.

جانب ڳوليان جهنگ جبل ۾، شاهہ بہ رکندو منهنجو شان،

بير ڪٽان تي شير پنهل جا، رستا گهيڙ گسن.

(محمود فقير. ڪافي ـ 10. ص ـ 50)

ل

• **لَاَ:** [ع. لا= نہ] حرف نفي. نہ. ناڪار. بغير. بنا. ڪانسواءِ. مرڪبات ۾ لفظ جي اڳيان اچي "نہ" جي معنيٰ ڏيکاريندڙ. جيئن "لاشڪ، لاثاني وغيره". دنيوي ديوتائن يا خُدائيءَ جو انڪار. ڪلمي توحيد جو پهريون حرف (جنهن سان دنياوي ديوتائن، خدائن جو انڪار). عدم. نفي. نيستي. تصوف جي پهرين منزل نفي. نفيءَ کان پوءِ ئي اثبات حاصل ٿي سگهندو آهي.

اکيان والي اور اشاري، ظاهر ذاتي سهڻي ساري،

لا ڍي لالي لائي، صاف صفائي.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-42، ص-92)

• **لاَ اِلهَ اِلا هُوَ:**

ساري رات سيج تي، سورهيہ ڪين سُمهن،

'لا اِلہ هُوَ' پر ۾ پاڻ پسن،

ڪنهن سان ڪين ڪهن، ڦيل قرب جي ڪار جي.

(محمد فقير، سي حرفي-3، ص-257)

• **لاب:** فائدو. وياج. سُود.

ڏکيا شکيا ڏينهڙا، ڪاٽا پائنج خواب،

تون اَمل ڪائين اِلاهي، توکي جهتي وارو لاب.

(محمود فقير، موالي ص-128)

• **لاَحَدُ:** صفت. [ع] بناحد. بي حد. اپار. حد کان باهر. بي انتها. ڪُلي. مطلق. لامڪان.

ڇڏي شرڪ شرارت شارڪ شڪ،

لهي لاحد وارو لائق لڪ.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-62، ص-100)

• **لاَخوفُ:** (لاخوفُ عليهم ولاهُم يحزنون (ق) سوره البقره، آيت 122). ترجمو: هنن کي خوف ڪونهي، نڪو هنن کي ڏک رسندو يعني اوليائن کي. (لاخوف جي لغوي معنيٰ) بي خوف۔ بهادر۔ دلير۔ بي پرواهہ مصيبتن کان نہ ڊڄڻ وارو.

• **لاڏُ:** [سن. لَڊِ= کيڏائڻ] ناز۔ نخرو۔چانچلائي۔ البيلائي۔ چاڳلائي۔ بودلائي۔ ماڻو۔ آر۔ انگل۔ ڪوڏ۔ پيار۔ محبت۔ نينهن۔ لنئون۔ موهہ۔ هيج. اخلاص۔ مامتا۔ ڏلارا۔ نٽ۔ فخر.

لُنگ جي لاڏ سان، لائق لال آهيان،

خُوبان خُوب خوديءَ جو خيال آهيان.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي۔28، ص۔121)

• **لاري:** مصدر. لاري لڳڻ. پناري پوڻ۔ آسري تي رهڻ۔ آڌار تي هجڻ. ڪنهن جي ڏتي لڳڻ.

خود ٿي 'محمد' نويميان، برسر برسي الا،

لاحد والي لاريہ 'لا' ڍي لالي بہ مين هُون.

(محمد فقير، سُر جوڳ، ڪافي۔5، ص۔192)

• **لاريبُ:** صفت. [ع. لاريب= بي شڪ] بي شڪ۔ بناشڪ شبہ جي۔ تحقيق. يقيناً. سچي پڪ سان.

گُر گُونا گُون گياني، لاريب لقب لاثاني،

اظهار اسم انساني، ٿي صوفي صاف سجانا.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي۔59، ص۔98)

• **لاغَمَ:** بي غم۔ پريشاني کان سواءِ۔ بي فڪرو، خوش باش.

لامڪان لاهوتي لنگهيا، 'لا' سين ٿي لاغم.

(محمد فقير، سُر ڪوهياري، ڪافي۔9، ص۔185)

• **لافَ:** ث. [ف. لاف= لباڙ سن. لَپِ= اجايو ڳالهائڻ] اجائي يا واهيات ڳالهہ۔ بڪوات۔ لاف زني۔ ٻٽاڪ۔ لباڙ۔ ڊاڙ۔ پڏائڻ واري حالت۔ پڏ۔ غرور.

لام۔ لاڙو لاف ڏي، ڪيم ڪر ڪتياڻ،

سارو دور دنيا جو فنا فاني ڄاڻ.

(محمد فقير، سي حرفي۔3، ص۔259)

• **لاڪي:** ذ. صفت. لاک جي رنگ تي رڱيل۔ لاک وارو۔ لاک جي رنگ تي مائل.

ملڪ اباڻو مون لئه ماڪي، لوئي اباڻي نہ لاهيان لاڪي،

سور سوين هِت مون لئه ساڪي، ڳڻتين ۾ پاڻ ڳاريان.

(محمود فقير، ڪافي۔26، ص۔59)

• **لاڳ:** ذ. ث. لاڙو رغبت۔ لاهہ چاهہ۔ خواهش۔ اِڇا۔ منشا. رضا۔ مرضي۔ الفت۔ پيار۔ محبت۔ پريت۔ موهہ۔ ڀائو۔ ارواح۔ حُب۔ پريم۔ قرب۔ چاهہ۔ شوق۔ دوستي۔ اخلاص۔ مائٽي.

ڏنگ عِشق دا ڏينيو چڪ لڳا پئي چُڙدي،

ڏنوڻ ڏڳي، عشق اڳي، لاڳ لڳي هِن لوليان.

(محمود فقير، ڪافي۔57، ص۔81)

لاوجودي لاڳ سان، 'لا' جي سنگهي لام،

'محمد' واري مام، پسڻ ۾ پڳدار ٿي.

(محمود فقير، بيت۔43، ص۔270)

• **لاڳاپا:** واحد. لاڳاپو. ذ. لڳل يا ڳنڍيل هئڻ واري حالت۔ ڳانڍاپو۔ واسطو۔ تعلق۔ ڳنڍ۔ ناتو۔ ميلاپ۔ گهرائي۔ پيار۔ موهہ۔ پيوند۔ لڳاءُ۔ ربط. نسبت۔ مائٽي۔ عزيزي۔ ياراني۔ عزازت.

ايرادو عشق جو آهي ڏسڻ محبوب کي ڪاهي،

لاڳاپا لوڪ جا لاهي، نهاري نات نوراني.

(محمد فقير، سُر شاهہ ڪلياڻ، ڪافي۔4، ص۔210)

• **لاڻ:** ذ. [ف. لاڻ= ياقوت، ع. لَعلُ= ڳاڙهو] صفت. ڳاڙهو۔ رتڙو۔ سُرخ۔ رَتل يا رَتو. ڳاڙهي جواهرات جو هڪ قسم۔ ڳاڙهي رنگ جو هڪ قيمتي پٿر۔ ياقوت۔ مائڪ۔ موتي.

لنگ جي لاڏ سان، لائق لال آهيان،

خوبان خوب خودي جو خيال آهيان.

(محمد فقير، سُر پيلو، ڪافي-28، ص-121)

- **لالِي:** ڳاڙهو رنگ- لالاڻ، عشق جي لالاڻ- ڳاڙهاڻ.

اکيان والي اور اشاري، ظاهر ذاتي سهڻي ساري،

'لا' دي لالي لائي، صاف صفاتي.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-42، ص-92)

- **لام:** وڻ جي سنهي ٽاري- ڏار- ٽاري- شاخ. ڏيگهه- ڊگهائي- لنبائي- طول. مهاري اُٺ. اجهو- آسرو- پنارو- دامن- پناهه.

لاوجودي لاڳ سان، لا جي لنگهي لام،

محمد واري مام، پسڻ ۾ پڌرو ٿيو.

(محمد فقير، بيت- 43، ص-270)

- **لاماري:** [سن] مصدر. لامارو ڏيڻ. جهٽيون ڏيڻ- واري واري اچڻ- ڦيريون پائڻ- پرواز ڪرڻ. آلي وجڻ- اٽڪل ڪرڻ. لوڏو ڏيڻ.

صاف ساڏو زلف جادو منڊ واڏو وڙهه ڏي،

ونگ واري، ڪر اُلاري، ڏي لاماري لڙ ڏي.

(محمود فقير، ڪافي-64، ص-85)

- **لامقصد:** بنامقصد جي- بنا مطلب جي- لالچ ۽ لوڀ کان سواءِ بي لوث.

معني واري ميگهه ملار، لامقصد ٿيو مقصد منهنجو.

(محمد فقير، سُر پوريا، ڪافي-1، ص-146)

- **لامقصود في الدارين اِلا هُوَ:** (حديث) يعني: ٻنهي جهانن ۾ الله کان سواءِ ٻيو ڪوبه مقصد يا مطلب ڪونهي.

ت- توڪل تار ۾، طالب ٿيا تمام

لامقصود في الدارين، ڪهي اِيءُ ڪلام.

(محمد فقير، سي حرفي-3، ص-254)

• **لامڪانُ:** صفت [ع] بنا ڪنهن نظريي جي- بنا طرفن ۽ حدن وارو مڪان- عالمِ الاهيءَ وارو مڪان. بنا طرفن جي مڪان. بنا مڪان. اڻ ڏٺو غائب. وحدت جي منزل- لاهوت.

لامڪان مڪان 'محمد'، لال لاهوتي لهي،

لاٿان لحن للڪار سان.

(محمد فقير، سُر مانجهه، ڪافي-5، ص-106)

• **لاموجود:** غير موجود- پنهنجي هستيءَ جو نہ هجڻ. الله جي ذات ۾ گم ٿي وڃڻ. لاموجودِ الا الله (قول الفقراءِ) الله کان سواءِ ڪابہ شيءِ موجود نہ آهي.

ميم جو مولهيو پڌي، موجود لاموجود ٿي،

'محمد' سندي مصلات ڪيو مظهر علي مظهر علي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-15، ص-128)

• **لانگوٽيا:** واحد. لانگوٽيو. ذ. صفت. لانگوٽي پڌڻ وارو. لانگوٽ پڌندڙ. پرهيزگار.

لُنگ بند لعل لانگوٽيا، لاهوتي لاٿان.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-27، ص-23)

• **لاهُوت:** ذ. [ع. لاهوتُ= عالم ذات الاهي] عالم ذات الاهي. جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل آهي- صوفين جي چوٿين منزل. لنئون- محويت (اسم خاص) ڪراچيءَ کان چنيهہ ڪوهن جي مفاصلي تي هڪ زيارتگاهہ جو نالو- پبّ جبل جي هڪ وڏي صفي جو نالو. هڪ مڪان جو نالو.

ناسوت ڇا ملڪوت، معنيٰ جبروت، ڇا لاهوت لام،

ها هوت ڇا همدم هنگامون، ياهوت ڇا آهي بيان.

(محمد فقير، پيم پلاس، ڪافي-8، ص-53)

• **لاهوتي:** ذ. صفت. عبادت ۾ محو يا غلطان- آديسي- الله لوڪ- سيلاني- سيار. سچو عاشق- بي پرواهہ- لاهوت لامڪان جي خبر رکندڙ (فقير).

لُنگ بند لعل لانگوٽيا، لاهوتي لاٿان.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-27، ص-23)

• **لائق:** ذ. صفت. نيڪ- ديانتدار- وڙائتو- ڳڻن وارو- لياقت وارو- قابل- سمجهُو- هوشيار- شائستو- جوڳو- جوڳ- شايان- واجب- موزون- مُباح- ٺيڪ- معقول- اُچت.

لامقصود لاهوتي لائق، شاهنشاني شرابي شائق،

لاحد جي سي ڪن تا لات.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-21، ص-82)

• **لَبان:** واحد. لبُ. ذ. [ف. لَبُ= چپ] هڪ عضوي جو نالو- چَپُ.

ڪجل ڪاڪل ڪيف ڪمالي ڪج ڪار ڪجل ڪي ڪالي

ڪج لعل لبان سِر لالي، ڪج روپ روحي رُخسار.

(محمد فقير، سُر ڪنيات، ڪافي-6، ص-223)

• **لج:** ن. [سن. لجا= لَجَ، پرا. لجا= لج] شرم- حياءَ- ڦڪائي- پرم- لِيهه- شرمندگي- پردو- ڍڪ- سچائي- ست- آبرو- حُرمت- ننگ- عزت- ناموس. نڪاح ٻڌل زال- گهرواري- منڪوحه- ڀانهن.

لوڪ لاڳاپا لاهِ چڏي لج، لوڪ لاڳاپا لاهِ چڏي لج.

(محمد فقير، سُر ڪنيات، ڪافي-1، ص-221)

• **لَس:** صفت. بيشمار- گهڻا- هڪبئي مٿان- هڪ ٻئي پٺيان- اڻ ڳڻت- اڪيچار- ڳچ- ڪيئن- جام- انيڪ- ڪيترائي- گهڻائي.

باغ ڏنوسين بيگم جو جت ليمان ڳاڙها لس،

ڦاروا فقير چئي، ڪٽي توت پرايان تس.

(محمود فقير، ڏمالي، ص-116)

• **لَغور:** ذ. صفت. [سن. لنگُور] بزدل- گيدي- بي حياءَ- بي شرم- لُچ- بدمعاش- بي ايمان- لوفر. بي همت- ڍڄڙو- سست- بيڪار- ڪم چور. ٽوڪبازيءَ جو هڪ لفظ.

طاهر طيب، پيراڻي جا پت، ماٺهو مون وٽ مور،

تون برميچين ٿو پائتيي سان، آهين ڪو لُچ لغور.

(محمود فقير، گنگو ص-108)

• **لقائي:** (لقاءِ) ذ. [ع] ديدار- درشن- ملاقات. نظارو- چهرو- صورت- لقاءِ.

چِلا "ط" دي طاقتِ، صفائي صداقت،

لقائي لياقت، ٻنهرا برابر.

(محمد فقير، سي حرفي- 1، ص- 245)

• **لکيسِري:** لکيسِر. اسم خاص. تعلقي کپرو ۾ هڪ ديهه جو نالو. لکيسِر جي رهڻ واري

فضيلت سان فقير چئي، تون وِک وڌائي وَرڙي،

تنهنجو لاڏ لکيسري، تون پنپوران پرڙي

(محمود فقير، خيري، ص- 139)

• **للڪار:** ث. مٺو آواز. سُرُ- ترانو- لات- آلاپ- هاڪار- سڏ- نعرو- ڌمڪي

رعبدار آواز- پڪار- چئلينج. سونهن- سوڀيا- حُسن- زينت. للهڪار.

للڪار لڳي، نروار نينگ هلڪار، ڇپر منجهه ڇولي،

مشڪ عطر، ميدان رنگيا، هبڪار لڳي ويئي هولي.

(محمد فقير، ڪافي- 11، ص- 51)

• **لَلي:** خوشامد- مِنت- عاجزي- محتاجي.

قربان وڃان، مهربان اُتون، جنون لَلي جُهڪايا ليڙا.

(محمود فقير، ڏيهه ڏينهن، ص- 124)

• **لُنگ:** ذ. گوڏ يا سلوار هيٺان ڪپڙي جو لُنگ. لُنگ ٻڌڻ جو ڪپڙو- ننڍي گوڏ-

لانگوٽو- ڪڇو- لانگوٽي- ننڍي چڏي- لانگوٽ. پرهيز. پارسائي.

لالائي لنگ، درس پي مٺي ڏنگ،

ڪري سيفي سُنگ، ثابوتي سلطان.

(محمد فقير، سُر لوڙائو ڪافي- 10، ص- 71)

• **لُنگ بند:** لُنگ ٻڌل- لُنگ چاڙهيل. پرهيزگار- پاڪباز- پارسا (ماڻهو).

لُنگ بند لعل لانگوٽيا، لاهوتي لاٽان.

(محمد فقير، سُر پيروي ڪافي- 27، ص- 23)

• **لنگھي:** لنگھا. اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. مگھار.

ليار هيٺيون هڪ وارڻ وڃان،

مار گهتن چا لنگھي.

(محمود فقير، ڪافي-72، ص-96)

• **لوف:** ذ اگهاڙو- لوٺيو. لوفر- بدڪار.

چوڙ پچايئي پروچ بيشڪ، لوف لنگھي وچ لانگها.

(محمود فقير، تيهه ڏينهن، ص-123)

• **لولاڪ:** [ع] رسول الله صہ جن جي تعريف- حديث قدسي ۾ سرورڪائنات جي تعريف ۾ چيل هڪ ڪلمو (جي ڪڏهن تون نه هجين ها ته هي آسمان به نه خلقيان ها).

شاهنشاهي شان جنهيندا، لقب اصل لولاڪ ٿهيندا،

ميرِ وچ صاف سمايا، هي.

(محمد فقير، سُر ڪسوري، ڪافي-1، ص-181)

• **لُون لُون:** رڳ رڳ- تند تند- تار تار. وار وار.

لُون لُون دي وچ لالڻ لايا، نيڻهن نسنگ نرواريدا،

چشمان دا چالان ڏنم.

(محمد فقير، سور ڏناسري، ڪافي-8، ص-230)

• **لوهُو:** ذ [سن. لوهِت= رَتُ] رَتُ- خُون. اصل- بنياد- نسل.. مائٽ- مِٺُ

برهه بازار جا بانگا، نسنگ نروار تي نانگا،

لنگھي لاحد وارا لانگھا، لڳين لوهو لڳائن ٿا.

(محمد فقير، سُر شام ڪلياڻ، ڪافي-12، ص-214)

• **لِيارُ:** اسم خاص. وڻ جو هڪ قسم- جهنگ جي ميوي جو هڪ قسم.

ليار هيٺيون هڪ وار نه وڃان،

مار گهتن چا لنگھي.

(محمود فقير، بيت-1، ص-96)

• **لِياقَت:** ث [ع] لياقت۔ قابليت۔ صفت۔ حيثيت۔ علميت۔ صلاحيت۔ عقل۔ درجو۔ حاصلات۔ جوڳائي۔ سگهہ۔ لائقي۔ شرافت. لطافت۔ گڻ۔ صداقت۔ خاصيت۔ خوبي.

لقائي لياقت، ٻنرا برابر، سنرا سراسر.

(محمد فقير، سي حرفي۔1، ص۔245)

• **ليڙي:** واحد. ليڙو. صفت. ڍرڙو ماٺهو۔ سُست ڦلڙو۔ موڳو۔ ڍرو۔ آرسي۔ توتي. ڪم ذهن۔ مورک.

پرپات جوا وطاق، ڏسي تاڪ تاڙيون،

هنئين هور تيئم زور، ڏسي محل ماڙيون،

لڳو عيب عمر جو، لقب ڪيس ليڙي

(محمود فقير، ڪافي۔2، ص۔45)

م

• **ماڇر:** (مڇر= وڻن ٽڻن جا گونچ يا ٻور) سايون تاريون (ساواڻ)۔ سرسبز مياڻن وارو ملڪ (اسم خاص). ميرپور ٻٺوري تعلقي جي ڏکڻ ۾ سجاول جي اتر ۾ سرسبز ۾ آباد ڍنڍن واري ايراضي. (صفت) ماڇرائي۔ ماڇر جو وينل.

ساريان تنهن سردار کي، جنهن جي محبت ٻاريا مچ،

تون ڪارِي ڏيجهان ڪُني جهڙي، ماڇر جي آهين مچ!

(محمود فقير، خيري، ص۔134)

• **ماڙُ:** ث [سن. مڙِ= خوش ڪرڻ ۾ سينگار] مدد۔ حمايت۔ واهر۔ شهائتا. دستگيري رهنمائي۔ همراهي اوٽ۔ پنيرائي۔ آڌر. مهرباني۔ احسان۔ وڙ۔ ٻلائي۔ ڪِرپا.

'محمد' تي ڪر ماڙ مُدامي، هادي حزبُ الله،

ورهہ جي ويراڳ وسڻ جي.

(محمد فقير، سُر ڏناسري، ڪافي۔10، ص۔227)

- **مام:** مطلب۔ اشارو. دل جي مراد۔ رمز۔ ڳجهارت۔ رازواري ڳالهه۔ لڪل بات.

'محمد' منور ماڳ مُدامي، ڏيئي مستي جي مک مام آيو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي۔2، ص۔107)

- **مانجو:** منهنجو.

گهنب گنگو شاعر ڪتيا نراري گانرو

عاشق اڳي ها. لڳو نينهن نعرو

من مانجو سو ڦيري جا سِي ملتان.

(محمود فقير. ڪافي۔74. ص۔98)

- **مانجهاندي:** (مانجهاندو) منجهند جي ماني۔ ٻپهرو۔ سفر جي وقت ۾ ٿورو ڊاپو۔ ساعت جو آرام۔ ويرم ڪان پوءِ ڪنهن زال جو پهريون دفعو پيڪي ۾ اچڻ جي حالت. سفر ڪندي آخري منزل تي پهچڻ کان اڳ وچ ۾ ٿوري وقت لاءِ آرام يا ڊاپي کي مانجهاندو چوندا آهن. شاعر مطابق هن دنيا ۾ انسان وقتي طرح رهڻ لاءِ آيو آهي ۽ هن جي آخري منزل خدا جو وصال آهي.

توجو ساٿيهه ياٿيو مانجهاندي جو ماڳ.

(محمد فقير، سُر جوڳ، ڪافي۔3، ص۔191)

- **مانجهي:** بهادر۔ پهلوان۔ سورهيه۔ ٻيڙيءَ جو ونجهه هلائيندڙ۔ ناکئو۔ ملاح.

'محمد' مُدام موڪي، مختيار جي نموني،

مخمور مست مانجهي، مهندار جي نموني.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي۔17، ص۔116)

- **ماڻ:** مائو۔ فخر۔ گهمنڊ۔ تڪبر۔ غرور۔ رتبو۔ وڏائي۔ ناز۔ انداز. آن پرڻ جو ٿانءُ۔ ماپو۔ ماپ۔ پئمانو۔ ڇڄ.

هردم هلندڙ تنهن ۾، محڪم آهي ماڻ،

مُقام ۾ مساڻ، ڳڻي ڳڻيندين ڪيترا.

(محمد فقير، سي حرفي۔3، ص۔259)

• **ماهہ:** (ماهہ پارہ) ذ. چنڊ جو ٽڪر. (صفت) تمام حسين_ خُوبرو_ سهڻو_ جميل.

بي مثل جو 'محمد' مالڪ مثل وارو ماهہ اسانوڻ آيو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي_20، ص_117)

• **مايا:** [سن. مايا. ما= ماپڻ نہ + يا = جيڪا دراصل نہ هجي پر سمجهجي تہ آهي] فريب_ مڪر. ڌن_ دولت. طلسم_ ظاهري روپ. قدرتي طاقت_ رچنا_ کيل_ ڪرشمو.

'محمد' مست و مست مدامي، مستي والي مايا هي

(محمد فقير، سُر ڪاريهل، ڪافي_5، ص_186)

هنڌ ڪنولي، طول وهاڻي، ڪين ٿئي ڪنهن دي بلي،

مال مايا، ست اجايا، چا اِتون ڳئي هٿ نلهي.

(محمود فقير، ڪافي_53، ص_79)

• **مَتِ:** ث. [سن. مَتِ= سمجهہ] سمجهہ_ ٻُوجهہ_ هوش_ فهم_ ادراڪ_ پُرجهہ_ پرروڙ_ هوش_ حوصلو_ چيتو_ عقل. دانائي_ سياڻپ_ هوشياري_ سوچ ويچار_ خيال_ غور_ قياص_ خوض. ڌيان. ڪٿ_ ڏس_ صلاح_ راهِ هدايت_ نصيحت_ سمجهاڻي_ سبق.

لامقصود في الدارين اِلا هُوَ اُلتو سمجهي آت،

'محمد' مٺي جي مت، همہ سان همذات ٿي.

(محمد فقير، بيت_10، ص_266)

• **متارا:** واحد. متارو. ٿلهو_ موٽو (بدن ۾)_ پريل_ ڏٿو مُٽو_ جبرو_ جاڻنو_ رتوبت وارو_ ماس چڙهيل. شاعر جو اشارو. انهن متارن ڏانهن آهي جيڪي موڪي وٽ شراب پيئڻ ايندا هئا. صوفين مطابق توحيد جي شراب پيئڻ وارا.

جزب سان جلالي، دلاور ڏمالي،

'محمد' مٺي موالي، مٺيءَ تي متارا.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي_21، ص_132)

• **متوال:** (متوالو) ڏ. صفت [سن. مت‍> مَت= مستي] مستيءَ وارو- مست- مستانو- ديوانو- مجنون- جنوني. مدهوش- مخمور- خماري- مؤجي.

خود خيال متوال، احوال عالي- خصلات، وصلات والي،

حُسنات، حرفات، حضرات حالي بيدار بازان بردار بالم.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-53، ص-37)

• **مَجازي:** (عشق) صوفين جي مستي موجب حقيقي عشق جو ڏاڪو. "آلمجاز قنطرةُ الحَقيقہ" (صوفين جو قول) هن عشق ۾ صانع جي ڪنهن سهڻي شيءِ جو ڌيان ڪري، انسان صانع جي ڳولا ڪري ٿو.

اظهار ٿي آوازي، محلي مچي مجازي،

قائم ڪري قوازي، اثبات جو آچاڙو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-8، ص-110)

• **مُجتبيٰ:** صفت [ع] برگزيده- پسنديده- چُونديل.

مرشد محڪمل مهلقا، محبت واري ميدان ۾،

محڪم مُدامي مجتبيٰ، مثلات جو مغفور ٿيو.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي-2، ص-54)

• **مُجرا:** واحد. مجرو. ڏ. آداب- بندگي- ڪرنش- تسليمات- نياز- سلامي. نمسڪار سلام. ديدار- زيارت- راڳ- ناچ يا ڪنهن حيرت انگيز ڪم تي ڪيل آفرين- شاباس.

ديگہ زهر جي وِيڳ ولوتيين، مجني ڪي مُجرا،

جهنگ جبل ۾ جنت جايون، هنڌ اُتي حُجرا.

(محمود فقير، ڪافي-16، ص-53)

• **مُجربُ:** صفت [ع] تجربو ڪيل- آزمايل- پرکيل- چڪا سيل- جاچيل- شوڌيل- ثابت ڪيل- سڌِ ڪيل. تصديق ڪيل- ڪشيل. مؤثر- اثرائتو- تاثير وارو. ڪارگر- فائده مند- مفيد.

صاف صفاتي سير جي سانگي، سپائي سانگ صورت جو

صُراحي صاف جي سُرڪِي، پيئان مُرڪي مجرب ٿو.

(محمد فقير، سُر ڪلنگڙو ڪافي-1، ص-188)

• **مَجمعُ**: ذ. [ع] ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جي حالت- اجماع- هجوم- ميڙ- مجموعو. منڊلي- مجلس- جماعت- انجمن- اجلاس.

مجمع مثل مُحسن منڊل، مخلوق مظهر معنوي،

منور مثالي مرتبا، منظور مشيخاني مين هي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-40، ص-142)

• **مُجيب**: صفت. [ع] جواب ڏيندڙ- قبول ڪندڙ- هائوڪار ڪندڙ- اقرار ڪندڙ (محبوب).

عشق عجيب، نر نجيب، مُنهن مُجيب وِڪايو

نرت ناٿ، ڪري هاٿ، سُرت ساٿ سنيايو.

(محمد فقير، سُر بنس، ڪافي-17، ص-163)

• **مَجندَرُ**: ذ. صفت. بيوقوف- مُورک- اناڙي- ڄَسو- احمق- ڪُند- لُچ- حرڪتي- شرارتي.

موکي هُون ڪِٿ مظهر هُون،

ڪٿ گورکناٿ مجندر هُون.

(محمد فقير، سور تلنگ، ڪافي-46، ص-93)

• **محرابُ**: ذ. [ع] هٿيار جو هڪ قسم- ڪمان- ڌنش- ونگ- ڏکڻي (دروازي جي). مسجد جي اُلهندي طرف ڪان ٺهيل ونگدار جارو (جنهن ۾ پيش امام بيهي نماز پڙهائي). گول دروازو. گهڻي نماز پڙهڻ سبب پيشانيءَ تي ٿيل ڪارو داغ.

'محمد' مثل موج سان، مُورت جي محراب.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-52، ص-95)

• **مَحرمُ**: ذ. صفت. [ع. حَرم= هُو نااُميد ٿيو] منع ڪيل- حرام ڪيل- حرام ٺهرايل. ويجهو عزيز- اهو ماڻهو جنهن سان نڪاح ڪرڻ جائز نہ هجي (پيءُ، ڀاءُ، چاچو مامو نانو ڏاڏو وغيره). واقف- واقفڪار- گهرو- گهاٽل ماٺل. ڄاڻ سڃاڻ- روشناس- آشنا- واقف- رازدار- همراز- دمساز- همدم- واقف حال- حال ڀائي- رازدان- ڀيدي

'محمد' منور محرم من دا، برهہ بن بنا بن بن دا،

ڪِتان عشق الاهي امن دا، ڪٽ سير سُوري دا ساياهي.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي-4، ص-167)

• **مُحسِنُ**: صفت [ع] احسان ڪندڙ- احسان ڪرڻ وارو- ڀلائي ڪندڙ- نوازش ڪندڙ- وڙائتو- سٺو سلوڪ ڪندڙ. داتا- سخي- فياض- ڏياوان. مُربي- سرپرست. پشت پناهہ- حامي- دستگير.

مجمع مثل مُحسن منبل، مخلوق مظهر معنوي،

منور مثالي مرتيا، منظور مئيخاني مين هي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-40، ص-142)

• **مَحصُولُ**: ذ. صفت [ع. حصل= حاصل ڪيو] حاصل ڪيل- هٿ ڪيل- قبضي ڪيل. ڍل- راڄ- ٽولُ- سُنگ- رَڪب- ٽيڪس. مسواڙ- ڀاڙو- ڪرايو- اُجرت- جزيہ

'محمد' مير مجلس جو ملاحن جي مچي محلي،

ڪري محصول سڀ معاني ٿيو ماهر مياڻن ۾.

(محمد فقير، سُر ڪنيات، ڪافي-8، ص-225)

• **مُحڪمُ**: ذ. صفت [ع. حَڪم] مضبوط- پائدار- ڄٽادار- مستحڪم- برقرار- ڪپ ڪوڙ- پختو- ڏاڍو- قابو- سوگهو- سخت- اَٽل- اٽل.

'محمد' ٿي متوالا محڪم مئي دي مست مقال،

مست و مست ملنگ ڏنوسي.

(محمد فقير، سُر بلاولي، ڪافي-1، ص-6)

• **مَحُو:** صفت [ع محو= گم] گم۔ غائب۔ لاپتہ۔ ويل. شيفتہ۔ عاشق. حيران۔ مدغم۔ پريشان۔ واتڙو۔ غلطان۔ مگن. بي سُرت۔ بي خبر۔ بي هوش. فنا ٿي ويل۔ مِٽجي ويل۔ زائل. ڊِتل.

عجب اخفيءَ جي اثباتي سُڻي آواز اَنحد جو،

'محمد' موج مستيءَ ۾، محو مردان ٿي آيو.

(محمد فقير، سُر شام ڪلياڻ، ڪافي۔6، ص۔211)

• **مَحويت:** ث. گم شدگي۔ بي خبري۔ بي سُرتائي۔ اغراق. شيفتگي۔ فريفتگي.

محويت دي مام ملاڪي ملڪ معنيٰ دي ٿي مسرور.

(محمد فقير، سُر ڏناسري، ڪافي4، ص۔228)

• **مُحِيط:** صفت. [ع] گهيريندڙ۔ گهيرو ڪندڙ. قبضو ڪندڙ۔ قبضي ۾ آڻيندڙ۔ وڪوڙي ويندڙ. گنجائش وارو۔ سمائيندڙ. گهيريل۔ وڪوڙيل. وسيع۔ پکڙيل۔ ڪشادو۔ ويڪرو.

رندي ريت، ٿي محيط ڳايم ڳيت، ٻڌ ڳاني،

سُهڻي ساز دي آواز ويکيم ناز نوراني،

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي۔31، ص۔26)

• **مَخدُوم:** ذ [ع] خدمت ڪيل۔ جنهن جي خدمت ڪجي. بزرگ. عزت وارو۔ مان وارو۔ معزز۔ سائين۔ آقا۔ آغا۔ آگو۔ سوامي۔ مُربي مذهبي رهبر۔ پيشوا۔ هادي۔ امام.

ميم۔ معنيٰ ملڪ دا مخدوم ٿيا مالڪ مُدام،

پيالا پرت دا پاڪ پي پُر پيشوا ڪيتا امام.

(محمد فقير، سي حرفي۔4، ص۔261)

• **مَخفِي:** صفت [ع خَفَتي] ڳجهو۔ پوشيدو۔ لڪل۔ خُفيہ۔ اولاٽو۔ نامعلوم.

ناز نظر دا نينهن نزاڪت، ڏيندا پيالا شوق شهادت،

راز ربوبي سِر وِچ ثابت، مرد پروڙن مخفي مام،

(محمد فقير، سر پيروي، ڪافي۔17، ص۔18)

- **مخمُورُ**: ذ. صفت [خمر] شراب پيتل۔ خمار چڙهيل۔ نشي ۾ چُور۔ خماريل۔ مدهوش۔ نشئي۔ ڪِئو۔ آلوٽ۔ مگن۔ مست۔ متوالو.

مئيخان ۾ مدامي, مذڪور عشق ڪيو

متوال مست موڪي, مخمور عشق ڪيو.

(محمد فقير, سُر پيلو ڪافي۔7, ص۔110)

- **مَد**: شراب۔ ماکي۔ رسيلي۔ وٹندڙ رِچ۔ وچڙو۔ طبيعت۔ مزاج. سرشت. مَنڌ۔ شراب. شاعر مطابق توحيد جو شراب.

'محمد' مست پيالو مد جو پوءِ پياري ٿو لاحد جو,

دلئون دوست ڏئي دلداري.

(محمد فقير,سُر تلنگ, ڪافي۔1, ص۔74)

- **مُدامِي**: ظرف. هميشہ جو۔ پاروهي۔ نِتُ۔ سدائين جو۔ روزمره جو. قديمي۔ آڳاٽو۔ پراڻو۔ ڳهنو۔ پراچين۔ جُهونو.

مست و مست مُدامي محڪم,

'محمد' ميگهہ ملار ڏا مهندار ڏا.

(محمد فقير, سُر تلنگ, ڪافي۔42, ص۔91)

- **مُدعِي**: ذ. صفت. دعوي ڪندڙ۔ دعويدار۔ فريادي۔ دانهين۔ چيڪو۔ دان خواه۔ مستغيث. وِروڌي۔ دشمن۔ ويري۔ مخالف۔ رقيب۔ حريف.

سورهيہ سرڪش هئي سرڪارا,

'محمود' مُدعِي تي هئي مارا.

(محمود فقير, ڪافي۔76, ص۔104)

- **مَدَحَ**:ث. [ع. مدَحَ= هُن ساراهہ ڪئي] تعريف۔ ساراهہ۔ واکاڻ۔ ثنا۔ صفت.

مُطرب مدّهم مُغني مُغان, معني مدح مضمون ڪا,

منصف مقالي مجتبي, مخمور مئيخاني مين هي.

(محمد فقير, سُر پهاڙي, ڪافي۔40, ص۔142)

• **مُدَلّل:** صفت [ع] دليل ڏنل۔ دليل سان ثابت ڪيل. معقول۔ ٺيڪ۔ درست۔ قرين قياس۔ بجا۔ صحيح۔ برابر.

مهندار موکي 'محمد' مُدلل،

مئيخان مسجد مسجود مندر.

(محمد فقير، سُر پيروي ڪافي۔48، ص۔35)

• **مُدما:**(مُد ماتا). [هہ] متوالو۔ مست۔ سرشار.

پرا پشتي مُدما ويکري، ثُريا ساڃ سکاتِي ري

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي۔13، ص۔179)

• **مَدَنْ:** [هہ] محبت۔ عشق. شُهرت.

محبوبن جو 'محمد' مُربي،

مليو مئي قدح جي ملار مدن سان.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي۔26، ص۔120)

• **مَڏِي:** ث. [سن. منڊ= سينگارڻ] سامان۔ ٽپڙ۔ اسباب۔ سامان سڙو۔ ٽپڙ ٽاڙي لڏپلاڻ جو سامان.

اڄهي اوٺي آيا، مون ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳايا،

هي سرڙو صدقي، مڏي مال مايا.

(محمود فقير، ڪافي۔27، ص۔60)

• **مذڪور:** ذڪر۔ ڳالهہ۔ ٻچار۔ مصلحت۔ صلاح. ذڪر ڪيل۔ ذڪر ٿيل.

مئيخان ۾ مُدامي مذڪور عشق ڪيو

متوال مست موکي مخمور عشق ڪيو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي۔7، ص۔110)

• **مُربي:** ذ. صفت [ع. رب= پالينڊڙ] نپائينڊڙ۔ پرورش ڪندڙ. تربيت ڪندڙ۔ سرپرست. سهائتا ڪندڙ۔ ٻڌ ٻرو۔ انگراهي۔ پُشت پناهہ۔ دستگير۔ حامي۔ مددگار. بزرگ.

'محمد' مُربي ميلي مئي جي، ملي ماهر ٿي مهندار آيو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي۔1، ص۔107)

'محمود' چئي مُربي، تنهنجي مدد گهُربي،

آري چام عربي، ڪندو چپر چانيون.

(محمود فقير، ڪافي-4، ص-47)

• **مَرجان:** ذ [ع] پٿر جو هڪ قسم (ڳاڙهاڻ تي مائل) - حجرالبحر- ڳِٽُوئي. سمنڊ مان نڪتل ڳاڙهي مٽيءَ جهڙي سخت شيءِ (جا ڪن جيتن جو سڪل ڪوپو هوندي آهي).

سُون عمر تنهنجو ڪين قبوليان، موتي چا مرجان،

باغ عمر تنهنجا داغ دلين تي، اوسيئڙو ارمان.

(محمود فقير، ڪافي-8، ص-49)

• **مُردارُ:** ذ. صفت. [ف. مُردار= پنهنجي موت مئل] مُئو- مرده. مري ويل- (ڪو حلال) جانور (جنهن کي تڪبير نہ پڙهي هجي). مري ويل جانور- ڍُونڊ- پليت- ناجائز- نِجس- غيرشرعي- حرام.

ڳِيئُس پلڪ پاڙي، لنگهه خلق ڪيتي دي

ملڪ مهڻي مُردار ڪرين.

(محمود فقير، ڏمالي ص-112)

• **مِردَنگ:** [سن. مردنگ= پکواز] ساز جو هڪ قسم- ڏُهل جو هڪ ننڍو قسم- ڍولڪ. پکواز- پخواز.

منڊم 'محمد' مِردَنگ مُرلي، مُک سي بين بجائون.

(محمد فقير، سُر پيم پلاس، ڪافي-5، ص-52)

• **مَرغُ:** ذ [ف] پکي- پرندو- پرند- پکيڙو- طير- پنڇي- پکشي، اُڏامندڙ. ساهوارو- اُڏَند. ڪُڪڙ- مُرغو- خروس.

مرغ وانگي مرد مريندا، 'محمد' مارو مار.

(محمد فقير، سُر مانجهہ، ڪافي-6، ص-107)

• **مرغوبُ:** صفت [ع. رَغَبَ= رغبت ڪئي] رغبت ڪيل- دل لُڀائيندڙ- من کي وڻندڙ- دل پسند- وڻندڙ- دلچسپ- دلير- دلربا- دلڪش- دلفريب- پيارو- هردل عزيز- خوبصورت- سهڻو- سُندر. مزيدار- سلونو.

مل 'محمد' جا محبوب مُغان، مسجود مٺا مطلوب مُغان،

مخمور پسن مرغوب مُغان، منهن مو تو قبلل مرد مري

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-56، ص-97)

• **مرڪ:** ظرف. لائق- واجب- مناسب- ٺهندڙ- جُڳاءُ- سهائيندڙ- پوندڙ (منهن تي)- شايانُ.

ترڪ دنيا ترڪ عقبيٰ ترڪ مولي ترڪ ترڪ،

مقصد چڙي مخمور ٿيڻ مردن سندو آهي مرڪ.

(محمد فقير، سُر درباري ڪانرو ڪافي-1، ص-199)

• **مِرڳهه:** ذ. [سن. مِر (ي) + ڳهه= هرڻ] جانور جو هڪ قسم- مِرگ- هرڻ- آهو- روجهه- هَراڪ- چڪارو- چيڪارو.

پنيا وار ڳنيا پرون ڪارا،

مِرڳهه مثالي چوڏس چنڊ تارا.

(محمود فقير، ڪافي-44، ص-70)

• **مُرلي:** ث. [سن. مُرلِ> مُرلي= مرلي] وات سان وڄائڻ جي ساز جو هڪ قسم (جيئن بانسري، بين، بانسلي، ونجلي، الغوزو، بئنسري). ٽُنبي، ڪدوءَ ۾ ڪنگور مان ٺاهيل ساز.

منڊم 'محمد' مرڏنگ مُرلي مک سي بين بڄائون،

(محمد فقير، سُر پيم پلاس، ڪافي-5، ص-52)

• **مسانُ:** ذ. [سن. شمشان= جنگ جو ميدان جتي ماڻهو مرن] هندن جي مڙدن جلائڻ جي جاءِ- شمشان ڀومي- مڙدا گهاٽ- مسڻ. مساڻن جي رڪ- سُيج- پينگ- ڏُتڙيل جاءِ- فساد- جهڳڙو.

هر دم هلندڙ تنهن ۾، محڪم آهي ماڻ،
مقام ۾ مساڻ، ڳڻي ڳڻيندين ڪيترا.

(محمد فقير، سي حرفي-3، ص-259)

- **مسجُودُ**: ذ. جنهن کي سجدو ڪيو وڃي.

مهندار موکي مُذَلِل، مٿيخان مسجد مسجود مندر

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-48، ص-35)

- **مسرُورُ**: ذ. صفت. [ع. سَرُ= خوشي] سرهو- خوش نهال- شاد- پرسن- شادمان- منگهن- خرسند- راضي.

گهُورن سان گيان ڪولي، ٻولي عجب ٿو ٻولي،
آواز انس اولي، مسرور عشق ڪيو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-7، ص-110)

- **مُشتاقُ**: ذ. صفت. [ع. شوق] اشتياق رکندڙ- شائق- چاهيندڙ- آرزومند- طالب- خواهشمند- گهورو- خواهان. سڪايل- اُڪنڊيو- موهيل- وَسُ ڪيل- عاشق- موهت- اڪن چڪن- انتظار ڪندڙ.

'محمد' مشتاق محبت ۾، ڏسن عشق جو آرو
عجب اسرار اندر ۾، فڪر فرقان ٿي آيو.

(محمد فقير، سُر شام ڪلياڻ ڪافي-8، ص-212)

- **مشربُ**:[ع] پاڻي پيئڻ جي جاءِ- چشمو- ڍنڍ- دين- مذهب- ملت- طريقو- ڍنگ- نمونو.

آهيان مان عشق جو عاشق، رکان رندي مشرب ٿو
رقص ۾ راڳ جي رنگ ۾، سڏايان رمز سان رب ٿو.

(محمد فقير، سُر ڪلنگڙو ڪافي-1، ص-188)

- **مُشرڪُ**: صفت. [ع. شِرڪ ڪندڙ] خدا سان ڪنهن کي شريڪ ڪندڙ- شرڪ ڪندڙ. بت پرست.

سهڻي صورت ميِر سُبحان، مشرڪ پاڄهون ڪير سُڃاڻي.

(محمد فقير، سُر پوربا، ڪافي-17، ص-153)

- **مُشڪل ڪُشا:** صفت. مشڪلاتون ڏور ڪندڙ- ڏک لاهيندڙ- اهنج دور ڪندڙ. مصيبتون دفع ڪندڙ. حضرت علي ع جو لقب.

مظهر سندو مسجود تون، 'محمد' مُدامي مُرتضيٰ،

موليٰ علي مُشڪل ڪُشا، مهندار مالڪ مختيار.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي-18، ص-63)

- **مُصَلي:** مُصلو. ذ. [ع. صلي] نماز پڙهڻ جي جاءِ- عبادت گاهہ- مسجد. نماز پڙهڻ لاءِ ننڍو تڏو يا غاليچو- نماز پڙهڻ وارو ڪپڙو- جاءِ نماز.

چوڙ مُصلي عصا ڪوزا، ويرِ وسانوڻ واريہ

جوڳي جُڳ جُڳ جو ڪماون، جوش جگر ڪر جاري.

(محمد فقير، سُر ڪسوري، ڪافي-3، ص-181)

- **مُصَوِّرَ:** ذ. صفت. [ع] تصويرون ناهيندڙ- چترڪار- ڪمانگر- نقاش. رنگ ڏيندڙ- رنگ ساز. (اسم خاص) الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

'محمد' تي مصور مورت مک صورت جو

معنيٰ جي ملت سان، مندل مٿي مچايان.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-63، ص-43)

- **مُطِرَبُ:** ذ. صفت. [ع. طَرَبَ= هُو نچيو] ڳائيندڙ- ڳويو- ڪلاونت- ميراثي- قوال- راڳيندڙ- خوش ڪندڙ.

مُطربَ مَڏهم مُغني مُغان، معنيٰ مدح مضمون ڪا،

منصف مقالي مجتبيٰ، مخمور مئيخاني م هي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-40، ص-142)

- **مَطلوُب:** صفت. [ع. طَلَبَ] طلب ڪيل- طلبيل- گهُر ڪيل- گهُريل. سڏيل- ڪوٺيل. خواهش مطابق- دلپسند- محبوب- معشوق.

مل 'محمد' جا محبوب مُغان، مسجود منا مطلوب مُغان،

مخمور پسن مرغوب مُغان، مُنهن موتو قبلل مرد مري.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-56، ص-97)

• **مُطِيعُ:** صفت. [ع. طوع] اطاعت ڪندڙ. فرمانبردار. تابعدار. حڪم هيٺ. تابع. ماتحت. تابيني. تاني. تخت ۾. جوڳو. وسيڪو. خادم. ٻانهو. پوئلڳ. مُريد. ٻالڪو.

تنهنجا مُطيع شمس و قمر، ماڻهو ملڪ جن و بشر،

ارض و سماء تارا شجر، توڙي گداگر چا امير.

(محمد فقير، سُر ڀاڳ، ڪافي-24، ص-67)

• **مُظفرُ:** صفت. [ع. ظفر] فتحمند. فتحياب. ظفرياب. ڪامياب. جيتيل. ڪٽيل. ڪامران. غالب.

مالڪ مُلڪ مظفر ملڪ، موڪي مگهن مٺيگون سي،

'محمد' مُدامي مصطفيٰ منصور مٺيخاني مين هي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-40، ص-142)

• **مُظفري:** فتحمندي. فتحيابي. ڪاميابي. ڪامراني.

'محمد' بار ملامت والي، مظفري ميدان،

مجتبيٰ مهندار ڏنوسي.

(محمد فقير، سُر بلاولي ڪافي-4، ص-8)

• **مَظهَرُ:** صفت. [ع. ظهر = ظاهر ٿيڻ جي جاءِ] تماشگاه. کيل ڏيکارڻ جي جاءِ. اسٽيج. آکاڙو. ظاهر ٿيڻ جي جاءِ.

'محمد' هر مظهر جو مالڪ، حُسن واري فوج،

قُم بِاذني تواز منهنجو.

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي-9، ص-5)

• **مُعافي:** (محافو) ذ. ڏولي. لوڏي. پالڪي. چوڏول. ڪجاوو.

معافي چڙهيا مير منور، پوندي آوي پيچ پيچ،

پوندي آوي پيچ پيچ، پوندي آوي پوش پوش.

(محمد فقير سُر راڻو ڪافي-1، ص-232)

- **مَعبُودُ**: ذ [ع عَبدَ] عبادت ڪيل۔ عبادت لائق۔ بندگيءَ جوڳو۔ خُدا۔ الله تعاليٰ، ڌڻي تعاليٰ.

مسجود مشهود معبود 'محمد' سِر صافم مصحافم انصاف احمد.
لاهوت، آدوت، ثابوت سرمد، مخمور مشهور مذڪور معالم.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي۔54، ص۔38)

- **مَعنوي**: صفت معنيٰ وارو۔ مُراد وارو۔ سمجهاڻيءَ وارو۔ مقصد وارو. ڳجهو۔ لڪل.

مجمع مثل مُحسن منبل، مخلوق مظهر معنوي،
منور مثالي مرتبا، منظور مئيخاني مين هي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي۔40، ص۔142)

- **مُغان**: (پير مُغان) ذ آتش پرستن جو پيشوا، آتش خاني جو مجاور، شراب خاني جو مجاور۔ ساقي، مرشد۔ روحاني راهه جو راهبر۔ توحيد جي مئي پيارينڙ۔ راهِ حق جو شونهون.

احمد زمان 'محمد' مُغان، مشهور معنيٰ ميم جي،
مالڪ ملڪ مظهر ملڪ، مهندار مک منور ٿيو.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي۔5، ص۔56)

- **مَغفُورَ**: ذ صفت [ع غَفر= بخشيل] معاف ڪيل۔ معافي ڏنل۔ رِها ڪيل۔ ڇڏيل.

مرشد مڪمل مه لقاء محبت واري ميدان ۾،
محڪم مُدامي مجتبيٰ، مثلات جو مغفور ٿيو.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي۔2، ص۔54)

- **مُغَنِي**: صفت [ع] راڳائي۔ ڳَوَيو۔ ڪلاونت۔ ڳائڻو.

مُطرب مدّهم مُغَنِي مُغان، معنيٰ مدح مضمون ڪا،
منصف مقالي مجتبيٰ، مخمور مئيخاني مين هي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي۔40، ص۔142)

• **مقال:** ڀاڪو- واڪيہ- مثل. قول- وَچن- چوٽي- ڳالھ ٻولھ- گفتگو. تات.

'محمد' تي متوال محڪم مئي ڊِي مست مقال،

مست و مست ملنگ ڏنوسي.

(محمد فقير، سُر بلاولي ڪافي-1، ص-6)

• **مُقامُ:** ذ. اسم [ع. مُقام= جڳھ] ترسڻ جي جاءِ- مسڪن- آستان- ٺڪاڻو- آستانو- جڳھ- جاءِ مڪان- گھر- منزل- ٻاٻو- ويساهي- منزل گاھ- پاڙو- قيامو- اُتارو- لاشن دفن ڪرڻ واري زمين- قبرستان- گورستان.

هر دم هلندڙ تنهن ۾، محڪم آهي مساڻ،

مُقام ۾ مساڻ، ڳڻي ڳڻيندين ڪيترا.

(محمد فقير، سي حرفي-3، ص-259)

• **مقبولُ:** ذ. صفت [ع. قبل] قبول ڪيل- مڃيل- منظور ڪيل. پسند ڪيل- چُونڊيل- مرغوب- پسنديده. وڻندڙ- پيارو- محبوب- دلربا. مشهور.

وصالي ونهوار سان، وحدت واري واڳ،

'محمد' منور ماڳ، مقابل مقبول ٿيو.

(محمد فقير، هفتو-1م ص-263)

• **مقرّب:** ذ. صفت [ع. قَربَ] نزديڪ ڪيل- ويجهو ڪيل- اوري ڪيل- قريب. ويجهو دوست- محرم راز.

محيسي مام معنيٰ جي، متل مئيخاني 'محمد' جي،

مقابل موج منصوري، مچايان مچ مقرب ٿو.

(محمد فقير، سُر ڪلنگڙو ڪافي-1، ص-188)

• **مقصد:** ذ. [ع. قَصَدُ] قصد- ارادو. عزم- مطلب- مُراد- آرٿ- غرض- نيت- مُنشا- منصوبو- سِٽ- سِٽا.

ترڪ دنيا ترڪ عُقبيٰ، ترڪ موليٰ ترڪ ترڪ،

مقصد ڇڏي مخمور ٿيڻ، مردن سندو آهي مرڪ.

(محمد فقير، سُر درباري ڪانرو ڪافي-1، ص-199)

- **مَڪ**: ث. ڪپڙ (وڻ) يا چار جا ڪچا پيرون. ڪپڙ جو ڦر. سڪل پيرون.

رنگ پريون آهن ريتيون تن جون، چست چڱيون چاليون،
ٿر ٿوهر مڪ مانڌاٽا، منهنجا ويڙهيچا ور ڪن!

(محمود فقير، ڪافي-9، ص-49)

- **مَڪانُ**: ذ. [ع] رهڻ جي جاءِ. جڳهه. هنڌ. آستان. ٺڪاڻو. رهائش. مسڪن. اوتارو. بيٺڪ. فقيرن جي رهڻ جي جاءِ. دائرو. شهر. ڳوٺ. نگر. ملڪ. ديس. وطن. علائقو.

لامڪان مڪان 'محمد'، لعل لاهوتي لهي لهي،
لاثان لحن للڪار سان.

(محمد فقير، سُر مانجهه ڪافي-5، ص-106)

- **مُڪايا**: مصدر. مُڪائڻ [سن. مُچ= موڪلڻ] گهرائڻ. سڏائڻ. ڪوٺائڻ. فيصلو ڪرڻ. حساب ڪتاب صاف ڪرڻ. ختم ڪرڻ. بس ڪرڻ. پورو ڪرڻ. خاتمو ڪرڻ. نپائڻ.

موحد ٿي موجود منڊل وچ، مهرا مام مُڪايا،
مستي والي ملڪ مُدامي، مڙگان مچ مچايا.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-13، ص-114)

- **مُکُ**: ذ. [سن. مُکَم] چهرو. شڪل. مهانڊو. صورت. پيشاني. منهن. نراڙ.

نڪوسيءَ سرير ۾، نڪا لڳس لُڪ،
'محمد' ٿيو سو مُک، منصوري مئيخان ۾.

(محمد فقير، بيت-266، ص-296)

- **ملامتَ**: ث. بددعا. پٽ. پاراتو. لعنت. ڌڪار. عتاب. ويڻ. مهڻو. ڏوراپو. طعنو. ڇُنڊ. ڦِٽڪ. صوفين جو ملامتي طريقو (جنهن ۾ صوفي بظاهر اهڙا ڪم ڪندا آهن، جن سان سندن ملامت ٿيندي آهي).

ڪري پاڻ پسڻ جي پوري پڪ،
کٽي بار ملامت سِر تي ڳرو.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي-62، ص-100)

- **مَڻ:** مٹيا۔ ڪلا۔ قدرت۔ نور۔ تجلو۔ جوت۔ تجلي. مٹيو۔ موتي۔ قيمتي. پٿر۔ جواهر۔ رتن۔ هيرو.

مڻ جني جي مغز ۾، سي ڪي ڪي ڪلادار،
شاهي ڪن شڪار، ڏيئي قوڪ قڻ سان.

(محمد فقير، بيت۔138، ص۔280)

- **مُوتيا:** واحد. موتيو. گل جو هڪ قسم. هتي موتئي گل جي مولانا رومي سان تشبيهه ڏني وئي آهي.

موتيا رومي 'محمد' مندر برس باغ بقائي بندر،
ڪتان آس الاسي اندر اُسر عدم ڪنون آئي هي.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي۔5، ص۔168)

- **مُوتُو قَبلَل آنتَ مُوتو:** (حديث). مرڻ کان اڳي مرو يعني پنهنجي نفس کي ماريو (تہ جيئن حياتِ جاودان حاصل ٿي سگهي).

مُوتو قبلل آنت مُوتو سالڪ سِر شيجاڻ

(محمد فقير، سر آسا، ڪافي۔3، ص۔2)

- **موجُودُ:** وجود وارو۔ هستيءَ وارو. هڪيو۔ حاضر ناظر.

ميم جو مولهيو ٻڌي، موجود لاموجود ٿي،
'محمد' سندي مصلات ڪيو مظهر علي مظهر علي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي۔15، ص۔128)

- **موجودات:** ٿ. موجوده جو جمع. پيدا ڪيل شيون۔ مخلوقات۔ خلق۔ هستي. دنيا۔ ڪائنات۔ الله تعالي جون پيدا ڪيل شيون. فطرت. حاضري۔ موجودگي.

'محمد' موجودات رنگي، راز ڪيو مون.

(محمد فقير، سُر ديسڪار ڪافي۔1، ص۔231)

- **مُوَحد:** [ع. مُوَحّدَ] خدا کي هڪ ڪري ڄاڻندڙ- توحيد پرست- ايشور- ايڪ واري ايڪائي- پڪو مسلمان, خدا جي وحدت مڃيندڙ.

'محمد' موحد ماهر مظهر, ميم معنيٰ مهلاتي.

(محمد فقير, سُر مانجهہ, ڪافي-3, ص-105)

- **مُورت:** ظاهري تصوير- عڪس, صفاتي وجود, مهورت- بت- جسم, سڳوري يا نيڪ ساعت يا گهڙي.

مورت محلات وِچ ماهر, محو 'محمد' ٿيا ظاهر,

جيڪا اندر تيها پاهر, نظر نروار هي ڪيتا.

(محمد فقير, سُر پيروي, ڪافي-15, ص-17)

- **مُورک:** نادان- بي عقل- بيوقوف- بي سمجهہ- ڪم عقل- ڪم فهم- جاهل- احمق- ٻوڪ- اناڙي- ڄسو- ٻوڙو- موڳو- سادو سودو- پرمتڙيو.

چاطر سَدّ آبناسي نرگن, مورک ڪيا ٻڌواني ري

(محمد فقير, سور ڪونسيہ, ڪافي-4, ص-175)

- **موڪ:** جالارو پاڻي- وهندڙ پاڻي- گهٽو- جام- موج- گهٽي- جهجهي, ڪسي- نالي- واهہ, پاڻيءَ جي اٿل- پالوٽ, هيٺائين زمين جنهن تي پاڻي وهي.

ميگهہ 'محمد' موڪ ملاران, ٿئيان ٿئيان ڪر ٿئيان وي.

(محمد فقير, سُر سارنگ, ڪافي-1, ص-205)

ميڏا چلويدار هٺي جاني,

ملي موڪ 'محمود' ڪون ماني.

(محمود فقير, سي حرفي, ص-145)

- **مُوڪشِ:** ذ. [سن] ڇوٽڪارو- آزادي- آزادگي- نجات- موڪا- مُڪتي.

ڇوٽي منزل موڪشِ آڇيا, 'محمد' ميگهہ ملار ڪيا.

(محمد فقير, سُر ڪونسيہ, ڪافي-6, ص-176)

- **موڪ:** ذ. چوٽڪارو. معافي. آخرين ۾ دائمي خوشي. ڏنل شيءِ جو عيوض.

منگھن موڪ مڪتي شريماني شڪتي،

پيجن ميري پڳتي سرودي سجاني.

(محمد فقير، سُر درباري ڪانرو ڪافي-3، ص-176)

- **موڪِي:** موڪ ڪندڙ- ساقي- شراب پيارينڊڙ. هڪ عورت جو نالو جا شراب جو دڪان هلائيندي هئي، جنهن کي شاهہ صاحب پنهنجو ڪردار بڻايو. عزت ڏيڻي چوندي.

’محمد‘ مام مِلا ٿي موڪي، مستي دي مُختيار يار.

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي-6، ص-3)

- **مُولِ:** ظرف. مُور.

عشق ڪريندا شڪار، تڙڦڻ مُول نہ ڏيندا ڏيندا.

(محمد فقير، سُر مانجهہ ڪافي-6، ص-107)

- **مولهِيو:** مولهاٽو- پٽڪو- پڳ- دستار. ڪلنگيدار پڳ يعني چٽ واري پڳ يا پٽڪو.

الله عالم جو ڏٽي، احمد زمان اطهر ٿيو.

ميم جو مولهيو ٻڌي، موجود حق مظهر ٿيو.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي-5، ص-56)

- **مُونجَهہ:** ذ. ساهہ گهُٽجڻ جي حالت- گهُٽ- ٻوسٽ. سخت گرمي- سخت گهُٽ- سخت گرميءَ سبب بيهوش ٿي وڃڻ جيٰ حالت. آنڌ مانڌ- بي آرامي- بي قراري. بي چيني- ڳڻتي- فڪرات. هنيانءَ تي بار- غُبار. حيراني- پريشاني- وائڙائي. مُنجهڻ جي حالت- مُونجهارو- گڙٻڙ- گهوٽالو.

بيوس بي حال مان پوري،

ملڻ جي مُونجھہ آهيان ماري،

(محمد فقير، سُر شام ڪلياڻ، ڪافي-1، ص-208)

• **مُوڻن:** واحد. مُونو. گوڏو- گوڏن سان هٽي. گوڏن سان لائي- مروڙي.

پائي مُنهن مُونن ۾، پسي نيڻين نور.

(محمد فقير، سُر جوڳ، ڪافي-1، ص-191)

• **موهَر:** مُهراڻو (ڪپري ۽ عمرڪوٽ تعلقن ۾، سنڌ جي آباد خطي ۽ ٿر جي پٽن واريءَ ڪس جي سرحدي (ايراضي). اڳيان. آڏو. اڳتي.

زيور زهر پانيان ٿي زرجا، مولا مليح مير موهر ۾.

ڪين وڻن ٿا چٽيل چاندي

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-2، ص-10)

ديدن ڪيا درسن، اڄ پيچ پني برسن.

ماڙيچا منهنجا موهر ۾، شل پاڙيچا پرچن.

(محمود فقير، ڪافي-9، ص-49)

• **مِلت:** ذ. گڏيل- گڏ وچڙ- شامل- هم صلاحي- ساز باز- صلاحڪار.

مذهب ملت پُل ڪيوسي، رمز جنّهان رنگ لايا.

'محمد' پيد بتايا، مالڪ ملڪ حُسن دي.

(محمد فقير، بيت-105، ص-276)

• **مُلحِدُ:** ذ. [ع. لحد] حق جي رستي کان ڦريل- گمراهه- بي دين- لامذهب.

'محمد' ملحد نال مُدامي، لاهه نقاب لڙيجي يار.

اندر گهور نفي اثباتي، پُختا پيچ پڙيجي يار.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-1، ص-74)

• **ملڪُوتُ:** ذ. [ع] بادشاهت- بادشاهي- حڪمراني. حڪومت- سلطاني- تاجداري. ارواح- عالم معني- عالِم الغيب. فرشتن جي عبادت جو مقام. فرشتا- ملائڪ- ملَڪَ.

ناسوت چا ملڪوت معني، جبروت چا لاهوت لام.

هاهوت چا همدم هنگامون، ياهوت چا آهي بيان.

(محمد فقير، سُر پيم پلاس، ڪافي-8، ص-53)

• **ملنگ:** ذ صفت. [ف. سن. مهولنگ] ڏکيو ۾ ٻت ۾ پريل (ماڻهو). بيخود- بيهوش- نانگو. الله لوڪ- فقير- طالب.

ملنگ موج محبت، ڪري سانگ صحبت،

ڪيئن ناد نوبت، وڄائن نقارا.

(محمد فقير. سُر پهاڙي. ڪافي- 21، ص- 132)

• **مَلِي:** مصدر. ملڻ [ف. ماليدن= مهٽڻ] مهٽڻ- رڳڙڻ- گيهڻ- گسڪائڻ. لسو ڪرڻ. صاف ڪري- اُجر ڪري- ڪَس لاهي.

مُوتو قبلل واري 'محمد'، ميندي مٽي مهندار مَلِي آ

(محمد فقير. سُر پيلو ڪافي- 27، ص- 121)

• **مَنتَرُ:** مصور. منتر پڙهڻ. جادو ڪرڻ- منڊ پڙهڻ- منتر ڪرڻ- ڦيٽو وجهڻ- ٽوٽو ڪرڻ- جهاڙو وجهڻ.

مُژگان 'محمد' ماري منتر، صاف صورت جي سهڻي سنتر،

لهي لعل لقب ڪري لاڏ لڙيون لڙيون.

(محمد فقير. سُر پيروي، ڪافي- 21، ص- 20)

• **مُنڊَ:** ث. [سن. مگڌا] ننڍي نوجوان زال واسطي عزت پريو لفظ سهڻي نوجوان زال. زال- ناري- عورت.

چي، سونهان ٿي رٿي سانگهڙ ۾، تو ويتر ٻڌي وِنڊَ،

بوگا ڪيڏي ٻچڙا، مولهيا نہ پئي مُنڊَ.

(محمود فقير. خيري، ص- 139)

• **منشا:** ث. [ع. منشا] خيال پيدا ٿيڻ جي جاءِ- ارادي پيدا ٿيڻ وارو هنڌ- ارادو- اِڇا- خواهش- مرضي- سڌ- لاڙو- رغبت- نيت- مقصد- مطلب- مراد خيال- معني.

سُرت نرت ۾ آپ گنواوي، من ڪي منشا من ۾ پاوي،

ڏرڪي ڏُن ڪا ڏياني، هو ٻڌواني.

(محمد فقير. سُر تلنگ. ڪافي- 56، ص- 97)

• **مَنصَبُ**: ذ. [ع. نَصَبَ= هُن کُپايو] قائم ٿيڻ جي جاءِ۔ رتبو۔ عهدو۔ پدوي. خدمت۔ ڪم. ڊيوٽي. منصف جي ڪورٽ۔ ڪچهري۔ حڪومت. عاملي.

’محمد‘ مُطرب واري منصب, ساز سُرود سٺايان تو

سمجهي صورت جو سالم.

(محمد فقير, سُر پوريا, ڪافي۔9, ص۔150)

• **مُنصفي**: ث. انصاف۔ نياءُ ڪاري۔ نياڪڙي۔ثالثي۔ سچائي۔ رِهندائي۔ امانت۔ نبيرو۔ فيصلو.

ماڳ مستيءَ جو ملهائي منصفي ميزان ۾,

ڪري لاهوتي لاٿان مون کي.

(محمد فقير, سُر بيلو ڪافي۔6, ص۔109)

• **مَنصُورَ**: صفت. [ع. نصر= هُن مدد ڪئي] ياري ڏنل۔ مدد ڏنل۔ همراهي ڪيل۔ شهائتا ڏنل. نُصرت ڏنل۔ مظفر۔ فتحياب۔ سوڀارو. (اسم خاص) مشهور صوفي حُسين بن منصور حلاج, جنهن ’اناالحق‘ جو نعرو هنيو.

عشق شُوري منصور چڙهايا,

’محمد‘ ڪر مستان, آناالحق دي دم مريندا.

(محمد فقير, سُر تلنگ, ڪافي۔60, ص۔99)

• **مَنگل**: ذ. [سن. مَنگلَ= سڀاڳو] سڀاڳو ڪم۔ سئو سوڻ, خوشي۔ راحت.

هُو واس وٺن وٽڪار جو هُو سچ متي مختيار,

پروانا پڳدار, ’محمد‘ منگل موج جا.

(محمد فقير, بيت۔23, ص۔268)

• **مَنگتا**: واحد منگتو. ذ. صفت. [پرا. منگتيا] منگندڙ۔ گهُرندڙ۔ سوالي۔ پينو۔ فقير۔ بکاري۔ مگڻهار۔ پانڊ۔ گداگر۔ سائل۔ پينار.

ياد جي ڪن يار کي, سي منگتا ميراثي,

سورهيه سناسي, سير سجاڻن سر جي.

(محمد فقير, بيت۔97, ص۔275)

• **منگهَن**: ذ. صفت. [سن. منگنَ= محو] سرشار- ٻڏل- غرق- غلطان- خوشيءَ ۾ پريل- مست- بيخود.

منيءَ تي 'محمد' مُدامي مسيحي،
ڪئي موج مستي منگهن مئي ملاري

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-58، ص-40)

• **مُنوّرُ**: ذ. صفت. [ع. نور] نور ڏنل- روشني ڏنل- نوراني- نورانو- روشن- چمڪندڙ- چاڪيدار- تابان. جهاڪا ڏيندڙ- مشهور- پڌرو.

'محمد' منور ماڳ مُدامي، ڏيئي مستي جي مک مام آيو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-2، ص-107)

• **مُنيرِي**: (مُنير). ذ. صفت. [ع. نُور] نور وارو- منور- چمڪندڙ- جهلڪندڙ- جهلڪڻو- روشن- چلڪندڙ چمڪيدار- تجليدار.

مُرشد مِيري مُنيرِي بي نظيرِي،
جِهندا برهہ بحال هي، قرب ڪمال هي.

(محمد فقير،سُر پهاڙي، ڪافي-35،ص-139)

• **مَها**: صفت. ظرف. [سن] وڏو- شاهي- اُتم- عالي- بُلند- اوچو. زوراور- قوي- ڳرو. ڏاڍو- نهايت- تمام- بلڪل- نيور.

ڪرون گيان سرون، مها واڪ من نن.
نرجن نڌياسن، ساڪيا تي شڌاني.

(محمد فقير، سُر درياري ڪانرو ڪافي-3، ص-200)

• **مَهاديو**: ذ. صفت. چمڪندڙ چهري وارو. (اسم خاص) هندن ۾ شِو مهراج جو بيو نالو.

مهاديو بم بم، شنا ساز سرگم،
ڪيلون ڪيل ڪٿ سم. پدڪا پراني.

(محمد فقير،سُر دَرياري ڪانرو ڪافي-3، ص-200)

• **مهاران:** واحد. مهارَ. ث. [ف] اُٺ جي ناڪيلي- لاٽي. ناڪيليءَ ۾ ٻڌل رسو/مهار (جنهن سان اُٺ کي هلائجي).

آري آون، جهول پاون، پيچ پاون پرت دي،

اُٺ قطاران، گهت مهاران، ڏي هونگاران حرص دي،

(محمود فقير، ڪافي-56، ص-80)

• **مهتابُ:** ذ. [ف] چنڊ- قمر- چندرما- ماهتاب. چنڊ جي روشنائي. چانڊوڪي. معشوق- معشوق جو مُنهن.

آلانسان سِري وَانا سِره، آنوري القاب،

ميم واري مهتاب، احمد 'محمد' احد ٿيو.

(محمد فقير، هفتو-I، ص-263)

• **مهُتُ:** ذ. [سن. مهتو= وڏائي] عزت- آبرو- مانُ- آبرُ سوڀ- فتح- جيت- ڪاميابي.

اثبات عشق اندر، مهندار مهت مندر

برسر بحال بندر، بيشڪ بقا بلن ۾.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-10، ص-14)

• **مهدِي:** ذ. صفت. [ع] هدايت ڪندڙ- هادي- رهنما. (اسم خاص) ٻارهين امام جو نالو.

مهدي منور مهدي منور، پير مُغان پاڳارا هي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-24، ص-133)

• **مهَري:** ذ [ع. مهري= مهره قبيلي جو نپايل اُٺ] اُٺ جو هڪ قسم- سواريءَ جو هلندڙ تيز اُٺ- تمام پلو اُٺ- چڙهيءَ جو اُٺ.

مُنهن موڙ ميڙ اُٺ گوڙ گجن، ڏڏڪا ڪن ديوان،

بينا، برگ، بگا اُٺ بهري، مهري ٿيا مستان.

(محمود فقير، ڪافي- 17، ص-54)

• **مهما:** ث. [سن] وڏائي۔ غرور۔ آڪڙ. بزرگي.

رچڪ سي رجوگن، پيانڪ تموگن،

يتارت ستوگن ڪِي مهما ملائون.

(محمد فقير، سُر ڪانرو ڪافي۔6، ص۔172)

• **مهمير:** ذ. وڏو بهادر۔ وڏو دلير۔ شُجاع.

اسين خلقيا آهيون خاوند جا، اسان جي پٽ پرينده پير،

اسين سمن شاهه جا پيالا پيئون ٿا، موالي مهمير.

(محمود فقير، موالي ص۔128)

• **مهميز:** ث. [ف] ڪنڊو۔ خار. گهوڙي کي تيز هڪلڻ لاءِ سوار جي کُڙيءَ ۾ لڳل لوهه جي سيخ. اڙي۔ انگڙي۔ چوڪ۔ چُونگ۔ چاٻڪ. چهبٽ. سختي۔ ڏڪ. مار۔ سيڪت۔ سزا۔ گوشمالي.

مارينديسئين مهميز سان، پوري چاڙهج پڪَ،

چراخ مُنهين، چَٽ تنهنجا ڏُولا جهڙا ڏڪَ.

(محمود فقير، خيري، ص۔137)

• **مهندار:** ذ. صفت. اڳ ۾ ہيٺل۔ اڳواڻ۔ پيشوا۔ سُونهون۔ پوَميو۔ اڳرو۔ پيشرُو۔ سردار۔ سالار.

مهندار موکي 'محمد' مَدَلِلِ،

مئيخان مسجد مسجود مندر.

(محمد فقير، سُر پيرويہ ڪافي۔48، ص۔35)

• **مئي:** [ف. مئي= شراب، سن. مدَ= مستي] شراب۔ دارون۔ مدُ۔ مدرا۔ باده. نشو۔ مستي۔ خمار. مئو۔ هٺ۔ تڪبر. صوفين جي اصطلاح موجب توحيد جو شراب۔ معرفت جو مَدُ.

حبيبائي هٺ تي هردم، 'محمد' مئي مختيار،

رنگ بيرنگي راز آهي.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي۔45، ص۔93)

• **مِيثاقُ:** ذ. [ع. وثق] انجام جي پڪائي- قول قرار جي سچائي- وعده وفائي- انجام- قول- وعدو- ٻول- اقرار- سُخن. (ڪنايا) روحن جو خدا تعاليٰ سان ڪيل انجام (تہ تون اسان جو رب آهين ۽ اسين تنهنجا فرمانبردار ٻانها رهنداسين).

ميثاق ڪان مهندار مڪ، مستي واري مئيخان ۾،

مئي جي مُدامي موج سان، 'محمد' موڪي معبود تون.

(محمد فقير، سُر ٻهاڳ، ڪافي-12، ص-60)

• **ميراثِي:** ذ. صفت. ڳائيندڙ- ڳائڻو- ڳائڪ- راڳي- مُطرب- گوئيو- ڪلونت- قوال- لنگهو- مڱڻهار. (صفت) ورثي وارو.

ياد جي ڪن يار ڪي، سي منگتا ميراثي،

سورهيہ سناسي سير سجاڻن سِر جي.

(محمد فقير، بيت-97، ص-275)

• **مِيرِي:** (مِيرُ) ذ. صفت. [ع. 'امير' جو مخفف] امير- سردار- والي. سالار. وڏو ماڻهو. هادي- رهبر- پيشوا.

مُرشد ميري مُنيري بي نظيري،

ڇهندا برهہ بَحال هي، قرب ڪمال هي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-35، ص-139)

• **مَيريان:** جُهڙ. سنهيون سنهيون ڪڪريون. ڇَمر.

'محمد' مُدلل مُربي مسيحي، ميگهہ منڊل ديان ميريان.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-11، ص-126)

• **ميڙي:** مصدر. ميڙڻ [سن. مِل= ملڻ] ميڙ ڪرڻ- گڏ ڪرڻ- جمع ڪرڻ. ڍير ڪرڻ- مِلائڻ- ميلاپ ڪرڻ- گڏڻ.

جن جي آهيان جهڙيہ تن ڪي ملان ٿهڙيہ

ٽيندو مُرسل ميڙيہ بلي ڪنديس پيڙي

(محمود فقير، ڪافي-2، ص-45)

• **ميزانُ:** [ع. وزن] ساهمي- ترازو- ڪانٽو- تارازي (حساب ۾) جوڙ- جمع- جُملو- ڪل جوڙ. قيامت جي ڏينهن انصاف جي تارازي.

معنيٰ جي ميزان 'محمد'، ڦدامي مردان.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-58، ص-98)

• **ميگهہ:** راڳ جو ڇهن راڳن مان چوٿين راڳ جو نالو- ملهار.

ڀيرو، مالڪوس، هنڊول، سريہ ميگهہ، ديپڪ ترنم.

(محمد فقير، سُر ملار ڪافي-4، ص-102)

• **ميم:** حضرت محمد صہ جن جي نالي مبارڪ جو پهريون اکر.

'محمد' مظهر ميم مثالي، ختم خوشتر خوب خيالي،

چٽي چشمن واري چالي، چوڏس ڪيو چمڪارو.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-64، ص-101)

ن

• **ناب:** صفت [ف] جنهن ۾ ملاوٽ نہ هجي- خالص- صاف. مخلص- صادق.

نج نفي اثبات نٽڪي، نازنين 'محمد' نگار.

نظم جو ناطق نقارو نجيبي ٿيو ناب ناب.

(محمد فقير، سُر ڪانڙو ڪافي-1، ص-170)

• **ناٿ:** ذ. [سن. ناٿ] بچائيندڙ- پناهہ ڏيندڙ- رکپال. خاوند- ڌڻي. (صفت) اڪابر- پِڙ. ڌڻي- سردار. جوڳين جو مرشد يا گرو. سوامي- مالڪ- جوڳيسر. تجربہ ڪار. ناٿ پنٿي هندو فقيرن جو فرقو- يوڳي گُرو. (مڇندرناٿ، گورکناٿ).

نانگا ناٿ نهاري نيهي، پاڻ ۾ پنهنجي ويڙا پيهي،

ڳالهہ ڪبي ڀي تن جي ڪيهي، پرٿئون پلپل ٿيا پشيمال.

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي-5، ص-3)

• **ناٽَڪُ:** ذ. [سن. نَٽُ= نچڻ] نَٽ جو تماشو- نِماءُ- نمائش- ڏيکاءُ- ناچ- راڳ رنگ- نقل- رُوپ. کيل- برامو- تماشو. جادو ڪرڻ واري حالت- ڪامڻ- سحرُ- موهڻ

ناٽڪ نُور نظاري واري، نانگو ناچو ناٽ نحال آهيان.

(محمد فقير، سُر بيلو ڪافي-28، ص-121)

• **ناپيدُ:** ذ. صفت. [ف] پيدا نہ ٿيندڙ- مشڪل هٿ ايندڙ- ناميسر- اڻ لڀ- دُرلڀ- ڪمياب- عنقا- ورلو. چونڊيل- ڏُڪيل- چيدو- برگزيدو. اپر- بي مثال- لاثاني- اڻ جيس. نيست- معدوم- فنا.

نينهن جو نمرو هٿي ٿيا نظر جي نيشان تي،

نرپسن ناپيد نيارا، نيڻ نرگس نيم خواب.

(محمد فقير، سُر ڪانرو ڪافي-1، ص-170)

• **نادُ:** [سن. ناد> نَد= آواز ڪرڻ] آواز- صدا- صوت- سُر- الحان- نِدا- گُونج- آڪاسي آواز. وڄائڻ ۾ ڪم ايندڙ هڪ ساز- سنکُ.

ڪري، قابو دلبر دلڙي، برهہ جي بازار،

نسنگ ناد وڄايو.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-12، ص-15)

• **نازبُوءِ:** اسم خاص. خوشبودار ٻوٽيءَ جو هڪ قسم.

نازبوءِ نرگس تقمان ٹُل ٹُل، گونئہ گوهر غنچہ گُهل گُهل،

ڪتي حال حُسن دي هُل هُل، هرجاءِ هٿ هٿ هڪ مُبڪار.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي-6، ص- 168)

• **ناسُوتُ:** ذ. [ع] جسمن جي دنيا- عالم اجسام- دنيا- هي جهان. تصوف جي ٽين منزل. (1) جبروت. (2) ملڪوت (3) ناسوت (4) لاهوت.

ناسوت ڇا ملڪوت معني، جبروت ڇالا هوت لام،

ماهوت ڇا همدم هنگامون، ياهوت ڇا آهي بيان.

(محمد فقير، سُر پيم پلاس، ڪافي-8، ص-53)

• **ناسُون:** واحد. ناس. ٺه [سن. نش] نڪ جو هڪ سوراخ يا تنگ نڪ جي چونٽي۔ ناڪوٽي. ناڪوٽي.

چِراغ مُنهين، چپ تنهنجا ڏولا جهڙا ڏِڪ،

ڦقڙ مُنهين ڦوڪٽي، تنهنجون ناسون توپيان نڪ.

(محمود فقير، خيري، ص۔137)

• **ناطق:** ذ. صفت. [ع] ڳالهائيندڙ۔ صاحب عقل۔ سُڄاڻ۔ سمجهہ ڀريو۔ ڪُليات ۽ جُزئيات سمجهندڙ. نِهرايل۔ قطعي۔ چٽو۔ صاف. شافي۔ ڪَتو۔ پڪو۔ تاڪيدي۔ آخرين. تڪرار.

نامور نيزي نظر ناطق، نظاري نوڪ تي،

نانگو نسنگ نِشان ٿيو نيڻن واري نچ نار نار.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي۔6، ص۔77)

• **ناقِص:** ذ. صفت. [ع] اڻ پورو۔ نامڪمل۔ گهٽ۔ اڌورو۔ ڪسو۔ اوڻو۔ ڪسيءَ وارو۔ گهٽائي وارو۔ زائل۔ نِرسو۔ ڪٽل (پاڱو)۔ ڪم (عقل)۔ اڌوگابرو. خاميءَ وارو۔ عيبدار۔ ڪوڙو۔ ڪوٽو۔ خراب۔ نڪمون.

نام والا دم جاڻ غنيمت، نام بنا دم ناقص هي،

فذڪروني آذڪر ڪم دا، حڪم هلايا وارث هي.

(محمد فقير، سُر سورٺ، ڪافي۔1، ص۔201)

• **نالِ:** حرف جر. [سرائيڪي] سان۔ ساڻ۔ سميت۔ سوڏو۔ شامل۔ گڏ.

پنهل پنهنجي پر ۾، پِٽڌي ٻول ويو

صدقو ٿيان تنهين تان، جنهين نال نيو.

(محمود فقير، ڪافي۔5، ص۔47)

• **نام ڪُنيا:** نام ڪنو. ذ. صفت. نالي وارو۔ نامور۔ ناليرو۔ ناميارو۔ نالي چڙهيو۔ ناميو۔ نامي۔ نامدار۔ معروف۔ مشهور۔ هاڪارو۔ ضرب المثال.

بگو ڏِگو بينسرو سائو سرڪاري،

نام ڪُنيا نارن ۾، تا هر وهن هاري

(محمود فقير، خيري، ص۔133)

- **نامیا:** واحد. نامیو. ذ. صفت. نالي وارو- نامیارو- نامي گرامي- نامور.

نسنگ ٿیا ناتي ڳِکهہ جي نقش جانا میا نقاش،

نئون بنون نازک نظارو نُور جو ڏیڙو نجاب.

(محمد فقیر، سُر ڪانرو ڪافي- 1، ص- 170)

- **نانِڪُ:** اسم خاص. هڪ نیڪ، مشهور ۽ خداپرست درویش جو نالو- سکن جي جي اڳواڻ جو نالو- گرونانڪ صاحب.

نانڪ هُون ڪِٿ نجفي هُون،

ڪِٿ سچل صاف سمندر هُون.

(محمد فقیر، سُر تلنگ، ڪافي-46، ص-93)

- **نانگا:** واحد. نانگو. جوگي- آدیسي- سنیاسي- دنیا کان ڌار- الله لوڪ.

نانگا نات نِهاري نیهي، پاڻ ۾ پنهنجي ویڙا پیهي،

ڳالهہ ڪبي ڀي تن جي ڪیهي، پرتئون پلپل ٿیا پئیمال.

(محمد فقیر، سُر آسا، ڪافي-5، ص-3)

- **نانِي:** (اسم خاص) لس ٻیلي ضلعي ۾ هڪ زیارت گاهہ جو نالو. هنگلاج- هٿ یوگي فرقي جي تیرٿ گاهہ جو نالو.

نانگا ناني نات پُڄائن، سمر سڪ ڪیو پاڻ پچائن،

ورق وجودي ۾ ٽا ڇائن، سیر سیوئي گهمڻ جو.

(محمد فقیر، سُر پیروي، ڪافي-37، ص-29)

- **نانهن:** نانهہ. ث. ڪجهہ بہ نہ هئڻ واري حالت- نیستي- نفي- عدد (حرف انڪاري) نہ- نهڪار- ناڪار- انڪار.

نظر ۾ نانهن ٿي، نانگا ٿیا نِهال،

هٿ ڪیائون خیال، خُدائي خمار سان.

(محمد فقیر، بیت-86، ص-274)

• **ناياب:** ذ. [ف. نہ يافتن] نہ لڀندڙ- هٿ نہ ايندڙ- اڻ لڀ- ڪمياب- ناپيد. عنقاء- نادر- انوکو.

گناهہ ۾ غرق ٿي ثابت ڪيو ثواب،

نسنگ ڪٿي ناياب، 'محمد' خبر خلق جي.

(محمد فقير، بيت-256، ص-294)

• **ننڪي:** (نَنُ) ذ. [سن. نت] ناز- نخرو- لوڏ- لاڏ- ڪوڏ- انگل- ماٺهو.

نينا والي نظاري، ننڪي نقاب نياري،

نروار ناز نعري، نيشان هورها هُون.

(محمد فقير، سُر پيروي ڪافي-12، ص-15)

• **نحن اقرب:** (نَحن اَقرب اِليہِ من حبل الوريد). (سورة ق، سيپارو-26، رڪوع-2، آيت-16) "اسين هن (انسان) کي سندس گردن (شهہ رڳ) جي رڳ کان بہ ويجها آهيون".

نحن اقرب نور نج، ناطق نظر جي نوڪ تي،

پاڻهي پسڻ پنهنجو پسي، ٻگدار ٿيو احمد زمان.

(محمد فقير، سُر ڀاڳ، ڪافي-4، ص-55)

• **نِدا:** آواز- پڙلاءُ- تنوار- دانهن- سڏ- پڪار- صدا. سڏ.

مخلوق نہ مين خالق، معشوق نہ مين عاشق،

خود عشق عجب اعلىٰ، نيهي نسنگ نِدا هون.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-42، ص-143)

• **نِڌان:** ظرف. آخرڪار- نيٺ- پڇاڙيءَ تائين- آخرين- نشان نيٺ- پڇاڙي- حد- انتها- توڙ- ڇيڙو- ڇيھہ- نتيجو.

نيٺ ني کولا نظارا، نقاشي نِڌان ۾،

نُور نر نروار ننڪي، نازڪي نيشان ۾.

(محمد فقير، سُر بيلو ڪافي-4، ص-108)

• **نرُ:** ذ. صفت. بهادر۔ ڏاڍو مڙس۔ پهلوان۔ مردانو۔ جانٺو۔ پُرهيـ

تنبڊي پر تڪاٽا، وحدت پر وڪاٽا،

نظر محمد شاهہ نر جا هلي ڏسو نيشان.

(محمود فقير، ڪافي۔45، ص۔71)

رکي نوڪ نظر تي ناتو نر،

پئيمان پسڻ جي پاري پر.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي۔62، ص۔100)

• **نِرتَ:** ث. [سن. نيتر يا نرتي] نظر۔ ديد۔ نهار۔ اک جي روشني۔ ڏيٺ. ڌيان۔ خيال۔ سمجهہ۔ فهم۔ پوجهہ۔ هوش۔ حوصلو.

سُرت نِرت وِچ صورت سِرديہ گام گگن دي گياني گُرديہ

ديدن والي دائم دُر دِيہ ڌيان دلاور دي درجاتي

(محمد فقير، سُر لوڙائو ڪافي۔15، ص۔74)

• **نَرگِس:** گل جو هڪ قسم (اندران ڪارو ٻاهران پيلو).

نازبوءِ نرگس، ٽُهمان ٽُل ٽُل، گوتنہ، گوهر غنچہ گُهل گُهل،

ڪيتي حال حُسن دي هُل هُل، هر جاءِ هٽ هٽ هڪ هيڪار.

(محمد فقير، سُر بسنت، ڪافي۔6، ص۔168)

• **نرگُن:** اوگڻ۔ بي هنر۔ نادان۔ خراب۔ بد۔ جنهن ۾ ڪابہ سٺي خصلت نہ هجي. هندو مت موجب، دنيا يا مايا جا ٽي گڻ آهن: (1) ست (2) رَج (3) تم. انهن کان نجات حاصل ڪندڙ.

نرگن ڪا گُن سمجهي صاحب، سچ کنڊ اُس ڪا کولاري

(محمد فقير، سور ڪونسيہ ڪافي۔2، ص۔174)

• **نَرڳُ:** ذ. دوزخ. جهنم. (ذ. صفت) ڪِنو۔ خراب۔ گندو۔ بدفضيلت.

ارڙهين ڏينهن ڳياهي آريءِ ثابت نہ ٿيم سار.

تنڊ نياڳي نرڳ نهوڙيا، دوست ڳيا دلدار.

(محمود فقير، تيهہ ڏينهن، ص۔121)

• **نِرمَلُ:** ذ صفت. اڻ ميرو- بنا ڪدورت- پاڪ پوتر- صاف- نِج- ڪومل- شفاف- چمڪندڙ- ڏجاوارا- اوجل- اڇو- اجرو- آڇُتو- نجو- خاص- نِيار- خالص- اصل. نيٺ- چند- ڪرو- سچو- بيداغ- نيڪ دل- صاف دل.

ساڻن ساڻ سروپي ساجن، نرت نظاري سُر تي ساڻُن،
نِس ڏِن نِرمل نج نڌياسن، ساڪيا تي سوپارا ري.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي_12، ص_179)

ٿئي ڏک ڏور ڪلئي پہ حضور، وسي پيا نُور دا نظارا.
چقمق چُور ڏيون گهُور، هِن ڪي نُور نرمل دي.

(محمود فقير، ڪافي_51، ص_77)

• **نِرنجنُ:** ذ صفت. بي عيب- لڳت يا موه کان آزاد. خدا جو طالب. (ظرف) بنا جذبي- بنا حرص وحواس.

ڪرون گيان سرون، مها واڪ من نن،
نِرجن نڌياسن، ساڪيا تي شڏاني.

(محمد فقير، سُر درباري ڪانرو ڪافي_3، ص_200)

• **نِروارُ:** ذ ظاهر- ڪليو- پڌرو- عيان.

نيڻن واري نوڪ نظر تي نچي نازن سان نروار آيو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي_3، ص_108)

• **نَڙو:** ذ ڪورين جي اوزار جو هڪ قسم- سُٽ ويڙهڻ لاءِ ڪاٺ جي پوري نلي- نڙاندي- نٽانبي- ڳوٽو- پِهي- سُٽ سان پريل رِيل.

ڳج چُني چوندا سان پاتو اٿم پڙو
تون اُستاد آهين، تنهنجو ڏسان وينِي نڙو.

(محمود فقير، ڪافي_71، ص_92)

• **نزاڪت:** نازڪپائي- خوبي- ناز و انداز- نازڪ مزاجي- سونهن سوبيا- حُسن- ڏيک ويک- خوبصورتي- سينگار- زينت- زيب- سُهڻائي- سُندرتا- لطافت- ملوڪت- نفاست- نفيسائي- ملوڪائي.

نامور نادر نرالا، ناٿ نر نروار ڪيا،

نوڪ نيزي جي نزاڪت، نيڪ ٿيا ننگي نياب.

(محمد فقير، سُر ڪانرو ڪافي-1، ص-170)

• **نِسُ:** [سن. نِشا] رات- رَئڻِ- راتڙي- رينَ- شب- ليل.

ساسن ساس سروپي ساجن، نرت نظاري سرتي ساڻن،

نِس دن نرمل نج نڌياسن، ساڪيا تي سوپارا ري،

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي-12، ص-179)

• **نِسنگ:** ذ. صفت [سن. نہ= نہ+ شنڪا= سنديہ] نہ ڊڄندڙ- بي ڊپو- بي فڪر- بي غرض- الغرض. بهادر- سورهيہ- پهلوان. (سن. نہ= سواءِ+ سنگ= سنگ) نروارِ- ظاهر- جُدا- اڪيلو- اڻ گڏيل- ڏنڌن ڪان آجو. ڪمن ڪارن ڪان آجو- تارالدنيا- بي طمع.

نقش نقاشي نور نظاري، نينان وِچ نيشان،

نينهن نِسنگ نروار ڏئوسي.

(محمد فقير، سُر بلاولي ڪافي-4، ص-8)

آديسي اڙٻنگہ تازا چڪين تنگہ

نيلا اُٿ نِسنگہ هليا ويا هوايون.

(محمود فقير، ڪافي-4، ص-47)

• **نَفسُ:** ذ. ث. جان- روح- آتما- دم- ساهہ- پساهہ- پراڻ- هستي- وجود- عِز. حقيقت- اصليت- اصل. جوهر- ستُ- مغز- لُب لُباب. خود- آتم- پاڻ. حيواني خواهشون- نفسانيت. جسماني خواهشات.

نفس نفي ڪر نوڪ نظر تي، شور شراب مچائون، رنگ لائون.

(محمد فقير، سُر پهاڙي ڪافي-31، ص-137)

• **نَفِي:** ظرف. انڪار۔ ناڪار۔ نهين۔ نہ آياؤ۔ عدم۔ نيستي۔ ناستيہ اخراج۔ دوري اِلاالله چوڻ (ذ. صفت) ناڪاره ڪندڙ۔ انڪاري صوفين جي هڪ منزل.

نفي قلبي رُوحي سِري خَفِي آخفيٰ ڪسب ڪري،

قتل ڪر شوق شڪ شِرڪ آنا اِلاقرار هي ڪيتا.

(محمد فقير، سُر پيروي ڪافي۔15، ص۔17)

• **نَفيلان:** واحد. نَفِيل. ث. فقيرن جي وڄائڻ جو سِڱ۔ توتارو۔ نفيري۔ نادوهہ (ذ. صفت) تمام۔ ڊگهو۔ لنبو.

ناد نفيلان نوبت نعري، نينهن والين دِي نزاڪت هي،

(محمد فقير، سُر راڻو ڪافي۔3، ص۔233)

ڪشتا پڌ قنديلون، جهنڊا ڏنڊ نفيلون،

طرحين ڪج تحصيلون، نسنگ ٿي نِڪرڙي

(محمود فقير، ڪافي۔25، ص۔58)

• **نَقش:** ذ. چِٽُ۔ چِيٽ۔ گلڪاري۔ چِٽسالي۔ اُڪر۔ قلم ڪاري، ڇاپو۔ نشان۔ ٺپو۔ ڇاپ۔ چِٽر۔ پورُ۔ مُهر. شبيهہ۔ مورتي۔ تصوير.

نقش نجاب، نينهن نواب، ڪول نقاب نوراني،

نرمل نار رندي ران ساري ساز سبحاني.

(محمد فقير، سُر پيروي ڪافي۔30، ص۔25)

• **نقش نقاش:** چِٽ گل ڪيندڙ۔ نقشہ نويس۔ رنگ ساز. نقش و نگار ناهيندڙ.

نقش نقاش دا ناز نظارا، سورهيہ ويکن سِر وِچ سارا،

عاشق ٿي اظهار ٻولي ٻولن وحدت والي.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي۔39، ص۔90)

• **نقارا:** واحد. نقارو. ذ. وڄائڻ جي ساز جو هڪ قسم۔ نغارو.

نينان والي نُور نظاري نِت نِت ناچ نچايا،

مار نقارا اناالحق دا، شاهي طبل وڄايا.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي۔13، ص۔113)

• **نقاشي:** ث. نقش ڪرڻ واري حالت ـ نقش نويسي ـ تصوير ٺاهيندڙ ـ مصوري ـ ڪمانگري ـ چتر ڪلا ـ چٽ سالي.

نين ني ڪولا نظارا نقاشي نِڏان،

نُور نر نروار نتڪي، نازڪي نيشان پر.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي ـ 4، ص ـ 108)

• **نِکادُ:** ذ [سن. نشادَ] راڳ موجب آواز جي ستاءِ (سرگم) جو پڇاڙيءَ وارو ستون سُر.

سُر ريکب گنڌار منڌم، پاڌيوت نِکاد سرگم.

(محمد فقير، سُر ملار ڪافي ـ 4، ص ـ 102)

• **نِگاري:** (نِگار) ذ [ف. نگاشتن] نقش ـ چِٽ. تصوير ـ فوٽو ـ بُت. معشوق ـ محبوب ـ دلبر.

نِگاري نظر جِي، بهاري بزم جي،

حُسن جي حڪم جي، ڪيان ڳالهه ڪيهي.

(محمد فقير، سُر پهاڙي ڪافي ـ 1، ص ـ 122)

• **ننگي:** ذ. صفت. لڄ بچائڻ وارو ـ ننگ ڪٽندڙ ـ حياءَ دار.

دُرس دلير زوراور زنگي،

ننگ پرياسي نرمل ننگي.

(محمود فقير، ڪافي ـ 13، ص ـ 52)

• **نوابُ:** ذ. [ع. نائب جو جمع] قائم مقام ـ نائب ـ صوبو ـ حاڪم ـ سردار. عامل ـ ناظم ـ فرمان روا. رئيس. عزت جو لقبُ

پڇي ويو ڏوهه ثواب، نچي نينهن ٿيو نواب.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي ـ 52، ص ـ 95)

• **نوائِي:** ث. وائي نه هئڻ پر واري حالت. ماٺ ـ چپ ـ چُپات. خاموشي. سُنسان ـ سُڄ ـ سانت ـ صبر.

نرت نر نوائي، سراسر سوائي،

سُرت جي سچائي، سلان سير سارو.

(محمد فقير، سُر پهاڙي ڪافي ـ 44، ص ـ 144)

• **نوبتَ:** ث. [نوبَ= ويجهو هجڻ] وارو- گهمرو- مقرر وقت- پيرو- چڪر- گهيرو- وَرُ. وڏو نغارو- پيڙ- نقاره- ڏونس. نغاري جي وڄت جو هڪ قسم- واڄو- دمامو- طبل. دهلن وغيره جي وڄڻ جي حالت.

'محمد' مک مشتاقي محبت، نيڻهن نوالي واري نوبت،

مئي جي مست مقال سان متوال سان.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي_41، ص_91)

'محمود' چئي محبت، سرور جي صحبت،

لڳو نينهن نوبت، ڇتا سڀ ڏوهاري.

(محمود فقير. ڪافي_20، ص_56)

• **نُورالسموات:** آسمانَ جو نُور.

فرمُودي فُرقان جي، نورالسموات،

نيڻن واري نوڪ کي، عاشق ڪن اثبات.

(محمد فقير، بيت_238، ص_292)

• **نُورو:** ذ [سن. نُوپر. نيئر] پيرن ۾ پائڻ جي زيور جو هڪ قسم- پيرن ۾ پائڻ جو ڪڙو (پازيب)- پايل- جهانجهر.

پڇي جو پروان جيئن، سو پرت ۾ پورو

نوراني نُورو لائي لاثان ٿيو.

(محمد فقير، بيت_118، ص_278)

• **نوشان نوش:** پيءُ پيئان. وٺي تي وٺو پيئڻ.

جوشان جوش، نوشان نوش، پوشان پوش پاساري،

نٽڪي نون گهري گهُوں پلٽئي پور پرور ديهه

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي_30، ص_25)

• **نوڪ:** ث [ف] آئي- ڇهنب- ڇِتَ- چوٽي. ڏڪ- ايذاءُ. ڪُنڊي نيش- ڏنگ- پاش.

چشمان چوڪ، مُژگان موڪ، نينا نوڪ دي نعري،

چم چم چير، گم ڪر غير، ڪيتي سير سِر ساري

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي_30، ص_25)

• **نيڙ**: ذ. زنجير. هٿ ڪڙي- بند- قيد- قابو. بيڙي- ڏاوڻ.

آرانبيون عشق ازل جون، رهيون دل پر اندر دل جون،

پيا اٿم ننگ نيڙ جا.

(محمود فقير، ڪافي-36، ص-65)

• **نيڙا**: واحد. نيڙو. ذ. صفت [سن. نڪٽ= ويجهو] نزديڪ- ويجهو- قريب- پرسان.

ونحن اقرب نِت نِت نيڙا، وحدت ورق ولايا،

ٹوڙ ڏوئي دي دام دلاون، دمروچ ڏود ڏکايا.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-4، ص-123)

ڏک درد تيم ڏور، لڳو نور نارو

هينڻون هير، تيم سڌير، وريو وير وارو

ويني ورهه ولوڙيان، ٿهير کي نيڙي

(محمود فقير، ڪافي-2، ص-46)

• **نيزار**: نيزاري. ث [ف. نيزاري= ڏُبرائي] منٿ- آزي- التجا- ليلڙائي- زاري- عرض- عجز- عاجزي- نيازمندي

نون نقطا ڪر نيزار، چوڏس چنڊ چارئي يار،

پنجتن پاڪ اُڪارن پار، آيئي نيلي دي هسوار.

(محمود فقير، سي حرفي، ص-148)

• **نيلن**: نيلا. نيل- آب نيرنگ. ڳاڻيٽي جو هڪ وڏو عدد.

ڪوڙيين پدم نيلن ڳنان، هڪ دم جيڻ آهي وڏيڪ.

دم خزانو هٿ ڪري، جُڳ جُڳ جيئڻ آهي وڏيڪ.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي- 21، ص-65)

• **نيلي**: واحد. نيلو. ذ. صفت. نيلي رنگ جو- نيلي رنگ وارو- آسماني- نيرو- بلو. (خطرناڪ زهريلو نانگ).

عشق اصيلي، رنگ پيلي، نانگ نيلي اٽڪي،

لٽڪ لهرن، پلٽ پهرن، زلف جوهر جهٽڪي.

(محمود فقير، ڪافي-56، ص-80)

و

• **واڄا:** واحد. واڄو. ذ [سن. وادِيہ> وَدَ= وڄڻ] وڄائڻ جو ساز- دهلن، نغارن وغيره جو آواز. دَسُ. واڄٽ- گوڙ- آواز. ساز جو هڪ قسم- باجو نغارو.

سوين ساز وڄن ٿا، اڏي واري آن.

قدم وارو قواز آهي.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-45، ص-93)

ڪوءِ پيا عمر تنهنجا خُومڇا ڪاڇا.

توٽي وڄن هِت سؤ سؤ واڄا.

(محمود فقير، ڪافي-26، ص-59)

• **وارِثُ:** ذ. [ع. ورث= وارث ٿيڻ] ورثو وٺڻ وارو- ميراث وٺڻ وارو- ترڪو وٺندڙ- حقدار- مستحق- فوتي جي ملڪيت مان حصو وٺندڙ. مالڪ- خاوند- ڌڻي- ميان- سنڀاليندڙ- نگهبان- سرپرست.

پسي پنهنجي پسڻ کي، پسڻ واري پر.

'محمد' وارث وَر، وحدت جي ويساهہ سان.

(محمد فقير، بيت-212، ص-288)

• **واسينگ:** ذ. [سن. واسڪ] ڪاري نانگ جو قسم- ڪاريهر- وسيهر- زهري سپ

واسينگ جي ويڙهہ ۾، جوڳي ڪن ٿا جوڳ.

ڦولهي پسن ڦوڳ، منتر هٿي مام جو.

(محمود فقير، بيت-54، ص-271)

• **واصِلُ:** ذ [ع] ملڻ وارو- پهچڻ وارو- مليل. ملندڙ- ملڻ وارو- شامل ٿيندڙ- حاصل ٿيڻ وارو- هٿ ايندڙ. وصول ٿيل- وصول ٿيندڙ- ملاقات ڪندڙ.

خبردار خاصل، واري واڳ واصل،

ڪري حال حاصل، حُسن جي هڪل سان.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-45، ص-45)

- **واڪَ:** ذ [سن. واڪيہ] لفظ- جملو- شبد. ٻولي. ٻول- گفتگو- انجام- قول- قرار- وعدو. پڇندي- سگهہ- طاقت- وس- پهچ- ٻَل- زور- وزن- توفيق. دسترسي- وسعت- اختياري.

واڪ وَڙيڪ ويراڳي وِديا، ڪٽ شمپتِ بڪار ڪيا.

(محمد فقير، ڪونسيہ، ڪافي-6، ص-176)

- **واڳ:** مصدر. واڳ وارڻ. گهوڙي يا اُٺ جي مهار موڙڻ- رُخ رکڻ- مُنهن ڪرڻ- وطن ڏانهن ورڻ. اچڻ جو ارادو ڪرڻ- سهي سنيري نڪرڻ- (نصيب) واپس موٽڻ- موٽي ملڻ- پوٺتي موٽائڻ.

ملڪيت سِر 'محمود' چوي ۽ ساهہ صدق سؤ پيرا،

ياڳ پلو ٽيو ماڳ ملڪ تي، واڳ وطن تي واريندو!

(محمود فقير، ڪافي-1، ص-45)

- **واگهو:** ذ. [سن. وياگهر] پاڻيءَ جي جانور جو هڪ قسم- واڳو.

سمنڊ سواريان، ٻڌ سونهاريان، باز بحريان بر اُڏان،

مرد چڙهندي، مُول نہ مڙندي، واگهو وڙهندي ڪرشڪار.

(محمود فقير، ڪافي-53، ص-79)

- **واهُو:** ذ. رستي سان لنگهي ويندڙ- لنگهي ويل ماڻهو. وهندڙ- جاري- هلندڙ.

اڄ شياهُو واٽ واهُو يار تيڏي هِن ادا،

توءِ جيڏي يار تيڏي راند ڪيڏي ٿئي جُدا.

(محمود فقير، ڪافي-53، ص-79)

- **وٽ:** ونڊ- وراهہ- ورهاڱو سوغات- پاڪر- سٺي شيءِ- نذرانو- نياز- حصو- ورچ.

اڪين ۾ اثبات، جهاتي اندر جهات،

ڪري ظاهري ذات، وحدت واري وٽ.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-26، ص-23)

• **وِڄِلِي**: ث. بجلي۔ وِڄُ۔ کنوڻ۔ بفرق۔ تجلو.

دل دڙيات، ڪر ڪڙڪات، پئي وٺڪار وِچ وِڄِلِي.

برسر بان مٿي تي وار، ٿُرهي يار توڪل دي.

(محمود فقير، ڪافي۔ 51، ص۔ 77)

• **وَڇارُ**: ذ. وڇن وارو ۽ انهن جو ڇاريندڙ. وڇون ڏاريندڙ۔ وڇن وارو. ميهار.

ونحن واري ويڙهہ وِرهہ جي، وصل جو وِوڙي وٿاڻ.

وحده واحد وجودي، وجہ الاهي ٿي ويچار.

(محمد فقير، سور لوڙائو ڪافي۔ 13، ص۔ 73)

• **وحدت**: ث. [ع] هيڪڙائي۔ يڪ وجودي۔ ايڪتا۔ ايڪائي. فرديت۔ تنهائي۔ اڪيلائي. توحيد۔ ايڪو۔ اتحاد.

ونحن اقرب واري ويڙهي، وحدت جي ويساهہ.

وصل واڳ ورائي آيس.

(محمد فقير، سور تلنگ، ڪافي۔ 36، ص۔ 89)

• **وِدِيا**: ث. [سن] علم۔ ڄاڻ۔ پروڙ۔ ٻڌي۔ عقل۔ هوش۔ فهم.

واڪ وَويڪ ويراڳي وِديا، ڪٽ سمپت برڪار ڪيا.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي۔ 6، ص۔ 176)

• **وَرُ**: ڏنگ ڦِڏ۔ وڪڙ۔ وٽ۔ پيچ۔ ڦير۔ ڦند. واٽ۔ راهہ. وِنگ۔ وراڪو.

وندر وٺڪار جي ور ۾، وسائي وس وِره واري.

ويراڳي وات وحدت جي، وصالي وک وڏايان ٿو.

(محمد فقير، سُر ڪلنگڙو ڪافي۔ 14، ص۔ 190)

• **وَرُ (2)**: ذ [سن. وَرَ= مڙس چونڊڻ] مڙس۔ خاوند۔ ڌڻي۔ ميان. سنڀاليندڙ۔ نگهبان۔ سرپرست. گهروارو۔ مالڪ۔ والي.

پسي پنهنجي پسڻ کي، پسڻ واري پر.

'محمد' وارث وَرُ وحدت جي ويساهہ سان.

(محمد فقير، بيت۔ 212، ص۔ 88)

• **وَرتُ**: ذ [سن. وَرَتو] نوڙي- رسي- واڻُ- واجهه- رسو- نوڙ. چمر سان وٽيل رسي جنهن سان کوهه مان پاڻي ڇڪي ڪڍجي- چمر جو ڏگهو رسو- نيٽو- سيٽ.

ليار هيلون هڪ وار نہ وڃان، مار گهتن چا لنگهي،

مول نہ چوڙان محمد ڪون، ورت وَڪوڙي چا ونگي.

(محمود فقير، بيت-2، ص-96)

• **وَرقُ**: ذ. ڪتاب جو ورق يا صفحو- پنو- پني. ڪاغذ جو ٽڪر- ڪٽيل ڪاغذ.

نانگو نظر نظاري، وحدت جو ورق واري،

پيالو پڏر پياري، منظور عشق ڪيو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-7، ص-110)

• **وَرنَ**: ذ. جدا جدا رنگن وارو- پانت پانت شڪلين وارو- رنگارنگي- گوناگون- چٽڪمرو- وچتر- چِٽ چِٽ- ڦلڦليو.

واسينگ ڪيئن ورن سان، ڪاريهل ڪروڙ،

ڪپر ڪڍ پدم پيا، تليهر توڙان توڙ.

(محمد فقير، بيت-56، ص-272)

• **وَريامُ**: ذ. [سن. ويروان] سورهيه- پهلوان- غازي- سورمو- جوڌو- ڪوپو- ڳوڌو.

آهي عشق اسان جو امام آيو ويڙهي وحدت جي وريام آيو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-2، ص-107)

• **وَسَ**: مصدر. وَسَ ٿيڻ. مينهن جو وسڪارو ٿيڻ- برسات پوڻ- گهڻي بارش پوڻ.

وندر وٺڪار جي ورهہ وسائي وَس وِره واري،

ويراڳي وات وحدت جي، وصالي وک وڌايان ٿو.

(محمد فقير، سور ڪلنگڙو ڪافي-14، ص-190)

• **وُسعَت:** ث [ع] ٻل۔ طاقت۔ وِٽ۔ توفيق۔ پهچ۔ قوت۔ پڄندي۔ هوند. جمعيت شاهي وسيمت مندي۔ ٻيڻلائي۔ شاهوڪاري، فراخي۔ ڪشادگي۔ ويڪرائي۔ ويڪراڻ۔ موڪلاڻ.

وارث وسعت وارا، ڏسان آريءَ جا اوتارا،

برسيا باغ بلوچ جا، تيا هاڙهي ۾ هبڪارا.

(محمود فقير، ڪافي۔18، ص۔55)

• **وِسوڙل:** ذ. صفت. وسوڙ۔ صاف دل۔ سڌو۔ سادو۔ ڀالو ڀولو۔ نرڇل۔ شُدمتي۔ بي ڏوهو۔ ڀورڙو۔ ويسريو۔ موڳو۔ نادان۔ مورک۔ منجهيل۔ بي عقل. مت موڙهل.

ديرا جن جون دايون، جنت ۾ اٿن جايون،

وِسوڙل وٺڪار ۾، آجهي انهن جي آيون.

(محمود فقير، ڪافي۔1، ص۔45)

• **وِصالِي:** وصال جو طالبو۔ ميلاپ جو خواهشمند.

اسم جسم ۾ جوڙ جلالي، ونحن اقرب ويسن وصالِي،

بيرنگ بات بتائي، وحدت وائي.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي۔42، ص۔91)

• **وَصَلُ:** ذ. [ع] لاڳاپو۔ ڳانڍاپو۔ وڇوڙي بعد ملڻ۔ ميلاپ۔ ملاقات۔ جوڙ۔ وصال.

'محمد' سنياريان سنياريان نا وساريان،

واحد ورق واريان، وصل ويس وارو.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي۔44، ص۔144)

• **وَفِيٓ اَنفُسڪُم:** [قرآن شريف] توهان جي وجود ۾ ئي ڪيترين نشانيون آهن، پوءِ توهان ڏسو نٿا؟

وَفي انفسڪم فرق نه ڪوئي، فالم فائق ڏي فرمان.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي۔7، ص۔77)

• **وِگيانِي:** (وِگيان) ذ. [سن. جئيجا= ڄاڻڻ] علم- ڏاهپ- ڄاڻ- معلوميت.

ڪرم ڪُل ويداني، اُپاشن سڏاني،

گياني وگياني ڪي سِر مين سمائون.

(محمد فقير، سُر ڪانرو ڪافي-6، ص-173)

• **وِڳر:** ذ. [سن. وَرُگ= مجموعو] ڌڻ- گلو- وڳ- ولر. سٿ- جماعت- ٿهي- مجموعو- اولاد- ڪٽنب- قبيلو- گهراڻو- ڪُڙم- آکهه- عزيز- مِٽ مائٽ. انيڪ- گهڻا.

اٿم اميد اهڙيهٔ اباڻي اڇان ٿي،

ملڻ 'محمود' پنهنجي وڳر ڪي وڃان ٿي.

(محمود فقير، ڪافي-6، ص-48)

• **وَلَ ڇَل:** ور وڪڙ- مڪر- ٺڳي- ٻيائي- فريب- اٽڪل- حرفت- چالاڪي- بهانا ڪرڻ.

عشق بازيهٔ جو مزو ماڻن جتي مشتاق ٿا،

صنم سنگدل بہ هجي، اُتي وَل ڇل بہ هجي.

(محمد فقير، سُر بهاڳ، ڪافي-20، ص-64)

• **وَنحن اَقرب:** [قرآن شريف] وَنحن اقرب اِليه من حبلا الوريد. (سورة ق. آيت- 16) ترجمو: "اسين هن (انسان) کي ڪنڌ جي رڳ کان بہ وڌيڪ ويجها آهيون".

ونحن اقرب اُلٽ اشارو ڄاڻ اهو تون ڄاڻ.

(محمد فقير، سُر آسا، ڪافي-3، ص-2)

• **وَنَفَختُ:** [قرآن شريف] وَنَفختُ فِيهِ مِنَ الروحِي. ترجمو: "ڦوڪيو مان روح پنهنجي کي، اُن ۾"

ونفخت في الحال، من الروحي دِي مقال،

خود خُدائي خيال، ميگهہ، ديپڪ، ملار.

(محمد فقير، سُر چلو لوڙائو ڪافي-1، ص-242)

- **وِنڊُرُ:** اسم خاص. لس ٻيلي ۾ هڪ علائقي ۽ نئين جو نالو.

وندر وٽڪار جي وَر ۾، وسائي وس وِره واڙي،

ويراڳي وات وحدت جي، وصالي وک وڌايان تو.

(محمد فقير، سُر ڪلنگڙو ڪافي-14، ص-190)

- **وِنڌَ:** ث. ونڌڻ جي حالت. بڪ بڪ- يخي- تر تر- بڪوات- هُرڪر- چِنتا- اتنظار. چوپڻ. ساڳي ساڳي ڳالهه ورجائڻ. دهرائڻ.

چي سونهان تي سانگهڙ ۾، تو ويتر ٻڌي وِنڌَ.

بوگا ڪيي بچڙا، مولهيا نه پئي مُنڌَ.

(محمود فقير، خيري ص-139)

- **وَنگ:** ذ. [سن. وڪر= ڏنگو] ڏِنگ- پيچ- وڪڙ. ور- وراڪو- ڏاوڻ- ڏاڻ.

ڪجل ڪار، واري ڏار، ڪري مار مچايو

صورت سنگ، واري ونگ، رنگي رنگ رچايو.

(محمد فقير، سُر بنس، ڪافي-21، ص-165)

جنهن بختاور تي بارو سمجهي جڳ تو سارو

ونگ پنهل جا انگ، لکيا تنهن ننگ پنهونءَ تي نعرو.

(محمود فقير، ڪافي-1، ص-45)

- **وَنگارُ:** ث. اسم. آبت- چيڙ- وانگار.

وچ وطن تي واڳ واري، وات ويراڳي ولي،

وهٽ ويسـ ڪان سواءِ ٻي وهم جي آهي ونگار.

(محمد فقير، سُر لوڙاٽو ڪافي-13، ص-73)

- **وَنگي:** مصدر. ونگڻ. ڍور کي ڌُهڻ لاءِ پوئين ٽنگن ۾ ونگ وجهڻ- جڪڙڻ- ٻڌڻ- قابو ڪرڻ. ڏاوڻ وجهڻ. پيچ وجهڻ- وڪڙ وجهڻ.

اي مائي، تون زال ڏمالي ڊِي حال ڀائي،

وَل تال ڪرين پئي ويڙهه ونگي.

(محمود فقير، ڏمالي، ص-113)

• **ونهيا:** واحد. ونهيو. ذ. صفت. هَريو- آسودو- سُکيو- ڀاڳيو- سائو- خوشحال.

لٽا ليڙون اڳڙيون، ٽُني ٽيون ٽڳا،

ونهيا ڪيئن وساريان، ساريان سيڻ سڳا.

(محمود فقير، ڪافي-29، ص-61)

• **وَڻجُ:** ذ. [سن. بڻجَ= واپاري] واپار- ڏنڌو- ڪِرت- تجارت- سودو- سوداگري- جنس- وکري، وکر- مال.

وڻج وحدت دا 'محمد' ڪر تون، پيرنہ پلتي بلڪل پر تون،

توڪل والي ٽُرهي تَر تون، جَهل جگر دا جوش جلال.

(محمد فقير، سُر ڪوهياري، ڪافي-1، ص-182)

• **وِوڙي:** ڳولها ڦولها- جانچ.

قلب ۾ پاءِ جهاتي جوڙي، نيڙو نيشان ۾ ڪوڙي،

مٺي محبوب کي وِوڙي، سِري ڪر ساهہ قرباني.

(محمد فقير، سُر شام ڪلياڻ، ڪافي-4، ص-210)

• **وِهُ:** ذ. [سن. وش] زهر- وِک. موت آڻيندڙ دوا. رمز.

وِهہ سان ڪٿين واسينگ وِهاڻيا، تليهر ٽيا تر تار ميان.

(محمد فقير، سُر ملار، ڪافي-2، ص-102)

• **وِهاڻيا:** سُرت ياهوش کان موڳا ڪيا- ڳهر ۾ ڪري ڇڏيو- ڳهر ۾ وڌو. چريا ڪيا- حوصلي کان وڃايا. وِهہ ۾ زهر سان چريا ڪيا- ماريا.

سٽي سانگ سِر جو پيئن صاف سُرڪي،

ڪٿين وِير وارث، وِهاڻيا وتيءَ تي.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي-55، ص-38)

• **وِهسَنُ:** مصدر. وِهسڻ. [سن. و= تمام+ هسن= کلڻ] تمام گهڻو کلڻ- خوش ٿيڻ- سرهو ٿيڻ- گد گد ٿيڻ- مُرڪڻ- ڇاتي ٺرڻ- جشن ڪرڻ- ٽڙڻ.

ف- فوج فراق ۾ فائق ڪيا فضل،

عاشق اُڄ اُساڻ ۾ وِهسن لاءِ وصل.

(محمد فقير، سي حرفي-3، ص-257)

• **وهلور:** ذ. صفت [سن. وهول+ آور] حيران. پريشان. عاجز. بيقرار. ويڳاڻو. مُنهن لٿل. بي دل. اُداس. تنگ. بيزار. آفت زدو. ڏکي. ڪڪ. مُونجهه ۾. تڙ تڪڙ ۾. ٿَهه پَهه. تڪڙو.

ڪر ڪر ڳالهيان يار پنهل ديان، ول ول وڃان وهلور

ڏک اسان ڪون ٻڪ برهه ڏِيو، سک اهي هن سور.

(محمود فقير، ٿيهه ڏينهن ص. 122)

• **وهِنوارُ:** ذ. [سن. ونومار= ڏيتي ليتي] هلت چلت. واهپو. آڏت. وهي وات. لهه وچڙ. واسطو. دستور. ڏنڍو. (صفت) سچ. حقيقت. برابر. ٺيڪ. درست. صحيح.

ونحن اقرب والي وائي فثم وَجهُ الله وڏائي

وَفِي اَنفسڪُم ويس وڏائي واحد ڪر وهنوار آيا.

(محمد فقير، سُر پهاڙي ڪافي. 25، ص. 134)

• **وِينجهارُ:** ذ. صفت. وينجهر. اُڪريندڙ. ڪاڪ. ڦنديون. ٻيڙا وغيره ٺاهيندڙ. قلم ڪار. ڳنده ڪار. هيرا وغيره پالش ڪندڙ. جوهر تراش. هيرن ۾ ڪچ جو ڪم ڪندڙ هوشيار. سمجهو. ڏاهو. سياڻو. چالاڪ.

جاڳڻ سندي جُهد ۾، وحدت جا وينجهار،

ٻيائي ٻاري ٻارُ غرق ٿيا گرداب ۾.

(محمد فقير، سي حرفي. 3، ص. 254)

• **ويدُ:** ذ. ڄاڻ. پروڙ. سمجهه. عقل علم. بحث راز. سوز. حڪيم. طبيب. ويد راج. طبابت ڪندڙ. ويدي هندن جو هڪ مذهبي پوتر پُستڪ. ڌرمي ڪتاب.[8]

[8] لفظ ويد جو مطلب معني ڄاڻڻ سوچڻ، غور ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ آهي. ويد لفظ مشهور ڪتابن جي لاءِ استعمال نه ٿيو آهي پر هي اهو ادب آهي جيڪو هه هزار ورهين جي عرصي ۾ هند وارن مختلف علمن ۽ رسمن جي باري ۾ گڏ ڪيو ۽ ان جو نالو "ويد" رکيو.

هونئن نه ويد مختلف ڪتابن جو نالو آهي. جيئن ايورد ويد (طب) سرپ ويد (نانگ جو ويد) پشاچ ويد (چڙهيلن جو ويد)، آگر ويد (شيطانن جو ويد) ڌرويد تير ڪمان جو ويد)، اتهاس ويد (تاريخ)، پران ويد (قصن ڪهاڻين جو ويد).

ويد يجر، رگ، شام اٿرون، برمان ڪُڪ پرچار ڪيا.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ، ڪافي-6، ص-176)

• **ويداڻي**: ذ. صفت. ويدڪو- ويد جو- طبيب جو- طبيباڻو- ويجوڪو- طبي.

ڪرم ڳل ويداڻي اُپاشن سِڌاڻي،

گياني وگياني ڪي سُرمين سمائون.

(محمد فقير، سُر ڪانرو ڪافي-6، ص-173)

• **وِيرُ**: ذ. صفت. بهادر- پهلوان- جوڌو - شورمو- سگهارو- ٻلواڻ- ڪونڌر- طاقتور. مضبوط- جانٺو- سوريہ - پلو- پلارو- سياڻو- عاقل- داناءَ- ڀاءُ- برادري- ابي امان جائو.

ڇوڙ مصلي عصا ڪوزا، وِير وَساون واري،

جوڳي جُڳ جُڳ جوڳ ڪماون، جوش جگر ڪر جاري.

(محمد فقير، سُر ڪسوري، ڪافي-3، ص-181)

• **ويراڳي**: ذ. دنيائي خواهشن کان پري- ويراڳ وارو- بيراڳي- سنياسي- فقير- تارڪ الدنيا. عابد- زاهد. جوڳي. عاشق.

ڳنوت ڳام ڳگن ڪا گويند، مني مرد محيسي 'محمد'،

ويراڳي ويداڻي، ورودواڻي.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-56، ص-97)

ويد جا هيٺيان چار مشهور ڪتاب آهن:

(1) رگ ويد: ان جا ڏهه هزار منتر آهن. هي 128 بابن ۽ 10 منڊلن ۾ ورهايل آهي. سڄو ويد نظم ۾ آهي. ان ۾ خدائن جي تعريف ۽ سنڌن وڏائيءَ جا گيت آهن ۽ ديوي ۽ ديوتائن کي مخاطب ٿي انهن کان دعائون گهريون ويون آهن. رگويد سڀني ويدن کان آڳاٽو آهي. پراڻن جي مطابق سڀ کان اڳ يجر ويد هو ان کي جوڙي چار ويد جوڙيا ويا.

(2) يجر ويد: سڄو رگويد تان ورتل آهي. قربانين جي موقعي تي ڳايو ويندو آهي. هن ۾ يگيہ ۾ استعمال ٿيڻ وارين شين کي مخاطب ڪيو ويو آهي.

(3) سام ويد: ان ۾ صرف راڳ ۽ گيت آهن. رگويد جي اڌ جيترو آهي. ڪيترائي منتر رگويد تان ورتل آهن. يگيہ جي رسمن تي ڳايو ويندو آهي. تاريخي لحاظ سان هن ويد جي ڪا خاص اهميت نہ آهي. انهن ٽنهي ويدن کي "تري وديا" يعني ٽنهي علمن جو نالو ڏنو ويو آهي.

(4) اٿر ويد: ان ۾ ڪل 6 هزار منتر آهن جيڪي تقريباً 24 حصن ۾ ورهايا ويا آهن. انڪل هڪ هزار ۾ سؤ منتر رگويد تان ڪنيل آهن. تقريباً اڌ نثر ۾ آهن. انهن جو گهڻو حصو جادوءَ جي باري ۾ آهي. اهي ويد قديم آرين جي تمدن جو آئينو آهن. انهن ۾ همہ اوست (وحدت الوجود) جي تعليم ٿيل آهي.

(اقتباس: غير سامي مذهبن جا باني. ص-32، 31)

• **وِيرمُٺ:** ث. ماڻهوءَ کي مارينڌڙ جادو يا زهر. ڪارو جادو.

عشق دل انگِي، وِير مُٺ سان ونگِي،

جوگي ڪڍ گاروڙي آروڙي اڙبنگي.

(محمود فقير، ڪافي. 39، ص. 67)

• **وِيڙهه:** ث. گهاٽو جهنگ. ڳتيل جهنگ. گهاٽا وڻ. جُهمٽ. جوهر. جُهو. (اسم خاص) ولين پوڙن واري سائي زمين.

بادل برسي پاڳ پٽن تي، چوهي ڪيا چيچڪار،

ڪنوڻيون ڪڙڪيون، گجگاهه گوڙيون، ويڙهه مٿي وسڪار.

(محمود فقير، ڪافي. 8، ص. 49)

• **وِيڙهي:** (ويڙهو) پاڙو. محلو. مارن جو ملڪ.

آهي عشق اسان جو امام آيو ويڙهي وحدت جي وريام آيو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي. 2، ص. 107)

• **ويڙهيچن:** واحد. ويڙيچو. ذ. صفت. ويڙيچل. هم وطن.

تار لڳي وئي تن، منهنجو موج ڪري تو من!

ڪير ڏِکي هِت ڪوٺن مِ؟ آئون وينديس ويڙهيچن!

(محمود فقير، ڪافي. 8، ص. 48)

• **ويساهه:** ذ. اعتبار. يقين. ڀروسو. ويسهه. عقيدو. صديق. اعتقاد. پڪ.

وَنحن اقرب واري ويڙهي، وحدت جي ويساهه،

وصل واڳ ورائي آيس.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي. 36، ص. 89)

• **وِيڪ:** ث. گهٽتائي. عيب. وڏ. خامي. نقص. اوڻائي. ڪمي. شڪر. گِلا. غيبت. غلطي. ڀُل.

پير نہ ڏِکي پٽ تي، ملان ڏنو تو ويڪ،

نہ رکو ادب اشرافن جو اها وِلها اوهان پر ويڪ.

(محمود فقير، موالي، ص. 127)

• **وينگسِ:** ذ. صفت. حَسين۔ سُندر۔ نڪور۔ ناھوڪو۔ سھڻو۔ سوڀياوان۔ صورتوند۔ خوبصورت.

منھنجا وينگس ولر ويا ويڙھ ۾، آئون ساڳيا سڳر پنھنجا ساريان،
نيڻ ڪٽي ٿي نھاريان، آئون ڪيئن گھڙيءِ ھت گھاريان.

(محمود فقير، ڪافي۔19، ص۔55)

ھـ

• **ھاٿَ:** ذ. [ھ] ھٿ۔ دست۔ پَدُ (ھاٿ ڪرڻ) ھٿ ڪرڻ.

عشق عجيب، نر نجيب، مُنھن مُجيب وِڪايو،
نر ناٿ، ڪري ھاٿ، سُرت ساٿ سنپايو.

(محمد فقير، سُر پنس ڪافي۔17، ص۔163)

• **ھاڙھي:** (ھاڙھو) اسم خاص. لس ٻيلي جي اولھه طرف جبلن جي ھڪ قطار جو نالو.

رمز رندي دارايا، گھن ھاڙھي ڏي ھل تون.

(محمد فقير، سُر تلنگ ڪافي۔38، ص۔89)

• **ھالار:** (اسم خاص) سنڌ جي اُلھندي طرف واري جبلن جي قطار جو نالو (جنھن ۾ مکيه ٿي جبل اچي وڃن ٿا: ڳرو جبل، کيرٿر جبل ۽ پٻ جبل. ڪڇ، ڪاٺياواڙ جي اُلھندي پٽيءَ جو نالو (جنھن ۾ چار ننگر شامل آھي).

سيد سالار حُسن ھالار، ڏئي ديدار لٿي ڏوڪي
فوج فقير، پارس پير، اجھو اڪثير اُمت دي.

(محمود فقير، ڪافي۔52، ص۔78)

• **ھامَ:** ث. [سن. آمر= ھائو] ھائوڪار۔ اقرار۔ قبوليت۔ ڏَمُر۔ دعوي ھٽاڪ۔ لاف.

عشق حُسن جا ھُل ھُلائِي ھٽي حملي سان ھڪ ھام آيو.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي۔2، ص۔107)

هامر انهيءَ ۾ عاشق اڳهين، گوهر ٿي گذريا،
ديگ زهر جي ويگ ولوتيين، مجني کي مُجرا.

(محمود فقير، ڪافي_16، ص_53)

• **هاهُوتُ:** صوفين جي پنڌ (سلوڪ) جي هڪ منزل. لاهوت کان مٿي سلوڪ جي پنجين منزل.

ناسوت ڇا ملڪوت معنيٰ، جبروت ڇا لاهوت لامر،
هاهوت ڇا همدم هنگامون، ياهوت ڇا آهي بيان.

(محمد فقير، سُر پيم پلاس، ڪافي_8، ص_53)

• **هُبڪارا:** واحد. هُبڪارو. ذ. خوشبوءِ جو اوپارو_ دل کي وڻندڙ جهونڪو. سُرهاڻ_ سُرهاڻ واري هوا.

هڪل حقيقت والي هادي، حال هميشه حياتي،
حُسن حقيقي هُل هُلاڪي، هرجاءِ ڪر هبڪارا.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي_23، ص_119)

• **هِجر:** ث [ع. هَجَرَ = مُو لڏي ويو] جُدائي_ وڇوڙو_ فراق_ آرادي_ وڪرائي. ڦوڙائو.

هِجر وَصل دا سير سُجاتم، لاشڪ ٿي لاثاني گوهر گياني.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي_37، ص_89)

• **هَچا:** (هچارو) ذ. صفت. قاتل_ خوني_ گهاتڪ_ ظالم_ قهار. وحشي_ درندو_ خونخوار_ راڪشس_ دئيت_ پاپي_ ڏوهي_ گنهگار_ لعنتي_ عيبدار. ذليل_ بدنام_ خوار.

تون ڪسبياڻي ڪميڻي حرامڙي هَچا،
ديس ڇڏيئي ديواني، ڪٿي يار بچا.

(محمود فقير، خيري، ص_136)

• **هِردي:** (هِردو) ذ. [سن. هرديہ. هردَ. من] خيال ڪرڻ جي جاءِ. من_ چِت_ دل. هنيون_ قلب_ ضمير_ چيتو_ جگر_ هِيانءُ. علم_ پروڙ_ ڄاڻ_ سمجهه. گيان_ فهم_ زيرڪي_ ٻڌي.

هِردي ۾ هرنام، تيرٿ تنهنجو توءِ آهي
هري هرچند هندو مومن، هنگلاچي ها گام.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-2، ص-54)

• **هَرِٽا:** واحد. هرٽو. اُهو ڏاند وغيره جنهن جا سِڱ سڌا هجن ۽ هرڻ جهڙو رنگ هجي. هرڻ رنگو.

ڏاڍا جوان ڏُنگرا، سي نُهرا ڏمالي،
اندريان هٽن اوچتو سي هرٽا حمالي.

(محمود فقير، خيري، ص-140)

• **هَرِي:** ذ. [سن] اسم خاص. هندن جي اوتار جو نالو- وشنوءَ جو نالو- ڪرشن مهاديو- شِوَ. پرميشر- برهما- ڀڳوان- ايشور.

هِر دي ۾ هرنام، تيرٿ تنهنجو توءِ آهي
هرِي هرچند هندو مومن، هنگلاچي ها گام.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-11، ص-79)

• **هَڙُپُ:** ذ. صفت. سڀ ڪجهه ڳڙڪائي ويندڙ- سڀ شيءِ هضم ڪري ويندڙ. پرائو مال ڦٻائيندڙ- لالچي- حريص- تاڪائو- طاماعو- لوڀي. ناجائز طريقي پئسو وٺندڙ- رشوتي- رشوتخور.

نُور هلي هڪ او عجائب، آوندا مور متارا،
رخت رلي تي جهڙپ ڏيندا، ول آوندا هڙپ هزارا.

(محمود فقير، گهوڙو، ص-101)

• **هَسُ:** ذ. [گ. هاسلي] زيور جو هڪ قسم- ٻهراڙيءَ جي زالن جو ڳچيءَ ۾ پائڻ جو ڳهه يا زيور- ڳچيءَ ۾ پائڻ جو چانديءَ جو وڏو ڪڙو- ڪڙولو- راڙلي.

سير سمونڊ جي پير اُڪاريه آئون ويندين ويڙهه وريه
هس ڏُهري ڪنمال، ڪڙولا، ساڙيان سون زري

(محمود فقير، ڪافي-8، ص-48)

• **هَسڻ**: مصدر. هسڻ. [ث] کلڻ- ٽهڪ ڏيڻ- خوش ٿيڻ- ٽهڪڙو ڪرڻ.

ڏند مبارڪ موتي موهن پئي متوالي،

هر هر هسن، دلڙي ڪسن، رس پانهپ مين پولان.

(محمود فقير، ڪافي-7، ص-81)

پيرِ مُغان تي پيچ پسڻ ديہ رنگ برنگي راز رُسڻ ديہ

هرجاءِ حاضر حال هسڻ ديہ تازي طبل وڄائون.

(محمد فقير، سُر پيلو ڪافي-12، ص-113)

• **هَسوار**: ذ. گهوڙي سوار- گهوڙي تي چڙهيل- سُوار.

حُسن والِي هولِي هرجاءِ حقيقي هَسوار،

حاضر همدم حال ڏئوسي.

(محمد فقير، سُر بلاولي ڪافي-3، ص-7)

آيا هسوار، جنهن دي اختيار منا مهنڏار پهڳڻ پولي،

مخدوم نوح، سرور سونهن، لاهہ ورونهن دي ويلي.

(محمود فقير، ڪافي-52، ص-78)

• **هُشِي**: ث. صفت. چُرچ- چورت- ٺچ- پڙڪي- پُٺ پرائي. ٽيڪو- ٽيڪر. مدد- واهر- همراهي.

اڳي هُئم پٺ پِير جي، مون ڪي ڏاڍي حال هُشي،

رهلو سپ رُسي ويو، ڪٽي خيال خوشي،

(محمود فقير، خيري، ص-140)

• **هَلان**: هَلان ڪرڻ. مصدر. ڪاهہ ڪرڻ- حملو ڪرڻ- چڙهائي ڪرڻ.

حُسن هلان ڪر حڪم هلايا.

جلوه ڪول جمال دا جلال دا.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي-31، ص-86)

• **هُلائي:** هَلائڻ مصدر. ظاهر ڪرڻ- پڌرو ڪرڻ- مشهور ڪرڻ- عالم آشڪار ڪرڻ- پڌائڻ.

اول آخر ذات صفت ۾، ڪري ناز نگاهہ

حَقِي هُل هُلائي آيس.

(محمد فقير، سُر تلنگ، ڪافي- 31، ص- 86)

• **هُماءُ:** اسم خاص. هڪ خيالي پکي. هُما سيمرغ.

ونحن اقرب وارِي وائِي، هرِي حال هُماءُ جيئن هوائِي،

چاهيان چاهيان چاهيان.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي- 45، ص- 33)

• **هَمذاتُ:** ذ صفت. ساڳيءَ ذات وارو- ساڳئي ڪٽنب جو- ساڳئي قبيلي جو- ساڳئي نسب جو يا نسل جو- هم قوم- پنهنجي ذات جو.

ناز نيشان عاليشان سُرت سُجان سِر سارا،

حال حيات وِچ همذات، ٿي حُسنات هُبڪارا.

(محمد فقير، سُر پيروي، ڪافي- 65، ص- 44)

• **هَموارُ:** صفت. برابر- يڪسان- سنئون سڌو- لسو- هڪجهڙو- پٽريل.

حُلاجي هوش حق حق دا، حرف هموار هي ڪيتا،

سُخن سينگار هي ڪيتا.

(محمد فقير، سُر بنس، ڪافي- 2، ص- 156)

• **هَمه:** صفت. [ف] سڀ- ڪُل- مڙيوئي- مڙيئي- جُملي.

هر جاءِ همه همذات ٿي هوڪو حَقِي هَٿ هَٿ ڏٿي،

همدم حُلاجي حال جو حاڪم هلائين ٿو حڪم.

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي- 16، ص- 129)

• **همہ اوست:** سڀ ڪجهہ خدا آهي. صوفين جو قول آهي تہ خدا کان سواءِ ڪنهن شيءِ جو وجود ناهي. هي خدائي آهي، جيڪو مختلف شڪلين ۾ جلوه گر آهي.

هہ۔ همہ اوست جي هڪل هڪ حلال،

همہ ۾ همذات ٿي بيشڪ بي مثال.

(محمد فقير، سي حرفي۔2، ص۔252)

• **هنباري:** ث. هاٿيءَ تي رکيل ڇٽ۔ پالڪي۔ ڪجائو (هاٿيءَ جو) هاٿيءَ تي رکيل ڏولي.

ونگ واهوٽي پچيندا ٿاري،

مليا "محمود" ڳون هاٿي هنباري.

• **هنگلاجُ:** اسم خاص. بلوچستان جي جبل ۾ هڪ مڪان جو نالو۔ ناٿ پنٿي هٺ يوگين جو آستان۔ ياترا جو ماڳ.

سامي سانڍي سور، هليا ويا هنگلاج ڏي،

(محمد فقير، سُر جوڳ، ڪافي۔1، ص۔191)

• **هنومانُ:** اسم خاص. هندن جي روايتن ۾ هڪ سردار. بندرن جو سردار.

دُوارانند ڪبيرا ڪاشي، ڪرشن ڪنهيا ڪان هُون،

لڇمن رام تي سيتارانون، لنڪائي هنومان هون.

(محمد فقير، سُر ڪونسيہ ڪافي۔16، ص۔180)

• **هُوَالاَوّلُ هُوَ الآخر:** [ع. قول] هو (خدا) سڀ کان اول ۽ سڀ کان آخر آهي.

هُوَالاول هُوالآخر، ظاهر باطن جوش جلال.

(محمد فقير، سُر بلاولي، ڪافي۔7، ص۔9)

• **هوڏ:** ضد۔ حُجت۔ شرط بازي۔ تڪبر۔ هٺ۔ وڏائي۔ غرور.

ر۔ رباني راهہ جو، رندي پروڙي راز،

هٺي هٺڻ هوڏ کي، پڙهہ نوڙت جي نماز.

(محمد فقير، سي حرفي۔3، ص۔255)

• **هورُ:** ذ [ع. هول] هورو- هُرکُر- ڳڻتي- کٽڪو- دڙڪو- ڏپُ- خوف- خطرو- وِنڌ- وِسوَسو- خيال- چرڪ- ويچار- وَهم- آڏڪو- فڪر. گوندر- غم. اور- ڀيا.

تخت هزاري دي جوڳي جنڳي، ڪيتي حملي هور هور،

آيا ماهي ميڏي سانڳي،

(محمد فقير، سور جوڳ، ڪافي-13، ص-196)

پريات، جو اوطاق، ڏسي تاڪ تاڙيون،

هنئين هون تيمر زور، ڏسي محل ماڙيون،

(محمود فقير، ڪافي-2، ص-45)

• **هُوڙا:**(هُوڙائي) ٿ. تڪڙائي- اُبهرائي- هوڙهائي- بي صبرائي

ڪير ڪنهن ڪنارجا، سي هُل ڪل هُوڙا،

نانگا پنهنجي نسل تي، سي ڳل پون ڳوڙها،

(محمود فقير، خيري، ص-139)

• **هُونگ:** ٿ. هونگار- هونگارو- هُون جو آواز- ٻنا ڳالهائڻ جي آواز. هوشياريءَ سان ٻڌڻ جي نشاني. گهٽو گوڙ- هلڻ جي تات. برسات ۾ نئين جي وهڪري جي هونگ ڳنيڪو.

ٻوڙ ٻلاءَ تي هونگ لڳي پئي آ، ڪارڪان را ڪوڙ

پڻ پاڻيو تنهنجو بي عقل آهي، ٿڪران ران رو توڙ،

(محمود فقير، گنگو ص-109)

• **هولِي:** ٿ. هندن جو هڪ مشهور ڏڻ. تماشو- رؤنشو. عيش عشرت.

برهه جي بازار ۾، تي حُسن جي هولي،

گهوري گهوٽ پنهونءَ جي، تيس ڳوٺن ۾ ڳولي،

(محمود فقير، بيگم، ص-117)

ويک حُسن ديان هوليان، اکيان والي اولي اندر،

(محمد فقير، سُر پهاڙي، ڪافي-10، ص-126)

• **هُئِڻ:** مصدر. [پرا. هوئبو: سن. ڀوُ= ٿي] هئڻ ٿيڻ- رهڻ. هٺ- خودي- اهنڪار. وجود- هستي- بود.

ر- رباني راھ جو رندي پروڙي راز.

هٽي هئڻ هوڏکي، پڙھ نوڙت جي نماز.

(محمد فقير. سي حرفي-3. ص-255)

ي

• **ياڪي:** ذ. صفت. باغي- ڦريل- بغاوتي- جدا رهندڙ- اڪيلو- هڪڙو- اڪيلي سر. بيزار. لاأبالي بي پرواھ.

'محمد' ميثاقي، اکين ۾ اوطاقي،

ٿيو يار ياڪي، ڪري شوق شاهي.

(محمد فقير. سُر پهاڙي، ڪافي-2. ص-122)

يار ياڪي، ٿيون اوطاقي، مين فراقڻ ڦِر ڊِيھ،

سچي سيالي، پون پالي، مين پُڪاران ڪرڊِي.

(محمود فقير. ڪافي-64. -85)

• **ياوَرُ:** ذ. صفت. [ف] دوست- يار. مددگار- مُعاون- نائب- يارغار- ساٿي- دستگير- حمايتي- حامي. لهندڙ- ليندڙ- ڳوليندڙ- جاچيندڙ.

'محمد' يوسف جو ياور پرانو

يڪدم يسر ٿيو ياڪي يگانو.

(محمد فقير. سُر پيروي، ڪافي-7. ص-12)

• **يَجُرويدُ:** ذ. [سن] چئن ويدن مان ٻيو نمبر ويد (هندن جو) ڌرمي پستڪ.

ويد يجر. رگ. شام. اٿرون. برمان مُک پرچار ڪيا.

(محمد فقير. سُر ڪونسيھ ڪافي-6. ص-176)

- **يڪبار:** (يڪ بارُ) ظرف. هڪ دفعي- هڪ ڀيري- هڪ وقت.
- **يڪدل:** (يڪ دِل) ظرف. هڪ صلاحو- يڪ زبانو- هڪ هٿيو- متفق راءِ.

'محمد' مهٽي مرد قبولن، محبت دِي مهندارِي،

يڪدل ٿي يڪبار يگاني، ياور ڪرڪي يارِي

(محمد فقير، سُر ڪسوري، ڪافي-3، ص-182)

- **يگانُو:** ذ. صفت. نرالو- علحدو، پنهنجي هنر ۾ قابل- ماهر- هوشيار.

يگانو يار ٿي ياڪي، پلي آيو پلي آيو

صُراحي جو سخي ساقي، پلي آيو پلي آيو.

(محمد فقير، سُر پهاڙي ڪافي-29، ص-136)

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ

ISBN 978-969-625-019-7

Rs. 400/-